پاڱو پهريون

# ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار

گل حسن ڪلمتي



# اِيَ پَرِ گهاتوئڙَنِ جِي

آئين جا لُڏو لوڏَ، اِيَ پَرِ گهاتوئڙَن جِي،
ڪُن ڪَلاچِيَ ڪوڏَ، سُکِ نه سُتا ڪَڏهِين.

*

ڪالَ ڪَلاچِيَ وئا، ڇَتيُون ڪٽي ڇُڳيرَ،
پائرَنِ پيرو نه ڪِئو آدنِ ڪِي آويرَ،
اِهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَ ورائي جَهلِيِي.

*

ڪالَ ڪَلاچِيَ وئا، گهاتُو ڪَري گهورَ،
مادَرِا مَلاحَنِ جا، ويٺِي سَهان سُورَ،
مُنکي ڪري مَلوُرَ، اُنِهي وئا اوهَرِي

*

نَڪا بوءِ بازارِ ۾، نَڪا چِلُرَ ڇَٽَ،
جِتي ڏنيَرِيَنِ جِي، اَڳِي هئي اَڪُٺَ،
سي پِڙَ پَسئِو پَٽَ، ماڙهُو وَڃَنِ موٽئا.

**شاهه جو رسالو: سر گهاتو**
هوتچند مولچند گربخشاڻي
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز چاپو: ٽيون 1992ع

ڪراچيءَ تي تحقيقي ۽ تاريخي ڪتابي سلسلو : 2

# ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار

(ياگو پهريون)

گل حسن ڪلمتي

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ
2012

ڪتاب جو نالو: ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار
موضوع: شخصيتون (ٻاگو ڀاڱو)
ليکڪ: گل حسن ڪلمتي
پيج ميڪنگ ۽ لي آئوٽ: انعام عباسي
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو ڀيريون: نومبر 2012
ڇاپار: نئون نياپو اڪيڊمي،
D-1 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Ph # 021_34690389
Cell # 0346_2103811
E_mail: naon_niapo@yahoo.com

ملھ:
سادي ڪاپي: 350/=
اوچي ڪاپي: 600/=

# ارپنا

انهن جي نالي
جن ڪراچيءَ کي ناهيو ۽ سنواريو...
اهي جنکي پنهنجي شهر جي
مان، مرتبي ۽ مالڪيءَ جو
احساس هوندو هو...
اهي جن وٽ انسانن سان گڏ
حيوانن جي پڻ
عزت ۽ اهميت هوندي هئي.

گل حسن ڪلمتي

# سڻاءُ


- پبلشر جو نوٽ: **انعام عباسي**/9
- مهاڳ: **محمد ابراهيم جويو**/11
- اڄ جو گل حسن ڪلمتي
  ۽ ڪلهه جي ڪراچي: **انور ابڙو**/16
- وچڙيا آهيو پر وسريا ناهيو: **گل حسن ڪلمتي**/20


## شخصيتون


1. موروڙو ميربحر/27
2. مير چاڪر خان ڪلمتي/40
3. رام دين پانڊي ۽ سورج بالي تيوري/52
4. شهيد قادو مڪراني/63
5. سيٺ ڏريانو مل/74
6. نسروانجي رستم جي مهتا/84
7. ديوان ٿهلرام کيمچند وزيراڻي/88
8. هرچندراءِ وشنداس/98
9. جمشيد نسروانجي رستم جي مهتا/118
10. اوڌارام مولچند، واڌو مل اوڌارام ۽ ٽيڪم داس واڌو مل/132

11. عالو مل (عالم چند) ٽيڪمداس پوڄواڻي/139
12. مولانا محمد صادق (کڏي وارو)/146
13. سيٺ غلام علي غلام حسين چاڳلا/162
14. مهاراج سڪرامداس اوجها ۽ مهاراج ڏيپچند ٽي. اوجها/171
15. ڄام مير محمد ايوب خان عالياڻي (بار ايٽ لا)/182
16. حاجي محمد هاشم گزدر/190
17. خانبهادر اردشير هرمسجي ماما/201
18. راءِ بهادر شيوا رام ڏيونمل وزيراڻي/206
19. قاضي خدا بخش مورائي/214
20. غلام محمد لاسي/221
21. درگداس بي. آڏواڻي/226
22. آر. ڪي سڌوا/231
23. احمد غلام علي چاڳلا/236
24. حاجي امام بخش چانڊيو/245
25. غلام احمد "نظامي" /249

# پبلشر جو نوٽ

ڪراچيءَ جي باري ۾ وقت ڄڻ گهڻتيون وڃائي اسان جا ڪن ڪڙا ڪرائي ڇڏيا آهن... نه ته ڪو وقت هو جو ڪير ڪراچيءَ بابت ويچاريندو هو ته ائين ڄڻ ڪنهن پرانهين ڏيهه وڃندو هجي...

اها وقت جي پرگهور به ڄڻ فطرت جو اسان لاءِ هڪ موقعو ئي آهي ته، پنهنجن شهرن ڏانهن ڌيان ڏريو ۽ انهن کي پنهنجو ڪريو..

نه ته ايندڙ وقتن ۾ شهرن بنا، ساحلن بنا، بندرن بنا ۽ ڪنهن به طرح جي نيڪر بنا هڪ ننڍڙي سنڌ ئي وڃي باقي رهندي..

۽ ڏسندي ئي ڄڻ هڪ لهر جيان شهر ڏٺي ڪراچيءَ ڏانهن لڙي پيا آهن ۽ ڪراچي وساري ويٺل اسان جا ننڍا وڏا سياسي، سماجي ۽ ادبي ليڊر پڻ ڪراچي، ڪراچي ڪرڻ لڳا آهن...

منهنجي خيال ۾ اهو سارو سانت سلهاڙيل عمل ضرور سياسي چرپر ڪارڻ ئي هوندو پر ان سان گڏو گڏ هڪ قلمي تحريڪ جو پڻ ان ۾ وڏو عمل دخل آهي.

جنهن ۾ خاصئون خاص ڪتاب "ڪراچي: سنڌ جي مارئي" ڄڻ ان سڄي سانت سلهاڙيل، مُنديل ۽ وسريل شهر لاءِ هڪ رڙ بڻجي اڀريو ۽ گوري ميري چادر کي ڇهڪ ڏئي ڇيري ڦاڙي ۽ وبسر جي رڻ ۾ ياد، حب ۽ پائڻ جا ڳاڙها، نيرا ۽ ٻيا رنگ برنگي گل پوکي ڄڻ پٿر تي ليڪ ڪڍي ڇڏي آهي ۽ هاڻي ڪير به انهن رندن ۽ پنڌن کي ڊاهي نٿو سگهي پل ڇونه پيو جڳ جهان جا هٿيار ڪنا ڪري ۽ ماڻهو ماري ٻورين ۾ بند ڪري پنڌ پيچرن تي اڇلي پر هاڻي هن لهر ۽ وهڪ کي ته ڪير به روڪي نٿو سگهي ...

چوجو ڏٺين پنهنجا گس گهيڙ لڌا آهن ۽ مورڙي جي پريت ۽ پورٽتا پروڙي پنهنجين حدن ۽ سرحدن جي سنيار ۾ نڪري پيا آهن.

۽ مٿان هي وري هڪ ٻيو ڪتاب: "ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار" اهي ماڻهو جن ڪراچيءَ کي هٿن سان ۽ دل جي حضور سان وڏايو ، سنواريو ۽ جڳ ۾ ڏيکارڻ جهڙو بڻايو ۽ پل پل ان جي پرگهور لڌي اڄ جڏهن پڙهون ٿا ته ڪڏهن ڪراچي پاڻيءَ سان ڌوپبي هئي، ۽ شام ٿيندي ڪراچيءَ جا شهري

پنهنجن گهرن آڏو فانوس ٻاري راهن تي اوجر ڪري ڇڏيندا هئا ته سچ پنهنجن وڏڙن لاءِ پيار پالوٽ ڪري ٿو اچي ۽ دل انهن مهندارن جي ڪمن، سندن مهانتا آڏو پاڻ هرتو ڪنڌ جهڪائي ڪين پرنام ڪري ٿي....

۽ جي هڪ لڳان وري دريءَ جو پردو سوري ٻاهر پسجي ٿو ته، اڄ جي ڪراچي رت جي ريج ۾ ٻڏي تري رهي آهي ۽ ڳجهون سندس ماس پٽي چڪي چيري رهيون آهن ۽ وڏي ناٽڪ بازيءَ سان جهٽ ۾ رت رڱان هٿ ۽ وات صاف ڪري قاتل ڳجهون ٿي ويءَ تي هڪ ٻئي آڏو ويهي وڏي واڪي ٿين سگهه کي ڪراچيءَ جو ماري ڇاڻائي پنهنجو پاڻ کي ساڌ ثابت ڪرائي ڪلندا اٿي وڃن ٿا ۽ وري رتوڇاڻ ڇٽوڦير ٿي وڃي ٿي ڪراچي..

هاڻي ڪراچي تڏهن وري پنهنجو اوج، سک، سانت ۽ سلامتي ماڻي سگهندي جڏهن سندس ڏٽي اچي هٿ ڳاهٽ ٿيندا ۽ پنهنجي ڪراچيءَ کي ڳجهن کان بچائي ڦٽن تي ڦها رکي انکي ڇڳو پلو ڪندا نه ته هاڻي هي شهر فوج، پوليس يا رينجرز کان مٿي آهي...

ها پر هي جي ڪتاب لکن ٿا قملڪار سي ئي اصل ڪراچيءَ جي مک تان ڄڻ پردو لاهي جڳ کي اجرو ڪن ٿا ۽ جي ان قافلي ۾ واڌارو ٿي پئي ته ڄڻ اهو ڪم جو وقت وٺي سو جهٽ پٽ ۾ ٿي پئي ۽ اهو ته طئي آهي ته، هو ڏاڍا انڪري آهن جو اسان آهيون ئي نه... جڏهن اسان گڏجنداسين ته پوءِ انهن جي سگهه ۽ ڦڙڪين جي خبر پوندي...

ياڳين کي اک پٽڻ ته ڏيو ڪر موڙي اٿڻ ته ڏيو... ڪنهن ڏنا آهن اڄ ارغون، جيڪي اسان جا ڳوٺ ساڙيندا هئا، ٻچا ٻار گهوڙن جي سنبن هيٺ لتاڙيندا هئا ۽ عالم اڪابر نيزي پاند ڪندا هئا... ڪٿي آهي سڪندر، ڪٿي خلجي، ڪٿي ترخان، ڪٿي آهن عرب ڦورو ۽ ايراني لٽيرا...

سنڌ اتي ئي ته آهي. سنڌ امر آهي. سنڌ نه مرڻي آهي. سنڌ دنيا جي سونهن ٻڻجي ايرڻي آهي رڳو سنڌ واسي پنهنجو پاڻ ته پائن، ٿورو ساهس ته ساهن....

سدائين گڏ سنڌ ۾

**سنڌي انعام**

# مهاڳ

گل حسن ڪلمتي لکڻ جي ميدان ۾ هاڻ ڪو نئون نالو نہ رهيو آهي. پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکي پورا ڪيا اٿائين ۽ پڻ ڇپائي پڌرا ڪيا اٿئين، جن ۾ گهڻي ڀاڱي سفرناما ۽ تاريخي ڇنڊ ڇاڻ بابت ڪتاب شامل آهن. سندس جنهن ڪتاب وڏ ۾ وڌ مقبوليت ماڻي اُهو "ڪراچي: سنڌ جي مارئي" آهي. هي ڪتاب ڪراچي شهر جي درجہ وارتاريخي اوسر جو رڪارڊ پاڻ ۾ سانڍي رکي ٿو ۽ خاص طرح ڪراچي شهر جي تمدني اوسر بابت اهم ترين ڇاڻ فراهم ڪري ٿو. هي ڪتاب وڏي پيار ۽ پورهئي سان سهيڙيو ويو آهي. هن ڪتاب جي خصوصيت اِها بہ آهي تہ اُهو ڪراچي شهر کي سنڌي قوم جي مرڪزي شهر طور تعارف ڪرائي ٿو.

ليڪڪ "ڪراچي: سنڌ جي مارئي" عنوان مان اِها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جهڙي ريت مارئي پنهنجن اباڻن ۽ ڏاڏاڻن کان زوري جدا ڪئي وئي هئي، کيس ڪوٽن ۾ قابو ڪيو ويو هو ۽ کيس طرح طرح جون آڇون ۽ لالچون ڏيئي پنهنجي وطن کي وسارڻ لاءِ مجبور ڪيو ٿي ويو تهڙي ريت ڪراچي شهر کي پڻ پنهنجن اصلوڪن وارثن کان جدا ڪرڻ جي سازشي انداز ۾ ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ کيس سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کان هر طريقي ڇنڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ليکڪ اهو چوڻ گهريو آهي تہ ڪراچي مارئي وانگي ئي نماڻي ۽ هيٺي ٿي پئي آهي. اُها بہ ڏارين جي

حوالي ٿيل آهي، جيڪا هر پل تڙپي ۽ سيڏائي ٿي ته ڪنهن طرح پنهنجن سان ملي هڪ ٿئي ۽ خوش ٿئي، هو پڻ مارئي وانگي سراپا پڪار ۽ اوسيئڙو بڻيل آهي. هو پڻ چاهي ٿي ته امن (Peace) خوشحالي (Prosperity) ۽ خوشي (Happiness) سندس حصي ۾ تڏهن ئي اچي سگهنديون جڏهن هو ڌارين جي قبضي مان پوري طرح آزاد ٿي پنهنجن سان ملندي.

گڏيل هندوستان جي ورهاڱي ۽ هن ملڪ جي قيام مهل ئي ڪراچي کي سنڌ کان جدا ڪرڻ جا سانباهه ڪيا ويا هئا. جن کي اسان جي گهٽگهرن ۽ محبِ وطن ساٿين ۽ سڄڻن ناڪام ڪيو. شروع کان وٺي سنڌ جي سيني اهڙين شين کي سنڌ کان ڇڻ ۽ ان مٿان قبضي ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ترقي جو ضامن ٿي سگهيون ٿي. اهڙين تمام گهڻين شين جو حوالو ڏئي سگهجي ٿو پر وقت هلندي ڪراچي جو مسئلو حساس نوعيت وارو بڻجي ويو آهي، خاص طرح پوين ٽن ڏهاڪن دوران ڪراچيءَ کي سياسي ۽ انتظامي طرح سنڌ کان الڳ ڪرڻ جو سعيو ڪيو ويو آهي. اسٽيبلشمنٽ جي آشيرواد سان وجود ۾ آيل ايم .ڪيو.ايم جي قيام ۽ ان کي ڏنل ڇوٽ ۽ آسانين جي ڪري نتيجو اهو نڪتو آهي جو ڪراچي هن وقت رتو ڇاڻ آهي، رڳو پوئين هڪ سال جوئي ليکو ڪبو ته هزارين ماڻهو ڪُٺا ويا آهن. دهشت ۽ بربريت جو اهو ماحول ان ڪري ئي پيدا ڪيو ويو آهي، جو هن شهر کي لساني بنيادن تي ورهايو ويو آهي ۽ اهڙي ورهاڱي کي ڪراچي ۾ موجود لساني ڌر پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪري رهي آهي.

سڀ کان وڏيڪ اچرج جي ڳالهه اها آهي ته ڪراچي شهر کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جا بنياد ان ئي ڌر پاران وڌا پيا وڃن جنهن ڌر کي اِهو ناز آهي ته وٽن سنڌي ماڻهن جو مينڊيٽ آهي.

سنڌ پيپلز لوڪل آرڊيننس 2012 (SPLO) جهڙي ريت پاس ڪيو ويو ۽ جنهن ابهرائي ۽ واٽڙپ سان اِهو سمورو ڪم اڪلايو ويو

ان مان اهوئي معلوم ٿئي ٿو تہ رڳو ئي رڳو اقتدار کي بچائڻ ۽ ان کي جاري رکڻ واسطي وڏي کان وڏي عوامي جماعت هجڻ جي دعوي رکندڙ ڏر پيپلز پارٽي ڪڏي ڪان ڪڏو ۽ ڪريل کان ڪريل قدم کڻي سگهي ٿي.

سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ چونڊيل حڪومت جي موجود هوندي بہ اِهو ڪارو قانون گورنر کان صحيح ڪرايو ويو. جڏهن تہ 18 ترميم کان پوءِ گورنر وٽ اِهڙو ڪوبہ اختيار ناهي رهيو تہ اهو صوبائي مسئلن ۾ سڌي ريت مداخلت ڪري ۽ ان کان بہ اِهم ڳالهہ هي آهي تہ چونڊيل حڪومت انهيءَ سلسلي ۾ بل اسيمبليءَ ۾ آڻڻ جي پوزيشن ۾ هئي پر پوءِ بہ غير آئيني ۽ غير جمهوري طريقي سان اِهو معاملو آرڊيننس جي صورت ۾ گورنر جي صحيح سان طئي ڪيو ويو ان ڪانپوءِ جڏهن عوام پنهنجي شديد رد عمل ظاهر ڪيو ۽ پنهنجو تاريخي احتجاج رڪارڊ ڪرايو تڏهن انهيءَ آرڊيننس کي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي تہ نيٺ اهو بہ ڏينهن آيو تہ 1 آڪٽوبر تي اِهو بل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ اهو اڃان بہ وڌيڪ غير آئيني ۽ غير جمهوري نموني ترڙ تڪڙ ۾ پاس ڪيو ويو جڏهن تہ حڪمران ڌر کي اينتري تڪڙ ڇا لاءِ هئي نہ تہ انهيءَ بل تي سوال ڪيو ويو ۽ نہ ئي ان جي مختلف پاسن تي ويچاريو ويو.

جيڪڏهن پويان نهارجي تہ سنڌ جي وحدت ۽ بقا تي ڪاپاري ڌڪ وانگي ڪڙڪي ڪرندڙ ون يونٽ کي بہ ائين لاڳو نہ ڪيو ويو هو. انهي سڀ ڪجهہ ٿيڻ کان پوءِ ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو آرڊيننس پوري طرح پڌرو نہ ڪيو ويو آهي، هي شايد پهريون بل يا قانون هوندو جنهن جي منظوري تہ اڳ ۾ ئي ڏني وئي آهي پر ان مسودي جي تياري پوءِ ڪئي پئي وڃي. نہ تہ عام طرح ڪنهن مسئلي تي مسودو تيار ڪري اسيمبلي ۾ پيش ڪبو آهي، ۽ ان تي غور ويچار ڪبو آهي ۽ ضروري درستگي ۽ تبديلين کان پوءِ مسودو طئہ ڪيو ويندو آهي. پر هتي سڀ ڪجهہ اُبتو ٿيو اهو آرڊيننس ڪيتري قدر سنڌ ۽ سنڌي

عوام جي چڱائي ۾ آهي اهو هڪ الڳ بحث آهي، پر ان ڪي جهڙي ريت مختلف مرحلن مان گذاريو ويو آهي، انهن مان حڪمرانن جي نيت پڌري ٿي پوي ٿي، هن آرڊيننس وسيلي تازي خبرن پٽاندڙ 40 کان مٿي ڪاتا ميئر حوالي ڪيا ويا آهن، جن ۾ زمين جو استعمال، محصول، امن و امان، تعليم ڪاتو تاريخي ۽ ثقافتي ماڳ، واٽر بورڊ، ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ فشريز سميت ٻيا ڪيترائي ڪاتا شامل آهن.

ان جو مطلب اِهو ٿيو تہ ارڙهين ترميم وسيلي ڪانڪرنٽ لسٽ ختم ڪري جيڪي اسم صوبن ڏانهن منتقل ڪيا ويا هئا. هئي لڳ ڀڳ سڀ ميئر جي اختيار ۾ هوندا، جنهن کان پوءِ سنڌ جي سڀ کان وڏي اهم قانون ساز اداري سنڌ اسيمبليءَ جي ڪابہ اهميت نٿي رهي.

هن ڪتاب ۾ لڳ ڀڳ 25 شخصياتي خاڪا موجود آهن ۽ انهن سڀني جو تعلق ڪراچي سان آهي، جن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ هن شهر جي ترقي ۽ واڌاري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. اِها ڳالهہ برابر آهي تہ هيءَ ڪتاب شخصيتن جي خاڪن تي ٻڌل آهي، پر ان جي ترتيب ڪجهہ اهڙي ريت رکي وئي آهي جو ڪراچيءَ جي ترقي ۽ اوسر جو خاڪو پڻ چٽجي اڀري سامهون اچي ٿو.

مختلف دورن ۾ خاص طرح پوين لڳ ڀڳ ٻن صدين کان وٺي جن بہ شخصيتن مختلف شعبن ۾ هن شهر جي خدمت ڪئي انهن کي ياد ڪيو ويو آهي. ليکڪ پنهنجي طور تي اِها وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي آهي تہ مختلف شخصيتن جي خاڪن چٽڻ وسيلي اِها ڳالهہ ثابت ڪجي تہ هن شهر کي ڌارين نہ، پرڏيهي ۽ اصلوڪن ماڻهن ناهيو آهي، اڄ ڪراچي شهر تي جيڪي بہ ڌريون دعوي ڪن ٿيون انهن مان ڪابہ ڌر تاريخي طرح ڪراچي شهر جي وارث نہ رهي آهي. اِهي رڳو ئي رڳو سنڌي ماڻهوئي هئا جن هن شهر جي تعمير ۽ ترقي ۾ پنهنجو رت ست ڏنو. پنهنجي جاگرافيائي اهميت سبب ڪراچي کي اهم شهر بڻجڻو ئي هو پر جيڪڏهن اهو ڌارين بدران پنهنجن جي هٿن ۾ هجي ها تہ اڄ اهو امن هندورو هجي ها.

اڄ سنڌ جنهن دور مان گذري رهي آهي, انهيءَ موقعي تي هي ڪتاب وڏي اهميت جوڳو آهي, ليڪڪ اڄ جي نوجوان نسل ۽ هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ پڙهندڙن کي هن ڪتاب وسيلي ڪراچي جي تاريخ سان ڳنڍيو آهي. آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ هي ڪتاب لائق پڙهندڙن کي ضرور متوجہ ڪندي ادب جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪندو.

**محمد ابراهيم جويو**

صحافي ڪالوني, حيدرآباد
0222106819
30_10_2012

# اڄ جو گل حسن ڪلمتي
# ۽ ڪلهه جي ڪراچي

سنڌ جي نامياري محقق، مهم جُو ۽ هڪ بهترين انسان گل حسن ڪلمتيءَ جو هيءُ ڪتاب ”ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار“ پڙهڻ کانپوءِ ان ڳالهه ۾ ويساهه تمام گهڻو پختو ٿي ويجي ٿو ته، ”تاريخ ۽ اُن جي سچاين کي ڪير به لڪائي نٿو سگهي.“ گڏوگڏ، خاص طور تي اڄوڪي دور ۾ تاريخي حقيقتن کي ڪير به ٿوڙي مروڙي پيش نٿو ڪري سگهي. اِن جا ٻه سبب آهن: هڪ ته معلومات ۽ واقعن تائين، هاڻي، اڳ جي ڀيٽ ۾، هر ڪنهن جي پهچ تمام گهڻي سولي بڻجي پئي آهيءَ ٻيو ته، اڄ جو ماڻهو تاريخ جي ڇنڊڇاڻ ۾به ڪجهه وڌيڪ دلچسپي رکي ٿو.

اِهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي مرڪزي شهر ڪراچيءَ جي تاريخ، جيڪا اڄ ڏينهن تائين، سنڌ ۽ دنيا جي پڙهندڙن تائين يا ته گهٽ پهچائي ويئي آهي- يا وري غلط پهچائي ويئي آهي، اُن کي درست انداز ۾ لکڻ ۽ پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ هڪ شخص پيدا ٿيو جنهن ڪراچيءَ جي مُهين جي دڙي جي ڄڻ ته نئين سر، سر جان مارشل جيان، کوٽائي شروع ڪئي- ۽ هُو جيئن جيئن هِن تاريخي شهر جون گهٽيون، گهر، ماڻهو عمارتون ۽ علائقا ليندو ويو تيئن تيئن دنيا، اِهو سڀڪجهه ڏسندي حيران ٿيندي ويئي.

اِهو شخص، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو ”گل حسن ڪلمتي“ جي نالي سان سڃاڻن ٿا، تنهن پنهنجي اِن ڪم کي ڇڙ تہ پنهنجي زندگيءَ جو هڪ بنيادي مقصد بڻائي ورتو آهي، تنهن ڪري گل حسن ڪلمتي جيڪڏهن هاڻي بيو ڪو بہ ڪم نہ ڪري، ۽ رڳو ڪراچيءَ جي مختلف پهلوئن تي هڪ جامع تاريخ ترتيب ڏيئي وجي تہ اِن سان نہ صرف هُو پاڻ سنڌ جي تاريخ ۾ امر ٿي ويندو پر هُو سنڌ تي بہ هڪ وڏو احسان ڪري ويندو. باوجوداِن جي تہ هيءُ اِهو سمورو ڪم ”ڪنهن تي احسان ڪرڻ“ لاءِ نہ پيو ڪري، هيءُ تہ سنڌ سان پنهنجي عشق سبب اِهو ڪم پيو ڪري- ۽ ڪنهن سان عشق ڪرڻ، ڪنهن تي احسان ڪرڻ ناهي هوندو.

مون کي ياد آهي تہ جڏهن مون 1993ع ۾ نئين جاري ٿيل ماهوار ”سنڌ سڃاڳ“ جي ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هيو تہ، مون گل حسن ڪلمتي صاحب کي، ڪراچيءَ تي مضمون لکي ڏيڻ لاءِ منٿ ڪئي هئي- ۽ پوءِ جڏهن هِن شخص اُن کي مانُ ڏيئي ڪراچيءَ بابت مضمون لکي ڏيڻ شروع ڪيا هئا تہ، سنڌ جي تاريخ توڙي تاريخي ماڳن ۽ مڪانن تي لکندڙ اسانجي سينيئر محققن ۽ اديبن، جن ۾ محترم انور پيرزادو ۽ محترم بدر ابڙو جن پڻ شامل هئا، ڪلمتي صاحب جي تحقيقي ڪم جي ساراهہ ڪرڻ شروع ڪئي هئي. هڪ ڀيري تہ ڪراچيءَ جي ڪنهن موضوع تي لکڻ لاءِ جڏهن ڳالهہ نڪتي تہ، بدر ابڙي صاحب چيو هيو ”اِن موضوع تي مون کان وڌيڪ سُٺو گل حسن ڪلمتي لکي سگهي ٿو.“ اِها گل حسن ڪلمتيءَ جي ڪم جي مڃتا هئي:

اُن کانپوءِ مون ماهوار رسالن ”روح رهاڻ“ ۽ ”سارس“ ۾ بہ گل حسن ڪلمتيءَ صاحب جون لکڻيون شايع ڪيون، جن ۾ منگهي پير جي واڳن کان وٺي ايمپريس مارڪيٽ واري جاءِ وٽ انگريزن هٿان ڦاهيءَ چاڙهيل سنڌي باغين جون ڪهاڻيون پڻ شامل هيون- اِهو سنڌ جي تاريخ جو هڪ نئون باب هيو جيڪو گل حسن ڪلمتي لکي

رهيو هيو. اڳ ۾ هِن وانگر ڪنهن بہ سنڌي ليکڪ ڪراچيءَ جي تاريخ تي نہ لکيو هيو. ياسمين لاري (انگريزي) ۽ محمد عثمان دموهي (اردو) ۾ جيڪي ڪتاب لکيا يا اجمل ڪمال "آج" رسالي جا ڪراچيءَ بابت جيڪي ڄُلد شايع ڪيا، تن ۾ بہ گهڻو تڻو اُها ڪراچي بيان ٿيل هئي، جنهن ۾ اصلوڪن سنڌين توڙي بلوچن جو ڪو ڪردار ڄاڻايل نہ هيو. تنهن ڪري ضرورت اِن ڳالهہ جي هئي تہ ڪو سنڌي ماڻهو ڪراچيءَ جي تاريخ لکي ـ ۽ جيڪو ڪم گل حسن ڪلمتيءَ رضاڪاراڻي طور تي، ڪنهن جي چوڻ بدران پاڻ، پنهنجن هٿن ۾ کنيو ـ ۽ پوءِ هِن رُلڻ شروع ڪيو ڪراچيءَ جي هرهڪ گهٽيءَ ۾ هرهڪ پاڙي ۾ ۽ هر هڪ ڪتاب گهر ۾.

بعد ۾ جڏهن مان 2009ع ۾ روزاني ڪاوش جي نئين جاري ٿيل هفتيوار مئگزين "ڪاوش دنيا" ۾ ڪم ڪرڻ لڳس، تہ اُن وقت بہ ذهن ۾ اهو ئي هيو تہ 'گل حسن ڪلمتيءَ کان ڪجهہ موضوعن تي سندس لکڻيون وٺبيون.' بعد ۾ ڳالهہ ٻولهہ دوران جڏهن ڪراچيءَ جي تاريخ ساز شخصيتن تي مضمون لکڻ جي ڳالهہ نڪتي تہ مون کين وري بہ منٿ ڪئي تہ "فوري طور تي اسان کي ڪراچيءَ جي تاريخي شخصيتن" تي ڪجهہ لکي ڏيو....." پوءِ اِهو سلسلو شروع ٿيو تہ سنڌ جي هر علمي ۽ ادبي شخصيت اِن جي واکاڻ ڪرڻ شروع ڪئي، ايستائين جو روزاني ڪاوش جي چيف ايڊيٽر محمد اسلم قاضي صاحب جن پڻ ڪيترا ڀيرا گل حسن ڪلمتيءَ جي ان سلسلي جي نہ صرف ساراهہ ڪئي، پر سندس ڊڪشن کي پڻ ساراهيو.

سو اِهو گل حسن ڪلمتيءَ جي عشق جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ ان سلسلي جو ڇپيل ڪتاب "ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار" پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

هن ڪتاب ۾ جن بہ شخصيتن جا خاڪا ڏنا ويا آهن، سي ڪراچيءَ کي "ڪراچي ناهيندڙ" شخصيتون آهن. اِنهن شخصيتن جي ڪمن ۽ ڪارنامن کي پڙهڻ کانپوءِ اِهو ڪير بہ نہ چوندو تہ، ڪو

ڪراچي 1947ع ڪانپوءِ نهي آهي- پر سيڪوائين تہ چئي سگهي ٿو تہ، 1947ع کان اڳ جيڪا ڪراچي نهي هئي، اُها بعد ۾ ٻهي ضرور آهي.

اڄ ڪراچيءَ جي ڳلين مان خون سُڪي نٿو- شهرين جي اڪثريت (سپريم ڪورٽ موجب) نفسياتي مريض ٿي چڪي آهي- شهر ۾ صنعتي ترقي رُڪجي ويئي آهي- ۽ لساني، نسلي ۽ فرقيوارانٽيون نفرتون عروج تي آهن، جيڪي 1947ع کان اڳ ۾ ڪو وجود نہ رکنديون هيون.

گل حسن ڪلمتيءَ ڪراچيءَ جي تاريخ تي لڳا تار لکي اِهو ثابت ڪيو آهي تہ، جيڪڏهن ڪو هڪڙو بہ ماڻهو قومي ذميواري ۽ عشق سان ڪم ڪري تہ هُو ادارن کان وڌيڪ ڪم ڪري سگهي ٿو.

اسانجي خواهش آهي تہ سنڌ جا علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارا جيڪڏهن گل حسن ڪلمتيءَ جي هِن ڪم کي ڪو ٻيو مَانُ نہ ٿا ڏيئي سگهن تہ، گهٽ ۾ گهٽ سنڌ تي اِهو احسان ڪن تہ، گل حسن ڪلمتيءَ جي، ڪراچيءَ تي لکيل سمورن ڪتابن (1. "هڪ رُتل شهر جي ڪهاڻي، " 2. "ڪراچي: سنڌ جي مارئي"- ۽ 3. هِن ڪتاب – "ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار") کي بنا دير خاص طور تي انگريزي ۽ اردو ٻولين ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرائين-اِن سان دنيا تي اهو وڌيڪ واضح ٿيندو تہ هيءُ شهر، جيڪو شروع ۾ "ڪلاچي" هيو اُن جا اصلي اڏيندڙ ۽ سنواريندڙ هتان جا اصلوڪا رهواسي ئي هئا.

**انور ابڙو**

2 نومبر 2012
ڪراچي

## وڇڙيا آهيو پر وسريا نا هيو

”هڪ رتل شهر جي ڪهاڻي“ کان وٺي، هن ڪتاب تائين جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، هي منهنجو اٺون ڪتاب آهي. هي ڪتاب اصل ۾ ڪراچيءَ جي تاريخ ۽ تحقيق جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي ”ڪراچي: سنڌ جي مارئي“ ڪتاب، ڪراچيءَ جي تاريخ تي هڪ ضخيم ڪتاب آهي، جنهن ۾ مون ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي ڪجهه شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ڪراچيءَ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي هئي ۽ اڄ جيڪا ڪراچي اسان کي نظر اچي ٿي ان ۾ انهن تاريخي ماڻهن جي محنت جو پگهر شامل آهي.

”ڪراچي: سنڌ جي مارئي“ کي، جيڪا مڃتا ملي ۽ موت منهنجي جيڪا همت افزائي ٿي، ان جو شايد آئون لائق نه هجان، ان محبت ۾ دوستن جي همت افزائيءَ اهو حوصلو ڏنو ته، ڪراچيءَ تي جيڪو رهيل ڪم آهي، ان کي مڪمل ڪيو وڃي.

ڪراچي جي تاريخ ۽ تحقيق تي منهنجي پلان ۾ پنج ڪتاب آهن. جنهن جو ٻيو سلسلو جيڪو تاريخي شخصيتن تي آهي، ان جو پهريون ڀاڱو اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن جا پنج ڀاڱا آهن. انهن پنجن ڀاڱن ۾ 100 کان مٿي شخصيتون شامل آهن. جن ۾ هر فيلڊ جا ماڻهو: سياستدان، صحافي، اديب، شاعر، محقق، فنڪار، راڳي، سماج

سڏارڪ، تعليمي ماهر، مزدور ۽ رازا وغيره شامل آهن.

ڪراچيءَ جي تاريخ ۽ تحقيق تي ٽيون ڪتاب ڪراچيءَ جون ورهاڱي کان اڳ نهيل خوبصورت عمارتون، جيمخانه، هال، لائبريريون، مارڪيٽ، ٽاور ۽ ٻيون عمارتون شامل آهن، جنهن ۾ ختم ٿيل عمارتن جو ذڪر آهي، ان ڪتاب ۾ 200 کان مٿي مختلف عمارتن جا فوٽو شامل آهن. ڪراچي جي تاريخ جي سلسلي جو ٽيون ڪتاب، ڊهندڙ ڪراچي ۽ ان جي جاءِ تي نئين ٺهندڙ ڪراچيءَ جو احوال آهي، جنهن ۾ اها ڳالهه ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هاڻوڪين نهيل عمارتن، مارڪيٽن جي جاءِ تي اڳ ۾ ڇا هو؟

ڪراچيءَ جي تاريخ جي سلسلي ۾ پنجون ڪتاب، ڪراچيءَ ميونسپلٽيءَ اندر قائم قديم ڳوٺن، محلن، باغن، تلائن، نديـن، جبلن، ٽڪرين، ڍورن ۽ ساحلي علائقن جو احوال قلمبند ڪرڻ جي مون ڪوشش ڪئي آهي، بس اوهان جي دعائن جي ضرورت آهي، ته جلد ئي انهيءَ ڪم کي مڪمل ڪري سگهان، ڇاڪاڻ ته سڀ کان وڏو مسئلو ڪتابن جي ڇپائي جو آهي، جنهن لاءِ به هميشه مولا ڪو نه ڪو رستو ڪڍي وٺندو آهي.

"ڪراچي: سنڌ جي مارئي" جو ٻيهرين ڇاپو ختم ٿي چڪو آهي، پوري سنڌ سميت، دنيا ۾ رهندڙ دوستن جي اها خواهش آهي ته اهو ڪتاب ٻيهر مارڪيٽ ۾ اچي، جنهن لاءِ مون ۽ پياري دوست انعام عباسي، نئون نياپو اڪيڊمي پاران، اهو ڏکيو ڪم هٿ ۾ کنيو آهي، ڏکيو ان ڪري ٿو چوان جو هميشه وانگر ڪتاب تي ڇپائي جو خرچ جيڪو لڳن ۾ آهي سامهون ٿو اچي، پر اميد آهي ته ڪو نه ڪو وسيلو نڪري ايندو ۽ اهو ڪتاب ٻيهر سڏاري ۽ واڌاري سميت اوهان جي هٿن ۾ هوندو ان ۾ وڏيڪ 100 صفحن جو واڌارو به شامل هوندو.

ڪتاب لاءِ گهڻن سرڪاري ادارن ڇپائي جو آسرو به ڏنو پر عملي طرح سڄڻن پاران ڪو سنيهو نه پهتو. تنهن ڪري اهو بار به پنهنجي سر تي کڻي اوهان تائين اهو ڪتاب اندڙ سال جي تائين پهچائبو.

ڪراچيءَ جي شخصيتن تي هي ڪتاب جنهن جو پهريون ڀاڱو اوهان جي هٿن ۾ آهي، ان ۾ 25 شخصيتن جو احوال موجود آهي، جن جو تعلق ورهاڱي کان اڳ جي دور سان آهي. ڪتاب ۾ ڏنل شخصيتن جي خاڪن لاءِ ڪا به خاص ترتيب نه رکي آهي، جنهن به شخصيت بابت مواد ملندو ويو ان تي لکندو ويس.

انهيءَ سلسلي ۾ پياري دوست ۽ "ڪاوش دنيا" جي انچارج انور ابڙي جو ذڪر نه ڪرڻ زيادتي ٿيندي. هميشه وانگر، هن پيري به شخصيتن تي لکڻ لاءِ انور همٿايو ۽ همت افزائي ڪئي، مون فقط هڪ مضمون "قادو مڪراني" لکي موڪليو ته انور هميشه وانگر نادر شاهي حڪم جاري ڪندي چيو ته "اهو سلسلو جاري رکو پڙهندڙ ان سلسلي کي پسند ڪن پيا." انهيءَ سلسلي ۾ ڪاوش سٽ جي مهرباني ۽ انهن پڙهندڙن جي به مهرباني جن ان ڪم کي پسند ڪيو ۽ همت افزائي ڪئي.

اها ڳالهه ٻيهر ورجائيندس ته ڪراچيءَ جي تاريخي ڪردارن تي لکيل ڪتاب جو هي پهريون ڀاڱو آهي، چار ڀاڱا ٻيا به آهن. جن ۾ 100 کان مٿي شخصيتون شامل آهن. اها ڳالهه ورجائڻ جو مقصد اهو آهي ته پڙهڻ ڪانپوءِ نقاد حضرات، پوري لسٽ ڏيندا ته "ليڪڪ ڪتاب ۾ هي شخصيتون شامل نه ڪيون آهن." انهيءَ ڪري دوستن کي اها گذارش آهي ته پنج ئي ڀاڱا جڏهن مڪمل ٿين ته پوءِ رهيل شخصيتن بابت ڪا راءِ قائم ڪن. ٻي ڳالهه هيءَ به ورجايان ٿو ته هن سلسلي ۾ شخصيتن جي خاڪن جي ڪا ترتيب رکيل نه آهي. اڳتي به جن جو مواد ملندو ويندو انهي ترتيب سان انهن کي مختلف ڀاڱن ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.

ڪراچيءَ جي شخصيتن تي لکڻ لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو ته گهٽين شخصيتن بابت سواءِ رواجي ڪجهه احوال جي، ٻيو مواد ملڻ ڏکيو هو خاص ڪري هندو، پارسي، بهائي، گوئن ۽ ٻين ڪميونٽين بابت مواد اڻ لڀ آهي، انهن جي خاندان وارا ورهاڱي وقت سنڌ ڇا ون

چڙهي چڪا هئا، جنهن لاءِ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي آفيس جي رڪارڊ ۽ پراڻين اخبارن ۽ رسالن جو سهارو ورتم، جن جا مائٽ موجود آهن، ڪجهه مواد انهن کان به ملي سگهيو بهرحال منهنجي لاءِ اهو انتهائي ڏکيو ڪم آهي، جنهن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن ڪنهن به شخصيت جي مضمون ۾ ڪا کوٽ محسوس ٿئي ته، ان کي منهنجي مجبوري سمجهي نظرانداز ڪندا.

جيڪڏهن دوستن وٽ اهڙي ڪا به معلومات ڪنهن شخصيت بابت آهي ته ضرور شيئر ڪن ته جيئن مون کي هن تاريخي ڪم جي پورائي ۾ آساني ٿئي، اهو اوهان جو هن رولاڪ تي احسان هوندو.

ڪتاب ۾ مختلف مزاجن، سياسي وابستگين، مختلف خيالن ۽ فِرقن جي ماڻهن کي پڙهڻ جو موقعو اوهان کي ملندو سنڌ جي سياست، ادب، صحافت ۽ سماج جا مختلف رنگ پڻ هن ڪتاب ۾ آيل شخصيتن جي روپ ۾ اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندا.

پڙهڻ کانپوءِ ماڻهو هڪ لمحي لاءِ سوچڻ تي مجبور ٿيندو ته ڇا ته ماڻهو هئا؟ انهن مان گهڻيون شخصيتون تاريخ جي پنن تان بلڪل غائب آهن، جن کي مون ٻيهر تاريخ ۾ جيئارڻ جي هڪ ادني ڪوشش ڪئي آهي، ان ڪوشش ۾ ڪيتري حد تائين ڪاميابي ٿي آهي، اهو فيصلو پڙهندڙ ئي ڪري سگهن ٿا.

انهن شخصيتن پنهنجي علمي، ادبي، سياسي، ثقافتي، ۽ سماجي خدمتن جو لافاني ريڪارڊ ڇڏيو آهي، اهو ريڪارڊ تاريخ جي دز ۾ ڪٿي گم آهي، ان ريڪارڊ کي سهيڙي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اميد ٿو ڪيان ته هي ڪتاب تاريخ جي شاگردن لاءِ هڪ ريفرنس بوڪ طور به ڪم ايندو ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمنٽ ڪراچي) جي ريڪارڊ جنهن ۾ پنهنجي اداري جي چونڊيل صدرن، ميئرن ۽ ميمبرن جو ڪو به ريڪارڊ نه آهي، جتان مون جهڙا گهڻا تاريخ جا شاگرد مايوس ۽

هٿين خالي موٽيا هوندا، اُهي پڻ پنهنجي ريڪارڊ کي درست ڪري سگهندا.

ڪتاب جي مهاڳ لکڻ تي سنڌ جي ڏاهي تاريخ دان، محقق ۽ تعليمي ماهر سائين محمد ابراهيم جويي جا لک ٿورا، جنهن ڪتاب جو مهاڳ لکي مون تي وڏا وڙ ڪيا.

محترم دوست انور ابڙي جا بہ ٿورا جيڪو پڻ هر وقت پنهنجن لاپائتن مشورن سان نوازيندو رهيو آهي ۽ وقت سِر ڪتاب تي بہ اکر لکي، هُن ڪراچيءَ جي تاريخ ۾ پنهنجو حصو ڳنڍيو آهي.

مختلف شخصيتن بابت معلومات لاءِ جن دوستن منهنجي مدد ڪئي، گهڻا تہ مون سان پراڻي ڪراچيءَ جي گهٽين ۽ قبرستانن جون رولاڪيون ڪندا رهيا،انهن ۾ خاص ڪري نذير ڪاڪا جون محبتون ۽ محنتون شامل آهن. ٻين دوستن ۾ عبدالجبار بلوچ، ڪامريڊ عبدالواحد بلوچ، عبدالحفيظ ميمڻ ميمڻ (ڳوٺ وارو“ ۽ عنايت ڪتياڻ شامل آهن.

اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

**گل حسن ڪلمتي**

تاريخ جو شاگرد

2 نومبر 2012

ڪراچي

حاجي عرضي بلوچ ڳوٺ گڏاپ ٽائون ملير ڪراچي.
پوسٽ باڪس نمبر 897 پوسٽل ڪوڊ نمبر 75320
ڪراچي 55 سنڌ.
E_mail:kalmattigulhassan@yahoo.com
gulbaloch_7@hotmail.com
Cell: 03222445370

# ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار

(پاگو پهريون)

سنڌ جي تاريخ ۾ هيٺائيءَ باوجود ڏاهپ ۽
سورهيائيءَ جي علامت بڻجي جيئرو رهندڙ ڪردار

# مورڙو ميربحر

| لاڏاڻو: | جنم: |
|---|---|

**1636ع** ۾ قرطبه (اندلس) کي ٻيهر عيسائين هٿ ڪيو ته ڪجهه سالن ڪانپوءِ عيسائين جي پادرين ڪارلوس پنجين کي چيو "ڪيٿوليڪ اسپانيا وچ ۾ مسجد قرطبه توهين کان گهٽ نه آهي، ان کي ڊاهڻ جو حڪم ڏنو وڃي." ڪارلوس مسجد قرطبه ڏسڻ بنا اهڙي اجازت ڏيئي ڇڏي، مسجد کي ڊاهي هتي ڪليسا اڏيو ويو ۽ مسجد جو

اهو حصو بچي ويو جيڪو ڪليسا جي نقشي ۾ نہ هو. ڪارلوس جڏهن ان جي افتتاح لاءِ آيو تہ مسجد جي اڏاوت ڏسي ڪليسا جي افتتاح کان انڪار ڪندي چيائين، ”جيڪڏهن مونکي معلوم هجي ها تہ توهان ڇا ڪرڻ وارا آهيو تہ ان ڳالهہ جي بنهہ اجازت نہ ڏيان ها. ڇاڪاڻ تہ جيڪو ڪجهہ اوهان ناهيو آهي اهو ڪٿي بہ ناهي سگهجي ٿو ۽ جيڪو ڪجهہ اوهان ڊاهيو آهي اهو پوري ڌرتيءَ تي ڪٿي بہ ڏسي نٿو سگهجي.“

اڏاوت جو اهڙو عظيم ڪارنامو پادرين جي مذهبي ڪٽرپڻي جي ور چڙهي ويو. اهو ڪم مسلمانن بہ اندلس جي فتح وقت ڪيو هو جتي گهڻين قديم عبادتگاهن کي ڊاهي انهن کي مسجدن ۾ تبديل ڪيو هو.

11 ۽ 12 جون 2006ع جي وچ واري رات ماڙي پور روڊ تي، گل ٻائي لڳ مورڙي جي پيڻ ۽ ڇهن ڀائرن جي قبرن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو. ان واقعي کان پوءِ ماهيگيرن، گل ٻائي ۽ پرپاسي جي رهواسين، سياسي، سماجي تنظيمن ۽ ميڊيا وقت سر سخت احتجاج ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي وڏي وزير (ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم) نوٽيس ورتو هو. ڪجهہ وقت لاءِ هي تاريخي ورثو في الحال بچي ويو آهي.

انهن ڇهن گهاتوئن ۽ سندن ڀيڻ ”سيرئين“ جون قبرون ست سؤ سال پراڻيون آهن. مورڙي جو واقعو سومرن واري دور جو آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ هيٺائي جي باوجود ڏاهپ ۽ سورهيائي جي علامت بڻجي جيئرو رهندڙ ڪردار مورڙي ميربحر جي ڀيڻ ۽ ڇهن ڀائرن جي قبرن کي بلڊوز ڪري ڊاهڻ هڪ سازش جي ڪڙي آهي. سنڌ جا ثقافتي ورثا ڪن ڏرين کي اکين ۾ ڪنڊي جيئن چڀي رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ سنڌي پنج هزار سال پراڻي تهذيب ۽ ثقافت جا مالڪ آهن ۽ هي ورثا سنڌين جي مالڪيءَ جون شاهديون آهن. انهن

شاهدين کي متاثر جي معنيٰ ڪراچيءَ تان سنڌين جي تاريخي ۽ مالڪاڻي حق کي ختم ڪرڻ آهي ۽ وري سنڌين کي اهو به پڌائڻ چاهين ٿا ته ست سئو سال اڳ جنهن شاهي مڇ انهن گهاتوئن کي ڳڙڪايو هو. مورڙي پنهنجي ڏاهپ ۽ سورهيائي سان ان مڇ جي وجود کي ختم ڪري هڪ مثال قائم ڪيو هو ۽ اڄ ڪجهه ماڻهو انهيءَ مڇ جا وارث بڻجي نروار ٿيا آهن. ۽ ڪراچي سميت سنڌ جي پوري وجود کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن ۽ مڇ مارڻ جو بدلو سنڌين کان وٺي رهيا آهن.

ورهاڱي کانپوءِ هر انهيءَ شيءِ ماڳ ۽ تاريخي جاءِ کي تباهه ڪيو ويو جيڪي سنڌ جا تاريخي ورثا هئا. ۽ جن مان سنڌي پنهنجي تاريخ ۽ علائقي جي قدامت جو اندازو لڳائي پئي سگهيا. انهن جي سار سنڀال ته نهيو پر انهن کي ميساري ختم ڪيو پيو وڃي. انهن ماڳن، عمارتن، ۽ تاريخي نشانن کي سنڀالڻ وارن ادارن کي هاڻي سنڌ حڪومت جي حوالي ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري اها اميد پيدا ٿيڻ لڳي آهي ته، هاڻي انهن ماڳن جي مالڪي ڪئي ويندي.

مورڙو اڄ به علامت آهي استحصالي قوتن جي خلاف مهاڏي اٽڪائڻ جي، ۽ اهي استحصالي قوتون، سنڌ جي تباهيءَ لاءِ اڄ به سرگرم آهن. اسان کي مورڙي واري واٽ تي هلي ڏاهپ سان انهن جو مقابلو ڪرڻو آهي. جيئن مورڙي سون مياڻي کان رتو ڪوٽ تائين سيني ماڻهن کي گڏ ڪري مڇ خلاف جدوجهد ڪري ان کي ختم ڪيو. اهڙي پڌي جي سخت ضرورت آهي.

مورڙي واري قصي جي تاريخ بابت ڪنهن تصديق ٿيل دور جو ذڪر ڪونهي. هن قصي جو دور به راجا دلو راءِ جو دور ڄاڻايو ويو آهي. قياس آهي ته راجا دلو راءِ، عربن جي آخري ۽ سومرن جي شروع واري دور ۾ سنڌ جي لاڙ واري حصي جو حڪمران هو. راجا دلو راءِ جي گادي

واري هنڌ لاءِ بہ رايا آهن. هڪ رايو اهو آهي تہ، "ڦٽي ڪريڪ وٽ رتو ڪوٽ وارو هنڌ دلو راءِ جي گادي جو هنڌ هو" ٻيو رايو اهو آهي تہ "هاٽوڪو باٽ آئي لينڊ وارو علائقو جيڪو گسري بندر کي ويجهو ان جاءِ تي هو."

1859ع تائين هتي هڪ پراڻي شهر جا آثار موجود هئا جيڪي پڻ حڪمرانن جي ٻي حسي جو شڪار ٿي ختم ٿي ويا. راجا دلو راءِ جي دور ۽ هنڌ بابت اسان جا محقق منجهيل آهن يا ڄاڻي واڻي مونجهارو پيدا ڪيو ويو آهي. ڪٿي دلو راءِ کي ظالم تہ ، ڪٿي مهربان پيش ڪيو ويو آهي. ينيور ۽ سسئيءَ واري قصي ۾ بہ دلوراءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سومرن ۽ خلجين جي دور ۾ بہ ان جو ذڪر اچي ٿو. تہ مورڙي واري قصي ۾ بہ دلوراءِ موجود آهي. دلوراءِ جو مضبوط حوالو ان ئي قصي سان لاڳاپيل لڳي ٿو. پر پوءِ بہ دلوراءِ تي چنڊ ڇاڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ ۾ غزنوي 1026ع تي اقتدار ۾ آيا، اهي عربن جي هٿ هيٺ هئا. سومرن سنڌ تي 1053ع تي حڪمراني حاصل ڪئي. انهيءَ حساب سان جيڪڏهن دلو راءِ سومرن جي شروعاتي دور ۾ لاڙ جي حصي ۾ حڪمران هو تہ پوءِ اهو واقعو 1053ع کانپوءِ جو آهي.

سومرن واري دور ۾ سگهڙن جي بيتن ۾ مورڙي ميربحر جي قصي جو ذڪر ملي ٿو. چوڏهين ۽ پندرهين صدي عيسويءَ ۾ ان واقعي بابت تمام گهڻا بيت ملن ٿا. ارڙهين صدي هجري ۾ شاعرن جي سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سر گهاتو ۾ ان داستان کي بيان ڪري امر ڪري ڇڏيو.

ڳالهہ ڳلاچيءَ ويا، ڇتيون ڪٽي ڇڳير،
ڀائن ڀيرو نہ ڪيئو آدن ڪي اوير،
اِهڙي خاصي کير، ڪُنَ وَرائي جهلي،

*

ڪو جو ڦهر ڪُن ۾، جو گهڙي سوني،
خَبرَ ڪونہ ڏئي، تہ رَڃَ ڪُڄاڙي رنڌئا؟
(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي: 1)

ان قصي جي باري ۾ جلال ڪٺي جي پاءُ امين ڪٺي جيڪو ڪلهوڙن جي دور جو مشهور سگهڙ هو ان جا وڏيڪ بيت ملن ٿا.

قصو مختصر ائين آهي تہ ٻاچوءِ ٻاراڄ جيڪي ڀئي ڀائر هئا. رتوڪوٽ واري علائقي کان حب تائين ساموندي علائقي ۾ مزدوري ڪندا هئا ۽ وجهہ ملڻ تي چوريون بہ ڪري وٺندا هئا. اهي لاڏائو ماڻهو هڪ هنڌ ويهي نہ سگهندا هئا. جڏهن انهن جي شادي ٿي تہ انهن پنهنجو ڏيان مزدوريءَ ڏانهن ڪيو. هڪ ٻي روايت آهي جيڪا علي ملاح مرحوم ابراهيم حيدري واري سان منسوب آهي. اها احمد ناڪٺي ٻڌائي هئي، جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”مورڙوءِ مانگر مڇ“ ۾ بہ ڏنل آهي تہ، ٻاچو ۽ ٻاراڄ دراصل ڪڇ واري علائقي ”گنڊا سنگ“ جا رهواسي هئا. جواني ۾ اهي سنڌ ۾ آيا ۽ حب نديءَ جي لڳ ”سوناريءَ“ جي جبل وٽ اچي رهيا. گنڊا سنگ جو شهر ۽ ڪوٽ جا ڪچ ۾ سيارڙيءَ جي ڪاريءَ لڳ آثار موجود آهن. (2) ٭

مير ٻگهيي جي بيت ۾ انهن جو هنڌ ”ڪلان ڪوٽ“ ڄاڻيل آهي.

ساراهيان سچو ڌڻي، رازق رب رحيم
هڪ الله جو آسرو حڪمت جو حڪيم،
مو چارو محمد ڪيو قادر نبي ڪريم،
”ٻاچو“ ۽ ”ٻاراڄ“ هئا ذات پلي ٻهليم
تن جو گهارڻ ڪلان ڪوٽ تي ماڳ ميا محليم
بديءَ ڪٺي بدنام ڪيا، چوريءَ ڪيا چڪيم.(3)

ٻاراڄ سون نالي عورت سان شادي ڪئي تنهن مان اوپايو پيدا ٿيو. ٻاچو کي ڪو اولاد نہ ٿيو.

چيو وڃي ٿو تہ، سون مياڻي بہ اوپائي جي ماءُ ۽ ٻاراڄ جي گهر واري "سون" جي ڪري "سون مياڻي" بڻي. ہي روايت ھي آھي تہ ٻاراڄ گنڌا سنگ ۾ ٽي شادي ڪئي. سندس گهر واريءَ جو نالو "سوناري" هو. شادي ڪانپوءِ اهي اچي حب جي ڪپ تي هڪ جبل تي رهڻ لڳا ۽ انهيءَ جبل جو نالو "ٻاراڄ" پنهنجي گهر واري پوياڻ "سوناري" رکيو. جيڪو اڄ بہ انهيءَ نالي سان مشهور آهي. اوپائي بہ شاديون ڪيون. ٻهرين گهر واريءَ مان ڇهہ پٽ ٿيس. ہي گهر واريءَ مان هڪ ڌيءَ "سيرئين" ۽ هڪ پٽ "مورڙو" پيدا ٿيو. مورڙو پيدائشي منڊو هو. هيٺ مير ٻگهئي جو لکيل بيت ڏجي ٿو.

ويـر وبـهـاريـائـون وڄ ۾، ٿـيـو سـهـاڳـي سـو
ڇهہ پـٽ پـهـرئـيـنءَ مـان، ہـي جـا پـرٽـيـو پـوءِ
تـنـهـن مـان مـانـجـهـي مـورڙو پـر ڌر ڄـائـو پـوءِ
لوڪ مڙيو ٿـي چوءِ، تہ ائـيـن پيـڻ "سيـرهـيـن." "(4)

اولادن کي پرڻائڻ کانپوءِ اوپائي سمنڊ ڪپ تي ڳوٺ ٻڌو ڳوٺ جو نالو پنهنجي ماءُ جي نالي پٺيان سون مياڻي رکيائين. اوپايو مهاڻن جو چڱو مڙس بڻجي ويو. ڇاڪاڻ تہ اوپائي مهاڻن تي ڳرن محصولن خلاف جدوجهد ڪئي ۽ مهاڻن جي ايڪتا سان راجا دلو راءِ جي ڪوٺار (محصول وصول ڪرڻ وارو) خلاف جنگ جوٽي، مجبور ٿي راجا دلو راءِ کي ٽيڪس ۾ ڇوٽ ڏيڻي پئي.

مورڙي جي ڀائرن مڇي جي ڪاروبار کي معمول موجب سنڀالي ورتو هو. مورڙو معذور هئڻ ڪري گهر ۾ رهندو هو. هو مهمانن جو خيال رکندو هو. جنهن جي ڪري هو سخي مورڙو مشهور ٿيو. سمنڊ کان هميشہ پري رهندو هو.

"ڀاڻيءَ سندي ڀر، مور نہ سکيو مورڙو."

مورڙي جي ڀائرن جي نالن تي اختلاف آهن. مختلف سگهڙن ڇهن ڀائرن جا نالا ڄاڻايا آهن. جن مان ڪجهہ نالا مختلف آهن. پيڻ جو نالو

گهڻن سگهڙن ”سيرئين“ ۽ ڪجهه سگهڙن ”جُمڙي“ ڄاڻايو آهي.

امين کتي پنهنجن بيتن ۾ ستن ياڻرن جا جيڪي نالا ڏنا آهن سي هن طرح آهن. 1. پنيهر 2. اڳاريو 3. مانجهاندو 4. للوُ 5. سانئل 6. هنجهه ڪراڙو 7. مور ڪنواڻو.

ويـر وهـاريـائـون وچ ۾، ٽـيـو سـهـاڳـي سـوءِ
نـنـڍيءَ پـيـتـان مـورڙو پـر ڏر ڄـائـو پـوءِ
انـيـن پـيـڻ ”جُـمـڙي“، لـوڪ مـڙوئـي چـوءِ
پَـنـيـهـر، اڳـاريـو ٻـه ڄڻا، ٽيـون مـانـجـهـانـدو هـوءِ
چوٿون لَلوُ لاڏڪو پنجون سانـئـل نـام سـنـدوءِ
ڇهون هٺ ڪراڙيو هنجهه هو ستون مور ڪنواڻوءِ
سـون مـيـاڻـي سـوءِ، راڄ ٻـڌائـون پـانـهـنـجـو
(امين کتي: 5)

مير ٻگهئي جي بيت ۾ هيئيان نالا اچن ٿا.

”پڙهيار“، ”اڳاريو“ ٻه ڄڻا، ٽيو ”مانـجـهـانـدو“ سـاڻ،
چـوٿـون ”لـلـو“ لاڏلـو پـنـجـون سـانـئـر ڄـاڻ
ڇهون هنجهه ڪراڙو هٺ جو ستون ”مور“ سڃاڻ،
پوءِ ”سوجهي“ سون مياڻ، راڄ ٻڌائون پانهنـجـو. (6)

مير ٻگهئي ۽ امين کتي جي نالن ۾ فقط پنيهر ۽ پڙهـيـار جـا نـالا ڪجهه مختلف آهن باقي سڀ ساڳيا نالا آهن ۽ پيـڻ جـو نـالـو مـيـر ٻگهئي ”سيرئين“ ڄاڻايو آهي. ۽ امين کتي ”جُمڙي“ ڄاڻايو آهي.

محمود سگهڙ موجب، پنيهر، اڳارو، مـانـجـهـانـدو، جـلـو، هـنـجـهـه ڪراڙو، لکو ۽ پيڻ جو نالو جُمڙي آهي.

ڇهه ڄڻيائين هڪ مؤن، گهوٽ پـرڻيـو ٻيـو گـهـر
انـيـن پـيـڻ ”جُـمـڙي“ جـنـهـن پـائـن مـٿـي ٻـر،
ٻَـڌئـون شـوق شـهـر، سـون مـيـاڻـي پـانـهـنـجـو.

٭

"پنيهر"، "اڱارو" پاڻ ۾ پاءُ "مانجهاندو" پانءَ
چوٿون جلو جُنگ جوهري، پنجون هنجهه ڪراڙو هانءَ
ڇهون پاءُ ننڍو هو لڪو جنهن جو نانءُ
سون مياڻي گانءُ، شهر ٻڌائون پانهنجو.
(محمود سگهڙ:7)

شاعر دريا خان جاگيراڻي مطابق، پنيهر، اڱارو مانجهاندو لال بهار، هنجهه ڪراڙو راهوءِ پيڻ جو نالو جُمڙي آهي. علي ملاح ابراهيم حيدري واري، اڱاري ڪانسواءِ سمورا نالا جن ۾ سينهڙو محمود، صالح، عيسب، يعقوب سڀ ٻيا ڄاڻايا آهن. ان پڻ پيڻ جو نالو "سيرئين" ئي ڄاڻايو آهي. ٭

انهن سگهڙن ۾ روايتن ۾ جيڪي نالا گهٽ ڪري ڏنا ويا آهن. ان مطابق مورڙو ميربحر جي ڀائرن جا نالا هيٺيان ٿي سگهن ٿا. 1. اڱارو 2. هنجهه ڪراڙو 3. لڪويا للو 4. پنيهر / پنهيار 5. سانئر / سانئل 6. مانجهاندو ۽ پيڻ جو نالو سيرئين. اهي نالا وڏ ڪان وڏ سگهڙن جي بيتن ۾ ملن ٿا. مورڙي جو نالو سيني سگهڙن اهو ئي ڏنو آهي. (8)

مورڙي جي ڀائرن کي ڪلاچي جي ڪن ۾ جنهن جانور ڳڙڪايو هو ان تي ٻه اختلاف آهي. مشهور اها ڳالهه ٿي ته اهو واڳون هو. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته واڳونءَ جي پيٽ ۾ ڇهن انسانن جا لاش ڪيئن ٿا سمائجي سگهن؟ جنهن جي ڪري اهو ممڪن ئي ڪونهي ته ڪلاچي جي ڪن ۾ مورڙي جي ڀائرن کي واڳون ڳڙڪايو هوندو.

مڇ جي ذڪر ڪري گهٽن لکندڙن جو ڏيان مگر مڇ ڏانهن ويو آهي. "مڇ" معنيٰ "شاهي مڇي" جيڪا اصل ۾ وهيل مڇي (شارڪ) هئي. جنهن مورڙي جي ڇهن ڀائرن کي ڳڙڪايو. مرحوم احمد ناڪئي ابراهيم حيدري واري سان جڏهن مون ڪچهري ڪئي ته هن ڄاڻايو ته، "اهو شاهي ڪيئون هو." (٭) سگهڙ مير ٻگهيي به پنهنجي بيت ۾ ڪيئون جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪيئون مارين ڪن ۾، رات مٿان پيئي
اوليون اجهڻ لڳيون، ويڙن واجهه وهي
ڪلاچئون ڪهي، ماري مڇ نه موٽيا.(9)

ڪلاچي جي ڪن ۾ رهندڙ وهيل مڇي جو ڏهڪاءُ دڙهي، سون مياڻي ۽ ساموندي علائقن تائين ڦهليل هو. جنهن جي ڪري مهاڻا مڇي ماڻڻ لاءِ اوڏانهن نه ويندا هئا. ڪلاچي جو ڪن لياري نئين جي پراڻي چوڙ واري علائقي ۾ هو.

ڏهڪاءُ جي باوجود هڪ ڏينهن مورڙي جي پائرن مڇي مارڻ لاءِ وڃي ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ رچ وڌو. جيڪو مڇ ورائي ڪٽي پنهنجي وات ۾ ڪيو پوءِ واري واري سان ڇهه ئي پائر لتا ۽ شارڪ جو شڪار ٿي ويا. رات ٿي ويئي، صبح ٿيو مورڙي جا پائر نه موٽيا ته اوپايو پريشان ٿيو. سيرئين کي پائرن جي نه موٽڻ جي ڪري پوري رات ننڊ نه آئي ۽ ٻئي ڏينهن ڳولا شروع ڪئي ويئي ته انهن جا هوڙا ڪلاچيءَ واري ڪن جي ڪناري تي مليا. جڏهن اها خبر سون مياڻي پهتي ته ماتم مچي ويو. سوبن مهاڻا بيڙيون کاهي اچي ڪلاچي ڪن پيڙا ٿيا. مورڙو ان وقت راجا دلو راءِ جي دربار ۾ هو. چاڪاڻ ته مورڙو ۽ سندس گهر واري پنهنجي پاڇاين جي مهڻن کان بيزار ٿي راجا دلو راءِ جي دربار ۾ اچي رهڻ لڳا هئا.

ڏيريائين جي ڏينهاڻي تي ڪاڻ به ڪيائين،
طعنا مهڻا تن جا، ٿي سوين سنائين.
(سگهڙ ولي محمد: 10)

ڪانئر ور جي ڪامٽي، تنهنجو ڪانڌ ڪم جو چور
وينءَ وانئون ناهه ڪو ڪبس پاڳو ڪور
اي سٽندي ڳالهڙي، ڪن نيائين مور،
پوءِ شرط ٻڌائين شور، وڃي گڏيو دلبر دلوراءِ کي
(سگهڙ امين کتي: 11)

اوپائي مورڙي ڏانهن ماڻهو موڪليو ۽ مورڙو بہ ڪلاچيءَ جي ڪن وٽ پهچي ويو.

ملاحين ڪيا منهن رتڙا، ڪُتي ڪانڏن لاءِ
مهاڻيون رهيون ماتام ۾، سوڙهي هڪ بہ جاءِ
ماڻهو مَنجو مور ڏي، وجي سڌ سُٽائيس ساءِ
پڙ تنهنجا پاءِ، ڪچئون ماري چڏيا ڪُن ۾.
(سگهڙمير ٻگهيو:12)

مورڙي شارڪ مارڻ لاءِ راجا دلو راءِ کان مدد گهري. راجا هر طرح جي مدد جو وعدو ڪيو.

ماڙيءَ چڙهيو مورڙو بيٺو دلوءَ کي دانهي
ماريان هلي مڇ کي، مون کي ڏي تي شيخون گهڙائي
هڪ ڪپُهہ ڪائي، جي، سا بہ ڏي جودئون جوڙائي
قدر تنهن جو ڪيترو جنهن ۾ هڪ ماڻهو سامائي
ڪُنجي ان جي قيمتي، ڏي جوپ بہ جوڙائي
مون سان مدد ڪرائي، ڪا ڪارڻ رب ڪريم جي.

❊

سٺي مصلحت مور جي، چڙهيو دلو راءِ پاڻ
سنڌري چڙهيو شير سان، ڪچئون مارڻ ڪاڻ
اچي لٿا آهن جواڻ، طنبو تاڪي تڙ تي،
(سگهڙ مير ٻگهيو:13)

راجا دلو راءِ بہ ڪلاچي جي ڪن وٽ پهچي ويو. مورڙي جي پيءُ اوپائي ڪيس پائرن جو وير وڻڻ لاءِ چيو. مورڙو هڪ تہ منڊو هو. ٻيو پاڻي جو گهيڙو نہ هو. پر ڏاهپ ۾ پڙ هو. مورڙي وير وڻڻ جو فيصلو ڪيو. سانوڻي مند ۾ سمنڊ ۾ طوفان هو.

تجربيڪار ۽ پڙ لوهار مورڙي جي هدايتن تي لوهي نوڪدار

موررڙي جي دل دلو راءِ وٽ نہ لڳي. موررڙو ۽ سندس خاندان جا ماڻهو موٽي دڙبي ۽ ڪلاچيءَ ڪن لڳ اچي رهيا ۽ پوءِ باقي ڏينهن ڪلاچيءَ جي ڪن لڳ پنهنجي ڀائرن جي قبرن وٽ گذاريائين. سيرئين ڪي بہ وفات ڪانپوءِ ڀائرن لڳ دفن ڪيو ويو. موررڙي جي قبر ڪراچيءَ ۾ ٿورو پري مسرور بيس ڪئمپ ۾ هڪ ننڍي ٽڪري تي آهي. جتي وڃڻ جي اجازت آهي پر فوٽو ڪڍڻ جي اجازت نہ آهي. گل ٻائي ۽ شير شاھ لڳ پراڻو قبرستان اچ بہ "موررڙو قبرستان" جي نالي سان موجود آهي. جيڪو ڪراچيءَ جو قديم ترين قبرستان آهي. شير شاھ لڳ موررڙو ميربحر ڳوٺ بہ آهي. گهڻا ماڻهو هتان لڏي ٻين علائقن ڏانهن بہ ويا آهن. سائين شيرشاھ جي دفن ٿيڻ کانپوءِ اهو پورو علائقو شيرشاھ ڪري مشهور ٿيو. موررڙي جو اولاد اڄ بہ "موررڙي ـ پوٽا" سڏائجن ٿا. موررڙي –پوٽن مهاڻن جا ٽي پاڙا: (1) ڪراچيا يا ڪلاچيا (2) لاڙا (3) بندري. جيڪي وڏي تعداد ۾ ڪڏي ۾ رهن ٿا. جتي ڪلاچيا يا ڪراچيا ۽ لاڙا سندن سڀ ڪان پراڻيون انجمنون آهن. ڪڏي جي آبادي وڌڻ ۽ روزگار جي ڳولا ۾ انهن مان گهڻا پوءِ ريڙهي مياڻ، ابراهيم حيدري، شمس، بابا، ڀٽ، يونس آباد، ڪڪا پير ۽ صالح آباد ۾ لڏي اچي رهيا. ڪڏي، يونس آباد ۽ گسري ۾ ڍورائي مهاڻا رهن ٿا انهن بہ موررڙي پوٽن سان مٽيون مائيٽيون ڪيون آهن، تنهن ڪري ڍورائي مهاڻن ۾ بہ موررڙي پوٽا آهن. جنهن ۾ بدين ۾ هڪ ديھ جو نالو "موررڙو جاگير" آهي. جڏهن تہ ماضيءَ ۾ موررڙي جي ڀائرن جي قبرن لڳ هڪ وڏو ميدان هوندو هو. جتي ميربحرن پاران موررڙي ميربحر جو ميلو ملاکڙو پڻ لڳايو ويندو هو ۽ جنهن جي ڪا باقاعده تاريخ مقرر نہ هوندي هئي، گذريل ڪجهہ سالن ۾ موررڙي مير بحر تي ڪجهہ سماجي تنظيمن پاران سيمينار پڻ ڪرايا ويا آهن.

موررڙو سنڌي لغات موجب نئون ۽ تازو پن يا سلو جيڪو ندي جي

ڪناري ڦٽي ٿو ان ڪي بہ چيو ويندو آهي.

نَـڪـا بُـوءِ بَـازارَ ۾، نَـڪـا چَـلـرُ چَـٽ.
جِـتـي ڏَنـيَـرُيـنَ جـي، اڳـي هـئـي اڪُـٽ،
سـي پِـڙَ پـسـئـو پَـٽَ، مـاڻـهـو وچـن مـوٽِـئـا.

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي:15)

***

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

حوالو نمبر 1، 14 ۽ 15

شاهہ جو رسالو جلد ٽيون، مرتب پانهون خان شيخ، شاهہ لطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي 2002ع.

حوالو نمبر 2،3،4،5،6،7،8،9،10،11 ، 12 ۽ 13 بلوچ نبي بخش خان، ”مورڙو ۽ مانگر مڇ“ ڇاپو پيو 1976ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

* احمد ناڪئي جي هٿان علي ناڪئي جو داستان بابت لکيل مواد جي فوٽو ڪاپي، مون وٽ موجود آهي، جيڪو 1990ع ۾ هڪ ڪچهري دوران احمد ناڪئي ابراهيم حيدريءَ واري مون کي ڏنو هو.

- مضمون لاءِ نذير احمد ڪاڪا، فشرير واري، يونس خاصخيلي ريڙهي مياڻ واري کان بہ معلومات حاصل ڪئي ويئي آهي.

***

انگريزن هٿان قاهي ڪائيندڙ
سنڌ جو پهريون انقلابي

# مير چاڪر خان ڪلمتي

| | |
|---|---|
| جنم: | شهادت: 1839ع |

"**اسان** هاڻي ڪراچي ڪان اتر پار اسهنداسين. هيءَ جوءِ جابلو آهي. چوڏاري ننڍيون ٽڪريون ڏسبيون، علائقو برپٽ آهي. جتي ڏوڙ ۽ دوڦان جا رستا نڪتل آهن. جيڪي چيڪ ۽ چڙواڳ جيڏانهن آيو تيڏانهن پيا وڪڙ ڪندا آهن. هن سفر دوران اسان اخلاقي طور گمراهه

ٽيڙ لاءِ بلڪل ٻڌل آهيون. جو تـ هن بريٽ جوءِ ۾ چوڏاري چارا آهن.
جن مان ڪي ماڻهن جا گس آهن ۽ ڪن تي وري چوپائي مال جي ڪرن
جا نشان. جيڪڏهن صحيح گس نـ ونبو تـ هلي اوجهڙ ۾ پئبو. واٽون
ويهه ٽيون. پوءِ تـ پنڌ هڪ مان وڏي ٻيڻ تي پوندو. پريان ڏسو ٽڪريءَ
جي چوٽيءَ تي هڪ ڍگهو لڪڙ ڪتل آهي اهو هڪ سنڌي ماڻهوءَ جي
قبر جو نشان آهي سندس اصلوڪو نالو تـ فقير هو پر انگريز هن ڪي
"وائيلڊ فائر ڊڪ" جي نالي سان سڏيندا آهن. هن هڪ انگريز عملدار
کي قتل ڪيو هو. ڪيس ان ڏوهہ جي پاداش ۾ هن جاءِ تي ماريو ويو هو.
ان جي پرسان چراغ جانور هيڏي هوڏي پيو ڦري. هتان جا ماڻهو ڪيس
غيبي طاقت وارو انسان ڪري سمجهندا هئا. هن جي اثر ڪري
ڪجهہ ماڻهو ڏاڙيل ٿي پيا هئا." هي ٽڪرو رچرڊ برٽن جي ڪتاب
(Scinde, or The Unhappy valley 1851) مان ڪنيل آهي.
جنهن جو ترجمو عطا محمد ڀنيري "سنڌ ڏکويل ماٿري" جي نالي سان
ڪيو آهي.

ان ننڍڙي ٽُڪري مان 1843ع واري ڪراچيءَ جي هاٽوڪي
جيل ۽ گلشن اقبال واري علائقي جي ڄاڻ ملي ٿي تـ اهي مقامي ماڻهن
جي مال جا چراگاهہ هئا ۽ هتي ٽڪرين جو هڪ سلسلو هو. جيڪو
منگهي پير تائين ويندو هو. رچرڊ برٽن اهو سفر 1843ع ڌاري ڪيو
هو ۽ هِن جنهن علائقي جو ذڪر ڪيو آهي اهو هاٽوڪي جيل، گلشن
اقبال، نيشنل اسٽيڊيم ۽ ڊالميا وارو علائقو آهي. اهو علائقو ان وقت
اڪيواري/ اُڪيواڙي سڏبو هو. جيڪو ان وقت ڪراچي جي هڪ
ديهہ بـ آهي. شهر ۾ اچڻ ڪري ان جي ديهہ واري حيثيت ختم ٿي وئي
آهي. پر روينيو ريڪارڊ تي اڄ بـ هي علائقو "ديهہ اُڪيواڙي" آهي.
1913ع واري ديهہ واري نقشي ۾ اهي سيئي ڪچا رستا ۽ ٽڪريون
موجود آهن. جيل ۽ پراڻي سبزي منڊي انهيءَ ديهہ ۾ آهن. جناح جي

مزار واري ٽڪريءَ ڪانپوءِ ڪراچي جي ٻهراڙي وارو علائقو شروع ٿيندو هو. هتان کان شروع ٿيندڙ جن ڪچن رستن ۾ گسن جو ذڪر رچرڊ برٽن ڪيو آهي. اهي گس ملير، ابراهيم حيدري، منگهي پير ۾ گهاري ڏانهن ويندا هئا. ملير وارو گس اڳتي ٺٽي تائين اچ بہ وڃي ٿو.

رچرڊ برٽن جنهن چوٽي تي قبر جي نشان جو ذڪر ڪيو آهي اهو 1913ع واري سروي ڪيل نقشي ۾ ”جبل چاڪر ٿاهي“ آهي. اها ٽڪري اڄ بہ مقامي ماڻهن وٽ ”چاڪر ٿاهي“ نالي مشهور آهي. انهيءَ ٽڪري وٽان هڪ برساتي ڍورو وهي ڏکڻ پاسي ملير نئين ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. جنهن جو نالو ”چاڪر ٿاهي ڍورو“ آهي ۽ نقشي ۾ بہ ان جو اهو ئي نالو آهي. اهو ڍورو اڄ بہ موجود آهي، انهيءَ ٽڪريءَ کان وٺي ملير نئين جي ڇوڙ تائين وارو علائقو اڄ بہ فوجي علائقو آهي. اهو ڍورو ڪارساز وٽان ڏسڻ ۾ ايندو. ڊرگ روڊ (شاهراهہ فيصل) تان ايندي ڪار ساز وٽ اسٽيڊيم ڏانهن وڃڻ لاءِ جيڪو فلائي اوور ٺاهيو ويو آهي، ان لڳ اوڀر پاسي اهو ڍورو موجود آهي. جڏهن اوهان نيشنل اسٽيڊيم کان شانتي نگر ۽ ڊالميا ڏانهن ويندا تہ ساڄي هٿ تي شانتي نگر جي سامهون اها چوٽي نظر ايندي جيڪا فوج جي حوالي آهي.

انهيءَ چوٽيءَ تي رچرڊ برٽن جنهن ڪتل لڪڙي ۽ قبر جي ڳالهہ ڪئي آهي اصل ۾ هتي پٿرن جو ڍير ٺاهي جنهن ۾ اهو لڪڙو لڳايو ويو هو. چاڪر خان جي ٿاهي جي ياد ۾ مقامي ماڻهن اها ”ماهي“ ٺاهي هئي. هي اها جاءِ آهي جتي 1839ع ۾ هڪ انگريز عملدار جي قتل جي ڏوهہ ۾ مير چاڪر خان ڪلمتيءَ کي ڦاهي ڏني وئي هئي. هتي ڪا قبر نہ آهي، برٽن پٿرن جي ڍير کي قبر سمجهيو هو.

1839ع ۾ ڪراچيءَ تي قبضي ڪانپوءِ هتي انگريزن هڪ فوجي ڇانوڻي ٺاهي ۽ هتي انگريز فوج جي سپهہ سالار ڪرنل اسپلر کي ڇانوڻي جي نگران طور مقرر ڪيو هو. سيٺ نائون مل ٽن ڏينهن ۾

شڪارپور ۾ انگريز فوج سان گڏ هو. جڏهن انگريزن ڪراچي بندر تي قبضو ڪيو هو تہ هتي موجود نائون مل جي پائرن ۽ مائٽن نائون مل جي چوڻ تي انگريزن جي مدد ڪئي هئي. ڪراچي جي آس پاس رهندڙجن ۾ ڪلمتي، جوکيا، برفت، ڇٽا، گبول، هوت، ميمڻ، پنهور، خاصخيلي، جدگال، سيد، ماهيگير ۽ ٻيا قبيلا هئا. جن ۾ ڪلمتي، جوکيا ۽ برفت طاقتور قبيلا هئا. انهن قبيلن جي سردار جڏهن ڏنو تہ خود مير ڪراچي جي معاملي ۾ دلچسپي نٿا وٺن تہ اُهي سردار بہ مصلحت طور خاموش ٿي ويا هئا. پر عام ماڻهو انگريزن جي خلاف هئا. هو ڪو بہ موقعو هٿان نہ وڃائيندا هئا تنهن ڪري ان وقت ايڪڙ ٻيڪڙ عوامي مزاحمت ٿي، جنهن جو هڪ مثال مير چاڪر خان ڪلمتي ۽ سندس ساٿين جي مزاحمت بہ آهي. پر تاريخ جي دز ۾ اها اهم مزاحمت اسان جي نظرن کان اوجهل رهي آهي ۽ نہ ئي اسان شعوري طور ڪوشش ڪئي آهي تہ اهڙن بهادرن جن تاريخ ۾ پنهنجي وطن تان سر گهوري پنهنجو ۽ پنهنجي قوم جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي انهن کي بہ پنهنجي تاريخ ۾ ڪا جاءِ ڏيون.

ڪراچي ۾ ڇانوڻي ناهڻ ڪانپوءِ انگريز عملدار آس پاس جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ منگهي پير، ملير ۽ حب وارن علائقن ڏانهن تفريح ۽ شڪار جي بهاني نڪرندا هئا. هتان جا ڳوٺاڻا ۽ مالوند انهن جي هر چرپر کان واقف هئا پر ميرن ۽ سندن سردارن ڪري عام ماڻهو خاموش هو. مير چاڪر خان ڪلمتي جيڪو منگهي پير واري علائقي ۾ رهندو هو تنهن کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي. هن پنهنجن ڪجهہ ساٿين جنهن ۾ ڪلمتي، ڇٽا، جوکيا ۽ بنديڇا قبيلي جا ماڻهو هئا، گڏ ڪيا.

هڪ ڏينهن شام جو پنجين وڳي سيڪنڊ رجمينٽ جو ڪئپٽن هينڊ پنهنجي گهر واري ۽ ٻن مقامي سپاهين سان منگهي پير جي جبلن ڏانهن نڪري ويو. ستين وڳي جڏهن هو واپس نہ پهتو تہ ڪرنل

اسپلر سميت ڪئمپ جا سيئي سپاهي پريشان ٿي ويا. ڪجهه سپاهين کي منگهي پير جي جبلن ڏانهن موڪليو ويو. رستي ۾ انهن کي ڪئپٽن هينڊ سان گڏ ويندڙ مقامي سپاهي به مليا، اهي به پريشان هئا انهن ٻڌايو ته، ”ڪئپٽن اسان کي هڪ هنڌ بيهڻ جو چئي، گهورواريءَ سميت اڳتي نڪري ويو ديرتائين اهي نه پهتا. ته اسان ڪئمپ ڏانهن روانا ٿياسين. پوءِ سيني گڏجي ڪئپٽن هينڊ جي ڳولا شروع ڪئي.

لالٽينن جي روشني ۾ 9:30 منٽن تي اُهي سپاهي ڇانوڻي واپس پهتا. ڪيپٽن هينڊ جو لاش هڪ گهوڙي تي ڏسي ڪرنل اسپلر، سيٺ نائون مل سميت سڀ پريشان ٿي ويا. سپاهين ٻڌايو ته، ڪئپٽن جو لاش هڪ جابلو ڪڏ ۾ پيل هو جنهن کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي ۽ هن جي گهوڙي ۽ گهر واريءَ جو ڪو پتو پئجي نه سگهيو.“ رات جو ڏهين وڳي ڪراچي ڇانوڻيءَ ۾ هڪ اهم ميٽنگ گهرائي ويئي. ڪرنل اسپلر، سيٺ نائون مل ۽ ٻين اهم عملدارن شرڪت ڪئي. اها پوري رات ڏپ ۾ گذري ويئي. ٻئي ڏينهن صبح جو سيٺ نائون مل آس پاس جي قبيلن جي سردارن ڏانهن پنهنجا ماڻهو موڪليا. انهن سان رابطو ڪيو ويو. پيرين (پڳهين) کي گهرايو ويو. پيرن جي نشانن جي ڳولا ۾ اها خبر پئي ته هن واردات ۾ 10 کن ماڻهو شريڪ هئا.

اها ڳالهه پوري ڪراچيءَ ۽ آس پاس ۾ باهه وانگر پکڙجي ويئي ته مير چاڪر خان ڪلمتي پنهنجن ساٿين سميت ڪئپٽن هينڊ کي قتل ڪري سندس گهر واريءَ کي يرغمال بنايو آهي. مير چاڪر خان جو ڪٽنب بلاول شاهه نورانيءَ جو خليفو هو. انهيءَ نسبت سان مير چاڪر خان به بلاول شاهه نوراني جي خليفي جي ڪٽنب مان هو. تنهن ڪري انهن کي ”فقير“ به چيو ويچي ٿو. بلاول شاهه نوراني جا اڄ به خليفا ڪلمتي آهن ۽ اهي مير چاڪر خان جي اولاد مان آهن.

پيرين (پيرا واڏن) هي خبرون چانوٽيءَ ۾ پهچايون ته "اهي ماڻهو حب اُڪري لس ڏانهن نڪري ويا آهن." پوري انگريز انتظاميا ۾ ترٿلو مچي ويو. سيني سپاهين ۽ انهن جي ٻارن ٻچن کي چانوٽي مان ٻنا ڪنهن اجازت جي نڪرڻ جي پابندي لڳائي وئي. رستن جي ناڪابندي ڪئي وئي. شهر کان ٻاهر وينڌڙ سمورن رستن، گسن ۽ لڪن جي نگراني سخت ڪئي ويئي.

ڪرنل اسپلر، ڪرنل پاٽنجر جي نائب ليفٽيننٽ ليڪي کي خط لکيو جنهن ۾ اهو لکيو ويو ته "ميرن کان سختي سان اها گهر ڪئي وڃي ته فوري طور تي مير چاڪر خان کي انگريزن جي حوالي ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ڪراچي جي آس پاس قبيلن ۽ لس (لسٻيلو) تي حملو ڪيو ويندو." سنڌ تي ميرن جي حڪومت هوندي به هو ٻي وس هئا. انگريز سيني معاهدن کي پاسيرو رکي ڪراچي تي قبضو ڪري هتي پنهنجي فوجي چانوٽي ٺاهڻ ڪانسواءِ پوري سنڌ لتاڙي ڇڏي، جهرڪ، حيدرآباد، سيوهڻ ۽ شڪارپور کان ٿيندا افغانستان تي حملي لاءِ روانا ٿي چڪا هئا.

شڪ جي بنياد تي ڪراچي جي پسگردائيءَ ۾ ڪلمتين، جوکين، برفتن، بنديچن، ڇتن ۽ ٻين قبيلن جي 50 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. ٻئي پاسي چاڪر خان لسٻيلي جي ڄام کي ڪجهه ٻڌائڻ ڪانسواءِ خان آف قلات وٽ پهتو. جنهن کي سربستو احوال ٻڌائي، هيند جي گهرواريءَ کي "سام" طور قلات جي خان جي حوالي ڪري، پاڻ حب ڏانهن هليو آيو. حيدرآباد جا مير، لسٻيلي جو ڄام ۽ قلات جو خان انگريزن جي طاقت ۽ اثر رسوخ کان ڏنل هئا. چاڪاڻ ته انگريز ميرن جي وسيلي لسٻيلي جي ڄام ۽ قلات جي خان کي اهو پيغام موڪليو ته "جيڪڏهن مير چاڪر خان کي انگريزن جي حوالي نه ڪيو ويو ته قلات ۽ لس تي حملو ڪيو ويندو "ٻئي پاسي ان وقت جي

ڪلمتين جي سردار ملڪ ابراهيم (وفات 1845)، جوڪين جي سردار ڄام مهر علي جوکئي ۽ برفتن جي سردار ملڪ احمد خان سان بہ رابطو ڪيو ويو. ملڪ ابراهيم ڪلمتي، خان آف قلات سان رابطو ڪيو تہ "انگريزن اهو واعدو ڪيو آهي تہ جيڪڏهن چاڪر خان گرفتاري ڏني تہ هو چاڪر خان کي نہ ماريندا ۽ جيئدان ڏيندا." خان آف قلات جي وچ ۾ پوڻ تي چاڪر خان هيٺئين جي گهرواريءَ کي عزت سان واپس ڪراچي موڪلي، انگريزن جي حوالي ڪرڻ جو چيو ۽ اهو جواب بہ موڪليائين تہ "جيستائين انگريز ڪراچي خالي نہ ڪندا هو ۽ سندس ساٿي پيش نہ پوندا ۽ انگريزن تي وڏيڪ حملا ڪندا."

نائون مل، شاهہ نورانيءَ جي علائقي ۾ رهندڙ ڇُٽتي قبيلي جي سردار "صاحب خان" کي ڪراچي گهرائي ورتو. هن کي مير چاڪر خان خلاف مدد لاءِ چيو ويو، ڇانوڻيءَ ۾ سردار "صاحب خان" جي خدمت ڪئي ويئي. ڪراچي جي آس پاس جاگير ڏيڻ تي صاحب خان، نائون مل سان ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو. ٻئي پاسي خان آف قلات پنهنجا جاسوس چاڪر خان جي پويان لڳائي ڇڏيا. (1)

ائين چاڪر خان پنهنجن ۽ پراون جي وچ ۾ ڦاسي پيو ۽ پنجن مهينن کانپوءِ جاسوسن چاڪر خان جو حب جي پار ڇيڇڙي واري علائقي ۾ موجود هجڻ جو اطلاع ڏنو. چاڪر خان ۽ سندس ساٿين جا ٺاڪ ڪانوڙ ڪراچيءَ ۾ گوربان جبلن ۾ نهيل غار ۽ ڪار گڏاپ ۾ منگٿر جبل جا غار هئا. (منگٿر جبل هاڻوڪي پي پي پي حڪومت آرمي جي حوالي ڪيو آهي.) گهيرو تنگ ڪيو ويو تہ چاڪر خان پنهنجي ساٿين کي نڪرڻ لاءِ چئي پاڻ مقابلي لاءِ تيار ٿيو تہ خان آف قلات ۽ ٻين سردارن جا ماڻهو ڳالهين لاءِ وچ ۾ ڪاهي پيا ۽ ائين ڳالهين ۾ منجهائي هن بهادر کي گرفتار ڪري سخت حفاظت ۾ ڪراچي جي فوجي ڇانوڻيءَ ۾ آندو ويو. اڪين تي پٽي ٻڌي

هن کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو ويو.

فوجي عدالت ۾ مٿس ڪيس هلايو ويو. فوجي عدالت ڪرنل اسپلر، ميجر ڊونوهي ۽ سيٺ نائون مل تي ٻڌل هئي. ياد رهي تہ ان وقت ڪراچي ٽالپرن جي عملداري هيٺ هئي ۽ ميرن جو پنهنجو عدالتي نظام هو. انگريزن جي هٿي فقط فوجي ڇانوڻي هئي، پر پوءِ بہ مير چاڪر خان کي ٽالپرن جي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي بجاءِ هڪ فوجي عدالت جوڙي مٿس ڪيس هلايو ويو. اها سنڌ ۾ جُڙندڙ پهرين فوجي عدالت هئي. انهيءَ فوجي عدالت جو ذڪر ۽ ڪئپٽن هينڊ جي قتل جو ذڪر سيٺ نائون مل پنهنجي ڪتاب: "يادگيريون" ۾ بہ ڪيو آهي. نائون مل ان واقعي ۾ ڪٿي بہ ڪئپٽن هينڊ جي گهرواريءَ جي يرغمال بنائڻ ۽ ڪٽي وجهڻ جو ذڪر نہ ڪيو آهي. (2)

جنرل هينڊ جي گهرواريءَ کان بيان ورتو ويو. جنهن ٻڌايو تہ "ڪجهہ وقت چاڪر خان جي دوستن جي پناهہ ۾ ۽ ڪجهہ وقت خان آف قلات جي پناهہ ۾ رهيس، پر هن غيرتمند بهادر ڪڏهن بہ مون ڏانهن بري اک سان نہ نهاريو ۽ نہ ئي مون کي هٿ لاتو ۽ حفاظت سان سلامت پهتي آهيان." فوجي عدالت ۾ هر طرح مير چاڪر کان سندس ساٿين، قبيلن جي سردارن بابت پڇيو ويو. پر هن بار بار اهو جواب ٿي ڏنو تہ "اهو منهنجي اڪيلي جو مشن هو ۽ مون ڪراچي کي انگريزن کان خالي ڪرائڻ لاءِ ڪئپٽن هينڊ کي قتل ڪيو ۽ ٻيا جيڪي بہ حملا ڪيا آهن اهي سڀ انهيءَ سلسلي ۾ ڪيا ويا آهن."

ٻئي پاسي هتان جي قبيلن جي سردارن خان آف قلات ۽ ٽالپرن تي دٻاءُ وڌو تہ قول مطابق چاڪر خان کي آزاد ڪيو وڃي، پر انگريزن پاران اهو جواب مليو تہ "مير چاڪر خان پاڻ پيش نہ ٿيو آهي هن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري هن کي آزاد نہ ڪيو ويندو. جيڪڏهن هن کي آزاد ڪيو ويو تہ ٻين مزاحمت ڪندڙن جو حوصلو

وڏي ويندو ۽ اهي دليريءَ سان ڇاپا مار ڪارروايون جاري رکندا.“

انگريزن جي فوجي عدالت مير چاڪر خان ڪلمتيءَ کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي. هن کان آخري خواهش پڇي وئي تہ هن چيو: ”مونکي ڪراچي جي ڪنهن اوچي ٽڪري تي ڦاهي ڏني وڃي ڇو جو مرڻ کان اڳ آئون پنهنجي ڌرتي جا وڻ، ٽڻ، مارو ماڻهو جبل ۽ وسنديون ڏسڻ ٿو چاهيان.“ انگريزن سندس آخري خواهش جي پوري ڪرڻ لاءِ اُڪيواڙيءَ جي انهيءَ ٽڪري تي ملير ۽ لٽي جي گس ويجهو جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان تي رستو ناهي، ٽڪري تي ڦاهي گهاٽ تيار ڪيو. ڦاهي واري ڏينهن ڇانوڻي کان وٺي ٽڪري تائين مير چاڪر خان ڪلمتيءَ کي سخت پهري ۾ آندو ويو. ڪراچي ڏانهن ايندڙ سڀ ئي رستا بند ڪيا ويا. ڦاهي واري جاءِ تي پهچڻ تي مير چاڪر خان جي اکين تي ٻڌل پٽي کولي وئي، چاڪر خان هيٺائين کان وٺي ٽڪريءَ جي چوٽي تائين ٺهيل پيچري جي هر وک تي رکيل پٿرن کي چميون ڏيندو مٿي چڙهيو. ڦاهيءَ واري هنڌ هر پاسي نظر ڦيرائي ڌرتيءَ کي سيس نوائي ڦاهي لاءِ تيار ٿيو. منهن تي ڪارو ڪپڙو پارائڻ لاءِ جڏهن هڪ انگريز عملدار وڌيو تہ هن کي چاڪر خان منع ڪئي. هتراڏو ٺهيل ڦاهي گهاٽ جو ڦندو پاڻ ڪنڌ ۾ وجهي پاڻ ئي جلاد کي پنهنجي پيرن هيٺان رکيل تختو هٽائڻ لاءِ چيو.

ڦاهي کانپوءِ چاڪر خان جي لاش کي منگهي پير جي خليفي جي حوالي ڪيو ويو. چاڪر خان کي منگهي پير جي خليفي غسل ڏنو جنهن کانپوءِ هن کي کهڙي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. هن جو حوالو نہ ملي سگهيو. جڏهن اسماعيل بلوچ ۽ علي اڪبر ڪاڇيلي سان گڏ منگهي پير واري قبرستان ۾ چاڪر خان جي قبر ڳولڻ لاءِ ويا هئاسين تہ اتي علي اڪبر ڪاڇيلي جي مدد سان شاهہ نوراني جي هاڻوڪي خليفي جي خاندان مان نواز علي ڪلمتي ۽ منگهي پير جي خليفي

مير محمد برفت سان ڪچهري ٿي. انهيءَ ڪچهريءَ چاڪر جي قبر جي ڳولا واري منهنجي سفر جو انت آندو. نوازعلي ٻڌايو ته ”ڦاهي ڪانپوءِ منگهي پير جي خليفي جڏهن شهيد ڪي غسل ڏنو ۽ پوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته. چاڪر خان کي منگهي پير واري قبرستان بجاءِ سندس اباڻي قبرستان شاهه نوراني ۾ دفن ڪيو وڃي. تنهنڪري چاڪر خان کي شاهه نوراني جي درگاهه لڳ دفن ڪيو ويو. هتي سندس قبر موجود آهي. پاسي ۾ سندس پاءُ صادق علي جيڪو ”فقير صدقي“ طور مشهور هو جي قبر آهي ٻئي پاسي منهنجي والد (نوازعلي جي والد) خان محمد جي قبر آهي.“

خان محمد نوراني جو خليفو هو. چاڪر جو ڀاءُ ”صدقي“ پهتل بزرگ هو. چون ٿا ته. جڏهن مير چاڪر خان کي انگريزن گرفتار ڪيو ته ”صدقي“ تي ڏينهن، ٻنا ڪجهه کائڻ پيئڻ جي نوراني جي درگاهه تي سوالي ٿي ويو هيو ته. نوراني سرڪار ”صدقي“ کي مير چاڪر خان جي شهيد ٿيڻ جي بشارت ڏني هئي، تنهن کانپوءِ ”صدقي“ جي زبان بند ٿي ويئي ۽ هو ڳالهائڻ جهڙو نه رهيو.

مير چاڪر خان جو تعلق ڪلمتين جي ”رجيري“ شاخ سان آهي. شاهه نوراني کانسواءِ ”رجيرا“ ڪراچي، ٺٽي، بدين، حيدرآباد، ڄامشوري، لس ۽ حب ۾ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا.

حمزي خان ٻاهوٽ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ ڪلمتي بلوچ“ ۾ چاڪر خان کي ڪلمتين جي پئُون واري شاخ مان ڄاڻايو آهي ۽ شجرو به ڏنو ويو آهي، حمزي خان جي اها ڳالهه درست نه آهي ۽ ڏنل شجرو ”رجيرن“ جو نه، پر ”پئُون“ واري شاخ جو آهي.(3) چاڪر خان رجيرو ڪلمتي هو. جنهن جي خاندان وارا اڄ به شاهه نوراني جا خليفا آهن. سيٺ نائون مل به پنهنجي ڪتاب ۾ مير چاڪر خان کي نورانيءَ جو خليفو لکيو آهي ۽ مير چاڪر خان جي قبر به هتي آهي.

جنهن ٽڪري تي چاڪر خان کي ڦاهي ڏني ويئي ان ٽڪري کي اڄ بہ چاڪر ڦاهي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. اڳ اها ٽڪري انگريز فوجين جي حوالي هئي ۽ هاڻي پاڪستاني فوج جي حوالي آهي. ٺيڪ تہ ائين گهرجي تہ هن ٽڪري کي مير چاڪر خان جي يادگار طور محفوظ ڪيو وڃي ۽ يادگار جوڙايو وڃي ۽ چاڪر خان شهيد جي قبر کي پڪو ڪري ان جو ڏينهن ملهائڻ گهرجي. مير چاڪر خان کي ڏنل ڦاهي انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ ۽ قبضي ڪانپوءِ پهرئين "ڦاهي" آهي.

ڪجهہ ڪتابن ۾ جنهن ۾ نائون مل جي "يادگيريون" ۽ ٻيا شامل آهن، انهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ، "مير چاڪر خان کي انهيءَ جاءِ تي ڦاهي ڏني وئي جتي هن ڪئپٽن هينڊ کي قتل ڪيو هو." ڪئپٽن کي چاڪر خان منگهي پير جي جابلو سلسلي ۾ هڪ هنڌ قتل ڪيو. اهو جابلو سلسلو بہ منگهي پير جي جابلو سلسلي ۾ آهي ۽ هن کي ڦاهي هاڻوڪي نيشنل اسٽيڊيم لڳ ڏني وئي هئي. اهو پهاڙي سلسلو منگهي پير جي جابلو سلسلي جي نالي مشهور آهي.

ڪجهہ ڪتابن ۾ ڪئپٽن هينڊ جي قبر بندر روڊ تي واقع عيسائي قبرستان ۾ ڄاڻائي وئي آهي. هي سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ پهريون عيسائي قبرستان آهي. ان ۾ شروع ۾ انهن انگريز فوجين کي دفن ڪيو ويو جيڪي ڪراچي جي سخت موسم جي ڪري فوت ٿيا هئا. عيسائين جو اهو قبرستان بندر روڊ تي ٿياسافيڪل هال کان پوءِ بندر ڏانهن ويندي، ساڄي هٿ تي موليڏنو مسافر خاني کان پهرئين اقبال سينٽر جي پوئين پاسي آهي، جنهن جي پاسي مير محمد بلوچ پارڪ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مون جڏهن برٽش لائبريريءَ apac_ enquires سان ميل (mail) تي رابطو ڪري ڪيپٽن هينڊ ۽ چاڪر خان جي قبر بابت سوال ڪيو تہ، انهن جيڪو جواب موڪليو

تنهن ۾ انهن هينڊ متعلق ٻڌايو ته، ”هن جي قبر افغانستان ميموريل چرچ، ڪولابا ممبئي ۾ آهي. جيڪو ٽن سليبن تي آهي.“

ڪيپٽن هينڊ جي رجمنٽ جا گهڻا سپاهي هتي ئي دفن آهن. انهيءَ جواب مطابق هينڊ جو پورو نالو ”اليگزينڊر هينڊ“ آهي. هي 1821ع ۾ سروس ۾ داخل ٿيو. 1835ع ۾ ڪيپٽن ٿيو. هن جي سروس جي فائيل جو نمبر L/MIL/9/141/49_53 ۽ L/MII/12/69/15 آهن ۽ مرڻ واري فائيل جو نمبر N/3/14/110 آهي، جنهن مطابق قتل وقت ان جي عمر 38 سال هئي ۽ هن کي 22 مارچ 1839ع ۾ قتل ڪيو ويو هو. هن 8 نومبر 1827ع ۾ ممبئيءَ ۾ ماٽلڊا ويسٽن Matilda Watson سان شادي ڪئي هئي هن جي مارجڻ واري فائيل ۾ ٽالپرن جو به ذڪر آهي. جنهن جو نمبر E/4/767 صفحي 54_51 تائين آهي، پر هن رڪارڊ ۾ مارڻ واري جو نالو ۽ پتو درج نه آهي. (4)

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


1. نائونمل هوتچند سيٺ، ”يادگيريون“ سنڌيڪار: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، ڇاپو ٽيون، 1996ع.
2. ساڳيو حوالو
3. باهوٽ حمزو خان ڪلمتي، ”تاريخ ڪلمتي“ آل سنڌ ڪلمتي بلوچ ويلفيئر آرگنائيزيشن، ميرپور ساڪرو 2005ع
4. BL, Question– Answer (Question No_3 7175825) Asian and African Studies.


• چاڪر خان ڪلمتيءَ جو جيڪو اسڪيچ ڪتاب ۾ فوٽو البم ۾ ڏنل آهي اهو اسڪيچ عابد مراد بلوچ صديق ڳوٺ ملير واري جو ٺاهيل آهي.

❊❊❊

## 1857ع واري آزاديءَ جي جنگ ۾
## ڪراچيءَ ۾ بغاوت ڪندڙن جا سرواڻ

# رام دين پانڊي ۽ سورج بالي تيوري

| جنم: | شهادت: سيپٽمبر 1857ع |
|---|---|

**ڇنڇر** 13 سيپٽمبر 1857ع، رات جو ساڍي ڏهين وڳي هڪ مقامي فوجي صوبيدار ۽ جمعدار رات جو گهگهه اونده ۾ پنهنجين بيرڪن مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن اک رکندا احتياط سان ڪمانڊنگ آفيسر جي بنگلي تي پهچن ٿا. صوبيدار ڪمانڊنگ

آفيسر جي بنگلي تي بيٺل گارڊ کي چوي ٿو تہ،" مون کي آفيسر سان ملاقات ڪرڻي آهي". گارڊ جواب ڏيس ٿو تہ،"صاحب ننڊ ۾ آهي، ڪيس اٿارڻ مناسب نہ ٿيندو." پر صوبيدار ضد تي قائم رهندي چوي ٿو تہ،"مونکي صاحب سان هر حال ۾ ملڻو آهي." مجبور ٿي گارڊ، نوڪر کي اندر صاحب کي اطلاع ڏيڻ لاءِ چوي ٿو. ڪمانڊنگ آفيسر کيس چوائي موڪلي ٿو. "هن کي چئو تہ صبح جو اچي." اها ڳالهہ ٻڌي صوبيدار ملڻ لاءِ وڌيڪ زور ڀري ٿو ۽ چوي ٿو تہ، وقت گذري ويو تہ وڏو نقصان ٿيندو." تنهن تي ڪمانڊنگ آفيسر ڊريسنگ گائون سان ٻاهر اچي ٿو تہ، ڏسان ماجرا ڪهڙي آهي.

صوبيدار سلوٽ هڻي کيس چوي ٿو تہ، "اوهان سان اڪيلائي ۾ ڪجهہ ڳالهائڻو آهي." صاحب، گارڊ ۽ نوڪر کي پري وڃڻ جو اشارو ڪري ٿو. تڏهن صوبيدار عاجزيءَ سان پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪري ٿو"سر اوهان ڪيترائي ڀيرا مون تي مهرباني ڪئي آهي. اڄ انهن احسانن لاهڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ آئون اهو ٻڌائڻ آيو آهيان تہ 21 هين بمبئي نيٽو انفنسٽري رجمينٽ رات جو ٻين وڳي بغاوت ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي، ڇانوڻيءَ جو نقشو وٽن موجود آهي، ماڻهن جون جايون مقرر ڪيون ويون آهن. جيڪي هڪ هڪ يورپي کي قتل ڪندا، بنگلا ڦريندا ۽ پوءِ هتان دهلي طرف روانا ٿيندا ۽ هڪ سپاهي کي شهر ڏانهن موڪليو ويو آهي تہ جيئن مقامي شهرين کان مدد حاصل ڪري سگهجي ۽ هڪ سپاهي کي 14 هين نيٽو انفنسٽري رجمينٽ کان مدد حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ موڪليو ويو آهي. جيڪي هن بغاوت ۾ ساڻن شامل نہ آهن." هن وڌيڪ ٻڌايو تہ، "بغاوت ڪندڙن جا سرواڻ حوالدار رام دين پانڊي ۽ حوالدار سورج بالي تيوري آهن. حوالدار رام دين پانڊي هنن وٽ آيو ۽ اهو ٻڌايائين تہ ڪيپٽن ان ڳالهہ جا منتظر هوندؤ جو انگريز توهان کي توپن سان اڏائين ۽ اوهان

جي ڏرتي تي قابض ٿي رهن، جيئن پوري هندستان ۾ ٿي رهيو آهي. "هن کين وڏيڪ ٻڌايو تہ" اڄ رات جو بين وڳي پوري رجمينٽ بغاوت ڪندي" صوبيدار وڏيڪ چيو تہ "ان ڳالهہ جي تصديق حوالدار سورج بالي تيوري بہ ڪئي، جيڪو بہ رام دين پانڊي جو ساٿاري آهي."

ڪمانڊنگ آفيسر سان ملاقات ڪندڙ صوبيدار جو نالو "رام بني" ۽ جمعدار جو نالو "لڪشمڻ گداري" هو. 11 وڳي 25 منٽ ٿي چڪا هئا. ڪمانڊنگ آفيسر ميجر ميڪ گريگر (Macgrigor) جي اکين مان ننڊ اڏامي وئي. هن يونيفارم پائي، برگيڊيئر لائوٽ سان رابطو ڪيو. جنهن هڪ گهوڙيسوار باب جانسن کي ڪلفٽن ڏانهن سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر ڏانهن موڪليو. چاڪاڻ تہ شام جو ئي ڪمشنر بارٽل فريئر، جان آرٿر ۽ ڪيپٽن گولڊ سمٿ آچر گذارڻ لاءِ ڇانوڻي کان پنج ميل پري ڪلفٽن ۾ پنهنجن پنهنجن بنگلن ۾ ويل هئا. ڇانوڻيءَ جو فوجي انتظام برگيڊيئر لائوٽ ۽ ڪمانڊنگ آفيسر ميجر ميڪگريگر جي حوالي هو.

ڇانوڻي، ڪراچي ڪينٽونمينٽ جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي. جيڪا شهر جي اوڀر ۾ ٿوري پنڌ تي هڪ وسيع علائقي ۾ قائم هئي. فريئر اسٽريٽ تي فوجي آفيسرن جا بنگلا هئا جيڪي ملٽري بيرڪن جي اڳيان پهرين قطار ۾ هئا. انهن جي پويان رجمينٽ جا تنبو ۽ ڪوارٽر اتر پاسي هئا. جتي هينئر ايمپريس مارڪيٽ آهي، اتي هڪ وڏو خالي ميدان هو. جنهن سان لڳ پوسٽ آفيس ۽ ان جي سامهون ڏکڻ پاسي صدر بازار هئي. وڪٽوريا روڊ (هاڻوڪي عبدالله هارون روڊ) پيراڊائز مارڪيٽ (پراڻو پيراڊائيز سينيما) کان وٺي برنس گارڊن تائين هڪ فوجي قلعو هو جتي برطانوي توپ خانو ۽ بيو اسلحو رکيو ويندو هو. 1857ع ۾ بہ اهو پورو فوجي علائقو هو. برگيڊيئر لائوٽ

۽ ميجر ميڪگريگر يورپين رجمينٽ جي ٻنهي ڪمپنين ڪي بنا ڪنهن بگل ۽ ڊرم وڄائڻ جي هڪدم هٿيار بند ٽيڙ جو حڪم ڏنو ۽ اهڙو ئي حڪم چوڏهين نيٽو رجمينٽ ڏانهن پڻ موڪليو ويو. جنهن لاءِ صوبيدار چيو هو تہ اهي 21 هين رجمينٽ جي سازش ۾ شريڪ نہ آهن. انهن سپني کي حڪم ڏنو ويو تہ "هو 21 هين رجمينٽ جي بيرڪن سامهون مختلف جاين تي پوزيشن سنڀالين." ڇانوڻيءَ ۾ ڪرفيو لڳايو ويو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ بمبئي نيٽو انفنسٽري جا 13، 16، 14 ۽ 21 هين رجمينٽ، سيڪنڊ يورپين انفنسٽري، فرسٽ بمبئي فيوزيلرز ٿرڊ ٽروپ هارس آرٽلري جي چوٿين بٽالين جون ٻہ ڪمپنيون ۽ سيڪنڊ سنڌ اريگولر هارس ۽ ڇهين بنگال اريگولر ڪيوارلي تعينات هيون.

ٻئي پاسي هلڪي توپ خاني جي ڪمانڊنگ آفيسر اسٽائلز سپ ڪان پهرئين سرڪاري خزاني جي حفاظت لاءِ وڌيڪ سپاهي مقرر ڪيا، ۽ انهن علائقن جي حفاظت لاءِ جتي انگريزن کي پناهہ وٺڻي هئي اتي فوج جي تعداد کي وڌايو.

رات جي اونداهہ ۾ ڏهين ۽ چوڏهين انفنسٽري جو آفيسر ڪيپٽن ليٽ پنهنجيون ڪمپنيون ساڻ ڪري اچي پهتو. ميجر بليڪ پنهنجي گهوڙي سوار آرٽلري کي ٻہ وٺي اچي پريڊگرائونڊ کي گهيري ۾ ورتو سپني پنهنجيون پنهنجيون پوزيشنون سنڀاليون، جيڪي فائر ڪرڻ جي اشاري جا منتظر هئا. انهن ۾ ڇهن پونڊن جا گولا فائر ڪرڻ واريون ٻہ توپون هيون. اهو سڄو ڪم ڏاڍي ڦڙتي ۽ رازداريءَ سان پورو ڪيو ويو. 21 هين رجمينٽ ۾ جيڪي نوجوان ديسي پيادا هئا. تن مان گهڻائي جو لاڳاپو اوڌ، لکنو دهلي ۽ بنگال سان هو. بغاوت جي اڳواٽي رام دين پانڊي ۽ سورج بالي تيوري ڪري رهيا هئا. انهن ڇانوڻيءَ ۾ فوجين جي غير معمولي چرپر کي ڏسڻ کان پوءِ اها صلاح ڪئي تہ

”باغين جو سرواڻ رام دين پانڊي ۽ 21 ٻيا سپاهي هتان وڃن ۽ سورج بالي تيوري ۽ ٻيا هتي رهي صورتحال جو جائزو وٺن.“ پوءِ بغاوت ۾ حصو وٺندڙ 21 سپاهي حوالدار رام دين پانڊي جي اڳواڻي ۾ نڪري ويا. خبر ملڻ شرط ڪمشنر بارٽل فريئر، ميجر گولڊ اسمٿ ۽ جان آرٿر سان هڪ بگيءَ ۾ ڪلفٽن ڪان ڪراچيءَ جي ڪچن رستن تان ڊوڙ اڏائيندو پنهنجي سرڪاري بنگلي تي اچي پهتو. يورپي عورتن ۽ ٻارن جي حفاظت ليڊي ميري ويدر جي ذمي هئي. جيڪا ميجر وليم ميري ويدر جي گهر واري هئي (ڪاري در لڳ بندر روڊ تي ٺهيل ٽاور انهيءَ ميري ويدر جي نالي سان ٺهيل آهي جيڪو 1868ع کان 1877ع تائين سنڌ جو ڪمشنر پڻ رهيو) هن کي هدايت ڏني وئي تہ . ”جيڪڏهن جان جو خطرو محسوس ٿئي تہ هو سمنڊ ۾ لنگر انداز ٿيل ٻيڙيءَ وسيلي منهوڙي جي ٻيٽ ۾ وڃي پناھ وٺن.“ اها ٻيڙي ان مقصد لاءِ هر وقت تيار بيٺل هوندي هئي.

برگيڊيئر لائوٽ فوج جي ڪمانڊ ڪندي ايڪويهين رجمينٽ جي سپاهين کي ٻاهر اچڻ جو حڪم ڏنو. جن حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو. يورپي آفيسرن سورج بالي تيوري ۽ سپاهين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. برگيڊيئر ڪيسي مان گهڙي ڪڍي خبردار ڪري ٿو تہ ”ڏهن تائين انگ ڳڻڻ کان پهرئين حاضر نہ ٿيڻ جي صورت ۾ حملو ڪيو ويندو.“

توبون تيار ٿين ٿيون. سپاهين پنهنجيون پنهنجيون پوزيشنون سنڀالي ورتيون. ڪڙڪي دار آواز سان فضا ۾ ”ون“ جو آواز ايري ٿو. انهيءَ آواز تي ٻاسي ۾ وٺن تي ويٺل پکي فضا ۾ اڏامي وڃن ٿا.

1857ع جي جنگ جي شروعات اتر هندستان جي شهر ميرٺ مان ٿي ۽ پوري هندستان ۾ پکڙجي وئي، ان وقت سنڌ بہ ان هلچل ۾ پٺتي نہ رهي. اڳ ۾ بيان ڪيل ڪراچيءَ واري بغاوت کان اڳ

حيدرآباد ۾ بغاوت جا واقعا ٿيا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ڪانپوءِ شڪارپور، جيڪب آباد، سکر ۽ ميرپور خاص ۾ بغاوت کي ڪچليو ويو. انگريز فوج جي سخت ڊپ ۽ دهشت واري ماحول ۾ جتي مير، پير، وڏيرا پنهنجيون جاگيرن واپس وٺڻ ۽ وڏيڪ جاگيرون کي حاصل ڪرڻ لاءِ انگريز سرڪار جي حاضري ڀرڻ ۾ پورا هئا. جن جي 1857ع واري آزاديءَ جي جنگ ۾ سندن سهڪار جي عيوض ۾ جاگيرون واپس ڪيون ويون. ميجر گولڊ اسمٿ 1858ع ۾ جاگيرن بابت جيڪا رپورٽ تيار ڪئي هئي، ان مطابق رڳو هڪ شخص امام بخش جتوئيءَ کي انگريز سرڪار سان ناراضگي ڪري جاگير کان محروم ڪيو ويو.

آزاديءَ جي جنگ جي شروعات ڪراچي بندر گاهه تي "ايشيا" نالي جهاز جي لنگر انداز ٿيڻ ڪري ٿي. جهاز جي ڪپتان بغاوت ڪندڙن جي اڳواڻ کي گولي هڻي شهيد ڪيو ۽ باقي عملي ڪم کان انڪار ڪيو. جهاز بندر تي لنگر انداز ٿيڻ شرط سيني کي گرفتار ڪيو ويو ان واقعيءَ تي مقامي سپاهين سخت احتجاج ڪيو ۽ جنهن سان سڄي سنڌ ۾ مقامي سپاهين ۽ عام ماڻهن ۾ ڪاوڙ جي لهر پيدا ٿي. جنهن ڪاوڙ بغاوت کي جنم ڏنو. 21 هين رجمينٽ جي سپاهين جي بغاوت به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي. جنهن جو ذمو حوالدار رام دين پانڊي ۽ سورج بالي تيوري کنيو هو.

ان کان ڪجهه مهينا اڳ 29 جون 1857ع ۾ يورپي ماڻهو جيڪي ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. تن جي سنڌ جي اعليٰ حڪام سان هڪ ميٽنگ ٿي هئي. تاج برطانيه سان هندستاني فوجين جي بغاوت واري خبر جيئن ڪراچي پهتي ته ڪراچيءَ ۾ موجود يورپي ماڻهو سخت مونجهاري جو شڪار ٿي پيا هئا ۽ چاڪاڻ جو ڪين پنهنجي سلامتي جو فڪر ٿي پيو هو. سنڌ جو ڪمشنر بارٽل فريئر به ان

ميٽنگ ۾ موجود هو. يورپي ماڻهن جي حفاظت لاءِ ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا ويا. يورپين جي امداد لاءِ فنڊ جمع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ميٽنگ ۾ هڪ ٺهراءُ وسيلي ننڍي ڪنڊ ۾ آزاديءَ جي جنگ ۾ متاثر ٿيندڙ يورپي ماڻهن ۽ انهن جي ڪٽنبن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو. ميٽنگ جي پڄاڻيءَ تي ان ۾ شريڪ يورپي اٿجاتل وسوسا کڻي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽيا.

پهرين جولائي 1857ع تي سنڌ جي ڪمشنر هڪ حڪم وسيلي سنڌ ۾ هر قسم جي هٿيار کڻي هلڻ، بارود، گنڌرف ۽ قلمي شوري جي وڻڻ ۽ وڪڻڻ تي پابندي وجهي ڇڏي اخبارن تي سنسرشپ لاڳو ڪيو ويو. روزاني سنڌ قاصد "Sind Kossid" پنهنجي 7 جولائي 1857ع واري شماري ۾ سنسرشپ خلاف سخت ايڊيٽوريل لکيو. جنهن انگريز سرڪار کي ناراض ڪري وڌو.

هرپاسي خاموشي هئي "فور" جي آواز جيئن فضا جي خاموشيءَ کي چيريو ته 21 هين رجمينٽ جا سپاهي مجبور ٿي ٻاهر نڪتا ۽ پريڊ گرائونڊ ۾ قطار ٺاهي بيهي رهيا. کين هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ جهٽ ۾ سيڪنڊ رجمينٽ جي يورپين سپاهين انهن تي قبضو ڪري ورتو پوءِ باغين کي ريٽائر ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو. هٿيارن جي جاچ دوران اها ڳالهه سامهون آئي ته 13 سپاهين جا هٿيار لوڊ هئا. انهن کي يڪدم گرفتار ڪيو ويو جن جو انگ 22 هو. انهن کان ڦريل هٿيار گاڏين ۾ پري اسلحا خاني ڏانهن موڪليا ويا. حاضري پرڻ تي خبر پئي ته حوالدار رام دين پانڊي سميت 22 سپاهي غير حاضر هئا. انهيءَ دوران سربارٽل فريئر، گولڊ اسمٿ ۽ جنرل آرٿر هتي پهچن ٿا. گولڊ اسمٿ سپاهين سامهون تقرير ڪئي. جنهن ۾ تاج برطانيه سان وفادار رهڻ جي تلقين ڪري سيني کي پنهنجي بيرڪن ۾ وڃڻ جو حڪم ڏنو. حوالدار سورج بال تيوريءَ کي به گرفتار ڪيو

ويو. حوالدار رام دين پانڊي ۽ 21 ٻين سپاهين جي ڳولا شروع ڪئي ويئي. بغاوت ۾ ڪل 44 سپاهين حصو ورتو. پوليس ڪپتان ميجر مارسٽن، ڪراچيءَ ۾ قائم ٿاڻن ۽ شهر ٻاهران رستن تي قائم چوڪين تي سپاهين جي مهاندن بابت ضروري معلومات لاءِ اطلاع موڪلي ڏنا. 14 تاريخ تي پڳي (پيرا واڏن) جي مدد سان سپاهين جي ڳولا شروع ڪئي ويئي. ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي بہ سهڪار جي هدايت ڪئي ويئي.

مئي در واري علائقي ۾ لياري نديءَ ۾ ٽن سپاهين جي موجود هئڻ جي اطلاع تي فوج جي گهوڙي سوار سپاهين پڳين (پيرا واڏن) جي مدد سان انهن جو گهيرو ڪيو. مقابلي ۾ ٽيئي سپاهي شهيد ٿي ويا سندن لاشن کي گولين سان پروڻ ڪري، بعد ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري سمنڊ ۾ اڇلايو ويو. جيئري تہ هو پنهنجي وطن سونهار بنگال نہ وڃي سگهيا. پر سندن شايد انهن ڳريل ماس پنهنجي اباڻي وطن جي ڪناري وڃي اهو سنديس ڏنو هوندو تہ اسان پنهنجي وطن جي آزادي خاطر جانين جا نذرانا ڏيئي چڪا آهيون ۽ سندس اوسيئڙي ۾ ويٺل سانورين نارين بنگال جي هوائن ۾ انهن جي رت جي خوشبوءَ کي محسوس ڪيو هوندو ۽ انهن جي يادن کي پنهنجي نيڻن ۾ سانڍي حياتي جا باقي ڏينهن گذاري ڇڏيا هوندا.

16 سيپٽمبر تائين ٻاهر نڪتل 15 سپاهين کي مختلف هنڌن تان گرفتار ڪيو ويو. رام دين پانڊي ۽ ٽن ٻين سپاهين کي ڳوٺ احمد خان مان گرفتار ڪيو ويو. ڪل 22 سپاهين ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا جن ۾ مٿي ذڪر ڪيل، ٽن ڄڻن کي 14 سيپٽمبر تي لياريءَ ۾ مقابلي ۾ ماريو ويو هو. 17 سيپٽمبر 1857ع تي شام جو ساڍي ڇئين وڳي پوسٽ آفيس لڳ خالي ميدان ۾ پوليس، 14 ۽ 21 نمبر پلٽڻ ۽ سموري يورپي فوج ڪٺي ٿيل هئي. پورو ميدان عام ماڻهن سان ڀرجي ويو هو. يورپي گارڊ جي سخت پهري هيٺ پندرنهن انقلابين کي ڦاسي جي

عارضي ٺهيل پليٽ فارم تي آندو ويو. ڪئپٽن ليڪي (Cap: Leckie) انهن تي لڳل الزامن ۾ سزائن کي پڙهي ٻڌايو. جنهن جو ترجمو ميجر گولڊ اسمٿ ڪيو. انهن انقلابين تي الزام هو ته 13 ۽ 14 تاريخ رات جو پنهنجي رجمينٽ مان هٿيارن سوڌو ڀڄي وڃڻ ۽ پوليس هٿان پڪڙجي اچڻ تائين واپس نه وريا هئا، اهي هٿيارن سوڌو پڪڙجي پيا هئا ۽ پوليس جو مقابلو ڪيو هئائون. انهن مان ٻارنهن ڄڻن کي ڦاسيءَ جي سزا ۽ سورج بالي تيوري ۽ رام دين پانڊي سميت پنجن ڄڻن کي توبن سان اڏائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

حڪم ملڻ شرط يورپي سپاهين انقلابين کي ڏاڪڻ تي چاڙهي سندن هٿ پويان ٻڌي ڪين تختن تي بيهاريو. سندن منهن ڪاري ڪپڙي ڍڪڻ بنان، سندن منهن اگهاڙو رکندي سندن ڳچين ۾ ڦاهي جو ڦندو وجهي، سندن پيرن هيٺان تختا ڪڍيا ويا. ٻنا ڪنهن گهٻراهٽ جي ڪلندي انهن موت کي سيني سان لڳايو. جلادن هٿي بس نه ڪئي، موت ڪانپوءِ انهن ٻارنهن انقلابين کي ڦاهي ڏيڻ ڪانپوءِ ۽ سندن لاشن کي ترارن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري پاسي ۾ وهندڙ هڪ ڍوري ۾ ڦٽو ڪيو ويو. باقي بچيل ڇئن انقلابين کي، جنهن ۾ حوالدار سورج بالي تيوري به هو پنهنجي ساٿين جي زندگي وارڻ وارو منظر ڏسندا رهيا. انهن ڇئن ڄڻن کي توبن اڳيان آندو ويو. انقلاب زنده باد جا نعرا هڻندا اهي توبن تائين پهتا. ڪئپٽن ليڪي جي اشاري سان توبچين، توبن جي گولي جي رسي کي تيلي ڏني ۽ انقلابين جي رت سان سنڌ جي ڌرتي رڱجي وئي.

ڇوٽون جنهن کي توپ سان اڏائڻو هو اهو انقلابين جو سرواڻ رام دين پانڊي هو. هن کي 23 سيپٽمبر 1857ع تي ساڳين جاءِ تي توپ جي سامهون ٻڌي اڏايو ويو. اهڙي طرح باقي گرفتار ٿيل 25 سپاهين کي ڪورٽ مارشل ڪري فوج مان ڪڍيو ويو. انهن کي انڊيمان ٻيٽ

ڏانهن ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏيئي موڪليو ويو 21 هين رجمينٽ کي هميشہ هميشہ لاءِ ختم ڪيو ويو.

ان بغاوت بابت دستاويزن کي آرمي ۾ ”ڳجها دستاويز نمبر D/223/1857 dated 14 Sep:1857 محڪمہ راز“ جو نالو ڏنو ويو آهي، پر ان ۾ سپاهين جي نالي بابت ڪجھ بہ نہ ڏنو ويو آهي. برٽش لائبريري جي 9 Pac_enquires تي جڏهن معلومات لاءِ لکيو ويو تہ انهن بہ تصديق ڪئي تہ رڪارڊ تي سپاهين بابت ڪو رڪارڊ موجود نہ آهي.

ڪراچيءَ ۾ ايمپريس مارڪيٽ انهيءَ جاءِ تي اڏيل آهي جتي 13 ۽ 14 سيپٽمبر 1857ع واري رات جو 21 هين رجمينٽ جي بغاوت ڪندڙ سپاهين کي توپن جي منهن ۾ ٻڌي اڏايو ويو ۽ هتي عارضي ڦاهي گهاٽ ٺاهي، ٻارنهن ڄڻن کي ڦاهي ڏني وئي هئي. ان جاءِ تي هڪ وڏو ميدان هو. سرجيمز فرگوس 1884ع ۾ ايمپريس مارڪيٽ جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ۽ ان جو نقشو انجنيئر جيمزاسٽريچن ٺاهيو هو. جيڪو وينسي گاٿي طرز تي ٺهيل آهي. ان ساڳئي انجنيئر جيمز اسٽريچن، جيڪو ڪراچيءَ ميونسپلٽيءَ ۾ آرڪيٽيڪٽ هو. ڊي جي ڪاليج، سنڌ مدرسة السلام سميت ڪيترين ئي عمارتن جا نقشا تيار ڪيا هئا. ايمپريس مارڪيٽ ۾ 64 فٽ ويڪريون چار گيلريون آهن. عمارت تي 140 فٽ اوچو مينار ٺهيل آهي. جنهن تي چئني پاسن کان گهڙيال لڳل آهن. ڪنهن دور ۾ ايمپريس مارڪيٽ جي هر پاسي خوبصورت گلن جي گلڪاري هوندي هئي ۽ ان جي ٽنهي دروازن سامهون جانورن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جا حوض ۽ چئني پاسن کان خوبصورت وڻڪاري هئي. صدر ۽ ڪنٽونمنٽ ۾ رهڻ وارا هتي خريداري ڪندا هئا.

هتي ايمپريس مارڪيٽ ان ڪري ٺاهيو ويو تہ جيئن هتي ڪير

شهيدن جو ڪو يادگار نہ ٺاهي سگهي. ايمپريس مارڪيٽ ٺهڻ کان اڳ 1857ع جي ان واقعي ڪانپوءِ سوين ماڻهو هتي، اهو هنڌ ڏسڻ ايندا هئا. جتي شهيدن کي سولي جو سينگار بڻايو ويو هو. چوندا آهن تہ ايمپريس مارڪيٽ ٺهڻ ڪانپوءِ ان جي چئوطرف ڳاڙها گل هوا ۾ جهومندا هئا. انگريز سرڪار شهيدن جي رت کي لڪائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر رام دين پانڊي، سورج بالي تيوري ۽ ٻين شهيدن جي رت جي لالاڻ انهن گلن ۾ شامل ٿي اسان کي ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسان بي حس قوم جا فرد آهيون اسان انهن شهيدن کي وساري ڇڏيو جن سامراجيت ۽ توسيع پسنديت خلاف جدوجهد ۾ جانن جو نذرانو ڏنو. انگريز چاهيو پئي تہ انهن جو ڪو يادگار نہ ٺهي پر ايمپريس مارڪيٽ جهڙي خوبصورت بلڊنگ انهن شهيدن جي يادگار کان گهٽ نہ آهي. ضرورت آهي ان جي ديوارن تي هنن انقلابين جي انقلابي ڪهاڻي يادگار طور لکي وڃي.

اڄو تہ هر سال 17 سيپٽمبر تي ايمپريس مارڪيٽ هلي، ان جي ڪنهن ڪنڊ تي انهن شهيدن جي ياد ۾ ڪو ڏيئو ٻاريون، ڪو گلدستو رکي کين ياد ڪريون، جيڪي اسان جي ماڻهن جي بهادريءَ جي تاريخ آهن، جن تاريخ جو رخ موڙيو ۽ جيڪي اڻ ڄاتل راهن ۾ اڻ ڏٺل منزل جي ڳولا ۾ ماريا ويا.

***

او ير مجو رابن هُڊ

# شهيد قادو مڪراني

| | |
|---|---|
| جنم: | شهادت: 1887ع |

**فرسٽ** ايئر ۾ ايس. ايم سائنس ڪاليج ۾ پڙهڻ وقت آئون لياريءَ جي علائقي نوان لين، ٻڪراپڙيءَ ۾ پنهنجن مامن، علي محمد ۽ الله بخش وٽ رهندو هوس. علي محمد چمن سينيما ۾ ۽ الله بخش ڪيپري سينيما ۾ مينيجر هئا. جنهن جي ڪري فلمن ۾ دلچسپي رهي، لياريءَ کان سائيڪل تي ليمار ڪيٽ کان نيپئر روڊ سان ايس. ايم سائنس ڪاليج ويندو هوس. واپسيءَ ۾ نگار، ڪمار، سپر،

راڪسي ۽ نور محل سينمائن تي لڳل پوسٽرن کي ڏسڻ جڻ تہ معمول ۾ شامل هوندو هو.

موڪل واري ڏينهن پاڪ ڪالوني، چمن سينيما ۾ ننڍي مامي علي محمد جي ماني ڪٽي ويندو هوس. جتي گهڻو ڪري پشتو فلمون لڳنديون هيون. ان جو فائدو اهو ٿيندو هو جو جيستائين مامون ماني کائي وٺندو هو، آئون پشتو فلمن جو ڪجهہ حصو ڏسي وٺندو هوس. (اورنگهي) نئين جي ڪپ تي ٺهيل اها سينيما هاڻي بند ٿي چڪي آهي. انهيءَ جاءِ تي پلازه ٺاهڻ جي تياري ٿي رهي آهي.

لياريءَ ۾ قادو مڪرانيءَ جو ذڪر ٻڌندو هوس. مامي کان پڇيم تہ هن ٻڌايو تہ "قادو مڪرانيءَ جي ڪهاڻيءَ تي فلم "جاڳ اٿيا انسان" ٺهيل آهي." ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ مامي اها خوشخبري ٻڌائي تہ "اڳئين هفتي چمن سينيما تي فلم "جاڳ اٿيا انسان" لڳي رهي آهي." آچر واري خاص شو ۾ اها فلم ڏٺم تہ قادو مڪرانيءَ جي ڳالهہ، هن جي بهادري، انگريزن خلاف ويڙهہ واري ڳالهہ ڪجهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ آئي. اها پنهنجي دور جي ڪامياب فلم هئي. اها فلم بهار علي بلوچ ۽ حبيب الرحمان جي گڏيل ڪوشش سان ٺهي هئي. شيخ حسن فلم جو ڊائريڪٽر هو. فلم ۾ قادو مڪرانيءَ جو ڪردار محمد علي ادا ڪيو هو. هيرو ۽ هيروئن وحيد مراد ۽ زيبا هئا. ملير جي رهاڪو ڪمال ايراني ۽ لياريءَ جو قادر بلوچ هن فلم ۾ شامل هئا. ڪراچيءَ ۾ هن فلم پلاٽينيم جوبلي ڪئي هئي. ڏسڻ وارن ۾ ڪاٺياواڙي ۽ گجراتين جو وڏو انگ شامل هو. ڇاڪاڻ تہ فلم ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي پس منظر تي ٺهيل هئي. اها فلم جاويد شيخ جي پهرين فلم هئي، جنهن ۾ هو فقط هڪ منظر ۾ اٺن تي ويندڙ قافلي ۾ هڪ عورت جي روپ ۾ ڏيکاريل آهي.

سينيما ۾ فلم ڏسڻ کان پوءِ آئون ۽ مامو علي محمد چمن سينيما کان پنڌ ميواشاهہ قبرستان آياسين. گٽر باغيچي لڳ تمام گهٽ آبادي هئي. بلوچن جا ٻہ ٽي ڳوٺ هئا، انهن جي پاسي کان گٽر تي زراعت

ڪري علائقو سرسبز هو. ڪيٽن مان ٿيندا قادو مڪرانيءَ جي قبر تي آياسين. مامو علي محمد اڳ گهڻا ڀيرا آيل هو تنهن ڪري آسانيءَ سان پهتاسين. قبر تي هڪ پراڻي پٿر تي "شهيد قادو مڪراني سڪنہ گجرات" ۽ هيٺ هڪ فارسيءَ جو شعر لکيل هو. قبر جي سيراندي کان ڪجهه پري نم جو وڻ مس نسري رهيو هو. هتي هڪ مجاور عورت ڏاڳا ڏيئي رهي هئي.

قادر بخش بلوچ جيڪو بعد ۾ قادو مڪرانيءَ طور مشهور ٿيو. هي بلوچستان جي علائقي مڪران جي "خواش" واري علائقي ۾ پيدا ٿيو جنهن ڪري مڪران ۾ پيدا ٿيڻ ڪري مڪراني مشهور ٿيو. قادر بخش جو تعلق رند قبيلي سان هو. اسان جا اڪثر سنڌي ۽ اردو ڳالهائڻ وارا دوست لياريءَ ۾ رهندڙ افريقي نسل وارن بلوچن کي مڪراني چون ٿا. پر بلوچن ۾ جنهن جو بہ واسطو چاهي ايراني مڪران سان هجي يا پاڪستان ۾ ايندڙ مڪران سان هجي انهن سڀني کي مڪراني چيو ويجي ٿو. منهنجو نسلي تعلق بہ مڪران سان آهي.

جڏهن قلات سميت انگريزن بلوچستان جي علائقي ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌايو جنهن جي ڪري ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا. ٻئي پاسي انهن سالن ۾ مڪران ۾ سخت ڏڪار منهن ڪڍيو. وڏي تعداد ۾ جانور مرڻ لڳا تہ پورهيت ماڻهن لاءِ مڪران مان لڏ پلاڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ چارو نہ هو. انگريزن جي اچڻ ۽ ڏڪار ڪري ماڻهو سخت پريشان هئا. انهن پريشانين ڪري قادر بخش بلوچ جي قبيلي بہ "خواش" مڪران کان جهونا ڳڙهہ رياست ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي.

قادر بخش عرف قادو مڪرانيءَ تي هڪ مضمون ڪامريڊ عبدلواحد بلوچ بہ لکيو هو جيڪو ماهوار بلوچيءَ رسالي "سوغات" ۾ 2005ع ۾ ڇپيو هو جنهن کانپوءِ ڪاٺياواڙ کان قادو مڪرانيءَ جا ڪجهہ مائٽ ڪامريڊ عبدالواحد سان ملڻ آيا هئا. انهن کان بہ ڪامريڊ معلومات ورتي هئي، جن مطابق قادر بخش جا بہ ماما ولي محمد ۽ علي محمد جهونا ڳڙهہ جي نواب وٽ گارڊ هئا. جتي ڪجهہ ساموندي ڌاڙيلن جهونا ڳڙهہ رياست

جي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. ولي محمد ۽ علي محمد ۽ سندس ساٿين انهن جو مقابلو ڪيو ۽ انهن ڌاڙيلن مان هميشه لاءِ رياست وارن جي جان ڇڏايائون. انهيءَ لاءِ جهونا ڳڙهه جي نواب قادر بخش جي پنهي مامن کي "انڙاج" واري علائقي زمين انعام طور ڏني جتي هو ڳوٺ ٻڌي ويٺا هئا.

جهونا ڳڙهه جي علائقن ڪاٺياواڙ ڪڇ، گجرات ۾ انگريز سرڪار نوابن، سردارن سان ملي غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪيو هو جنهن ۾ قادر بخش جي قبيلي جا ماڻهو به شامل هئا. ماڻهن پنهنجي حفاظت لاءِ هٿيار بند نوجوانن جا جٿا تيار ڪيا. انگريز عملدار مسٽر اسڪاٽ همفري، انهيءَ ڳالهه ڪري سخت ناراض هو علي محمد ۽ سندس ساٿين کي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف بهانا ڳولڻ لڳو. هڪ ڀيري گهرن جي سروي جي بهاني انگريزن جا ڇاڙتا، جڏهن قادر بخش جي مامي علي محمد جي ڳوٺ "انڙاج" آيا ۽ ڳوٺ وارن کي چيو ته، "هٿيار اسانجي حوالي ڪيا وڃن ته جيئن اسان سروي ڪري سگهون." علي محمد انهن کي جواب ڏنو ته، "هٿيار اسان جا زيور آهن انهن کي جمع ڪرائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي."

منع ڪرڻ ڪانپوءِ اسٽيٽ پوليس آفيسر هرملس جي ڪوٺا والا، بعد ۾ هڪ انگريز آفيسر، آخر ۾ جهونا ڳڙهه جي نواب غلام رسول خان پنهنجو هڪ عملدار ديوان هري داس کي علي محمد ۽ ساٿين کي سمجهائڻ لاءِ موڪليو پر سڀ ڪوششون ناڪام ٿيون. انهيءَ ڳالهه کي ڏسي قادر بخش ۽ پرپاسن جا ڀيا به جوان "انڙاج" ۾ اچي گڏ ٿيا.

قادر بخش پنهنجي پيءُ نور محمد، چاچن ۽ سوٽن ۽ گهر جي عورتن سان گڏ جهونا ڳڙهه ڏانهن پنهنجن مامن واري ڳوٺ ۾ اچي رهيو هئو. اڳتي هلي جهونا ڳڙهه جي گائيڪواڙ جي سرحدي ڌاڙيلن جو قادر بخش سان مقابلو ٿيو ته، جهونا ڳڙهه جي نواب قادر بخش کي "امراپور" ۾، ۽ سندس ساٿي صاحب داد کي "سونائو" ۾ جائداد طور زمينون ڏنيون ۽ قادر بخش سندس خاندان سميت پوءِ جهونا ڳڙهه جي

نواب جي چوڻ تي هميشہ لاءِ "امراپور" ۾ رهي پيو. اهڙي طرح انهن تنهي ڳوٺن انڙاج، امراپور ۽ سونائو ۾ مکران کان لڏ پلاڻ ڪيل اهي بلوچ آباد ٿيا.

جڏهن هٿيار جمع نہ ڪيا ويا تہ انگريز عملدار ڪين چيو تہ "اوهان وٽ فقط ٻہ رستا آهن. چوويهہ ڪلاڪن اندر هٿيار جمع ڪيو يا مقابلي لاءِ تيار ٿيو."

قادر بخش جواب ڏنو تہ " اسان مقابلي لاءِ تيار آهيون. انگريزن کي انهيءَ جواب جي توقع نہ هئي. انگريز فوجين مسٽر اسڪاٽ جيڪو مانڪ واڙهہ جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو، 500 هٿياربندن سان ڳوٺ تي حملو ڪيو. هن کان اڳ ۾ قادر بخش پنهنجي نياڻي، لشڪر خان ۽ ان جي پٽ فقير محمد ۽ ڳوٺ جي عورتن ۽ ٻارن کي ٻين ڳوٺن ڏانهن اماڻي ڇڏيو.

علي محمد، صاحب داد ۽ قادر بخش جي اڳواڻيءَ ۾ ڳوٺاڻن مقابلو ڪيو. ٻنهي پاسي ڪافي ماڻهو مارجي ويا. مقابلو هلندي جڏهن علي محمد ۽ ٻين ڏٺو تہ انگريزن سان وڌيڪ مقابلي ۾ گهڻو نقصان ٿيندو تہ هن قادر بخش ۽ ساٿين کي امراپور نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ خود ڪجهہ ساٿين سان انگريزن جو مقابلو ڪيو. مقابلي ۾ قادر بخش جو مامو علي محمد، دينار ۽ ٻيا مارجي ويا. قادر بخش، ابابڪر، صاحب داد، صاحب داد جو ننڍو پٽ غلام محمد، گل محمد، دين محمد ۽ الله داد ٻارن کي امراپور ڇڏي، ٻاڻ پاسي ڳوٺ ۾ اچي رهيا. اهو مقابلو 14 آگسٽ 1844ع ۾ ٿيو.

سندس ماموءَ ۽ ٻيا مقابلي ۾ مارجي ويا ۽ انگريزن ڳوٺ کي تباهہ ڪيو ۽ انهن جو منصوبو هو آهي تہ قادر بخش عرف قادو مڪراني جي ٻارن کي گرفتار ڪيو وڃي تہ، قادر بخش گرفتاري ڏيندو. تنهن کانپوءِ قادر بخش ۽ سندس ساٿين ڀال پور ڳوٺ ويجهو انگريزن جي هڪ قافلي تي حملو ڪري ٻن انگريزن کي ماري ڇڏيو.

قادر بخش نوجوانن جي فوج ٺاهي انگريز سرڪار خلاف گوريلا

ويڙهہ جو اعلان ڪيو ۽ ائين قادر بخش مان ”قادو مڪراني“ بڻجي ويو وطن پرستيءَ جو لازوال ڪردار جي حيثيت اختيار ڪري ويو.

قادو مڪراني جهونا ڳڙهہ، گجرات، ڪاٺيا واڙ ۽ ڪڇ ۾ انگريزن ۽ انهن جي همدردن کي ٿوٽا چٻايا. انگريز عملدار اسڪاٽ، قادو مڪرانيءَ کي ڌاڙيل قرار ڏنو. قادو مڪراني گجرات ۾ پيرپاسي وارن نوابن، شاهوڪارن جيڪي انگريزن جا ڇاڙتا هئا. انهن کان دولت ڦري غريب ڪاٺياواڙين ۽ گجراتين ۾ ورهائيندو هو ۽ غريبن جون شاديون ڪرائيندو هو. هو هڪ تجربيڪار گوريلا ڪمانڊر وانگر پنهنجي ماڻهن کي منظم ڪري انگريز فوج تي حملا ڪندو هو. انگريزن جي نظر ۾ هو هڪ ڌاڙيل ۽ سرڪش باغي هو. پر ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي غريب عوام جو هو هيرو هو. جڏهن قادر بخش گوريلا ويڙهہ شروع ڪئي تہ ڳوٺن جي عورتن کي ڪراچي ۽ مڪران ڏانهن موڪليو ويو.

قادو مڪرانيءَ سان گڏ گوريلا ويڙهہ ۾ جهونا ڳڙهہ جي گجرات جي سلاوٽي، ڪاٺياواڙي بلوچن کان سواءِ گجرات جا سيني پيڙهيل طبقا، قبيلا ۽ ماڻهو گڏ هئا. هندو ۽ مسلمان ۽ ٻين فرقن جا ماڻهو بہ قادو مڪرانيءَ سان شامل هئا. هوريان هوريان انگريزن خلاف وطن پرستن جو قافلو وڌندو ويو.

پنهنجي دليري ۽ بهادريءَ سان هن انگريزن کي پريشان ڪيو. هو هڪ ٻي ڳالهہ ڪري بہ مشهور هو. هو انگريزن جي حمائتي مقامي ماڻهن کي مارڻ بجاءِ انهن جا نڪ ڪپيندو هو. جيئن عام ماڻهن کي خبر پئي تہ هي نڪ ڪپيل قوم جو غدار آهي. جانس نالي هڪ انگريز عملدار ”ڪاٺياواڙ جو باغي“ نالي هڪ ڪتابچي ۾ لکيو آهي تہ ”قادر بخش جهونا ڳڙهہ جي اٺن ڳوٺن کي لٽيو ۽ 71 واپاري قتل ڪيا ۽ 80 ماڻهن جا نڪ ڪپيا. نڪ ڪپڻ واري واقعي ڪانپوءِ ڪاٺياواڙ ۾ قادوءَ جي انگريزن ڏانهن موڪليل گجراتيءَ ۾ هيءَ چوٽي مشهور آهي:

کوڈنوں کانٹوں کرلی بیتے مانڈیو باٹ ایک پیسہ ناآٹھ قادو نے نالج کریا

ترجمو:

"مان چيلهہ سان بدلو رام ڳڙه مان ٺهيل خنجر سان، غدارن جا نڪ ڪپيندو آهيان . مون هڪ دڪان کوليو آهي، جتي هڪ پئسي ۾ اٺ نڪ ملن ٿا."

قادو مڪراني جهونا ڳڙهہ ۾ هڪ آزاد علائقو قائم ڪيو. جتي انگريزن جي ستايلن کي پناهہ ڏيندو هو. هڪ ڀيري قادو مڪرانيءَ کي دوکي سان گرفتار ڪيو ويو. قادوءَ جي ساٿين هڪ گوريلا ڪارروائي ڪري ان کي قيد مان آجو ڪرايو. انگريز جڏهن قادوءَ جي خلاف گهيرو تنگ ڪيو ته اها ڳالهہ مشهور ڪئي تہ "قادر بخش جو پاٽيجو فقير محمد گجرات کان ڪراچي ويندي، ڪراچيءَ ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي." تنهن تي سندس دوستن کيس صلاح ڏني تہ هو ڪجهہ وقت لاءِ مڪران هليو وڃي ۽ حالتون بهتر ويڙهہ لاءِ سازگار ٿين تہ واپس اچي. قادو پنهنجي گهر واريءَ خاندان جي عورتن کي اڳ ۾ ڪراچي موڪلي چڪو هو. انگريزن جڏهن عام ماڻهن کي قادوءَ جي ساٿي هئڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪري قتل ڪرڻ شروع ڪيو سندس هڪ بهادر ساٿي ابابڪر"، "سرسوتي" نئين ڪناري، هڪ بزرگ ڪرم علي جي مزار تي آرامي هو تہ انگريزن گهيرو ڪري ابابڪر کي ماري ڇڏيو تہ قادوءَ کي مجبوراً جهونا ڳڙهہ ڇڏڻو پيو. انگريز سرڪار قادو مڪرانيءَ جي سرجي قيمت 20 هزار نقد ۽ 20 ايڪڙ زمين مقرر ڪئي هئي.

دوستن جي مشوري ڪانپوءِ قادو مڪراني ڪاٺياواڙ کان احمد آباد پوءِ، دوستن سميت سنڌ آيو.

ڪراچي بندر تي سخت نگراني هئڻ ڪري، هو ملير جي اولہ ٿاٽي واري علائقي ۾ آيو. هتان هن هڪ اٺ پاڙي تي وٺي ڪراچيءَ جو رخ ڪيو. چاڪاڻ تہ قادوءَ جي گهر واري لياريءَ ۾ ترسيل هئي. هي ڳالهہ اها تہ مڪران لاءِ اتن جون سواريون بغداديءَ لياريءَ کان وينديون هيون. بغداديءَ جو اصل نالو بہ "بغ+داد/دار" آهي، معنيٰ اتن

جي بيهارڻ واري جاءِ/هنڌ. ٻَغ بلوچيءَ ۾ اٺ کي ۽ دار/داد بيهارڻ کي چيو ويندو آهي. جيڪو بغدار مان ڦري بگڙجي بغدادي ٿيو. هتان اٺن جون سواريون پاڙي تي، مختلف علائقن ڏانهن وڃڻ لاءِ ملنديون هيون.

قادو ڪراچيءَ کان واقف نه هو. "اوُٺار" قادوءَ کي سچاٽي ورتو هو. تنهن ڪري سڌو بغدادي ٿاڻي جي پير ۾ اٺ بيهاري قادوءَ کي چيائين ته آئون مڪران وڃڻ لاءِ هڪ ٻئي اوٺار جو بندوبست ڪري اچان ٿو." اوٺار انعام جي لالچ ۾ اچي ويو. بغدادي پوليس اسٽيشن مان هڪ سپاهي کي اطلاع ڏيئي، پاڻ سان گڏ وٺي جڏهن قادوءَ جي ويجهو آيا ته قادو سمجهي ويو ته اوٺار غداري ڪئي آهي جڏهن هو سندس ويجهو پهتا ته هِن خنجر جا وار ڪري ٻنهي کي ختم ڪيو ۽ ساٿين سميت سوڙهين گهٽين ڏانهن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس هن جو پيڇو ڪيو. قادو ڪراچيءَ جي گهٽين کان اڻ واقف هو. گل محمد لين واري علائقي ۾ پهتو ته پوليس چور، ڌاڙيل چوندي هن جو پيڇو ڪري رهي هئي. هڪ مزدور ديوار تي پٿر جون سرون رکي ديوار ناهي رهيو هو. هن اهو نظارو ڏٺو پئي، هن قادوءَ کي نه سڃاتو ۽ چور سمجهيو جڏهن قادو انهيءَ هيٺان گذري رهيو هو ته مزدور هن تي مٿي تي سر اڇلائي هنئي.. قادو شديد زخمي ٿي پيو. پوليس ان کي ۽ سندس ساٿين الله داد، دين محمد ۽ گل محمد کي گرفتار ڪيو. گرفتار ڪري ڪراچي سينٽرل جيل موڪليو. الله داد ۽ دين محمد کي جهونا ڳڙهه موڪليو ويو جتي هند پينل ڪوڊ قلم 121 هيٺ قتل، هٿيار رکڻ، چوري جو ڪيس هلائي ٻنهي کي موت جي سزا ڏئي، ڦاهي چاڙهيو ويو جڏهن گل محمد کي ننڍي عمر هئڻ ڪري 14 سال جي سزا ٻڌائي وئي.

مختصر ۽ هڪ طرفي ڪارروائي ڪانپوءِ انگريز سرڪار قادو مڪراني کي موت جي سزا ٻڌائي ۽ اهڙي طرح هن بهادر باغيءَ کي 1887ع ۾ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو. (ڪجهه مضمونن ۾ ڦاسيءَ جو سال 1878ع لکيل آهي) ڪراچيءَ جو پراڻو

جيل هاٽوڪي سٽي ڪورٽ جي بلڊنگ آهي. جتي ڦاهي گهاٽ اڃان به موجود آهي.

ڦاهيءَ ڪانپوءِ قادر بخش جو لاش لياريءَ جي هڪ معزز شخصيت واجا فقير محمد درا خان وصول ڪيو. چاڪيواڙي ۾ ملا غلام محمد لاش کي غسل ڏنو. قادر بخش عرف قادو مڪراني جي جنازي نماز ملا غلام محمد چاڪيواڙي جي "درا لين واري مسجد" ۾ پڙهائي. جنهن ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي، اها مسجد اڄ به درا لين جي جامع مسجد جي نالي سان موجود آهي، ۽ هن بهادر کي لياريءَ جي مشهور قبرستان ميوا شاهه ۾ دفن ڪيو ويو. قادر بخش جي لاش کي ابابڪر نالي همراهه جيڪو مستي خان (يوسف مستي خان جو ڏاڏو) جو پاٽيجو هو. قبر ۾ لاٿو ڪامريڊ عبدالواحد بلوچ چواڻي ته، "ابابڪر جو پوٽو اڄڪلهه لنڊن ۾ رهي ٿو."

جڏهن سندس قبر تي ماڻهن جا هشام گڏ ٿيا ته انگريز سرڪار قبر تي وڃڻ جي پابندي هٽي ڇڏي، هن تي پهرو بيهاريو. هن جا مائٽ جيڪي جهونا ڳڙهه ۽ ڪاٺياواڙ کان ڪراچيءَ آيل هئا انهن کي ڳولي ڳولي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو ويو هو.

آئون پنهنجي ڪتاب "ڪراچي: سنڌ جي مارئي" جي مواد لاءِ ميوا شاهه قبرستان ۾ قادو مڪرانيءَ جي قبر تي عقيدت جا گل رکڻ ويس. ڏٺم ته، ڪتبي جو پراڻو پٿر هٽائي هڪ پاسي حفاظت سان رکيو ويو هو. چيو وڃي ٿو ته هي اهو پٿر آهي، جنهن جي لڳڻ سان قادو زخمي ٿي اُٺ تان ڪري پيو ۽ پوءِ انگريزن قادو کي گرفتار ڪيو. ان جي جاءِ تي نئون پٿر لڳايو ويو آهي. جنهن تي لکيل هو:

"شهيد قادو مڪراني "مجاهد" سڪنه ڪاٺياواڙ."

ڪجهيءَ جو وڻ ته سڪي ويو هو. پر ان جو ٽنڊ اڃان موجود هو. جنهن تي ڪارا ڌاڳا ٽنگيل هئا. ڌاڳا قبر جي ڏيگهه مطابق باد واري تپ جي مريضن کي ڏنا ويندا آهن. هڪ شهيد جي صاف سٿري قبر ڏسي دل کي راحت ملي. ميواشاهه قبرستان جو اهو حصو ڪلاڪوٽ

واري حصي طور سچاتو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته. هتي ڪلاڪوٽ واري علائقي جي رهندڙن جي مُردن کي دفن ڪيو ويندو آهي. قادو مڪرانيءَ جي قبر ويجهو يوسف مستي خان جي فيمليءَ جون قبرون آهن.

قادو مڪرانيءَ جا مائٽ هن وقت به جهونا ڳڙهه، ڪاٺياواڙ ۾ گجرات ۾ رهن ٿا. گجرات جي سلاوٽي بلوچن جو تعلق به قادو مڪرانيءَ سان آهي. ڪراچيءَ ۾ قادوءَ جي هڪ پيڙهه آسو ڳوٺ ملير ۾ رهندي هئي. ڪجهه مائٽ ڪلاڪوٽ لياريءَ ۾ به رهندا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ ڪامريڊ عبدالواحد بلوچ ٻڌايو ته. "هن جا مائٽ جڏهن جهونا ڳڙهه، ڪاٺيا واڙ ۾ گجرات ۾ حالتون صحيح ٿيون ته سڀ اوڏانهن هليا ويا ۽ هن وقت قادر بخش جو ڪو به مائٽ ڪراچيءَ ۾ نٿو رهي، هن جي پيڙهه به مائٽن سان گڏ گجرات پنهنجي پٽ فقير محمد سان هلي ويئي هئي." بلوچي انهن ڪان وسري ويئي آهي. گهڻي عرصي تائين انگريزن جي ڏاڍيل واري پروپيگنڊا ڪري قادو مڪرانيءَ جا مائٽ هيسيل رهيا ۽ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ به تيار نه هئا. اڄ به قادو مڪرانيءَ جي قبرتي ڪاٺياواڙي جهونا ڳڙهه، گجراتي ۾ سلاوٽي بلوچ ايندا آهن. ڪاٺياواڙين جي شاديءَ جي سهرن ۾ لوڪ گيتن ۾ قادو مڪرانيءَ جي بهادريءَ، هن جي گوريلا ويڙهه جو ذڪر عام ملي ٿو.

1960ع ۾ هندستان ۾ منهار رانگلداس ڪپور (Manhar Rangaldas Raskapur) هڪ گجراتي فلم "بهاروٽيو قادو مڪراني" ناهي هئي، هن فلم گجرات ۾ زبردست ڪاميابي ماڻي هئي.

هي بهادر اڳواڻ جيڪو بلوچستان جي علائقي مڪران ۾ پيدا ٿيو جهونا ڳڙهه ڪاٺياواڙ ۾ گجرات ۾ انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ سنڌ جي دل ڪراچيءَ ۾ ڦاهي چڙهي شهيد ٿي، هميشه لاءِ سنڌ جي مٽيءَ سان ملي ويو.

بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙي طرح چي گويرا، ارجنٽينا ۾ پيدا ٿيو ڪيوبا ۾ انقلاب آندائين ۽ بوليويا ۾ شهيد ٿيو.

ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ قادو مڪرانيءَ کي "اوپر جو رابن هُڊ" چيو ويندو آهي. انگلش لوڪ ادب ۾ رابن هُڊ به هڪ اهڙوئي ڪردار هو جيڪو تير بازي ۽ ويڙهه ڪري مشهور هو. رابن شاهوڪارن کان خزانو ڦري غريبن ۾ ورهائيندو هو ۽ قادو به تير، تلوار، خنجر، بندوق بازي جو ماهر هو. قادو به نوابن، شاهوڪارن جي خزانن جا منهن غريبن لاءِ کولي ڇڏيا هئا.

هي بهادر به تاريخ جي پني تي ٻين بهادرن وانگر هڪ گمنام شهيد آهي. اڇو ته ڪو ڏينهن هن بهادر شهيد ۽ اوپر جي رابن هُڊ کي ارپيون. هن جي قبر تي ڏيا ٻاري هن جي بهادريءَ کي سلام پيش ڪيون.

مضمون جي تياريءَ ۾ فلم "جاڳ اٿا انسان"، ڪامريڊ عبدالواحد بلوچ ليارِيءَ وارو، گجراتي قومي موومينٽ پاڪستان جي چيئرمين امير علي پاٽي والا ۽ مامي علي محمد بلوچ کان مدد ورتي وئي

***

جنهن ٽالپرن کي ڏهن سالن تائين
ڪراچيءَ تي قبضو ڪرڻ نه ڏنو

# سيٺ ڏريانو مل

| لاڏاڻو: 1820ع | جنم: |
|---|---|

**ٽالپر،** مير فتح علي خان جي اڳواڻيءَ ۾ 1784ع ڪلهوڙن کي شڪست ڏئي، سنڌ جا حڪمران ته ٿيا، پر انهن کي ڪراچي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏهه سال لڳي ويا. اصل ۾ قصو ائين هو ته، ڪراچي ان دور ۾ خون بها جي عيوض خان آف قلات جي حوالي هئي. ڪراچيءَ ۾ خان

آف قلات پاران گورنر مقرر هو. پر ڪراچيءَ تي اصل حڪمراني "ڏرياني مل" جي هئي. ڪراچيءَ جي بندر ۽ ڪراچيءَ جي ڪوٽ تي ڏريانو مل ۽ سندس ڀاءُ ٻلرام داس جو مڪمل ڪنٽرول هو. سياسي، سماجي ۽ معاشي حوالي سان ڏريانو ۽ ٻلرام انتهائي مضبوط ماڻهو هئا. ان ڪري تي ڀيرا 15 کان 20 هزار فوج سان، ٻن کان ٽن مهينن تائين گهيري جي باوجود به ٽالپر ڪراچي حاصل ڪري نه سگهيا.

1792ع ڌاري، مير فتح علي خان ٻهريون ڀيرو ڪراچي حاصل ڪرڻ لاءِ 15 هزار فوج جيڪي توبن ۽ گولن سان مسلح هئي، ڪراچيءَ ڏانهن رواني ڪئي ۽ لياري ندي ڪناري، شهر جي اتر اوڀر پاسي جيڪي باغ هئا ڇانوڻي قائم ڪئي. ڪراچي جيئن ته خان آف قلات جي هٿ هيٺ هئي، پر خان پاران حفاظت جو ڪو انتظام نه هو. ڪراچيءَ جي حفاظت لاءِ 500 مير بحرن جو جٿو سيٺ ٻلرام داس جي اڳواڻيءَ ۾ حملو ڪندڙن کي منهن توڙ جواب ڏيڻ لاءِ تيار هو. گولا بارود جا گودام سيٺ ڪيولرام جي نگرانيءَ ۾ هئا. ڪراچيءَ جو هُن وقت سياسي سرواڻ سيٺ ڏريانومل هو . جنهن جي ڪامياب حڪمت عمليءَ ڪري ايڏائي مهينا شهر کي گهيري کان پوءِ ٽالپر فوج ٿڪجي، گهيرو ختم ڪري حيدرآباد ڏانهن رواني ٿي.

1793ع تي ٽالپرن ڪراچي فتح ڪرڻ لاءِ ٻيهر فوج موڪلي. هن ڀيري گهيرو ٽي مهينا هليو. ڪوٽ تي گولا باري به ڪئي ويئي. جوابي گولاباري جي نتيجي ۾ ٽالپر فوج کي اڳتي وڌڻ جي همت نه ٿي. ڪو نتيجو حاصل نه ٿيو. آخر بيزار ٿي گهيرو ختم ڪيو ويو ۽ فوج موٽي حيدرآباد ويئي.

مير فتح علي خان پڪي ارادي وارو شخص هو ۽ هيڏانهن ڏريانومل به پنهنجي شهر جي حفاظت لاءِ مڪمل طور تيار هو. 1794ع ۾ ٽيون ڀيرو 20 هزار لشڪر تي ٻڌل فوجي دستو ميان فقيرو

برهماڻي ۽ پلئي جي اڳواڻي ۾ ڪلاچي جي ڪوٽ ٻاهران ساڳي جاءِ تي پهتا، جتي بہ پيرا اڳ انهن ڪئمپ هنئي هئي، پر ٽالپر لشڪر ڪي ڪوٽ جا ٻئي دروازا، منوڙو ۽ کارو در بند مليا. هن پيري بہ گهيرو ٽي مهينا هليو.

هن پيري ٽالپرن هڪ ٻي سياسي چال بہ هلائي، سيٺ ڏريانومل، مير ڪرم عليءَ جو دوست هو. تنهن ڪري مير فتح علي خان، هِن کي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ دوستي جو واسطو ڏيندي لکيو تہ، ”ڪراچيءَ جي حفاظت لاءِ خان آف قلات پاران ڪا فوج نہ آهي. تنهي پيري لڙائي ۾ اوهان (ڏرياني مل) اسان جي فوج کي ناڪام ڪيو آهي.“ آخر ۾ لکيو ويو تہ، ”آءٌ توکي يقين ٿو ڏياريان تہ خان آف قلات جي پيٺ ۾ مون وٽ سگهيو نہ، تہ ڏکيو نہ هوندين.“

مير ڪرم علي جو اهو وار خالي نہ ويو. هو نئين بہ سيٺ ڏريانومل ۽ ٻلرام داس کي خان قلات کان ڪنهن بہ قسم جي مدد نٿي پهتي. تنهي پيري حملي وقت بچاءَ تي جيڪو خرچ آيو هو، اهو بہ ڏرياني مل ۽ ٻلرام داس ذاتي طور ڪيو هو. مير ڪرم علي خان جي خط کان پوءِ ڏريانومل، خان آف قلات کي خط لکڻ ضروري سمجهيو. جنهن ۾ هن حملي ۽ حفاظت جا سڀئي تفصيل لکي موڪليا ۽ آخر ۾ لکيو تہ، ”هاڻي وڌيڪ مقابلي ڪرڻ جي طاقت نہ آهي. شهر اوهان جي هٿ هيٺ آهي. تنهن ڪري مدد موڪلي شهر جي حفاظت ڪريو.“

خان آف قلات محمود خان جواب ۾ لکيو تہ، ”مون ۾ لڙائي جي طاقت نہ آهي. جي تون شهر جي حفاظت ڪري سگهين تہ ٺيڪ، نہ تہ توتي ڪا بہ ميار نہ آهي.“

سيٺ ڏرياني مل محسوس ڪيو تہ هن تي هاڻي ڪا ميار نہ ايندي ۽ ڪيس ڪو بہ ”غداري“ جو طعنو نہ ڏيندو، پوءِ هِن ميرن جي سامهون ڪجهہ شرط رکي ڪراچيءَ جي ڪوٽ جي ٻنهي درن (منو در ۽ کارو در) جون

چاهيون ٽالپرن جي سپهه سالارن جي حوالي ڪيون. ان وقت حاجي شادو يا سعيدو جيڪو خان آف قلات پاران ڪراچيءَ جو گورنر هو. ڏرياني مل گورنر کي حفاظت سان قلات ڏانهن روانو ڪيو.

1794ع تي ڪراچي ٽالپرن جي قبضي ۾ اچي پيهر سنڌ جو حصو بڻي. سيٺ ڏريانو مل ٻنهي سپهه سالارن کي پنهنجي گهر وٺي ويو. جتي شربت ۽ ٿاڌل سان سندن مزماني ڪئي وئي. نئين فتح ڪيل علائقي جي حفاظت لاءِ ميرن پاران آغا زين العابدين کي ڪراچيءَ جو نواب مقرر ڪيو ويو. جيڪو ايراني نسل جو هو ۽ ڇهه سال ڪراچيءَ جو نواب مقرر رهيو. احمد خان پرڳڙيءَ کي گورنر مقرر ڪيو ويو هو. اهائي ڪراچيءَ جي بدقسمتي رهي آهي ته هن تي حڪمرانن هميشه پنهنجي پاران ٻاهر ين ماڻهن کي نواب ۽ گورنر طور مقرر ڪيو آهي. جيڪي ڪراچيءَ جي حالتن کان اڻ واقف هئا. ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته ڏرياني مل کي ڪراچيءَ جو گورنر مقرر ڪيو وڃي ها پر ڇا ڪجي هو هندو هو ۽ ميرن جي دل حملي وقت ڪراچيءَ جي بچاءُ واري معاملي تي اجان صاف نه هئي.

آغازين العابدين جي وفات کان پوءِ ميرن پاران آغا ڪاظم پاشا کي، جيڪو به ايراني هو ڪراچيءَ جو نواب مقرر ڪيو ويو هو.

مير فتح علي خان ۽ مير ڪرم علي خان ڪراچي حاصل ڪرڻ تي خوش هئا. ڇاڪاڻ ته ٻين حڪمرانن وانگر ميرن کي به ڪراچيءَ جي آمدنيءَ سان دلچسپي هئي. سيٺ ڏريانومل کي مجتا طور ڪراچيءَ جي آمدنيءَ جو ڪجهه حصو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پر سيٺ اهو وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته، ”ماڻهوائين نه سمجهن ته سيٺ ڏرياني مل اهو سڀ ڪجهه پيسن لاءِ ڪيو آهي.“ پر ميرن سيٺ ڏرياني مل جي ٻاهران ايندڙ واپار تان چنگي ۽ باغن تان ڍل ۽ آبياني جو ٽيون حصو معاف ڪيو. منې در واري علائقي ۾ سيٺ ڏرياني مل کي

جيڪا شراب ٺاهڻ جي فيڪٽري هئي، اها ڪلهوڙن جي دور کان هئي. ميرن ان اجازت نامي کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو. ميرن ڪراچيءَ کي ساموندي حملي کان بچاءَ لاءِ منهوڙي جي ٻهاڙيءَ تي 1797ع ۾ قلعو ٺهرايو. جنهن تي يارنهن توبون رکيل ويون.

جيئن تہ ڪراچي جي واپار تي ڏرياني مل جو مڪمل ڪنٽرول هو واپاري ۽ عام ماڻهو هن سان ٻڌي ۾ هئا. ميرن سيٺ ڏريانومل کي حيدرآباد گهرايو. حيدرآباد ۾ سندس شاندار آڌرڀاءُ ڪيو ويو. پورو هڪ مهينو ڏريانومل ۽ ڪراچيءَ جا ٻيا معزز شاهي مهمان طور حيدرآباد ۾ رهيا هئا. جنهن ڪري اها دوستي وڌيڪ مضبوط ٿي، پر ميرن جا ايراني مشير انهيءَ دوستيءَ ۾ خوش نہ هئا.

ميرن جي حڪومت کي ان وقت بہ هڪ لک رپيا سالانو محصول طور ڪراچيءَ مان وصول ٿيندو هو. سيٺ ڏرياني مل جي ڪري ڪراچيءَ وسيلي ٻين ملڪن سان واپار ۾ واڌارو ٿيندو ويو. جنهن جو اصل سبب امن ۽ امان هو. گورنر ۽ نواب جي هوندي بہ ٻيڙين ۽ بندر تي سيٺ جا ماڻهو حفاظت لاءِ موجود هوندا هئا.

ڏريانومل جديد ڪراچي جي پهرئين معمار سيٺ ڀوڄومل جو وڏو پٽ هو. ڀوڄومل کي چار پٽ هئا. ڏريانومل، لال مڻداس، ناڪرداس ۽ ٻلرام داس. ڀوڄومل جڏهن 1782ع ۾ گذاري ويو تہ سيٺ ڏريانومل جيڪو خاندان جو وڏو هو پڳ هن تي ٻڌي ويئي ۽ ڪراچي ڪوٽ ۽ بندر جو مڪمل ڪنٽرول سندس هٿن ۾ هو. چارئي ڀائر ڪراچيءَ ۾ امن ۽ ڀائپي لاءِ هميشہ اڳتي هئا. انهيءَ ٻڌي ۽ ايڪي ڪري ميرن کي ڪراچيءَ حاصل ڪرڻ ۾ ڏهہ سال لڳا. ڏرياني مل جو اصل نالو درياهہ ڏنومل هو پر هو ڏريانومل طور مشهور ٿيو. ڏرياني مل جو ڀاءُ لال مڻداس جيڪو نائونمل جو ڏاڏو هو. لال مڻداس کي هڪ پٽ هو جنهن جو نالو هوت چند هو ۽ نائونمل، هوت چند جو پٽ هو. انهيءَ نسبت سان

ڏريانومل سيٺ نائونمل هوت چند جو ڏاڏو هو.

انهن ڏينهن ۾ هندستان سميت پوري دنيا ۾ سياسي وايو منڊل تيزي سان تبديل ٿي رهيو هو. جنهن ۾ انگريزن لاءِ سنڌ جي اهميت وڌي رهي هئي.

انگريز جي هڪ ايجنٽ (وڪيل) آغاعبدالحسين، جيڪو پئسن تي ڪمپنيءَ جي سهڪار واسطي ڪم ڪندو هو. (1) ميرن ۽ انگريزن جي لاڳاپن ڪي بحال ۽ سنڌ ۾ ٻيهر واپاري ڪوٺي کولڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون. جنهن جي نتيجي ۾ 1799ع ۾ ناٿن ڪرو ”ٻريڪ“ جهاز وسيلي ڪراچيءَ پهتو. ڏرياني مل کي اها ڳالهه سٺي نه لڳي، جنهن جي ڪري ڪراچي پهچڻ تي ناٿن ڪرو جو ڪو خاص آڌرڀاءُ نه ٿيو. ڪرو گسري بندر (گذري بندر) تان ٺٽي کان پوءِ حيدرآباد پهتو. جتي ناٿن ڪرو ٺٽي ۽ ڪراچيءَ ۾ واپاري ڪوٺي کولڻ جي اجازت گهري. ڪراچيءَ لاءِ اڳ ۾ سيٺ ڏرياني مل هڪ قاصد وسيلي اهو سنيهو حيدرآباد ميرن ڪي موڪليو ته، ”ڪراچيءَ ۾ ڇا پر سنڌ ۾ انگريزن کي واپار لاءِ ڪا ڪوٺي کولڻ جي اجازت نه ڏني وڃي ڇاڪاڻ ته انگريزن جا مفاد واپاري نه پر سياسي آهن. “

هڪ انگريز لکي ٿو ته، ”هڪ سنڌي هندو ڏرياني مل صاف لفظن ۾ چئي ڏنو ته، انگريز جيڪي به دوستيءَ جا معاهدا ڪري رهيا آهن سي به نه پاڙيندا، اڳتي هلي سنڌ تي قبضو ڪندا. (2)

اهو ڏريانومل هو جنهن ميرن کي سڀ کان پهرين خبردار ڪيو ته انگريز سنڌ جا سڄڻ نه آهن. اهڙي خدشي جو اظهار ڏريانومل، مير غلام علي، مير مراد علي ۽ مير ڪرم علي سان ڪيو. پر ميرن جا مشير، جيڪي ايراني هئا ۽ اندر ۾ انگريزن سان مليل هئا. ميرن ۾ به پاڻ ۾ اختلاف هئا. انهيءَ اختلاف جو فائدو آغا اسماعيل جيڪو ميرن جي وزير اعظم آغا ابراهيم جو پٽ هو ورتو. انهيءَ جي صلاح سان انگريزن مير غلام علي کي

سوکڙيون ڏيئي پنهنجي پاسي ڪيو.

ناٿن ڪُرو پاڻ سان گورنر ڊنڪن جا خط آندا جيڪي مختلف ميرن ڏانهن لکيا هئا. جن مان هڪ خط الڳ سان وزير آغا اسماعيل ڏانهن بہ هئو جيڪو ڪمپنيءَ جي معاملن ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. (3)

سوکڙين هٿي وڃي هنڌ ڪيو. ڏرياني مل جي ڳالهہ کي ٻڌو اڻ ٻڌي ڪري ڪراچيءَ ۾ ڪوٺي کولڻ لاءِ انگريزن کي اجازت ڏني وئي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر مبارڪ علي لکي ٿو تہ ” 24 سيپٽمبر 1799ع تي ڪراچيءَ ۾ قائم ڪوٺيءَ جي کولڻ واري مهورت ڪانپوءِ ڪوٺيءَ تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو جهنڊو ڦڙڪايو ويو. اها واپاري ڪوٺي ليـاري نـدي جي ڪناري هاٿوڪي گانڌي گارڊن واري جاءِ تي هئي. “(4)

ناٿن ڪرو واپاري ڪوٺي جي بهاني نئي ڪان سون مياٽي تائين جا سوسي جو هڪ چار وچائي چڙيو. بندر سميت شهرن جا نقشا ٺاهيا. ڪرو اٺ مهينا ڪراچيءَ واري ڪوٺي ۾ رهي چڪو هو. ڏاريانومل ۽ ڪراچي واسي ان جي هر چرپر تي نظر رکي رهيا هئا. جڏهن انهن محسوس ڪيو تہ ناٿن ڪرو واپار جي بهاني جاسوسي ڪري رهيو آهي تہ انهن ميرن سامهون سخت احتجاج ڪيو. ڪراچي ۽ ٺٽي جي ڪوٺي بند ڪرڻ تي زور ڀريو. ميرن ۾ چاڙهو نہ ڏسي انهن افغانستان جي بادشاهہ شاهہ زمان کي بہ آگاهہ ڪيو. انهيءَ سخت احتجاج ڪري ميرن مجبور ٿي، 25 آگسٽ 1800ع تي هڪ حڪم وسيلي ناٿن ڪرو کي ڪراچيءَ جي ڪوٺي بند ڪري ٺٽي ڏانهن وڃڻ لاءِ چيو. بندر تي بيٺل انگريزن جو جهاز ”ائنسٽيلوب“ بہ ڪراچيءَ کان بمبئي ڏانهن روانو ٿيو.

ڪرو گهڻي ڪوشش ڪئي تہ ميرن سان ملي، ٻيهر ڪراچيءَ واري ڪوٺي کولي وڃي، پر ڏريانيمل جي اڳواٽي ۾ مسلسل احتجاج ڪري اهو ممڪن نہ ٿيو. ڪراچيءَ جي ماڻهن ناٿن ڪرو کي ميرن

جي حڪم ملڻ ڪان پوءِ ڏڪا ڏيئي شهر نيڪالي ڏني. تنهن ڪري مجبورَن ڪرو 5 نومبر 1800ع تي ٺٽي ڪان بمبئي روانو ٿيو.

ڏرياني مل جي ڳالهه تڏهن سچ ثابت ٿي جڏهن ناٿن ڪرو پنهنجي ڪراچي ۽ ٺٽي رهڻ واري عرصي تي هڪ مختصر ڪتاب "Accounting the Country of Sind" تيار ڪيو (5). هي ڪتاب سنڌ بابت سائنسي بنيادن تي لکيل ڪنهن انگريز جو پهريون ڪتاب آهي. ڪتاب ۾ سنڌ حڪومت جي فوج، قلعن، رستن ۽ واپار بابت چارٽ ڏنل آهي.

ڊاڪٽر ايڊرين ڊيورٽي انهيءَ ڪتاب جي باري ۾ لکي ٿو ته." هي ڪتاب پڙهي پتو پوي ٿو ته، ڪرو هڪ جاسوسيءَ جو ادارو قائم ڪيو هو. جنهن جي اسان کي اڳ خبر ئي نه هئي."(6)

ڏرياني مل جي حوالي سان هڪ ٻئي واقعي جو ذڪر ضروري آهي جنهن مان هن جي سنڌ دوستي جي خبر پوي ٿي. ناٿن ڪرو واري واقعي ڪان پوءِ ڏريانومل ڪراچيءَ جي واپارين ۽ عام ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ انهن کي انگريزن جي چالبازين ڪان آگاهه ڪيو ۽ ڪراچيءَ جي گورنر عبدالله لغاري کي به پنهنجي خدشن ڪان آگاهه ڪيو. چاڪاڻ ته انهيءَ دوران ميرن جي اندروني اختلافن ڪري انگريزن جو عمل دخل سنڌ ۾ وڌي رهيو هو. 1808ع ۾ انگريزن ۽ ميرن هڪ عهدنامو ڪيو هو. انگريز انهيءَ عهد نامي مان خوش نه هئا. هنن وڌيڪ سهولتون ۽ افغانستان ڏانهن فوج اماڻڻ لاءِ سنڌ جو رستو استعمال ڪرڻ پئي گهريو. جنهن لاءِ 1809ع ۾ 30 ڄڻن جو هڪ فوجي دستو پرنس آف ويلس جهاز ۽ ٽن هٿيار بند ٻيڙين سميت بمبئيءَ ڪان ڪراچي پهتو.

ڪراچيءَ جي ماڻهن جڏهن اهو ٻڌو ته انگريزن جو هڪ هٿيار بند قافلو ڪراچي بندر پهچي چڪو آهي ته انهن ڏريانومل جي

اڳواٽي ۾ زبردست مظاهرو ڪيو. گورنر عبدالله لغاري کي چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن انگريز بندر تي لٿا تہ انهن تي حملو ڪيو ويندو. اهڙو اطلاع گورنر جهاز تي موجود پاٽنجر، هنڪي اسمٿ، ليفٽيننٽ مئڪسن ويل ڏانهن موڪليو تہ ڪراچيءَ جون حالتون خراب آهن، تنهن ڪري هو ميرن سان رابطو ڪن. انهيءَ دوران ڪجهہ انگريزن جا سپاهي جڏهن شهر ۾ داخل ٿيا تہ احتجاجي ماڻهن انهن کي موچڙا هڻي واپس ڪيو. ڪراچيءَ جا ماڻهو سيٺ ڏرياني مل جي اڳواٽي ۾ مسلسل احتجاج ڪندا رهيا. پوءِ ميرن جي وچ ۾ پوڻ تي 9 مئي 1809ع جو ڪراچي ايندڙ وفد، وڏي منٽ ميڙ لاهن چاڙهن، گرمين سردين، تيز تند جملن، انگريز سپاهين کي احتجاجي ماڻهن پاران ملندڙ مار مو چڙن کان پوءِ 10 جون 1809ع تي وفد ڪراچيءَ کان نٽي ڏانهن روانو ٿيو. وفد ۾ شامل هڪ ميمبر پاٽنجر هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "ڪراچيءَ ۾ انگريز قيدين جهڙا هنا."(7)

وفد 22 آگست 1809ع تي انگريزن، ميرن سان هڪ نئون معاهدو ڪيو. جيڪو سنڌ لاءِ غلامي جو ڳٽ ثابت ٿيو هو. انهيءَ معاهدي ۾ ڪراچي بندر جي سروي، نٽي ۾ سنڌ درياءَ جي ڪريڪ (فاٽن) جي سروي جهڙا نقطا شامل هئا. معاهدي ٽيڻ شرط انگريزن جي وفد اهو ڪم شروع ڪيو.

مير مڪمل طور انگريزن تي ڀروسو ڪري رهيا هئا. انهن جو پنهنجن ماڻهن تي جڙ ويساهہ ختم ٿي چڪو هو. ڏريانومل ۽ ٻين جي احتجاج تي ڪو ڌيان نہ ڏنو ويو. ائين عام ماڻهن جي دلچسپي جيڪا پهرين بہ ميرن جي حڪومت ۾ گهٽ هئي، وڌيڪ گهٽجندي وئي.

ٻلرام داس 1811ع ۾ ديهانت ڪري ويو ۽ 1820 ۾ ڪراچي ۽ سنڌ جو سپوت، هڏ ڏوکي ڏريانومل بہ ڏيهانت ڪري ويو. ڪراچيءَ جا ماڻهو اڪيلا ۽ ويڳاڻا ٿيا. ڏريانومل کي بہ پٽ موتيرام ۽ اڏيرو نومل

هئا. 1829ع ۾ ڌرياني مل جو پٽ اڏيرونومل ۽ هڪ مهيني کان پوءِ سندس ہيو پٽ موتيرام به دنيا ڇڏي ويا.

اڳتي هلي ڪراچيءَ جو ڪنٽرول پوچواڻي سيٺن جي هٿ هيٺ رهيو ۽نائونمل انهن جو اڳواڻ هو پر حالتون تبديل ٿي چڪيون هيون. مذهبي ڪٽرپڻو سنڌ ۾ زهر وانگر ڦهلجي رهيو هو. جنهن جي ڪري هندو ۽ مسلمان جن ۾ ڌريانو مل ۽ ہلرامداس ڪري ايڪو هو. هو هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئا. ميرن ۽ سنڌن مشيرن کي انگريزن جي مدد جي ضرورت پئي. اهي پوچواڻي جن انگريزن جي اچڻ تي سخت احتجاج ڪيو هو. ڪن سببن ڪري انگريزن جو ساٿ ڏنو.

جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اها ڪراچي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ميرن کي ڏهه سال لڳا ۽ 20 هزار فوج ناڪام ٿي ۽ 1839ع ۾ انگريزن چند سو فوجين ۽ توبن مان اڇلايل چند گولن سان فقط هڪ ڪلاڪ ۾ ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو ۽ ڪراچيءَ جا ماڻهو خاموش رهيا. اهو ميرن جي خلاف خاموش احتجاج هو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


1. Adrain Duarte, Dr. M.A.D.Litt, "A History of British Relations with Sind," **1613-1848.**"
2. B.D: "Rise of the Christian Power in India. Calcuta **1910**. Vol-IV P.**53**
3. Adrain Duarte, Dr. M.A.D.Litt, "A History of British Relations with Sind," **1613-1848.**"
4. Mubarak Ali, Dr. "The English factory in Sindh", Hyderabad, **1983**.
5. Crow, N. "Account of the Country of Sind", **1799**.
6. Adrain Duarte, Dr. M.A.D.Litt, "A History of British Relations with Sind," **1613-1848.**"
7. Pottinger, H. Travels in Balochistan and Sinde, London: **1816**, Reprinted, Indus Publications, Karachi **1986**.


❊❊❊

## ڪراچيءَ ۾ سڀ کان پهريان
## فيڪٽريون لڳائيندڙ

# نسروانجي رستم جي مهتا

| | |
|---|---|
| جنم: | لاڏاڻو |

**نسروانجي** رستم جي مهتا، ڪي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ فيڪٽرين لڳائڻ جو باني چيو ويندو هو. هن فيڪٽريون لڳائي، سنڌ جي واپارين کي هڪ نئون رستو ڏيکاريو جنهن سان ماڻهن کي روزگار جو وسيلو پڻ ميسر ٿيو. سنڌ تي انگريزن جي قبضي کانپوءِ ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ ترقياتي ڪمن جي شروعات ٿي، بندرگاهه، ريلوي، ٽرام وي سان گڏ عمارتن، رستن ۽ فيڪٽرين جي اڏجڻ جي به شروعات ٿي، ڪراچي شهر جي خوبصورتيءَ ۾ ٻين فرقن ۽ ڪميونٽين سان گڏ پارسين جو به وڏو هٿ آهي.

نسروانجي رستم جي مهتا، جديد ڪراچيءَ جي اڏيندڙن مان هڪ، جمشيد مهتا جو پيءُ بہ هو. هو پارسي ڪميونٽيءَ ۾ ”وڏي“ جي حيثيت رکندو هو ۽ سندس خدمتن عيوض کيس عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. هو پنهنجي ايمانداري ۽ ديانت ڪري واپاري حلقن ۾ بہ گھڻو مشهور هو. هو فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن سان گڏ مزدور ٿي پيش ايندو هو. هن ڪڏهن بہ مزدور کي مزدور نہ سمجهيو. انهن ئي خوبين جي ڪري هو وچولي طبقي مان ترقي ڪري ڪراچيءَ جي بادشاهہ گرن ۾ شامل ٿي ويو هو.

هن 1900ع ۾ سنڌ ۾ پهرين برف فيڪٽري، پهرين ٽائلز فيڪٽري، ٻاڦ تي هلندڙ پهرين اٽي پيهڻ جي مل، سوڊا لمليٽ ٺاهڻ جي فيڪٽري، ماربل جي پهرئين فيڪٽريءَ سميت ماڙيپور ۾ لوڻ ٺاهڻ جي فيڪٽري ۽ ڪاٺين چيرڻ جو ڪارخانو ۽ ٻيون ڪيتريون ايجنسيون قائم ڪيون. ڪراچيءَ ۾ هن جي لڳايل پهرين برف فيڪٽري رامسواميءَ واري علائقي لڳ هئي.

1908ع ۾ نسروانجي مهتا، گانڌي گارڊن (هاٿوڪو زو) لڳ پهرين ٽائلز فيڪٽري لڳائي، ان جي مقبوليت ڪانپوءِ هن ”پارت ٽائلز“ نالي هڪ فيڪٽري بمبئيءَ ۾ بہ کولي هئي.

ڪراچيءَ ۾ لوڻ ٺاهڻ جي شروعات انگريز دور ۾ ٿي، ان وقت ماڙي پور لڳ سمنڊ ڪناري، سمنڊ جي پاڻيءَ مان لوڻ تيار ڪيو ويندو هو. ڪراچيءَ ۾ هڪ اٺ تي سٽيل 5 کان 6 مڻ وزن جو لوڻ، ٻڌي مارڪيٽ ۾ رکو ڍهين آني ۾ ڏنو ويندو هو. 1854ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڏي پيماني تي لوڻ تيار ڪرڻ لاءِ ”ڪراچي سالٽ ڪمپني“ قائم ٿي هئي، ان تحت جنهن پهرين مقامي ماڻهوءَ سڀ کان پهرين هتي لوڻ فيڪٽري لڳائي هئي، اهو بہ نسروانجي مهتا هو. مهتا جي فيڪٽريءَ جو نالو ”نسروانجي سالٽ ورڪس“ هو.

گارڊن واري علائقي ۾ نسروانجي مهتا پهرين سوڊا لمليٽ ٺاهڻ جي فيڪٽري لڳائي.

ڪراچيءَ ۾ شروع ۾ اتي پيهڻ لاءِ "اٽ چڪيون" هونديون هيون. 1890ع ۾ اهڙيون 30 چڪيون شهر ۾ موجود هيون، جيڪي شهر جي مختلف علائقن ۾ هيون. انهن چڪين ۾ اُنن ڪان سخت ڪم ورتو ويندو هو هر چڪيءَ ۾ لڳ ڀڳ ڏهاڙي ڇهه مڻ اتو پيسيو ويندو هو. بجليءَ جي اچڻ ڪانپوءِ اٽ چڪيون آهستي آهستي بند ٿي ويون.

بجلي اچڻ کان اڳ 1880ع ۾ (ڪن جاين تي 1900ع ڄاڻايل آهي) ۾ نسروانجي مهتا ۽ يو. ڊنشا (MR.U. Dinsha) جي ڀاڱيداريءَ ۾ ٻاٿ تي هلندڙ ڪراچي اسٽيم رولر فلور ملز (Karachi Steam Roller flour Mills) جي شروعات ڪئي، اها ڪمپني اڳتي هلي "لميٽيڊ" ۾ تبديل ٿي، ورهاڱي کان اڳ گڏيل هندستان ۾ اها ئي وڏي مل هئي، جنهن ۾ سوين مزدور ۽ ٽيڪنيڪل عملو ڪم ڪندو هو.

اها فيڪٽري رامسوامي جي سامهون هاٿوڪي شو مارڪيٽ پويان ڌوٻي گهاٽ واري رستي تي هئي. ڌوٻي گهاٽ وارو اهو رستو ڌوٻي گهاٽ کان اچي لارنس روڊ (صديق وهاب روڊ) سان رامسوامي لڳ ملي وڃي ٿو. انهيءَ مل جي جاءِ تي هاڻي عظيم پلازا ٺهيل آهي.

انهن فيڪٽرين ڪانسواءِ ڪائين چيرڻ جو ڪارخانو ۽ ٻيون ٻه ڪيتريون ايجنسيون نسروانجي مهتا قائم ڪيون هيون. ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ ولايتي شراب جو وڏو دوڪان ۽ ايجنسي هوندي هيس. بندر روڊ (ايم اي جناح روڊ) ميري ويدر ٽاور سامهون، ڪٽرڪ مينشن سان گڏ، هڪ هيڊي رنگ جي پٿر جي جيڪا عمارت آهي، اها "نسروانجي بلڊنگ" جي نالي سان مشهور آهي، هن جي سڀني فيڪٽرين ۽ ايجنسين لاءِ اها مُک يا هيڊ آفيس هوندي هئي. ان جي هڪ حصي ۾ هن وقت ايڌي ايمبولنس سروس قائم آهي.

آفيس جي هڪ پاسي مڇي مياڻ روڊ (راهه بندر روڊ) جنهن جو نالو هن وقت غلام علي الانا روڊ آهي، لڳي ٿو.

"نسروانجي اينڊ ڪو" جي ترقيءَ ۾ نسروانجي رستم جي

مهتاجي محنت، ديانت ۽ ايمانداري شامل هئي، ”نسروانجي اينڊ ڪو“ پنهنجي بهترين ڪوالٽيءَ ڪري پوري هندستان ۾ مشهور هئي، اوهان کي ڪراچيءَ جي پراڻن گهرن، مندرن ۽ گرجا گهرن ۾ اڃ به ”نسروانجي اينڊ ڪو“ جا خوبصورت ٽائلز لڳل نظر ايندا.

خانبهادر نسروانجي رستم جي پنهنجي محنت، ڪفايت شعاري، ايمانداري ۽ ڪاروباري لياقتن ڪري ڪراچيءَ جي ثقافتي ۽ سماجي حلقن ۾ مشهور هو هو واپار ۽ فيڪٽرين جي ڪاروبار کانسواءِ خيراتي ڪمن ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺندو هو. سندس اهڙي سلسلي کي سندس پٽ جمشيد نسروانجي مهتا به اڳتي وڌايو هو سياست سان گڏ پيءُ جي ڪاروبار ۾ پڻ مددگار هوندو هو جمشيد ۽ سندس والد هميشه سادي زندگي گذاري، نسروانجي 77 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

❊❊❊

قومي ڪارڪن، اديب، وڪيل، استاد، صحافي
۽ 9 سال لڳاتار ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر رهندڙ

# ديوان ٿهلرام ڪيمچند وزيراڻي

| | |
|---|---|
| جنم: 1863ع | لاڏاڻو: آڪٽوبر 1905ع |

**ديوان** ٿهلرام ڪيمچند وزيراڻي جن اصل ۾ نٽي جا رهاڪو هئا. هي نٽي جي وزيراڻي ڪٽنب مان هو. ديوان ٿهلرام ڪيمچند وزيراڻي جو جنم 1863ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن جو والد سيٺ ڪيمچند نٽي ۽ ڪراچيءَ جو مشهور واپاري هو. ڪراچيءَ ۾ نانڪ واڙي واري علائقي

۾ ٺٺائي ڪمپائونڊ انهن وزيراڻين جو ٺهرايل آهي. ڪراچيءَ شهر جي صفائي، روشني، پيئڻ جي پاڻي جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ جي گورنر چارلس نيپئر 1846ع ۾ هڪ ڪنزرويسني بورڊ قائم ڪيو هو. 8 سيپٽمبر 1851ع ۾ هندستان جي ٻين شهرن وانگر، ميونسپل ايڪٽ تحت، ڪنزرويسني بورڊ کي "ڪراچي ميونسپل ڪميشن" جو نالو ڏنو ويو هو. اهڙي نموني ڪراچيءَ ۾ بلدياتي نظام جي شروعات ٿي. ميونسپل ڪميشن جي ميمبرن جو تعداد 24 هو. جيڪي سڀ جا سڀ حڪومت پاران ٿاڦيا ويا. انهن کي "ڪمشنر" چيو ويندو هو. ڪميشن جي انهيءَ پهرئين ڪاميٽي ۾ ديوان ٿهلرام جو والد ديوان کيمچند ۽ سيٺ نائون مل هوت چند به ميمبر هئا.

انهيءَ ڪميٽي ءَجو پهريون اجلاس آڪٽوبر 1852ع ۾ گورنر هائوس ۾ ٿيو. جنهن ۾ 9 ميمبرن تي ٻڌل هڪ مينيجنگ ڪاميٽي جوڙي ويئي، انهيءَ ڪاميٽيءَ ۾ ديوان ٿهلرام جو والد سيٺ کيمچند به ميمبر هو.

راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل، جيڪو ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو پهريون چونڊيل صدر هو. ديوان ٿهلرام کيمچند جو پائيٽيو هو. جيڪو ڏيون مل کيمچند وزيراڻي جو پٽ هو.

ڏيون مل، ديوان ٿهلرام جو وڏو ڀاءُ هو. ديوان ڏيون مل کيمچند سنڌ جي ڪمشنر جو اسسٽنٽ به هو.

انهن ڳالهين جي لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ ديوان ٿهلرام کيمچند جو پورو خاندان عوامي عهدن تي رهيو آهي ۽ عوامي خدمتن ۾ هن خاندان پورو حصو ورتو آهي.

ديوان ٿهلرام کيمچند ۽ سندس خاندان "برهمو سماج جماعت" جا ميمبر هئا. جيڪا آزاد خيال هندن جي جماعت هئي. جيڪي مذهبي متڀيد کان آجي معاشري لاءِ جدوجهد ڪندا هئا. جماعت جو

باني راجا رام موهن راءِ هو. جيڪو اسلام جو ڄاڻو آزاد خيال صوفي منش ماڻهو هو.

ديوان ٿهلرام کيمچند ميٽرڪ پاس ڪري وڌيڪ پڙهڻ لاءِ بمبئي ويو. ڇاڪاڻ تہ ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ ان وقت ڪو بہ ڪاليج نہ هو. سنڌ ۾ پهريون ڪاليج، ڊي جي ڪاليج (سنڌ آرٽس ڪاليج) ڪراچي ۾ 1887ع ۾ قائم ٿيو. 1887ع تائين سنڌ مان ڪل 16 شاگرد بمبئيءَ مان بي.اي جو امتحان پاس ڪري چڪا هئا. انهن مان هڪ ديوان ٿهلرام کيمچند بہ هو. جنهن 1884ع ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪيو. بمبئيءَ ويندڙ تڪليفن کي نظر ۾ رکندي هتان جي ماڻهن سنڌ ۾ ڪاليج لاءِ ڪوششون ورتيون. انهيءَ تحريڪ جي اڳين صف ۾ ٻين سان گڏ ديوان ٿهلرام کيمچند بہ شامل هو. ديوان ٿهلرام چندي گڏ ڪرڻ کان وٺي حڪومتي لکپڙهہ تائين هر سطح تي هن تحريڪ ۾ حصو ورتو. انهيءَ تحريڪ جي نتيجي ۾ جڏهن 17 جنوري 1887ع ۾ ڪاليج جي کولڻ جي مهورت ڪانپوءِ جيڪا پهرين "سنڌ ڪاليجيٽ بورڊ" ٺهي، ان ۾ سرڪاري ميمبرن ڪانسواءِ جيڪي عوامي ماڻهو بورڊ ۾ شامل هئا. انهن ۾ ديوان ٿهلرام کيمچند بہ شامل هو. انهيءَ ڪاليج ۾ ديوان ٿهلرام استاد جي حيثيت سان بہ خدمتون سرانجام ڏنيون ڪاليج ۾ جڏهن قانون جا ڪلاس شروع ڪيا ويا تہ ديوان ٿهلرام ڪاليج ۾ قانون جي استاد طور شامل ٿيو.

1884ع ۾ ڪراچيءَ ۾ بلدياتي نظام جي تاريخ جون پهريون چونڊون ٿيون. ان کان اڳ سرڪار پاران نامزدگي ٿيندي هئي. انهن چونڊن لاءِ ڪراچي شهر کي 16 وارڊن ۾ ورهايو ويو هو. هر وارڊ مان هڪ ميمبر جي چونڊ ٿيڻي هئي. 68332 واري آباديءَ جي شهر ۾ ووٽرن جو ڳاڻيٽو فقط 1666 هو مطلب تہ فقط 2.3٪ سيڪڙو ماڻهو

ووٽ ڏيڻ جا حقدار هئا. انهن پهرين بلدياتي چونڊن ۾ ديوان تهلرام کيمچند ڪامياب ٿيو. اهڙي طرح ديوان تهلرام شاگردي واري دور ۾ عوامي خدمتن لاءِ ميدان ۾ لهي پيو انهيءَ دوران ديوان تهلرام کيمچند 1886ع مان بمبئيءَ مان ايل. ايل. بي جو امتحان بہ پاس ڪيو. هن کان اڳ ڏيارام گدو مل 1882ع ۽ سيٺ هرچند راءِ وشنداس 1885ع. ۾ ايل.ايل.بي جو امتحان پاس ڪري چڪا هئا.

امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ديوان تهلرام کيمچند ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي. انهيءَ دور ۾ انهن ٿنهي وڪيلن جو وڏو نالو هو. 1898ع ۾ حسن علي آفندي جي پٽ خانبهادر ولي محمد ايل. ايل. بي جو امتحان پاس ڪيو. سنڌي مسلمانن مان هي پهريون ايل. ايل. بي هو. ڏيارام گدومل ۽ ديوان ڏيارام جيٺمل 1882ع ۾ "سنڌ سڀا" ناهي. سيٺ هر چند راءِ، ديوان تهلرام کيمچند، ديوان اڏارام مولچند، حسن علي آفندي ۽ يوسف علي، انهيءَ پليٽ فارم تان سرگرم هئا. ڪراچيءَ پر سنڌ جي تاريخ ۾ نهنڌڙا اها پهرئين اهم ۽ تاريخي جماعت هئي. جنهن ۾ هر مذهب ۽ فرقي جا ماڻهو شامل هئا. ان جماعت سنڌ ۽ سنڌين جي سياسي مسئلن، زرعي مسئلن، تعليمي ۽ سماجي مسئلن لاءِ ڀرپور جاکوڙ ڪئي، سنڌ جي مسئلن تي انگن اکرن سان پيپر تيار ڪيا. 1884ع ۾ حسن علي آفندي ۽ ڏيارام گدومل، لارڊ رپن جي آجياڻي واري مسئلي تي نہ ٺهي سگهيا تہ حسن علي آفندي الڳ ٿي، "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" جو بنياد وڌو.

1857ع جي جنگ آزاديءَ جي ناڪامي کانپوءِ پوري ملڪ وانگر ڪراچيءَ ۾ بہ سياسي طور ماٺار هئي. انهيءَ سياسي ماٺار ۾ پهرين پٿر اڇلائڻ وارن ۾ جن حصو ورتو انهن ۾ ڏيارام گدومل، ديوان ڏيارام جيٺمل، ديوان تهلرام کيمچند، حسن علي آفندي، سيٺ يوسف علي علوي، غلام حسين چاڳلا، ديوان نولراءِ، ساڌو هيرانند، سيٺ

هر چند راءِ، هيرانند کيمسنگ، ناگيندر گپتا، جعفر فدو ڊاڪٽر مرزا ۽ پروفيسر برچور جي پادشاهہ شامل هئا. انهن ماڻهن ۾ سماجي ۽ سياسي شعور بيدار ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي. ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي پليٽ فارم تان انهن جدوجهد ڪئي.

ميونسپلٽيءَ جي سطح تي ديوان ٿهلرام کيمچند، سيٺ هر چند راءِ ۽ بنگال جي اديب، صحافي ناگيندر گپتا ڪراچي ۾ هڪ سنگت جو بنياد رکيو. جنهن کي "سنڌ سڀا" جي حمايت حاصل هئي. هن پليٽ فارم جو مقصد اهو هو تہ ڪراچيءَ جي ماڻهن ۾ شعور بيدار ڪرڻ، انهن کي ميونسپل ڪميشن جي سطح تي سرڪاري ميمبرن جي مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ ۽ خاص طور تي تعليم ڏانهن ڌيان ڏيڻ هو. شروع وارن ڏينهن ۾ اهو ڪم انتهائي ڏکيو هو پر انهن دوستن گڏجاڻين، ليڪچرن، ثقافتي ۽ سماجي پروگرامن، جلسن ۽ ناٽڪن وسيلي ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي. انهيءَ جاڳرتا مهم ۾ مٿين ٽي مورتي مشهور ٿي، انهيءَ جدوجهد جي نتيجي ۾ ماڻهن ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي معاملن ۾، ۽ سياست ۾ڀرپور حصو ورتو.

ڪراچيءَ ۾ اتساهہ ڏيندڙ انهن ماڻهن جي نهيل سنگت جي ٻين مقصد ۾، ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ قرباني ڏيڻ. انهيءَ سنگت تي اڄ بہ سنڌ واسي ناز ڪري سگهن ٿا. هنن اهو بہ سمجهيو ٿي تہ ڪراچي شهر کي سڌارڻ ۽ ترقي وٺرائڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۾ نئون رت چونڊجي اچي.

1887ع وارن ميونسپلٽي جي چونڊن ۾ انهيءَ سنگت حصو ورتو ديوان ٿهلرام کيمچند انهن جو اڳواڻ هو. جن ۾ هِن گروپ جا فقط ٽئي اڳواڻ ڪامياب ٿيا. ديوان ٿهلرام کيمچند، سيٺ هر چند راءِ ۽ ناگيندر گپتا. ناگيندر گپتا چونڊن ۾ حسن علي آفندي کي

شڪست ڏني هئي، جنهن ڪانپوءِ حسن علي آفندي کي سرڪار پاران ٿاڦيل ميمبر طور ميونسپل ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو هو.

انهن چونڊن ۾ ماڻهن کي پنهنجي ووٽ جي اهميت جو احساس ٿيو ۽ حڪومت سان مقابلو ڪرڻ سبب، ماڻهن ۾ جيڪو ڊپ ويٺل هو اهو گهٽجي حد تائين ختم ٿيو. اڳ ۾ ماڻهو راڄ، برادري، مذهب ۽ فرقي جي بنياد تي ووٽ ڏيندا هئا. انهيءَ ۾ گهٽجي حد تائين گهٽتائي آئي ۽ گهڻا ميمبر پنهنجي عوامي خدمتن ۽ لياقت جي بنياد تي چونڊجي آيا. جنهن جو سهرو انهيءَ سنگت جي سر آهي.

انهن عوامي خدمتن جي بنياد تي ديوان ٿهلرام کيمچند مارچ 1896ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪميشن جو ٿاڦيل صدر چونڊيو ويو ۽ مرڻ گهڙي تائين، 9 سال، انهيءَ عهدي تي رهيو.

ميونسپلٽيءَ 1852ع ۾ قائم ڪئي ويئي هئي. 1852ع کان سيپٽمبر 1910ع تائين 26 ٿاڦيل صدر رهيا. جن مان فقط ٻه مقامي ماڻهو انهيءَ عهدي تي چونڊجي آيا هئا. جن ۾ پهريون اوڌارام مولچند 1891ع ۾ چونڊجي آيو ۽ ٻيو ديوان ٿهلرام کيمچند هو باقي سڀئي يورپين ٿاڦيل صدر رهيا هئا. 1910ع کانپوءِ ميونسپل ڪميشن کي پنهنجي صدر چونڊجڻ جا اختيار مليا.

ديوان ٿهلرام کيمچند جيئن صدر جو عهدو سنڀاليو ته 1896ع ۾ ڪراچي شهر ۾ پليگ جي مرض منهن ڪڍيو جنهن جي ڪري ميونسپلٽيءَ ترقياتي ڪمن کي روڪي انهيءَ پاسي ڌيان ڏنو. ماڻهو لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿيا. سرڪار سميت، ميونسپلٽيءَ جي ميمبر، سرندي وارن ڀرپور نموني ماڻهن جي مدد ڪئي. ديوان ٿهلرام کيمچند جي خواهش تي هر چند راءِ جي پيءُ وشنداس، ڀيم پوري واري علائقي ۾ هڪ عارضي اسپتال قائم ڪئي، جنهن ۾ علاج سميت کاڌو پيتو مريضن کي مفت ڏنو ويندو هو. اسپتال جو نگران ديوان ٿهلرام

ڪيمچند جو دوست سيٺ هر چند راءِ (جيڪو پڻ ميونسپلٽيءَ جو ڪائونسلر ۽ وڪيل هو) هو.

پليگ جو مرض 1897ع ۾ ٻيهر پنهنجي ڦهري روپ ۾ ظاهر ٿيو. 1896ع جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيو. هزارين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ديوان ٿهلرام ڪيمچند پنهنجي پوري ٽيم سان مصيبت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ موجود هو. وشنداس ٻيهر ڀيم پوري ۾ عارضي اسپتال قائم ڪئي. انهن ٻنهي سالن ۾ ديوان ٿهلرام، سرندي وارن ۽ پنهنجي ميمبرن سان دليري ۽ درياهه دليءَ سان ڪراچيءَ واسين جي خدمت ڪئي. جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هندستان جي حڪومت جي گهرو ڪاتي پاران 1898ع ۾ پوري هندستان ۾ 1896ع ۽ 1897ع ۾ آيل پليگ جي بيماري بابت مڪمل تفصيل سان پنجن ڀاڱن تي ٻڌل ڪتاب شايع ڪيو هو. جنهن جو ليڪڪ ناٿن رابرٽ (Nothan Robert) هو. انهيءَ ڪتاب ۾ سنڌ جي شهرن ۾ ڦيل پليگ بيماريءَ جا تفصيل ڏنل آهن. ڪتاب ۾ بهترين ڪم ڪرڻ تي ڪراچي سطح تي ديوان ٿهلرام ڪيمچند ۽ ملڪي سطح تي سيٺ وشنداس جي خدمتن کي ساراهيو ويو هو. سندن انهن خدمتن جي عيوض سرڪار 21 مئي 1898ع تي ديوان ٿهلرام ڪيمچند کي (C.I.E) جو خطاب ڏنو.

شروع ۾ ديوان ٿهلرام ڪيمچند وزيراٽي، ۽ پوءِ سيٺ هر چند راءِ وشنداس پارواٽي، ڪراچي ميونسپلٽيءَ کي هڪ آدرشي ميونسپلٽي بنائڻ لاءِ پاڻ گهڻو پتوڙيو هو. پوءِ جمشيد مهتا انهن جي رستي هلندي ڪراچي ميونسپلٽيءَ کي هڪ آدرشي ميونسپلٽي بنايو. بنا ڪنهن شڪ جي چئي سگهجي ٿو ته، اهي جديد ڪراچيءَ جا معمار آهن. ٿهلرام ڪيمچند هڪ ڌرمشالو/مسافر خانو 1896ع ۾ برنس روڊ واري علائقي ۾ ٺهرايو هو جنهن جو انتظام ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي

حوالي هو. جيڪو ”ٺهلرام کيمچند ڌرمشالو/مسافر خانو“ جي نالي سان مشهور هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ان مسافر خاني کي بند ڪيو ويو. جڏهن تہ انگريز دور ۾ اهو پورو علائقو ٺهلرام مسافر خاني جي نالي سان مشهور هو.

ديوان ٺهلرام کيمچند ميونسپلٽيءَ جي خدمتن ۽ سماجي خدمتن کانسواءِ ملڪي سياست ۾ بہ حصو ورتو. جنهن جي شروعات هن ”سنڌ سڀا“ جي پليٽ فارم تان ڪئي هئي.

21 آگسٽ 1887ع تي ”سنڌ سڀا“ جو اڳواڻ ديوان ڏيارام جيٺمل ديهانت ڪري ويو تہ ديوان اڌارام مولچند کي سڀا جو اڳواڻ چونڊيو ويو. جيڪو جنوري 1891ع کان ڊسمبر 1891ع تائين ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ٿاقيل صدر بہ رهي چڪو هو. مولچند جي ديهانت کانپوءِ سنڌ سڀا جون واڳون ديوان ٺهلرام کيمچند جي هٿن ۾ آيون.

ڪانگريس جي چوٿين ساليانو گڏجاڻي (سميلن) 26 ڊسمبر 1888ع تي الهہ آباد ۾ ٿي. جنهن ۾ سنڌ مان سيٺ هر چند راءِ وشنداس ۽ ديوان ٺهلرام کيمچند شريڪ ٿيا. ديوان ٺهلرام کيمچند جي اها خواهش هئي تہ انڊين نيشنل ڪانگريس، سنڌ جي شهر ڪراچيءَ ۾ بہ ساليانو گڏجاڻي ڪوٺائي، پر سندس جيئري اها خواهش پوري نہ ٿي. ٺهلرام کيمچند 1904ع ۾ بمبئي، صوبائي ڪانفرنس جي صدارت بہ ڪئي هئي، سر فيروز شاهہ مهتا اها سليڪشن ڪئي هئي، هو خود مرڪزي اڳواڻ هو پر ٺهلرام کي ڏسندي ئي هن کان صدارت ڪرائڻ جو فيصلو ڪيائين. 1904ع کان اڳ ڪنهن بہ سنڌ جي نمائندي اهڙي صوبائي ڪانفرنس جي صدارت نہ ڪئي هئي، اهو اعزاز ٺهلرام کي حاصل ٿيو.

1913ع ۾ جڏهن انڊين نيشنل ڪانگريس جو 28 ويهون ساليانو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو تہ سيٺ هرچند راءِ پنهنجي تقرير ۾

چيو تہ ”انڊين نيشنل ڪانگريس جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائڻ جو خيال، ديوان ٿهلرام کيمچند جو هڪ خواب هو. اڄ هو صاحب حيات ڪونهي، جيڪڏهن ديوان ٿهلرام جيئرو هجي ها تہ هن پليٽ فارم تان اوهان صاحبن جي آجيان ڪري ها ۽ آڌرڀاءَ ڪاميٽي جي چيئرمين جي حيثيت ۾ هو پنهنجي تقرير بہ پڙهي ها. سندس بي وقائتي موت سبب سنڌ ملڪ، هڪ اعليٰ درجي جو اڳواڻ وڃايو آهي. ديوان ٿهلرام جون عام ماڻهن لاءِ خدمتون، ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن، عوام جي ڀلائي هو پنهنجو فرض سمجهي ڪندو هو. ساراهہ ۽ تنقيد جي ڪا پرواهہ نہ ڪندو هو. سندس زندگي جا شاندار مثال، سنڌ واسين لاءِ ڏس جا ڏيئا ثابت ٿيندا.“ (هر چند راءِ جي ڪتنب تي لکيل ڪتاب ”رتن جوت“ ۽ ڪي.ايم.سي جي ريڪارڊ تان ورتل)

ديوان ٿهلرام سياستدانن، سماج سڌار، وڪيل، استاد سان گڏ هڪ صحافي ۽ اديب بہ هو.

1866ع ۾ سنڌ سرڪار پاران هفتيوار اخبار ”سنڌ سڌار“ جاري ڪئي وئي. اڳتي هلي اها اخبار ”سنڌ سڌار“ جي هڦ هيٺ جاري ٿي. سنڌ سيا جي هٿ هيٺ هفتيوار انگريزي اخبار ”سنڌ ٽائمز“ 1884ع ۾ جاري ٿي. ٻنهي جو ايڊيٽر ساڌو هيرانند ۽ بعد ۾ ناگيندر گپتا انهن جو ايڊيٽر ٿيو. ديوان ٿهلرام سنڌ سيا پاران ٻنهي اخبارن جي سٿ ۾ شامل هو.

ماڻهن ۾ جاڳرتا لاءِ ديوان ڪوڙو مل چندن مل، سيٺ هرچند راءِ، ناگيندر گپتا ۽ ديوان ٿهلرام انهن ۽ ٻين اخبارن ۾ مضمون لکندا هئا.

ديوان ٿهلرام کيمچند جي نالي سان ڪراچيءَ جي کاري در واري علائقي ۾ جيڪو روڊ هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ان روڊ جو نالو مٽائي ”جي. الانا روڊ “رکيو ويو آهي.

ڪراچيءَ جي معمارن جي اڳين سٽ جو اڳواڻ، سنڌ جي ماڻهن لاءِ شاندار زندگي لاءِ جدوجهد ڪندڙ قومي ڪارڪن، اديب، وڪيل،

استاد ۽ صحافي، ديوان ٿهلرام کيمچند 42 سالن جي عمر ۾ آڪٽوبر 1905ع ۾ ديهانت ڪري ويو. مرڻ وقت هو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر هو.

## سمجهاڻيون ۽ حوالا

مضمون جي تياريءَ ۾ آفيشل ريڪارڊ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن (سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي) ڊي جي سنڌ ڪالج پاران شايع ٿيندڙ سالانه مخزن ۽ هرچندراءِ جي ڪٽنب تي موتيرام سترامداس جي لکيل ڪتاب: "رتن جوت" (سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 2010) مان مدد حاصل ڪئي ويئي آهي.

❊❊❊

جديد ڪراچيءَ جوا ڏيندڙ

# هر چندراءِ وشنداس

| لاڏاڻو: 16 فيبروري 1928ع | جنم: 1862ع |
| --- | --- |

**جديد** ڪراچيءَ جي اڏيندڙن ۾ ٻہ اهم نالا ڳڻجن ٿا. انهن مان هڪ جمشيد نسروانجي مهتا ۽ ٻيو سنڌ جي اهم ڪانگريسي اڳواڻ ۽ فقير منش انسان, وشنداس نهالچند جو پٽ, هر چندراءِ جا نالا شامل آهن. انهن جو وڏو ڏاڏو سيٺ سانول مل هو. سنڌس نالي پويان پهرئين هي "سانولاڻي" سڏبا هئا. سن 1900ع ۾ مانجهو تعلقو ڪوٽڙي ۾

ڪالرا پوڻ تي، سيٺ وشنداس اتان لڏي ڪراچي شهر ڏانهن آيو. مانجهو وارو ڳوٺ 1900ع ۾ ڪراچي ضلعي ۾ شامل هو. اِن کان اڳ ۾ سيٺ جو ڪاروبار ڪراچيءَ ۾ هلندڙ هو. 1869ع ۾ ڪاري در واري علائقي ۾ ڪوٺي کوليائين، جتي اناج، ڪاٺين ۽ ڪوئلن جو ڏيتو واپار ڪندو هو. 1869ع ۾ ميري ويدر ٽاور جي پر ۾ لکميداس اسٽريٽ ۾ هڪ عاليشان گهر ٺهرايائين. ڪراچيءَ واري گهر ۾ هڪ سينگاريل هال "وشن سيا" ٺهرائي هئائين، جتي هر روز راڳ جي مجلس ٿيندي هئي. سيٺ وشنداس وڏو واپاري ۽ زميندار هو. هو سياست سان گڏ سخا ۽ سماجي ڀلائي وارن ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو.

سيٺ وشنداس کي ٽي پٽ ٿيا.(1) سيٺ هر چندراءِ (2) سيٺ سريچند ۽ (3) سيٺ اوڌو داس هئا. سيٺ هرچند راءِ 1862ع ۾ ڳوٺ مانجهو تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو.

هن پرائمري تعليم ڪوٽڙي مان حاصل ڪئي ۽ 1878ع ۾ اين. جي. وي هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ جو رخ ڪيائين. سن 1878ع تائين ڪراچي شهر ۾ مئٽرڪ امتحان لاءِ مرڪز نہ هو مئٽرڪ امتحان لاءِ بمبئيءَ وڃڻو پوندو هو پر هر چند راءِ جڏهن مئٽرڪ ۾ هو تہ 1878ع ۾ ڪراچيءَ ۾ امتحاني سينٽر بنايو ويو. شهر ۾ ٻہ هاءِ اسڪول هوندا هئا. پهريون چرچ مشن هاءِ اسڪول (1846) ۽ ٻيو اين. جي. وي هاءِ اسڪول ( 1856) هئا. تن ڏينهن ۾ پوري سنڌ ۾ ڪوبہ ڪاليج نہ هو. سرنديءَ وارا پنهنجن ٻارن کي وڌيڪ تعليم لاءِ بمبئي موڪليندا هئا. غريبن جي ٻارن لاءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ فقط هڪ خواب هو. هر چندراءِ 1882ع ۾ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ مان گريجويشن ڪئي. بعد ۾ 1885ع ۾ ايل. ايل. بي جي ڊگري حاصل ڪري، هو سنڌ موٽي آيو هن کان اڳ ۾ سنڌ ۾ فقط هڪ قانوندان ڏيارام گدومل شهاڻي هو.

بي فڪر ۽ آزاد خيال هر چندراءِ سرڪاري نوڪري کي ترجيح ڏني، ڇاڪاڻ تہ ان وقت سرڪار جي نوڪري معنيٰ انگريز سرڪار ۽ سندس ڏهڙي جو حصو. هر چندراءِ، شڪارپور ڪورٽ ۾ نوڪري شروع ڪئي. جيڪا بادشاهت ڪان گهٽ نہ هئي. نوڪري واري ڳالهہ سندس پيءُ وشنداس کي نہ وڻي. تنهن ڪري پيءُ جي خواهش تي اها نوڪري ڇڏي، واپس ڪراچي پهتو ۽ 1886ع هڪ ليگل فارم ”هر چند راءِ اينڊ ڪو“ جي نالي سان بندر روڊ تي ڊينسو هال لڳ کوليائين.

1886ع تائين ديوان چيتمل، ديوان ٽيڪم داس، حسن علي آفندي ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪري چڪا هئا. انهن جي وچ ۾ هر چندراءِ کي پنهنجي جاءِ ٺاهڻي هئي. هن جلدي سچائي، ايمانداري ۽ ترقي پسند سوچن ڪري پنهنجو حلقو ٺاهي ورتو. جنهن ڪري سندس شمار ڪراچيءَ جي بهترين وڪيلن ۾ ٿيڻ لڳو.

پنهنجي محنت، لگن ۽ ايمانداري ڪري هو پهرين ڪراچي بار جو اعزازي سيڪريٽري ۽ پوءِ صدر ٿيو. ڪراچي بار ايسوسيئيشن، 10 مئي 1890ع ۾ قائم ٿي ۽ سيٺ هر چند راءِ ايسوسيئيشن جو پهريون سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ هو 38 سال (مرڻ گهڙي تائين) ڪراچي بار ايسوسئيشن جو سيڪريٽري رهيو.

ڪراچي جا اڪثر ناليوارا وڪيل ”هر چند راءِ اينڊ ڪو“ جا ميمبر هئا. هر چندراءِ حڪومت مخالف ڪيسن کڻڻ ۽ کٽڻ ڪري مشهور هو. هر چند راءِ جي اها هڪ وڏي خوبي هئي تہ پنهنجي هٽ هيٺ ننڍي اسٽاف جو خيال رکندو هو انهن کي اڳتي وڌڻ لاءِ همٿائيندو هو. انهيءَ سرپرستيءَ جي نتيجي ۾ سندس فرم جا 17 ڪلارڪ محنت ڪري وڪالت جو امتحان پاس ڪري وڪيل بڻيا. انهن مان ديوان ايسرناٿ هزاري سنگ، قيمت راءِ يوڄ راءِ، مسٽر ڪوڏو

مل ليکراج ۽ مسٽر آسومل ريواچند شامل هئا. هر چند راءِ جي وفات کانپوءِ انهن مان وکيل مسٽر قيمت راءِ پوهراج ڪراچي بار ايسوسيئيشن جو صدر بہ چونڊيو ويو. هر چندراءِ، محمد علي جيٺا (جناح) ڀائي جي، جو قانوني مشير بہ رهيو. وڪالت دوران غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کان هر چندراءِ چڱي طرح واقف ٿيو ۽ ڏيارام گدومل شهاڻي جيڪو ڪراچي ۾ سماجي ڪمن جي حوالي سان مشهور هو جي صحبت ۾ هر چندراءِ جي زندگي تبديل ڪري ڇڏي نتيجي ۾ هڪ آزاد خيال ماڻهو مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان بڻجي سنڌ جو نالو روشن ڪيو. ڏيارام گدومل سان گڏ هي جڏهن نئين سفر تي روانو ٿيو تہ انتهائي سنجيدگيءَ سان هن اهو ڪم ڪيو. هو ڏيارام کان گهڻو متاثر هو. ڏيارام گدومل کي سنڌ جو مهان اڳواڻ سمجهندو هو جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ هو ڏيارام گدومل کان بہ گهڻو اڳتي نڪري ويو. هن پنهنجي پوري زندگي غريبن جي خدمت ڪرڻ، ڪراچي سميت، سنڌ سنوارڻ ۾ گذاري ڇڏي هيءَ دوستي جو سچو همت وارو ۽ يار ويس ماڻهو هو. هر چند راءِ 1882ع کان "سنڌ سڀا" جي پليٽ فارم تان تعليمي ۽ سماجي خدمتون شروع ڪيون، سنڌ سڀا کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ اها سنڌ جي پهرين سياسي ۽ سماجي پارٽي هئي. ان سڀا ۾ ڪراچيءَ جي سيني فرقن جا ماڻهو شامل هئا. سڀا جو مقصد مذهبي مدبيد کان هٽي ڪري ڪراچيءَ سميت سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ هو. سڀا جي پليٽ فارم تان بہ اخبارون "سنڌ ٽائمز" ۽ "سنڌ سڌار" شروع ڪيون ويون هيون. انهن اخبارن جو ايڊيٽر ساڌو هيرانند هو. انهن اخبارن سنڌ ۾ مسئلن جي حل لاءِ راءِ عامہ هموار ڪرڻ، سنڌجي مسئلن کي سرڪار تائين پهچائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سڀا ۾ ڏيارام گدومل شهاڻي، هر چند راءِ کانسواءِ ديوان ڏيارام جيٺمل، ديوان ٿهلرام کيمچند، ديوان نولراءِ،

شوقيرام، حسن علي آفندي ۽ ٻيا شامل هئا. اِڳتي هلي مشهور بنگالي اديب ناگيندر ناٿ گپتا، جمشيد مهتا، شريف صالح محمد، اوڌا رام مولچند، ايدلجي ڏنشا، دولت رام ڄيٺمل، اي. ڪوڪ ۽ فتح چند آتما رام سنڌ سڀا جا بنيادي ميمبر ٿيا هئا.

1887ع تائين سنڌ ۾ ڪو به ڪاليج نه هو. ميٽرڪ کان پوءِ هتان جا شاگرد اعليٰ تعليم لاءِ بمبئيءَ ۽ لاهور ڏانهن ويندا هئا. جيڪو غريب ۽ مڊل ڪلاس جي ماڻهن جي وس جي ڳالهه نه هئي. ان لاءِ هتان جي ماڻهن ڏيارام گدومل شهاڻي، ڏيارام ڄيٺمل، سيٺ الومل، ديوان واڌو مل، فتح چند آتمارام، شيوان داس، بهرام جي ڪوتوال، ديوان اوڌارام مولچند ۽ هر چند راءِ وشنداس ڪاليج لاءِ ڪوششون ورتيون. انڊين ايجوڪيشن ڪميشن سنڌ ۾ ڪاليج کولڻ جي اجازت ڏني ته مٿين اڳواڻن ڪاليج لاءِ چندو گڏ ڪيو. اهڙي طرح 17 جنوري 1887ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جو پهريون ڪاليج "سنڌ آرٽس ڪاليج" قائم ڪيو ويو. بعد ۾ ڏيارام ڄيٺمل جي ديهانت ڪانپوءِ هن جي خاندان ڪاليج لاءِ چندي ۾ سڀ کان وڏيڪ رقم جمع ڪرائي ته ڪاليج جو نالو "ڏيارام ڄيٺمل (D.J) سنڌ ڪاليج"، رکيو ويو. انهيءَ اهم ڪاميابيءَ ۾ سنڌ سڀا جي ميمبرن جو وڏو هٿ هو. هر چند راءِ ڪيترا سال، سنڌ ڪاليج بورڊ جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽي جو ميمبر رهيو.

اهو انهن عظيم ماڻهن جو سنڌ مٿان اهڙو احسان آهي جنهن جو اجر قيامت تائين انهن ماڻهن کي ملندو رهندو.

تعليم جي سلسلي ۾ هن جون خدمتون نه وسارڻ جهڙيون آهن. 1886ع ۾ جڏهن هن ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي ته پراڻي تائون واري علائقي ۾ مختلف برادرين پاران ٻارن کي ٽيوشن ڏيڻ لاءِ رات جو سينٽر هلايا ويندا هئا. جن کي "راتڙي شالائون" چيو ويندو هو. هر چند راءِ

اهڙن مختلف "راتڙي شالائن" ۾ وجي ٻارن کي پڙهائيندو هو.

1911ع ۾ جڏهن هو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر هو تہ هڪ نهراءُ وسيلي حڪومت کان گُهر ڪئي تہ بمبئي ڪائونسل مسٽر گوکلي، پاران پيش ڪيل لازمي پرائمري ايجوڪيشن واري بل کي منظور ڪري. ان ڪانسواءِ بمبئي ڪائونسل ۾ بہ بل جي حق ۾ دليل ڏيئي حڪومت کي بل پاس ڪرڻ تي مجبور ڪيو انهن ڪوشش سان 1918ع ۾ اهو بل منظور ڪيو ويو.

1884ع ۾ حڪومت. ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي قانون ۾ ترميم ڪري اڌ ميمبر عوام جي ووٽن وسيلي چونڊڻ جو طريقو متعارف ڪرايو. ميمبرن جو تعداد 24 مان وڌائي 32 ڪيو ويو. انهن چونڊن ۾ پهريون ڀيرو 16 ماڻهو سڌي عوامي ووٽ وسيلي چونڊجي آيا. انهن چونڊن لاءِ سنڌ سڀا جي پليٽ فارم تان ڀرپور مهم هلائي وئي. اميد وار بيهاريا ويا هئا.

اڳتي هلي انهن چونڊن ۾ هرچندراءِ سنڌ سڀا جي پليٽ فارم تان 1888ع وارن چونڊن ۾ ميمبر چونڊجي آيو. 1888ع کان وٺي 1921ع تائين هر چندراءِ ڪراچي ميونسپلٽي سان لاڳاپيل رهيو.1888ع ۾ جڏهن هر چند راءِ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چونڊجي آيو تہ هو 26 سالن جو نوجوان هو. مسلسل 33 سال هر چند راءِ جو ناتو ڪراچي ميونسپلٽيءَ سان رهيو. هن ڪراچيءَ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ٻارنهن سال هو ميونسپلٽيءَ جو قانوني مشير بہ رهيو.

1891ع ۾ ٻيهر چونڊون ٿيون. هر چند راءِ هن ڀيري بہ عوامي ووٽن وسيلي چونڊجي آيو. آڪٽوبر 1910ع ۾ ميونسپلٽي ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي وئي. جنهن مطابق ميونسپل ڪميشن جو صدر حڪومت پاران نامزد سرڪاري ماڻهو نہ هوندو. صدر چونڊڻ جا اختيار ميونسپلٽي کي ڏنا ويا تہ هو پنهنجن ميمبرن مان صدر چونڊين. پر ان

جي منظوري حڪومت کان وٺڻ ضروري هئي. ميمبرن جو تعداد 32 مان وڌائي 36 ڪيو ويو. انهيءَ ترميمي ايڪٽ کان پوءِ سرچارلس ميولز آڪٽوبر 1910ع ۾ پهريون چونڊيل صدر ٿيو. آڪٽوبر 1911ع ۾ هر چند راءِ وشنداس بنا مقابلي صدر چونڊجي آيو ۽ هر چند راءِ کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو پهريون چونڊيل مقامي صدر هو. هو 1911ع کان 1921ع تائين لڳاتار ڏهہ سال ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر رهيو.

لاڳيتو ڏهہ سال چونڊجي اچڻ جو بہ اعزاز هر چندراءِ وشنداس کي حاصل آهي. انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هيءُ ڪراچيءَ جي ماڻهن، چونڊيل ميمبرن، سماجي ۽ سياسي اڳواڻن ۾ ڪيترو مقبول هو. اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري ممڪن ٿيو جو هر چندراءِ ڏينهن رات شهر جي خدمت ڪئي، بنا ڪنهن شڪ جي هو جديد ڪراچي جو ابو ۽ اڏيندڙ آهي. جنهن کانپوءِ هن روايت کي جمشيد مهتا اڳتي وڌايو. هر چندراءِ نہ فقط ميونسپلٽي تائين محدود رهيو پر مونسپلٽي پاران 1910ع کان 1920ع تائين بمبئيءَ ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو ۽ ڪائونسل جي مختلف ڪاميٽين جو ميمبر بہ رهيو. اهڙي طرح سنڌ جي ڀرپور نمائندگي ڪيائين. هر چند راءِ سياسي طور ڪانگريسي هو. ڪانگريس کي سنڌ ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ هر چند راءِ ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جو وڏو هٿ آهي.

ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي صدر جي حيثيت سان هن جون خدمتون ايتريون آهن جو تفصيل لاءِ الڳ ڪتاب گهرجي. جيڪي اهم ڪارناما آهن انهن مان هڪ ميونسپلٽي جي بجيٽ کي وڌائڻ ۽ حڪومت جي خيرات جي بجاءِ پنهنجا وسيلا ڳولڻ شامل هو. جنهن ۾ هو ڪامياب رهيو. بندر تي آڪٽراءِ ٽيڪس ۾ گهٽتا مونجهارا هئا انهيءَ جي جاءِ تي هر چند راءِ ٽرمينل ٽيڪس لاڳو ڪري اهي

مونجهارا ختم ڪيا.

ڪراچيءَ شهر ۾ سوڙهين گهٽين کي ويڪرو ڪرڻ، فٽپاٿن جي تعمير ۽ نوان رستا ناهڻ جي شروعات هر چند راءِ ڪئي. منگهو پير روڊ جي تعمير، بندر روڊ، ڪلفٽن روڊ، لارنس روڊ جي واڌاري جو ڪم بہ شروع ڪرايائين. لياري نئين جو پراڻو وهڪرو گارڊن وٽان حسن لشڪري وليج سان لڳ وهي، اسپينسر آءِ اسپتال ۽ ليمارڪيٽ کان ڪڏي لڳ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. اسپينسر آءِ اسپتال کي اڄ بہ مقامي سنڌي ماڻهو نئين واري اسپتال ۽ بلوچ ڪور (نئين) واري اسپتال چون ٿا. لياري نئين جي پراڻي ڪپ تي هٽڻ ڪري هن تي اهو نالو پيو.

لياري نئين ۾ اڪثر ٻوڏ اچڻ ڪري پاڻي شهر ۾ ڪاهي پوندو هو. لياري سميت گهڻا علائقا متاثر ٿيندا هئا. ڪراچي واسين لاءِ اهو هڪ وڏو عذاب هوندو. هر چند راءِ لياري نئين جي انهيءَ شاخ کي 1911ع ۾ گارڊن حسن لشڪري وليج لڳ پٿر جي ديوار ڏيئي، رخ هاڻوڪي چاڙ ڏانهن موڙي ڇڏيو. جنهن تي ڪراچيءَ جي ماڻهن سک جو ساهہ کنيو. اها ديوار حسن لشڪري وليج لڳ ڏوبي گهاٽ سان اڃان بہ موجود آهي.

خالي زمين کي ميونسپلٽيءَ جي ميمبرن هر چند راءِ ڪواٽر رکڻ جي تجويز پيش ڪئي، پر هر چند راءِ مخالف ڪندي انهيءَ جو نالو ميونسپلٽيءَ جي انجنيئر ”مشام لي“ جي نالي پويان ”لي ڪوارٽرز“ رکيو ڇاڪاڻ تہ اها سڄي محنت انجنيئر مشام لي جي هئي.

نئين جي خالي پيٽ تي هر چندراءِ مارڪيٽ اڏڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو ليمارڪيٽ جي نالي سان اڄ بہ موجود آهي. ماڻهن ۽ ميونسپلٽيءَ جي ميمبرن انهيءَ وسيع مارڪيٽ جو نالو بہ هر چندراءِ مارڪيٽ رکڻ ٿي چاهيو پر هر چندراءِ ميونسپلٽي جي انجنيئر مسٽر مشام لي، جنهن انهيءَ مارڪيٽ جو نقشو ٺاهيو هو. انهيءَ جي نالي

سان مارڪيٽ منسوب ڪيو مارڪيٽ ۾ مڇي، سبزي ۽ ڪير منڊي قائم آهن. ماڻهن جي رهائش لاءِ لي ڪوارٽرز جو بنياد وڌائين. مارڪيٽ سان گڏ هڪ اسڪول بہ هر چند راءِ جوڙايو. اهو سنڌي ميڊيم اسڪول اڄ بہ موجود آهي. هر چندراءِ پراڻي شهر سان گڏ، مڇي مياڻي ۽ رانڇوڙ لائين جي ترقي ۾ پيش پيش رهيو. جڏهن شهر وڌڻ لڳو تہ هر چندراءِ فوج لاءِ متبادل زمين جو بندوبست ڪيو ۽ انهن علائقن ۾ بندر روڊ ايڪسٽينشن جنهن کي جمشيد ڪوارٽرز سڏجي ٿو. وارو علائقو آرٽلري ميدان ۽ ٻيا علائقا حاصل ڪيا. بندر روڊ ايڪسٽينشن تي آسان شرطن تي ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽين جو بنياد وڌو ويو.

رام باغ، رتن تلاءُ ۽ رنڇوڙ لائين وارا علائقا، جتي سڪل تلاءُ هئا، اتي هر چند راءِ پبلڪ پارڪ ٺهرايا.

جمشيد ڪوارٽر آباد ڪرڻ جو سهرو هر چند راءِ جي سر آهي. هر چند راءِ جي خواهش هئي تہ ڪراچي ٻين يورپي شهرن وانگر صاف سٿرو ۽ جديد شهر جو ڏيک ڏئي. ان سلسلي ۾ هن بمبئيءَ ۽ ڪلڪتي جو دورو بہ ڪيو. شهر ۾ وڻڪاري ۽ پارڪ ٺاهڻ جو سلسلو بہ هر چند راءِ پنهنجي دور ۾ شروع ڪيو.

بندر روڊ تي ميونسپلٽيءَ جي عمارت لاءِ زمين حاصل ڪري ۽ ان جي اڏاوت جي شروعات ڪيائين، پر پهرئين مهاڀاري لڙائي لڳڻ ۽ فنڊن جي گهٽتائي ڪري اهو منصوبو رڪجي ويو پوءِ سندس دوست جمشيد مهتا عمارت مڪمل ڪرائي، هر چندراءِ جي خواب کي پورو ڪيو. 7 جنوري 1932ع تي ميونسپلٽيءَ جي عمارت جي افتتاح جي موقعي تي جمشيد مهتا، هر چندراءِ جي خدمتن کي ساراهيو ۽ چيو تہ، "ڪراچيءَ واسين لاءِ هي تحفو هر چندراءِ جي ڪوشش سان شروع ٿيو هو."

ڪراچي، جيڪو اڄ روشنين جي شهر طور مشهور آهي. شهر کي روشنين سان منور ڪرڻ وارو بہ هرچندراءِ وشنداس آهي. هر چندراءِ جي ڪوشش سان 1913ع ۾ ڪراچيءَ ۾ بجلي آئي. بجلي اچڻ ڪري ڪراچي هڪ جديد شهر ڏانهن سفر شروع ڪيو.

هر چندراءِ ڪراچي پورٽ جي ترقي ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1911ع کان هو 9 سال لڳاتارڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي ۽ ٽرسٽ جو نائب صدر بہ رهيو هو.

هر چند راءِ سنڌي جيم خانہ ۽ ڪراچي ڪلب جي باني ۾ شمار ٿئي ٿو. هو ڪيترا سال سنڌي جيمخانہ ۽ بہ پيرا ڪراچي ڪلب جو صدر پڻ رهي چڪو آهي. ڪراچي ڪلب جو هو بہ پيرا صدر چونڊيو ويو. هندو جيم خانہ ٺهڻ ۾ بہ هر چند راءِ جون ڪوششون شامل هيون. جيمخانہ ايسوسيئيشن جو صدر پڻ رهيو. هر چند راءِ مٿين ٺنهي ادارن جي ترقي ۽ انهن کي مالي طور پاڻ پيرو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ مٿيان ٽيئي ادارا هر چندراءِ وشنداس جي ڪوشش سبب ئي ترقي جون منزلون ماڻيندا رهيا هئا.

هر چندراءِ غلام حسين خالق ڏنو هال لائبريري، ليڊي ڊفرن هاسپيٽل، لارينس انسٽيٽيوٽ جي ڪاميٽين جو ميمبر بہ رهيو. غلام حسين خالق ڏنو هال لائبريري ۽ ريڊنگ روم جو هو ڪيترائي سال صدر ۽ مرڻ گهڙي تائين ميمبر رهيو. ڪراچي هيلٿ ايسوسيئيشن جو باني ۽ ڪيترائي سال صدر رهيو. پوور(Poor) ويلفيئر ايسوسيئيشن جو باني ۽ صدر رهيو. سنڌ هندو سڀا، ڪراچي هندو سڀا کان سواءِ آريا سماج ڪراچي، برهمو سماج، هندو ٽائون پيپلز ايسوسيئيشن ڪراچي، پنجراپور ايسوسيئيشن ڪراچي، انڊين مرچنٽ ايسوسيئيشن، سٽيزن ايسوسيئيشن ڪراچي، سنت ڏرم منڊل ۽ ٻين سماجي ڀلائي وارن ادارن جو باني ميمبر ۽ گهڻن ادارن جو اڳواڻ رهيو.

انهن ادارن جي پليٽ فارم تان شهر کي سماجي ۽ ثقافتي سهولتون پهچائڻ سان گڏوگڏ تفريح ۽ تعليم جو بندوبست ڪيو ويندو هو. هر چند راءِ وشنداس باقائدگي سان انهن ادارن جي سرپرستي ڪئي انهن جي گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ شريڪ رهندو هو.

هر چند راءِ تعليم پاسي بہ گهڻو ڌيان ڏنو. هر چندراءِ جي اها ڪوشش رهي تہ تعليم کي عام ڪيو وڃي ۽ عام شهري بہ ان مان فائدو حاصل ڪري سگهي.

شهر ۾ مختلف ڪميونٽين جا سماجي ادارا ڪم ڪري رهيا هئا. هر چندراءِ اهڙن ادارن جي دل کولي مدد ڪئي ۽ انهن کي ميونسپلٽيءَ پاران مفت پلاٽ ڏنا ويا تہ جيئن هو بهتر نموني ڪم ڪري سگهن. انهن ادارن ۾ سنت ڏرم منڊل ڪنهيا شالا، ٻوسا ڪنهيا پاٺ شالا، خواجو اسماعيلي ڪائونسل، مشن گرلز اسڪول، لوهاڻا واڍيا منڊل، لوهاڻا انڊسٽريل ۽ ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ ۽ سنڌ مدرسي جهڙا ادارا شامل هئا.

ڪراچيءَ ۾ 1896ع ۽ 1897 ۾ جڏهن طاعون(Plague) جي وبا ڦهلي تہ ان وقت هر چند راءِ ميونسپلٽيءَ ۾ ڪائونسلر هو. وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ سندس پيءُ هنگامي بنيادن تي هڪ عارضي اسپتال قائم ڪئي. جنهن جو انچارج هر چندراءِ ۽ سندس سؤٽ هئا. هر چند راءِ پوري ٽيم سان گڏجي ڏينهن رات محنت ڪئي. انهيءَ دوران خالي گهرن ۾ ڪجهہ ماڻهن ڦرلٽ شروع ڪئي تہ فوج ۽ پوليس سان گڏ هر چندراءِ نوجوانن جا جٿا انهن گهرن جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيا.

1899ع ۾ جڏهن ٿر ۽ ڪڇ ۾ ڦهري ڏڪار پيو تہ هر چند راءِ پوري سنڌ جو دورو ڪري، ڏڪار سٽيلن جي ساهتا لاءِ شهر ۽ ڳوٺن ۾ وڃي چندو ۽ ڪپڙا لٽا گڏ ڪري، انهن علائقن ڏانهن موڪليا.

پهرين مهاڀاري لڙائي (1918_1914)دوران ڪالرا ڪراچي

شهر ۾ تباهي مچائي ته هرچندراءِ وشنداس ميونسپلٽيءَ جي صدر جي حيثيت سان بهادريءَ سان ڪالرا کي منهن ڏنو. موبائل ميڊيڪل سروس شروع ڪيائين ۽ گڏوگڏ پرائيويٽ ڊاڪٽرن جون خدمتون حاصل ڪيائين. مليريا جي بچاءَ لاءِ ميونسپلٽيءَ ۾ الڳ ادارو قائم ڪيائين. مليريا ۽ ٻين بيمارين کان بچاءَ وارن اپائن جي ڄاڻ لاءِ هن ماڻهن ۾ اشتهاري مهم شروع ڪئي. جنهن لاءِ سينيمائن ۽ ٿيٽرن کي استعمال ڪيائين.

ماڊرن ڪراچي جا ٻه اڏيندڙ جنهن ۾ هڪ هرچندراءِ وشنداس ۽ ٻيو جمشيد مهتا، ٻئي ٿياسافسٽ خيالن ۽ نظرئي جا هئا. هر چند راءِ ته خانداني صوفي هو. هن جو پيءُ وشنداس ۽ ڏاڏو نهال چند فقيري طبيعت جا ماڻهو هئا. جمشيد ۽ هرچند راءِ ٿياسافيڪل سوسائٽي جي ڊاڪٽر ايني بيسنت جي "هوم رول ليگ" جي عدم تشدد جي نظريي جا حامي هئا. جنهن جي ڪري ڪانگريس ۾ هوندي به، ان جي سخت پاليسين کان پاسيرا هئا. تنهن ڪري ئي انهن ڊاڪٽر ايني، کي پهرين 8 ڊسمبر 1896ع ۽ پوءِ نومبر 1903ع ۾ ڪراچيءَ جا دورا ڪرايا هئا. انهن دورن دوران مختلف موضوئن تي ڊاڪٽر ايني بيسنت جي ليڪچرن جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. اڳتي هلي جمشيد مهتا، ٿياسافيڪل سوسائٽي جي پليٽ فارم کي عام ڪرڻ لاءِ بندر روڊ تي ريڊيو پاڪستان، ڪراچي اسٽيشن جي سامهون ٿيا سافيڪل هال ۽ لائبريري جو بنياد وڌو. جيڪو اڄ به موجود آهي ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي حوالي آهي. هر چند راءِ ۽ جمشيد مهتا بنيادي طور تي وحدت جا قائل هئا. تصوف ۾ جمشيد مهتا هر چند راءِ کان ٻه قدم اڳتي هو.

1909ع ۾ منٽو مورلي سڌارن جي نتيجي ۾ سنڌ جي چئن نمائندن کي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ نمائندگي جو موقعو مليو.

1910ع ۾ ميونسپلٽي تڪ مان سيٺ هرچندراءِ وشنداس، (هر چند راءِ جو مقابلو ڪراچيءَ جي وڪيل لالچند هاسومل ڪيو. هر چند راءِ کي 30 ووٽ ۽ لالچند کي 9 ووٽ مليا.) جاگيردار ۽ زميندار واري سيٽ تي رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي نمائندي طور سيد الهندو شاهه ڏيري وارو ۽ ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس مان يورپي نمائندي طور مسٽر مانٽيگو ويب چونڊجي آيا. بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو وجود 1861ع ۾ پيو هو.

هر چندراءِ ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ڪائونسل ۾ سرڪار جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. سنڌ جي مسئلن کي انگ اکرن سان ڪائونسل ۾ پيش ڪيو ويو. بمبئيءَ کان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ دليل ڏنا. انهن جي ڪوشش سان عوام ۾ شعور پيدا ٿيو ۽ پنهنجن مسئلن لاءِ عام ماڻهن به سرڪار سامهون مهاڏو اٽڪايو.

1912ع ۾ هر چند راءِ ساڳي سيٽ تي بنا مقابلي ڪامياب ٿيو. ۽ 1916ع وارين چونڊن ۾ ديوان پوچ سنگ سندس مقابلو ڪيو جنهن ۾ هر چند کي 29 ووٽ ۽ پوچ سنگ کي 2 ووٽ مليا. اهڙي طرح هو 1910 کان 1920 تائين ڪائونسل جو ميمبر رهيو.

1912ع ۾ بيڪانير واري ڪانگريس جي اجلاس ۾ هر چند راءِ ۽ غلام محمد ڀرڳڙي، ڪانگريس جو 28 هون سيشن سنڌ ۾ رکڻ جي تجويز پيش ڪئي، جيڪا منظور ڪئي وئي. 1913ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو 28 هون ساليانو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو. جنهن جي آجياڻي ڪاميٽي جو چيئرمين هر چند راءِ وشنداس هو.

ڪراچيءَ واري هن سيشن ۾ سنڌ جي ٻين علائقن کان 500 وفد شريڪ ٿيا. ان اجلاس جي ڪاميابيءَ جو سهرو هر چند راءِ ۽ غلام محمد ڀرڳڙي ڏانهن وڃي ٿو.

اجلاس ۾ هندو، مسلمان ۽ پارسين وڏي محنت ڪئي. پوري

ڪراچي شهر ڪي ڪانگريس جي جهنڊن سان سينگاريو ويو هو. والينٽيئر ڪراچي ڪئينٽ کان وفدن کي ڪٺي اجلاس واري هنڌ، برنس گارڊن آڻيندا هئا. حڪومت جي سخت مخالفت ۽ اخباري پروپيگنڊا جي باوجود ڪانگريس جو هي ڪامياب اجلاس رهيو. اجلاس جي صدارت نواب سيد محمد ڪئي هئي، جنهن جو نالو هر چندراءِ تجويز ڪيو هو. محمد علي جناح، آغا خان، لالا لجپت راءِ، گنگاپرساد ورما. ڊي اي واڇا، ڀوپندرناٿ باسوءِ ٻين شرڪت ڪئي. ان ۾ هر چندراءِ پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ سنڌ جي بمبئيءَ پريزيڊنسي کان ڌار ڪرڻ جي گُهر ڪئي هئي. پوءِ بمبئيءَ کان سنڌ جي ڌار ڪرڻ واري تحريڪ زور وٺندي وئي. تنهن ڪري ان چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته، پاڻي ۾ پهريون پٿر هر چندراءِ وشنداس اڇلايو ۽ تحرڪ پيدا ڪيو. هر چندراءِ ته، سنڌ جي آزاد حيثيت ڏسي نه سگهيو پر سندس محنت ۽ محبت هن تحريڪ ۾ شامل رهي. هر چند راءِ خلافت تحريڪ، اڻ سهڪاري تحريڪ ۾ به سرگرم رهيو. گهڻا هندو اڳتي هلي سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ جا مخالف ٿي بيٺا پر هر چندراءِ جدائي جي حق ۾ آخر تائين بيٺو رهيو.

رولٽ ايڪٽ خلاف 1919ع ۾ امرتسر جي جليانوالا باغ ۾ ماڻهن جو ميڙ ٿيو. ميڙ تي جنرل ڊائر گوليون هلايون. ٽي سؤ ماڻهو موت جو شڪار ٿيا، هڪ سئو زخمي ٿيا. واقعي خلاف ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ مظاهرا ٿيا. ڪراچيءَ ۾ مڪمل هڙتال ٿي. شام جو پيرين اگهاڙو جلوس ڪڍيو ويو. جلوس جي اڳواڻي هر چندراءِ ۽ غلام محمد ڀرڳڙي ڪري رهيا هئا. رات جو ڪراچيءَ ۾ وڏو جلسو ٿيو.

اپريل 1919ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هرچندراءِ جي ڪوشش سان "ستياگرهه سڀا" قائم ٿي. 1916ع ۾ مهاتما گانڌي جڏهن سنڌ جي دوري تي آيو ته ڪراچيءَ ۾ هرچندراءِ ۽ ٻين اڳواڻن سندس آڌرڀاءُ

ڪيو. انهيءَ موقعي تي نڪتل هڪ فوٽو ۾ وڪٽوريا بگي ۾ هو مهاتما گانڌي سان گڏ نظر اچي ٿو. 1919ع ۾ جيڪب آباد ۾ صوبائي سنڌ پوليٽيڪل ڪانفرنس ٿي جنهن جي صدارت جمشيد نسروانجي مهتا ڪئي. جنهن ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ، هر چندراءِ وشنداس، لوڪومل چيلا رام، ڊاڪٽر چوئٿرام، وشنو شرما ۽ مسٽر آر.ڪي سڌوا شريڪ ٿيا. ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ هر چندراءِ جي ڪم جي طريقي ۽ مزاج ۾ فرق هو. انهن مان هر چند راءِ صوفي ۽ ڊاڪٽر صاحب ڏک جو چوٽ ۽ ويڙهو مزاج جو مالڪ هو. تنهن ڪري انهن جي ڪم جي طريقہ ڪار ۾ فرق نظر اچي ٿو. تڏهن ئي اهي ٻئي مختلف تحريڪن ۾ پري پري نظر اچن ٿا.

جڏهن 1920ع ۾ هرچند راءِ انڊين ليجسليٽو اسيمبلي (دهلي) جو ميمبر چونڊجي آيو تہ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي صدارت تان اهو چئي استعيفيٰ ڏنائين تہ "ٻئي اهم عهدا آهن ٻنهي سان گڏ جي انصاف نہ ڪري سگهندس. چاڪاڻ تہ قانون سازي لاءِ ڇهہ مهينا بمبئيءَ ۾ رهڻو پوندو ۽ ميونسپلٽي پاسي ڌيان نہ ڏيئي سگهندس جيڪا ڪراچيءَ جي ماڻهن سان نا انصافي ٿيندي"

20 اپريل 1921ع تي هر چندراءِ وشنداس صدر جي حيثيت سان ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي آخري ميٽنگ جي صدارت ڪئي. ميونسپلٽي پاران هڪ ٺهراءُ جيڪا جمشيد نسروانجي مهتا پيش ڪيو. ٺهراءُ ۾ هر چند راءِ کي زبردست خراج پيش ڪندي کيس جديد ڪراچي جي بانيءَ جي لقب سان نوازيو ويو.

بمبئيءَ ليجسليٽو ڪائونسل ۾ بہ سيٽ هر چندراءِ ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي انگريز نوڪر شاهي جا چوڏا لاٿا. سرڪار سامهون بنا ڪنهن ڊپ ۽ لالچ جي حق ۽ سچ جي ڳالهہ وڏي واڪي چئي. سنڌ ۾ نوڪرشاهي، هارين ۽ زميندارن کان سنڌن خدمتن عيوض مختلف

چندا سنگ شهاڻيءَ ميٽنگون ڪري 23 سيپٽمبر 1921ع ۾ اسيمبليءَ ۾ سکر بئراج ٺهرائڻ لاءِ ٺهراءُ پيش ڪيو ۽ 1923ع ۾ سنڌ جي موقف جي حمايت ۾ بمبئيءَ ڪائونسل مان اهو ٺهراءُ پاس ٿيو ۽ ائين سکر بئراج وجود ۾ آيو.

18 آگسٽ 1927ع ۾ انڊين ليجسليٽو اسيمبلي جو اجلاس شملا ۾ شروع ٿيو. جنهن ۾ هر چند راءِ شرڪت ڪئي پر، هفتي ڪانپوءِ سندس طبيعت خراب ٿي پئي، جنهن ڪري هو واپس ڪراچي موٽي آيو.

9 جنوري 1927ع تي سائمن ڪميشن جو اعلان ڪيو ويو هو. ڪميشن جا ميمبر، 3 فيبروري 1928ع ۾ پاڻي جهاز وسيلي بمبئي پهچڻا هئا تہ هندستان جي سياسي اڳواڻن بائڪاٽ جو اعلان ڪيو ۽ "گو سائمن گو" جو نعرو بلند ڪيو.

تنهن وقت هر چندراءِ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو نائب صدر هو. جيڪا انگريزن جي هٿ ۾ هئي. سنڌ ۾ انگريز عملدارن 3 فيبروري تي ٽرسٽ جو اجلاس سڏايو هر چندراءِ سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ جي ڪري، اهو اجلاس ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي. جيڪا قبول نہ ڪئي ويئي، نتيجي ۾ هر چند راءِ اجلاس ۾ شرڪت کان انڪار ڪيو ۽ ڪراچيءَ ۾ هڙتال کي ڪامياب ڪرايو.

پهرين فيبروري 1928ع تي اسيمبلي جو سيشن گهرايو ويو. جنهن ۾ لالا لجپت راءِ سائمن ڪميشن خلاف عدم اعتماد (اوشواس) جي تحريڪ جمع ڪرائي. جنهن تي 6 فيبروري کان بحث هلڻو هو. ان دوران لالا لجپت راءِ، هر چند راءِ کي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ٽي ٽيليگرام موڪلي چڪو هو. ٻئي پاسي هر چندراءِ سخت بيمار هو. ڊاڪٽرن کيس سفر ڪرڻ کان منع ڪئي هئي، سائمن ڪميشن واري مسئلي تي انگريز سرڪار ۽ سياسي اڳواڻن ۾ سخت ڇڪتاڻ وارو

ماحول پيدا ٿيل هو. اسيمبليءَ ۾ هر ووٽ جي اهميت هئي. هر چندراءِ اجلاس ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيو. هن منع ڪرڻ وارن دوستن کي مخاطب ٿي چيو تہ "پوري زندگي وطن لاءِ جاکوڙيندو رهيس، هي بہ هڪ قومي فرض آهي، جيڪو ماڻهن ووٽ ڏيئي مون تي قرض رکيو آهي. اهو قرض ضرور چڪائيندس."

66 سالن جي ڄمار ۾ سخت بيماريءَ جي حالت ۾ هيءُ جهونو مڙس، 14 فيبروري 1928ع تي ڪراچيءَ کان ٽرين رستي لاهور ميل ۾ دهلي لاءِ روانو ٿيو.

سماسٽا اسٽيشن تي سندس طبيعت سخت خراب ٿي پئي، کيس خون جون الٽيون اچڻ شروع ٿيون، دوستن کيس پنهنجو سفر ختم ڪري واپسي لاءِ زور ڀريو پر هر چند راءِ اهڙيءَ حالت ۾ بہ سفر جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو.

سخت بيماريءَ جي حالت ۾ 16 فيبروري تي هو دهلي پهتو. کيس ويل چيئر تي اسٽيشن کان گاڏيءَ تائين آندو ويو. ووٽ ڏيڻ جي وقت تي هيءُ جهونو انقلابي اسپتال جي ايمبوليئنس ۾ اسيمبلي ڏانهن روانو ٿيو پر اسيمبلي جي در تي پهچي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو ۽ قومي ڪاز ۾ شهادت جو رتبو ماڻي ورتائين. "گرئنڊ اولڊ مين آف سنڌ" جي مرتئي جي سوڳ ۾ اسيمبليءَ جو اجلاس ملتوي ڪيو ويو.

ڪشميري گيٽ کان جڏهن سندس ارٿي جمنا ڪناري لاءِ اگني سنسار لاءِ رواني ٿي تہ دهلي جا ماڻهو سنڌ جي هن مرد مجاهد کي الوداع ڪرڻ لاءِ جلوس ۾ شامل هئا. پنڊت موتي لال نهرو پنڊت مدن موهن مالويہ، وتل ڀائي پٽيل، لالا لجپت راءِ، سروالٽن ولسن، سردار گلاب سنگ، ڊاڪٽر حيدر، جامنا داس مهتا ۽ ٻيا اڳواڻ جلوس ۾ شامل هئا. ٻئي ڏينهن هندستان جي سيني وڏين ۽ ننڍين اخبارن، جنهن ۾ هندستان ٽائمز (دهلي)، ماڊرن رويو (ڪلڪتا)، دي پيپل، ڊيلي گزيٽ

(ڪراچي)، سنڌ آبزرور (ڪراچي) خبرن، مضمونن ۽ ايڊيٽوريلن ۾ هرچندراءِ کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ هن کي "قومي ڪاز جو شهيد قرار ڏنو."

هن پنهنجي انهيءَ عمل سان هڪ نئين تاريخ لکي ۽ چونڊيل ميمبرن لاءِ هڪ مثال قائم ڪيو ته، "وطن ۽ ماڻهن جي خدمت ائين ڪبي آهي."

بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ جوڊيشنل ڪمشنر جي عدالت ۾ هرچندراءِ جي خدمتن ۽ سندس مرتبي تي تعزيتي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي.

28 فيبروري 1928ع تي ڪراچيءَ جي شهرين پاران بندر روڊ تي خالق ڏنو هال لائبريري ۾ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت ڪراچيءَ جي ڪمشنر ڊي ايف. هڊسن ڪئي، اجلاس ۾ ڪراچيءَ جا هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا. جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته هرچندراءِ جو مجسمو يادگار طور جوڙايو ويندو جنهن لاءِ جمشيد مهتا جي اڳواڻي ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي.

16 فيبروري 1934ع تي ڇهين ورسيءَ جي موقعي تي"هرچندراءِ ميموريل ڪاميٽي" ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي آفيس ۾ گڏجاڻي رکي، جنهن ۾ عام شهرين، سياستدانن، سماجي ڪارڪنن ڪانسواءِ ميونسپلٽيءَ جي ميمبرن، ميئر جمشيد نسروانجي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

اِن موقعي تي ڪراچيءَ جي عوام پاران چندو ڪري گڏ ڪيل پئسن مان هر چندراءِ جو لهرايل يادگار مجسمو ميونسپلٽي جي دروازي جي سامهون لڳايو ويو.

" هڪ بادشاهه جو موت، هي يادگار سنڌ جي هڪ عظيم فرزند جي ياد ۾"

هر چندراءِ جو اهو يادگار مجسمو بمبئيءَ جي مشهور سنگ تراش

جديد ڪراچيءَ جو باني
۽ انسان جي روپ ۾ هڪ ديوتا

# جمشيد نسروانجي رستم جي مهتا

| | |
|---|---|
| جنم: 7 جنوري 1886ع | لاڏاڻو: 1 آگسٽ 1952ع |

**هو**، جنهن ڪراچيءَ کي پنهنجي محنت ۽ لگن سان ايشيا جو سڀ کان خوبصورت ۽ صاف سٿرو شهر بڻايو. ڪراچي شهر سندس خدمتن جو يادگار آهي. جنهن جو قول هو ته ”ميونسپلٽيءَ جي آفيس کي خدمت خلق جو مندر سمجهان ٿو.“ اها ڳالهه آهي جديد ڪراچيءَ جي اڏيندڙ صوفي منش ۽ سماج سڌارڪ جمشيد نسروانجي مهتا جي، جيڪو 7 جنوري

1886ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد ڪراچيءَ جي آگرين تي ڳڻڻ جيترن مالدار ماڻهن مان هڪ هو. جنهن جو ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ ولايتي شراب جو دڪان ۽ ايجنسي هئي. ان سان گڏ شهر ۾ اتي پيهڻ جون ملون، ماڙي پور ۾ سالٽ ورڪس (لوڻ ناهڻ جو ڪارخانو) ٽائلز ۽ ڪاٺين چيرڻ جا ڪارخانا، برف جو ڪارخانو ۽ سوڊا لمليٽ ناهڻ واري ڪارخاني ڪان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ايجنسيون هيون. بندر روڊ ڪاري در تي آفيس ۽ برنس روڊ ۾ سندس شاندار گهر هو. ايتري دولت هوندي بہ هو سادي زندگي گذاريندو هو. سگريٽ، شراب ۽ ماس مڇي کائڻ کان پوري عمر پري رهيو.

جمشيد پنهنجي عوامي خدمتن جي شروعات 1915ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۾ ڪائونسلر جي چونڊ وڙهي ڪئي ۽ انهيءَ چونڊ ۾ هو ڪامياب ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي پوري زندگي عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. 1919ع ۾ جڏهن انفلوائنز جي بيماري وبائي شڪل اختيار ڪئي تہ، جمشيد مهتا ان دوران ڏينهن رات عوام جي خدمت ڪئي ۽ هو ڪراچيءَ جو هر دلعزيز ماڻهو بڻجي ويو.

مئي 1921 ۾ غلام علي چاڳلا ،ڪراچيءَ جي مونسپلٽي جو صدر چونڊجي آيو. اپريل 1922ع ۾ ميونسپلٽيءَ جي هڪ ميمبر نارائڻداس بيچر جڏهن چاڳلا خلاف عدم اعتماد (اوشواس)جي رٿ جمع ڪرائي تہ، چاڳلا انهيءَ تان دل برداشت ٿي استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. ميمبرن جي زور پرڻ باوجود چاڳلا استعفيٰ واپس نہ ورتي، پوءِ ميونسپلٽيءَ جي ميمبرن، صدر لاءِ قابل شخصيت جي ڳولا شروع ڪئي ۽ سڀني جون نظرون جمشيد مهتا تي اچي پيون ۽ سڀ جمشيد تي سهمت ٿيا. پر جمشيد پنهنجي سماجي ڪمن ۾ مصروفيتن ڪري انڪار ڪيو. بعد ۾ دوستن جي سخت دٻاءَ تي راضي ٿيو ۽ اپريل 1922ع ۾ ڪراچيءَ جي ميونسپلٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو ۽ 31

آڪٽوبر 1932ع تائين صدر جي حيثيت سان لاڳيتو 11 سال ڪراچي شهر جي خدمت ڪندي گذاريا.

جڏهن بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي پاران ڪراچي شهر لاءِ هڪ خاص قانون منظور ڪيو ويو. جنهن هيٺ پهرين نومبر 1933ع ۾ ڪراچيءَ جي ميونسپل ڪميشن کي "ڪارپوريشن" جو درجو ڏنو ويو.

ڪارپوريشن بڻجڻ کان اڳ ڪراچي بوروز ميونسپلٽيءَ جو صدر جمشيد مهتا هو. نئين ترميم ٿيل ايڪٽ کان پوءِ 8 نومبر 1933ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ جمشيد، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو پهريون ميئر چونڊجي آيو. ميمبرن جو تعداد 36 مان وڌائي 64 ڪيو ويو.

ميئر جو عهدو گهڻو ڪري نمائشي ۽ تقريباتي هو. ڪارپوريشن جي صدارت کان سواءِ ڪي خاص انتظامي اختيار نه هئا. جمشيد نئين عهدي مان مطمئن نه هو. هو ته هر وقت ماڻهن جي هجوم ۾ رهي انهن جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو هو. نئين عهدي تحت هُن ۾ عوام ۾ فاصلو قائم ٿيو ته سيپٽمبر 1934 جي چونڊن ۾ هن حصو نه ورتو ۽ اهڙي طرح هن جي عظيم ميونسپل ڪيريئر جي پڄاڻي ٿي.

ميونسپل ۾ ڪائونسلر، 11 سال صدر ۽ هڪ سال ميئر جي حيثيت سان هن ڪراچي جي قسمت کي بدلائي ڇڏيو. هو سنڌ دوست ۽ پيش رو هر چند راءِ جي ڇڏيل مشن کي اڳتي وڌيو.

جڏهن جمشيد صدارت سنڀالي ته ڪراچيءَ شهر جي پڪن رستن جي ڪل ڊيگهه 14 ميل هئي، جڏهن جمشيد جو مدو پورو ٿيو ته، پڪن رستن جي ڊيگهه 72 ميل هئي.

1922ع ۾ ڪراچيءَ ۾ فقط ٻي عوامي پارڪ هئا. هڪ برنس گارڊن، ٻيو گورنمنٽ گارڊن. سول نافرماني تحريڪ دوران جڏهن مهاتما گانڌي هتي جلسي کي خطاب ڪيو ته، ان گارڊن جو نالو

ڪراچي پهتو پر جمشيد ڪنهن بہ صورت ۾ زمين ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. ميونسپلٽيءَ ٺهراءُ پاس ڪري هرجاڻي جي دعويٰ ڪئي، جمشيد کي مڃائڻ لاءِ "سر" جي لقب ڏيڻ جو لالچ بہ ڏنو ويو پر هن ڪان انڪار ڪيو. مسئلو ائين حل ٿيو جنهن لاءِ جمشيد مهتا پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "هڪ ڏينهن مسٽر برچ جي رنڙ جي ڏنل ڪتاب کوليم تہ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو زمين تي ڪري پيو ڪاغذ جو اهو ٽڪرو آرٽلري ميدان بابت هو جنهن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي تہ اها زمين ميونسپلٽيءَ جي آهي، حڪومت جو رويو اسان جي خلاف انهيءَ ڪري سخت هو جو اسان وٽ پنهنجي ثبوت لاءِ ڪو لکيل مواد نہ هو ثبوت ملندي آئون، پونا لاءِ روانو ٿيس ۽ هتي گورنر سان مليس گورنر انتهائي سختي سان پيش آيو، مون بہ بخش نہ ڪيس ۽ چيم تہ "انهي معاملي ۾ حڪومت جو رويو انتهائي نامناسب رهيو آهي."

جڏهن دستاويز سندس سامهون رکيم تہ همراهہ ڍرو ٿي پيو پنهنجي سخت ڪلامي تي معافي ورتي، منهنجي بهادري ۽ ديانتداري جي تعريف ڪيائين، مون جي لاءِ "سر" جو خطاب تجويز ڪيائين. پر مون انهن لفظن سان معذرت ڪئي تہ "جيڪڏهن آئون اوهان جو خطاب قبول ڪريان ٿو تہ پوءِ مون کي پنهنجن دوستن کي ڇڏڻو پوندو دوستن کي ڇڏي نٿو سگهان. ڇاڪاڻ تہ انهن کي پنهنجي جان کان وڌ عزيز رکان ٿو." (1)

شهر ۾ اڪثر پاڻي جي کوٽ رهندي هئي. پاڻيءَ جو دارومدار ڍملوٽي جي کوهن تي هو. بارش نہ هئڻ ڪري کوهہ سڪي ويندا هئا تہ ڪراچيءَ ۾ پاڻيءَ جو مسئلو پيدا ٿيندو هو. وقتي بنيادن تي جمشيد مهتا شهر ۾ کوهن جو هڪ نظام متعارف ڪرايو ۽ ماڻهن کي گهٽ پاڻي واپرائڻ، پاڻي زيان نہ ڪرڻ تي هڪ مهم هلائي. جنهن ۾ ڪراچيءَ جي ماڻهن سندس ڀرپور ساٿ ڏنو. مستقل بنيادن تي پاڻيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هن هڪ رپورٽ حڪومت کي ٺاهي موڪلي تہ هاليجي ڍنڍ مان ڪراچيءَ کي

پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ميونسپلٽيءَ کي فنڊ ڏنا ويندا هئا ته اهو مسئلو هميشه لاءِ حل ٿي وڃي. پوءِ جڏهن هو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو ته اتي هن ڪراچيءَ جي پاڻيءَ جي ان اهم مسئلي کي اٿاريو. حڪومت مجبور ٿي ڪراچيءَ ۾ پاڻيءَ جي مسئلي ۽ پوري سنڌ ۾ لوڪل گورنمنٽ جي مسئلن جي حل لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي جنهن جو چيئرمين جمشيد مهتا کي مقرر ڪيو ويو. جمشيد مهتا ساٿين سميت پوري سنڌ جو دورو ڪري، هڪ تفصيلي رپورٽ حڪومت کي پيش ڪئي. انهيءَ دوران ٻي مهاڀاري لڙائي سيپٽمبر 1939ع ۾ شروع ٿي ۽ ڪراچي امريڪن فوجين جو اڏو بڻجي ويو. ڊرگهه روڊ تي ايئربيس ٺاهيو ويو جيڪو امريڪن فوجين جي حوالي ڪيو ويو. جنهن ڪري فوجين کي پاڻيءَ جي ضرورت هئي ته انهن جمشيد جي رپورٽ تي عمل ڪندي هاليجي اسڪيم کي جلدي مڪمل ڪيو ۽ ائين ڪراچيءَ جي پاڻيءَ جو مسئلو حل ٿي ويو. انهيءَ اسڪيم کي "هاليجي واٽر ورڪس اسڪيم" جو نالو ڏنو ويو.

جتي هاڻي جمشيد ڪوارٽرز وارو علائقو آهي. اتي عام ماڻهن جي رهائش لاءِ هرچندراءِ وشنداس اهازمين ميونسپلٽيءَ لاءِ حڪومت کان حاصل ڪئي ته جيئن آسان قسطن تي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جي بنياد تي گهر ٺاهيا وڃن. هرچندراءِ جي وڃڻ کان پوءِ اهو منصوبو به رڪجي ويو. جمشيد جڏهن ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر چونڊجي آيو ته هن ڪوآپريٽو هائوسنگ جي تحريڪ جو بنياد وڌو ته جيئن شهر ۾ خوبصورت ۽ گهٽ آمدني وارن ماڻهن لاءِ گهر ٺاهيا وڃن. ڇاڪاڻ جو ماڻهو جيڪي بنا ڪنهن ترتيب جي گهر جوڙي شهر کي بدصورت ڪري رهيا هئا، ان عمل جو خاتمو ڪري سگهجي. ان اسڪيم لاءِ اميرن ۽ ميونسپلٽيءَ جي ڪجهه ميمبرن ۽ سرڪار پاران مخالفت ڪئي وئي، پر جمشيد پهرين ميونسپلٽي ۽ پوءِ سرڪار کان اها رٿا منظور ڪرائي. 1923ع ۾ منصوبو شروع ڪيو. جنهن ۾ 95

لاءِ بہ وقف ڪري ڇڏيو هيائين.

جمشيد جي ئي دور ۾ ڪراچيءَ جي رستن کي گلاب جي پاڻي سان ڌوتو ويندو هو پر افسوس اهي رستا اڄڪلهہ انساني رت سان ڌوپجن ٿا. اهو فرق آهي پراڻي ڪراچيءَ جي اڳواڻن ۽ نئين ڪراچيءَ جي اڳواڻن ۾. جمشيد مهتا 1924 ۾ مقامي اخبار ۾ اشتهار وسيلي ڪراچيءَ واسين کي هڪ مشورو ڏنو تہ. "هر شخص کي روزانو صبح جو اٿي پنهنجي دل تي هٿ رکي هي چوڻ کپي تہ. "هي شهر منهنجو آهي. "جيڪڏهن 50 ماڻهو ايمانداريءَ سان ان تي عمل ڪن تہ. سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو." (2)

جمشيد جي انهيءَ مشوري جي ضرورت اڄ ڪراچيءَ کي وڌيڪ آهي. جمشيد ڪراچي شهر جي ترقي ۽ خوبصورتي ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي، بقول سائين جي ايم سيد جي تہ. "ڪراچي شهر سندس خدمتن جو يادگار آهي." (3)

جمشيد ڪراچيءَ ۾ رستا ٺهرايا، اسڪول، اسپتالون، پارڪ، سيوريج سسٽم، واٽر ورڪس، سوسائٽين جي بنگلن ٺهرائڻ کان سواءِ تعليم جي واڌاري، صحت ۽ صفائي ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو. ان جي دور ۾ ڪراچي ايشيا جو صاف سٿرو شهر قرار ڏنو ويو. جنهن ۾ هو بمبئي کان بہ نمبر ڪٽي ويو.

1913ع ۾ ميونسپلٽيءَ جي ڪمن، سماجي ڪمن کان سواءِ هو سياست ۾ بہ سرگرم رهيو هو. سياست ۾ تشدد جو حامي نہ هو. تشدد واري سياست کان پاسو ڪندو هو. جڏهن مهاتما گانڌي ڪراچيءَ جي دوري تي آيو تہ، جمشيد سندس آجياڻي ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو. 1909ع ۾ ڊاڪٽر ايني بيسنت سان واقفيت ڪرڻ پوءِ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر ٿيو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين سچو ٿياسافيسٽ رهيو.

1917ع جي آخر ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل "هوم رول ليگ" (جيڪو

رکندي، انهن لاءِ چندا ڪنا ڪندي گذاريائين. اسڪول هجن يا ڪاليج، اسپتالون هجن يا ويم گهر، يتيم خانا هجن يا پاڳل خانا، سماجي ڀلائي جا ادارا هجن يا ٻارن ۽ عورتن جي ڀلائي جا ادارا، اهي سبب جوڙيائين يا انهن جي جوڙائڻ ۾ مدد ڪيائين. سيني ادارن کي جمشيد مهتا اخلاقي مدد کان سواءِ مالي مدد بہ ڏيندو هو. هو تہ سرڪاري ادارن ۾ بہ پنهنجو ذاتي پئسو لڳائي ڇڏيندو هو.

سندس دروازو بنا ڪنهن رنگ، نسل يا مذهب جي فرق ۽ تعصب جي هر ڪنهن لاءِ کليل هوندو هو.

صوفي خيالن جو ماڻهو هو. رمضان جا روزا رکندو هو. محرم جي مجلسن ۽ جلوسن ۾ شريڪ ٿيندو هو. عيسائين جي ايسٽر ۽ ٻين تقريبن کان سواءِ چرچ ۾ وڃي دعا ۾ شريڪ ٿيندو هو. هندوئن جي مذهبي تهوارن، مسلمانن جون عيدن ۽ ٻين خوشين، ميلن ۽ ملاکڙن ۾ شريڪ ٿيندو هو. ڪوبہ مذهبي پروگرام جمشيد مهتا کان سواءِ جڻ اڌورو هوندو هو. هر مذهب، فرقي جي ماڻهن جي خواهش هوندي هئي تہ جمشيد مهتا سندن تهوارن ۾ شريڪ ٿئي. هو ڪنهن کي بہ مايوس نہ ڪندو هو.

هو سوين لاچار غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي باقائده بنا ڪنهن مذهبي متڀيد جي مالي مدد ڪندو هو. هر مهيني جي شروع ۾ اها رقم ائين ضرورتمندن تائين پهچندي هئي جو ضرورتمند کي بہ خبر نہ پوندي هئي تہ ، اها مدد ڪٿان ٿي اچي. مدد جو سلسلو ڪراچيءَ کان سواءِ هندستان جي ٻين شهرن تائين بہ ڦهليل هو. هو اهي سڀ ڪم رازداريءَ سان ڪندو هو. هو هڪ هٿ سان ڏيندو هو تہ، ٻئي کي خبر ئي نہ پوندي هئي. ڪيول موٽواڻي جيڪو آخري دور ۾ سندس سيڪريٽري هو اهو هڪ هنڌ لکي ٿو تہ "جڏهن 1946ع ۾ مون هندستان وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جمشيد کان موڪلايو تہ، هو ان وقت تائين 45 لک روپيا غريبن ۾ ورهائي چڪو هو. اهو سلسلو مرڻ گهڙي تائين جاري رکيائين." (4)

هيءَ جانورن سان بي پناهه محبت ڪندو هو. زخمي جانورن جي علاج ۾ انهن لاءِ پاڻي جا تلاءَ ٺاهڻ، چانوَ لاءِ ڇاپرا ٺاهڻ بہ هن جي معمول ۾ شامل هو. هو رحم دل ۽ نرم طبعيت جو ماڻهو هو. ايستائين جو هن سڄي زندگي چمڙي جو جوتو استعمال نہ ڪيو. ڇو جو هن کي لڳو پئي تہ، چمڙي جا جوتا استعمال ڪرڻ سان جانورن سان بي رحميءَ وارو پهلو نمايان ٿي پئي ٿو. جمشيد ۾ رحمدلي ۽ خدا ترسيءَ جو ايڏو تہ جذبو هوندو هو جو ڪنهن ماڻهو جانور يا جيتا مڙي کي تڪليف ۾ ڏسي نہ سگهندو هو. سندس عمر پير وشنو(ڀاڄي خور) تي رهڻ جو ڪارڻ بہ سندس ڀاڄهاري طبعيت هئي.

جمشيد مهتا جو مطالعو نهايت وسيع هو. هو مراقبو بہ ڪندو هو روزانو صبح جو ۽ رات جو هڪ، هڪ ڪلاڪ پڙهڻ لاءِ ڪيندو هو. ڪتاب خريد ڪرڻ هن جي وڏي ۾ وڏي عياشي هئي. پنهنجي گهر ۾ هڪ وڏي لائبريري سان گڏ شهر جي مختلف لائبريرين کي پنهنجي خرچ سان ڪتاب خريد ڪري ڏيندو هو. اخبارن ۾ سندس ڪالم ڇپجندا هئا. 1925 ۾ ميونسپل نظام تي هڪ ڪتاب بہ لکيائين. مختلف موضوعن تي ٻيا ڪتاب پڻ لکيائين. ڪجهہ ڪتابن جو وچور هن ريت آهي.

1. Karachi Municipality, 1925
2. Separation of Sind, 1928
3. Karachi Extension, 1929

هو ميونسپلٽي جي صدارت، ميئر، سياست، سماجي ڪمن کان سواءِ گهڻن ادارن جو سرپرست ۽ ميمبر بہ هو. ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ميمبر، هندستان جي "ايوان تجارت" جو باني صدر ۽ سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد جو سيڪريٽري ۽ خزانچي، حيدرآباد نيشنل ڪاليج هن پنهنجي صوفي دوست مسٽر غلام محمد ڀرڳڙي سان گڏجي شروع ڪيو هو. جنهن لاءِ تمام گهڻي رقم سندس ذاتي اڪائونٽ مان ڏنل هئي. جيستائين حڪومت، ڪاليج کي پنهنجي

هٿ هيٺ نہ ورتو. تيستائين ڪاليج جي مرمت وغيره جو خرچ جمشيد مهتا ڏيندو هو. ڊي جي سنڌ ڪاليج، ہائي جي ويرجي اسڪول ۽ ماما پارسي گرلز اسڪول جي بورڊ جو ميمبر، سنڌ سينٽرل بينڪ جو باني ۽ ايم ڊي، سنڌ جو صوبائي چيف اسڪائوٽ، گل ہائي ميٽرنٽي هوم جو ٽرسٽي، انڊن جي اسڪول جي بورڊ جو صدر، ڪراچي ميونسپلٽي اسڪول بورڊ جو صدر، منگهو پير جزامي اسپتال ڪاميٽيءَ ۽ دي آئر ويد ٽيوبر ڪيولوس رليف ايسوسيئيشن جو صدر (جنهن تحت اوجها ٽي بي سينٽر قائم ٿيو) هو.

انهن مڙني عوامي مصروفيتن هوندي بہ هو، پنهنجي پيءُ جي ڪاروبار جي نگراني بہ ڪندو هو. شادي نہ ڪيائين پوري عمر ڪنوارو رهيو. سندس شادي نہ ڪرڻ جو سبب هڪ معصوم نينگري هئي. اها پارڙي سندس رنڍ پيڻ جي ڏيءَ هئي، ٻئي ساٿس گڏ رهنديون هيون. نينگري اڌ رنگي جي موذي مرض ۾ مبتلا هئي ۽ اٿڻ ويهڻ کان لاچار هئي، هو ان جي خدمت ۾ مصروف رهندو هو.

هي محبت جو مجموعو بيڪسن جو پرجهلو، علم جو خزانو صبر جو پيندار، سنڌ جو سچو سپوت، صوفي منش، سخي، اعليٰ آدرشن جو مالڪ، سچو سياستدان، ماليات جو ماهر، ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ، پهرين آگست 1952ع ۾ پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. سندس جنازو هڪ جلوس جي شڪل ۾ پارسين جي ٿهيل ٽاور آف سائلنس جي حوالي ڪيو ويو. جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا. اهو ماتمي جلوس هڪ ميل ڪان بہ ڊگهو هو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


1.Mehta, Jamsheed N.R" Karachi Extension," 1929

2. Mehta, Jamsheed N.R" Karachi Municipality Karachi ," 1925.

3. جي. ايم سيد، "جنب گذاريم جن سين" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيون 1979ع

4. ڪيول موٽواڻي "جمشيد نسروانجي"، ڪراچي ڪي ڪهاني آج سہ ماهي شماره 119_1996ع


❊❊❊

ٽن پيڙهين تائين ڪراچيءَ جي بلديا تي،
سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ميدان ۾
خدمتون انجام ڏيندڙ گهراڻي جا فرد

## اوڌارام مولچند
## واڌومل اوڌارام (لاڏاڻو: 1921ع)
## ۽ ٽيڪم داس واڌومل

**اوڌارام** مولچند 1877ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ اهو سلسلو سندس پٽ واڌومل اوڌارام کان ٽيندو پوٽي

ٽيڪمر داس واڌو مل تي، 1947ع ۾ ورهاڱي تائين اڇي پورو ٿيو. اهڙي طرح هن گهراڻي 70 سالن تائين سنڌ جي راڄ ڌاني ڪراچيءَ جي عوام سان گڏوگڏ سنڌ ۾ سياسي طور پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو پر اڄ هي ماڻهو سنڌ جي تاريخ جي پني تان غائب آهن. ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي بنيادن ۾ انهن ماڻهن جي محنت جو پگهر شامل آهي. خدمت، عظمت، محنت ۽ رواداري جي انهن پيڪرن جو اڄ شهري حڪومت ۾ ڪو ريڪارڊ موجود نه آهي، فقط هيءَ سٽ ملندي ته، فلاڻي تاريخ تائين، فلاڻو ماڻهو ڪراچيءَ جو ميئر رهيو بس. هن دور جون اخبارون سندن ڪارنامن سان ڀريون پيون آهن. بس ٿوري محنت ڪري انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻو آهي. هن مضمون جي لکڻ لاءِ جاچ پڙتال دوران ڪجهه ڪتابن ۾ مختصر احوال مليو پر گهڻو مواد هن دور جي پراڻن اخبارن وسيلي گڏ ڪري سگهيو آهيان. جيڪڏهن هن سلسلي ۾ ڪن دوستن وٽ معلومات هجي ته هو حصو وٺندا.

**اوڌارام مولچند:**

8 سيپٽمبر 1852ع ۾ بمبئي حڪومت ڪراچيءَ جي شهرين جي يادداشت نامي کي منظور ڪندي، ڪراچيءَ ۾ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ لاءِ قانون موجب هڪ باقاعده ميونسپل نظام رائج ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ اهڙي طرح، ڪراچي جو ڪنزرويئنسي بورڊ، جيڪو سنڌ جي گورنر سر چارلس نيپئر 1846ع ۾ شهر ۾ صفائي، پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرڻ، رات جو روشنيءَ جي انتظام ڪرڻ لاءِ ناهيو هو. ان کي هڪ قانون تحت ”ڪراچي ميونسپل ڪميشن“ جو نالو ڏنو ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ بلدياتي نظام جي شروعات ڪئي ويئي. ميونسپل لاءِ عارضي آفيس ميڪلوڊ روڊ (هاڻوڪي آءِ آءِ چندريگر روڊ) تي قائم

ڪئي ويئي.

ميونسپل ڪميشن جو پهريون صدر، مسٽر بارٽل فريئر کي مقرر ڪيو ويو. جيڪو حڪومت پاران ميونسپل ڪميشن جي ميمبرن مان منتخب ڪيو ويندو هو. ميونسپل جي ميمبرن جو انگ 24 هو. ميونسپل ڪميشن لاءِ چونڊ ۽ نامزدگيءَ جو گڏيل نظام رائج ڪيو ويو هو. 24 مان 9 ميمبر انگريز هئا.

اوڌارام مولچند جيڪو ڪراچي جو مشهور واپاري هو. ڪراچي جيل (هاڻوڪي سٽي ڪورٽ عمارت) ڪان ڊينسو هال تائين بندر روڊ تي هن جا دوڪان هئا ۽ سندس گهر به هتي ئي هو. هو 1877ع ۾ ڪراچي جي ميونسپل ڪميشن جو ميمبر ٿيو. ديوان اوڌارام جو پيءُ، ديوان مولچند، ديوان ٻالڪرام چيٺمل جو پٽ هو. ديوان مولچند جا پنج پٽ هئا، ديوان پارومل، ديوان ٿهلرام، ديوان اوڌارام، ديوان پنجومل ۽ ديوان عيد نمل.

سن 1882ع ۾ لارڊ رپن جي دور ۾ سنڌ ۾ مڪاني حڪومتن جي اختيارن ۾ واڌارو ڪيو ويو. ميونسپلٽين ۽ لوڪل بورڊن ۾ چونڊن جو نظام به لاڳو ڪيو ويو هو انهيءَ نظام لاءِ انگريز سرڪار کي مجبور ڪرڻ لاءِ جن دوستن بل تيار ڪري حڪومت کي موڪليو ۽ جنهن لاءِ جدوجهد ڪئي، انهن ۾ ديوان ڏيارام چيٺمل، ديوان ڏيارام گدومل، ديوان اوڌارام مولچند ۽ ديوان دولترام چيٺمل شامل هئا. ديوان اوڌارام مولچند پنهنجي محنت ۽ عوامي خدمتن ڪري، پهرين جنوري 1891ع کان 15 ڊسمبر 1891ع تائين، هڪ سال تائين ڪراچي جي ميونسپلٽيءَ جو صدر رهيو. اوڌارام کي اهو اعزاز حاصل آهي ته، هو پهريون مقامي سنڌي هو جيڪو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو هو. اهو خود ڪراچيءَ ميونسپلٽيءَ لاءِ به اعزاز آهي. پر افسوس اهو آهي ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي ريڪارڊ

۾ سندس فوٽو بہ موجود نہ آهي.

ديوان اوڌارام مولچند کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ هو سنڌ مان پهريون شخص هو جيڪو بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ ميمبر چونڊيو ويو هو ۽ هي اهو پهريون مقامي ماڻهو هو جيڪو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي چونڊيو ويو هو.

سنڌ جي پهرين سماجي ۽ سياسي پارٽي جيڪا 1882ع ۾ وجود ۾ آئي، ان جي بنيادي ميمبرن مان ۽ پارٽي ٺاهڻ ۾ ديوان اوڌارام مولچند بہ شامل هو. 1885ع ۾ جڏهن انڊين نيشنل ڪانگريس جو بنياد وڌو ويو تہ سنڌ ۾ قائم "سنڌ سڀا" کي بہ دعوت ڏني ويئي، انهيءَ دعوت تي سنڌ مان ٻن ماڻهن حصو ورتو جن مان هڪ ديوان اوڌارام مولچند ۽ ٻيو ديوان ڏيارام ڄيٺمل جن شامل هئا، جيڪي "سنڌ سڀا" جي پليٽ فارم تان شريڪ ٿيا هئا. ياد رهي تہ انهيءَ اجلاس ۾ پوري هندستان مان فقط 72 ڊيليگيٽس شامل ٿيا هئا.

ديوان اوڌارام ڄيٺمل ۽ ديوان اوڌارام مولچند پاڻ ۾ سٺا دوست ۽ ساٿي هئا. هي ننڍپڻ کان سماجي ڪمن ۾ حصو وٺندا هئا. 1887ع ۾ ديوان ڏيارام ڄيٺمل وفات ڪري ويو تہ "سنڌ سڀا" جي ذميداري اوڌارام مولچند سنڀالي. هن پنهنجي دوست جي مشن کي چڱي طرح اڳتي وڌايو. اوڌارام مولچند جي ديهانت کانپوءِ اها ذميداري ٿهلرام کيمچند تي آئي.

ديوان اوڌارام مولچند سنڌ ۾ ٺهندڙ پهرئين ڪاليج "سنڌ آرٽس ڪاليج" (ڊي جي سنڌ ڪاليج) جي ٺهڻ واري جدوجهد ۾ شامل هو. 17 جنوري 1887ع ۾ ڪاليج وجود ۾ آيو تہ پهرين سنڌ ڪاليجن بورڊ تي سرڪاري ميمبرن کانسواءِ جيڪي ماڻهو بورڊ جا ميمبر ٿيا تن مان هڪ ديوان اوڌارام مولچند بہ ميمبر هو.

## ديوان واڌومل اوڌارام:

ديوان واڌومل، اوڌارام مولچند جو پٽ هو. پيءُ جي مرڻ کانپوءِ پيءُ جي مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سندس نقش قدم تي هلندي 1910ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ اڳتي هلي هو ڪجهه سالن تائين ميونسپلٽيءَ جو نائب صدر به چونڊيو ويو.

1919ع جي سڌارن کانپوءِ واڌومل اوڌارام بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر به چونڊيو ويو. واڌو مل اوڌارام ڪراچي پورٽ جو ٽرسٽي ۽ ڪراچي بار جو سيڪريٽري به رهيو.

هو بنيادي طور تي وڪيل هو. هن جي ڳڻپ ڪراچيءَ جي مشهور وڪيلن ۾ هوندو هو. ڪورٽ، ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۽ بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ پنهنجي زوردار آواز سبب هي مشهور هو. هيءَ تقرير جي فن جو ڄاڻو هو ۽ جڏهن به ڳالهائيندو هو ته مخالف به خاموش ٿي ويندا هئا. هي نه فقط سنڌ جو ناميارو وڪيل هو پر هن پنهنجي نالي سان هڪ فرم "واڌو مل اينڊ ڪو." به قائم ڪئي هئي. جتي جونيئر وڪيل تربيت وٺندا هئا. هي ڪراچيءَ جي مشهور فرمن مان هڪ هو. واڌومل جڏهن ڪورٽ ۾ دليل ڏيڻ لاءِ بيهندو هو ته، ٻئنچ به هن جي قابليت، موقف ۽ آزاد خيالن ڪري خوف کائيندي هئي، پر اهو سڀ هِن جي احترام جي ڪري هوندو هو. هن جي ڪاميابي جي ڪنجي عوام سان پيار ۽ عوام جي شخصي آزاديءَ جو حامي هئڻ هيو. مسٽر ڏنگومل نارائڻ سنگهه جهڙو بهترين بارايٽ لا هن جي فرم سان ڳنڍيل هو. هو سنڌ ۾ ڪرمنل ۽ سول ڪيسن جو مشهور وڪيل هو.

ڪراچي ميونسپلٽيءَ کان ڪراچي ڪلب، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ کان ڪراچي جيم خانه تائين منعقد ٿيندڙ هر محفل، هر پروگرام ۽ هر سياسي ۽ ثقافتي تقريب، هن قدآور شخصيت جي شرڪت بنا ڄڻ ته نامڪمل هوندي هئي.

ڪراچيءَ جي عوام جو هي آواز 1921ع ۾ هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو. ديوان واڌومل جي خدمتن جي عيوض حڪومت ۽ ڪراچي ميونسپلٽيءَ، بندر روڊ ڪان نگار سينيما تائين، سٽي ڪورٽ جي سامهون وارو روڊ، جيڪو ان وقت جو مشهور روڊ هو. سندس نالي پويان "واڌو مل اوڌارام روڊ" رکيو ۽ انهيءَ رستي تي سندس نالي سان هڪ مارڪيٽ بہ موجود آهي. مارڪيٽ جو نالو "واڌومل اوڌارام مارڪيٽ هو." ورهاڱي ڪانپوءِ انهيءَ روڊ جو نالو تبديل ڪري سيدنا طاهر سيف الدين روڊ رکيو ويو. انهيءَ روڊ تي بوهرين جي قديم مسجد "آدم مسجد" بہ موجود آهي. واڌو مل مارڪيٽ ۾ هن وقت مختلف ڪمپنين جا دفتر آهن.

## ٽيڪم داس واڌو مل:

انهيءَ خاندان جي ٽين پيڙهي ۾ ٽيڪم داس واڌو مل پنهنجي ڏاڏي اوڌارام مولچند ۽ پيءُ واڌومل اوڌارام جي عوامي خدمتن جي مشن کي اڳتي وڌايو. ٽيڪم داس، بمبئي يونيورسٽي مان بي.اي جي ڊگري حاصل ڪئي، بعد ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي مان ايم.اي پاس ڪري، لينڪنس سوسائٽي (Lincolns Society) لنڊن مان باريٽ لا جي ڊگري حاصل ڪئي. ياد رهي تہ لنڪنس مان قائداعظم محمد علي جناح بار ايٽ لا جي ڊگري حاصل ڪئي هئي.

ٽيڪم داس وڪالت سان گڏوگڏ سياست ۽ ميونسپلٽيءَ ۾ بہ خدمتون انجام ڏيندو رهيو. هو 20 سال لاڳيتو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چوندبو رهيو. انهيءَ دوران هو ميونسپلٽيءَ جي صحت، تعليم، پارڪ، روڊ ۽ ٻين اهم ڪاميٽين جو چيئرمين ۽ ميمبر بہ رهيو پنهنجين اهڙن عوامي خدمتن سبب هي، 30 آگسٽ 1934ع کان 3 مئي 1935ع تائين ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو چونڊيل ميئر

۽ رهيو.

ٽيڪم داس واڌومل 13 سال ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي ۽ رهيو. جڏهن ته 1933ع کان 1934ع تائين هو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو نائب چيئرمين ۽ ان جو ليگل ايڊوائيزر ۽ رهيو.

ٽيڪم داس واڌومل سنڌ ڪاليجيٽ بورڊ جي گورننگ باڊي جو ميمبر ۽ نائب صدر ۽ رهيو. ليڊي ڊفرن اسپتال جي گورننگ باڊيءَ جو ميمبر، ڪراچي بار جو ڪيترائي سال سيڪريٽري ۽ سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر رهيو.

هيءَ سنڌ جو هڪ ناميارو وڪيل ۽ هو. پنهنجي والد صاحب جي وفات کانپوءِ هن جي قائم ڪيل فرم کي سنڀاليو. ٽيڪم داس واڌو مل، ڪراچي ڪلب، ڪراچي جيم خانه، هندو جيم خانه سميت سنڌ جي مختلف سوسائٽين ۽ ڪلبن جو سرگرم ميمبر رهيو. ڪراچي ۾ ٿيندڙ هر سماجي ۽ ثقافتي تقريبن ۾ وقت ڪڍي شريڪ ٿيندو هو. بندر روڊ تي سندس گهر ۾ هر وقت، هر مذهب، فرقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن ۽ سياسي شخصيتن جو ميڙ متل هوندو هو. سياسي طور تي پهرين ڪانگريس ۾ شامل ٿيو بعد ۾ هن ”ڪانگريس سوراج پارٽي“ جي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪئي. سياست ۾ گهڻو اڳتي نه وڌيو. سن 1926ع ۾ اهڙن ئي اختلافن جي بنياد تي ٽيڪم داس بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ لاءِ ڪانگريس سوراج پارٽي جي ٽڪيٽ تان، سيٺ هر چند راءِ وشنداس جو مقابلو ڪيو پر هارائي ويو.

❊❊❊

تعليمي ماهر، استاد ۽ عملدار

# عالومل (عالمچند) ٽيڪم داس ڀوڄواڻي

| | |
|---|---|
| جنم: جون 1845ع | لاڏاڻو: |

**سنڌ** جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته ڪراچيءَ جي ڀوڄواڻي سيٺن جون سنڌ جي ترقيءَ ۾ وڏيون خدمتون آهن. خود ڀوڄومل جيڪو جديد ڪراچيءَ جي اڏيندڙن مان آهي، هن جي پٽن دريانومل، ٻلرام داس، ٺاڪر داس ۽ لعلمڻداس ميرن جي حملي وقت ڪراچيءَ جي حفاظت ڪانپوءِ واپار ڪي هٿي ڏني ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪيو.

پوجواڻي سيٺن ۾ لعلمڻداس جو پوٽي نائونمل هوتچند جو ڪردار سنڌ جي تاريخ ۾ تڪراري رهيو آهي ۽ جنهن تي بحث جي به ضرورت آهي.

سيٺ نائونمل جو لکيل ڪتاب "ياد گيريون" سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. ڪتاب ان وقت جي سنڌ جي تاريخ، سياست، جاگرافي، سياسي ڪردارن ۽ انگريزن جي قبضي بابت هڪ اهم دستاويز پڻ آهي. اهو ڪتاب اسان تائين نه پهچي ها جيڪڏهن بن شخصيتن جي ان ۾ دلچسپي نه هجي ها. هڪ سربارٽل فريئر جيڪو 1851ع کان 1856ع ۽ پوءِ 1857ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر رهيو. جيڪو نائونمل جو دوست هو ۽ مٿس، مهربان هو ۽ ٻيو آلو مل (عالو مل) ٽيڪم داس جنهن جو اصل نالو عالمچند (يادگيريون ڪتاب ۾ عالو "ع" سان ۽ ڪجهه ڪتابن ۾ "آ" سان آلو لکيل آهي.) هو. جيئن ته سنڌ ۾ اڌ نالي جو رواج عام آهي تنهن ڪري عالمچند کي آلو ۽ عالو ڪري پڪاريندا هئا. سر فريڊرڪ گولڊ سمڊ ان ۾ "مل" جو واڌارو ڪيو ته جيئن نالو معتبر لڳي.(1) تنهن ڪري سرڪاري نوڪريءَ ۾ اچڻ کان پوءِ ان کي عالمچند جي بدران عالومل يا آلومل، ڪري سڏيندا هئا ۽ پوءِ انهيءَ نالي سان هو مشهور ٿيو.

سيٺ نائونمل پنهنجي ڪتاب "يادگيريون" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته. "هڪڙي ڀيري منهنجي پوٽي عالمچند مون کي چيو ته، "ڏاڏا! ڇو نه پنهنجو ۽ پنهنجي گهراڻي جو هڪ مختصر احوال لکون... پر مان هن کي ٻيو ٽارائيندو هوس. آخر مون هن جي بار بار چوڻ تي 1871ع جي اپريل مهيني ۾ اهو ڪم شروع ڪيو."(2)

سيٺ نائونمل پنهنجيون يادگيريون پاڻ لکيون هيون، سندس پوٽي راءِ بهادر ععالومل(عالمچند) ان ڪتاب کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ سرايچ. اي، ايم جيمس جيڪو 1891ع کان 1899ع تائين

سنڌ جو ڪمشنر ٿيو. تنهن ڪتاب جو مقدمو لکيو. ڪتاب "هندستان جي تاريخ جي هڪ وساريل ورق" نالي سان ڇپيو. انگريزي ۾ هي ڪتاب 1915ع ۾ پهريون پيرو منظر عام تي آيو. سيٺ نائونمل پنهنجيون يادگيريون، مئي 1871ع ۾ لکي پوريون ڪيون ۽ 1878ع ۾ هو ديهانت ڪري ويو سندس لکيل ڪتاب سيٺ جي ديهانت کان 37 سال پوءِ ڇپجي پڌرو ٿيو.

جيڪڏهن عالومل ڪوششون نه وٺي ها ته، اڄ اسان سنڌ واسي سنڌ جي هڪ اهم تاريخي دور کان اڻ واقف هجون ها. عالومل، سيٺ ٽيڪمداس (1825ع ـ 1885ع) جو پهريون نمبر پٽ هو جيڪو جون 1845ع ۾ ڪراچيءَ جي مٺي در واري علائقي ۾ جتي نائونمل جو خاندان رهندو هو پيدا ٿيو. عالومل، پيري ۾ پنهنجي ڏاڏي جي هر وقت خدمت ۾ مصروف رهندو هو. عالومل، سيٺ نائونمل جي پوٽي سان گڏ سندس هڪ بهترين دوست به هو. سيوهڻ ۾ انگريزن پاران ڏنل جاگير جي سار سنڀال به عالومل جي حوالي ٿيل هئي. 1855ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سرڪار پاران ڪوڙي باغيچي ۾ اسڪول کوليو ويو ته انهيءَ اسڪول ۾ انگريزن جي چوڻ تي نائونمل پنهنجي پوٽي عالمچند (عالومل) کي خاندان جي ٻين ڏهن ٻارن سميت داخل ڪيو. جنهن کي ڏسي ٻين مقامي سيٺن به پنهنجا ٻار انهيءَ اسڪول ۾ موڪليا. عالمچند (عالومل) بمبئيءَ يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪندڙ پهريون سنڌي شاگرد هو. بعد ۾ ان بمبئي مان ٽي بي. اي جي ڊگري به حاصل ڪئي.

عالومل جي انهيءَ خدمت کان سواءِ اهم خدمتن ۾ سنڌ لاءِ تعليم جي ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ آهي. انهيءَ ڪري هن تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ کي اهميت ڏني. هِن 21 مارچ 1868 ۾ سرڪار جي تعليم کاتي ۾ نوڪري اختيار ڪئي ۽ ڪيترا پيرا صوبي جي

ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي عهدي تي رهيو. 1887ع تائين سنڌ ۾ ڪوبه ڪاليج موجود نه هو. ميٽرڪ کان پوءِ هتان جا شاگرد وڌيڪ تعليم لاءِ بمبئي ۽ لاهور ڏانهن ويندا هئا. جيڪو ڪنهن غريب ۽ مڊل ڪلاس جي ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه نه هئي. ان سلسلي ۾ ڏيا رام جيٺمل، ديوان منارام، ڏيا رام گدومل ۽ ٻين سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ته عالومل تعليم کاتي ۾ هوندي هن تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. سرڪار جي حوالي سان ڪم جو پاسو عالومل سنڀاليو هو. انهن سڀني جي ڪوشش سان 17 جنوري 1887ع ۾ سنڌ ۾ پهريون ڪاليج "سنڌ آرٽس ڪاليج" قائم ٿيو. جنهن جو نالو بعد ۾ ڏيارام جيٺمل (ڊي جي) ڪاليج رکيو ويو. واضع رهي ته ان وقت جي هندستان وائسراءِ لارڊ ڊفرن 1887ع ۾ ڊي جي ڪاليج جو افتتاح ڪيو ۽ سنڌ مدرسي جي مکيه عمارت جي پيڙهه جو پٿر به لارڊ ڊفرن رکيو هو.

جڏهن ته بمبئي يونيورسٽي 1857ع ۾ ٺهي هئي. 1887ع ۾ ڊي جي ڪاليج ٺهڻ کان اڳ سنڌ مان 16 شاگرد بمبئي مان گريجوئشن حاصل ڪري چڪا هئا. جن مان هڪ عالومل(عالمچند) ٽيڪم داس به هو.عالو مل 1867ع ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ امتحان پاس ڪيو هو.

هي پهريون تعليمي آفيسر هو جنهن سنڌ جي ڳوٺن ۾ وڏي تعداد ۾ هيٺين ڪلاسن جا اسڪول. جن کي "ابتدائي ۽ مقامي اسڪول" چوندا هئا، کولرايا. عالومل کان اڳ سنڌ ۾ تعليم جو ڪو ماهر انسپيڪٽر نه هو. تعليم جي نظرداري اڪثر ڪري ڪمشنر جو ذاتي نائب ڪندو هو. ڪمشنري جي مصروفيتن ڪري ڀراڙيءَ ۾ تعليم پاسي ڌيان گهٽ هوندو هو.

عالومل جي انسپيڪٽر واري دور تي هڪ نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته ڀراڙين ۾ وڏي تعداد ۾ مقامي اسڪولن جو بنياد انهيءَ وڌو هو.

1867_68ع جي تعليمي رڪارڊ موجب، سرڪار پاران سنڌ ۾ 2 هاءِ اسڪول هئا ۽ 1913_14ع ۾ انهن جو تعداد 3 ٿيو. هيٺين ڪلاسن جا مقامي اسڪول فقط 41 هئا، جيڪي 1913_14ع تائين وڌي 668 ٿيا.

خانگي ادارن ۾ به هيٺين ڪلاسن جو مقامي اسڪول 68_1867ع ۾ فقط هڪ هو. عالومل جي ڪوشش سان 1913_14 ۾ انهن جو تعداد 738 تي ويو. سنڌ ۾ گهڻو ڪري ملان مڪتب پرائيويٽ ادارا هوندا هئا. عالومل انهن کي سرڪاري اڳواٽيءَ ۾ بهترين ڳوٺاڻو اسڪول بڻايو. ان ڏس ۾ پهريون قدم ايچ. پي. جيڪب، جيڪو تعليم کاتي جو هڪ محنتي علمدار هو تنهن کنيو هو پر ان کي عملي جامو عالومل پهرايو.

تعليم جي سلسلي ۾ هن کي تعصب، غفلت ۽ ٻين اوکائين کي منهن ڏيڻو پوندو هو پر هو انتهائي همت ۽ بهادريءَ سان انهن جو مقابلو ڪندو هو. ۽ ماڻهن کي پنهنجي خوش اخلاقيءَ سان قائل ڪندو هو. عالومل جي انهيءَ محنت ۽ خوش اخلاقي ڪري سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ مقامي اسڪولن جو قيام عمل ۾ آيو. سنڌ ۾ پهريون ڀيرو عالومل جي ڪوشش سان مقامي اسڪولن ۾ غير نصابي سرگرميون، جن ۾ رانديون، تقريري مقابلا شامل هئا، شروع ڪيا ويا. جنهن سان ٻارن ۾ تعليم ڏانهن دلچسپي وڌڻ لڳي.

سنڌ جو هي هر دلعزيز تعليمي استاد، ماهر ۽ عملدار سيپٽمبر 1903 ۾ نوڪري تان استعفيٰ ڏيئي پينشن تي هليو ويو.

مسٽر عالومل جڏهن اجان بمبئي ۾ پڙهندو هو ته 1863ع ۾ حيدرآباد ۾ هن جي شادي ٿي. 18 آڪٽوبر 1868 ۾ عالومل کي پهريون پٽ حشمتراءِ ڄائو. جيڪو اڳتي هلي سنڌ ۾ هڪ ايماندار بئرسٽر طور مشهور ٿيو بعد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. 1806ع ۾

حشمتراءِ گذاري ويو. ٻيو نمبر پٽ راءِ بهادر بولچند عالومل پوچواڻي سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي فائز رهيو. بولچند تصوف ڏانهن مائل هو. فارسيءَ تي هن کي عبور حاصل هو. عالومل جو ٽيون پٽ، سيٺ ڪندنمل بي. اي ايل. ايل. بي ۽ بئرسٽر هو. هو بمبئي جي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو هو. ڪندنمل ذاتن تي پاڻي چاڙهڻ ۽ شيشي ٺاهڻ ۾ بہ ماهر هو.

مسٽر عالومل نائونمل جي ٽين پيڙهيءَ مان هو ۽ قانون موجب نائونمل کي جيڪا 100 رپيا پينشن انگريز سرڪار پاران ملندي هئي، عالومل اها پينشن کڻندو هو جيڪا هن جي ڏاڏي کي ٽن نسلن لاءِ ملي هئي.

وائسراءِ ۽ گورنر جنرل هند لئنسڊائون سندس تعليمي خدمتن جي اعتراف طور پهرين جنوري 1889ع تي ”راءِ بهادر“ جو لقب ڏنو. ان وقت هي ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو.

راءِ بهادر جو لقب کيس هڪ دربار ۾ ڪمشنر سنڌ مسٽر ايچ. اي ايم جيمس جي صدارت ۾ ڏنو ويو. صدر هن جي تعريف ۾ هيٺيان لفظ استعمال ڪيا. ”مسٽر عالومل سنڌ ۾ ايڪيهہ ورهيہ جنهن ايمانداريءَ، عقلمنديءَ ۽ گرم جوشيءَ سان تعليم جي واڌاري لاءِ ڪم ڪيو. تنهن جو هن صوبي ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. هن کي سنڌ جي ماڻهن جي جذبات جي گُهرجن جي صحيح ڄاڻ هئي. جنهن ڪري هو تعليم کاتي لاءِ ڄڻ تہ هڪ اهم ستون هو. ڪوهستان جي خانہ بدوشن ۾ تعليم جو پکڙجڻ ۽ ان ضلعي جي ابتدائي اسڪولن ڪري ننڍن ٻارن جي سار ۽ سنڀال ۽ فيسن جي وصولي جو ڪامياب حل ۽ اسڪولي راندين لاءِ هر طرح جي گرم جوشي ڏيکارڻ، اهي سڀ ترقيءَ جون نشانيون، عالومل جي جفاڪشيءَ، محنت ۽ دورانديشيءَ جو نتيجو آهن. مسٽر عالو مل پنهنجن زيردستن، خواهہ عام ماڻهن جن جي

اصلاح ۽ سڌاري لاءِ هن پاڻ کي وقف ڪيو آهي، تن سان نهايت خوشي اخلاقيءَ سان پيش ايندو آهي.“ (3)

انگريز سرڪار جو اهو اعتراف عالومل جي محنت ۽ جفا ڪشيءَ لاءِ ڪافي آهي. جڏهن هو نوڪري ڇڏي پينشن تي هليو ويو تڏهن بمبئي سرڪار چيف سيڪريٽري جي صحي سان عالومل جي خدمتن جي عيوض هڪ ٺهراءُ بہ پاس ڪيو هو.

عالومل ٽيڪمداس پوڄواڻي انهن ماڻهن مان هڪ هو جنهن سنڌ ۾ بنيادي تعليم کي جديد انداز ۾ متعارف ڪرايو ڳوٺ ڳوٺ ۽ واهڻ واهڻ وچي اسڪول کولرايا ۽ تعليم کي عام ڪيو. بيشڪ تعليم جي سلسلي ۾ سندس خدمتن کي سنڌ واسي هميشہ ياد ڪندا رهندا.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

حوالا: 1,2,3 نائونمل هوت چند سيٺ، "يادگيريون" سنڌيڪار: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ. ڇاپو ٽيون، 1996ع

مضمون جي تياريءَ ۾ سيٺ نائون مل جي ڪتاب "يادگيريون"، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ جي ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ"، آفيشل رڪارڊ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن (سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي) آفيشل رڪارڊ ايجوڪيشن بورڊ آفيس، بندر روڊ مان مدد حاصل ڪئي وئي آهي.

❊❊❊

## ترقي پسند، قومپرست، سياسي ۽ مذهبي اڳواڻ

# مولانا محمد صادق رحه (کڏي وارو)

| جنم: 15 مارچ 1874ع | لاڏاڻو: 18 جون 1953ع |
| --- | --- |

**ڪراچيءَ** جي پراڻي علائقي "کڏي" (لياري) کي اهو شرف پڻ حاصل آهي جو اهو مولانا عبد الله ميمڻ جي قائم ڪيل مدرسي "مدرسہ مظهر العلوم" جي ڪري رڳو نندي ڪنڊ ئي نہ، پر لڳ ڀڳ سڄي دنيا جي سياسي جدوجهد جو مرڪز رهيو آهي. جنهن جي سرواڻي مدرسي جي مهتمم، ترقي پسند، قوم پرست، سياسي ۽ مذهبي اڳواڻ مولانا محمد صادق کڏي واري ڪئي. مدرسي ۽ سندس اڳواڻن

انتها پسنديءَ واري بہ قومي نظرئي جي شديد مخالفت ڪئي ۽ آزاد سنڌ ۽ گڏيل هندستان جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي. جيئن تہ انگريزن جي قبضي کان اڳ سنڌ ۽ بلوچستان جي حيثيت آزاد ملڪن جي هئي، جنهن لاءِ مولانا محمد صادق کڏي واري جي سياست جو بنيادي نقطو بہ اهوئي هو. جنهن ڪري مسلم ليگي انتها پسندن پاران مولانا محمد صادق جي هميشہ مخالفت پئي ٿيندي رهي.

مولانا محمد صادق جمعيت علماءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان سياست ڪئي. جمعيت علماءِ سنڌ نظرياتي طور ڪانگريس جي خيالن جي ويجهو رهي آهي ۽ کڏي واري مدرسي کي اهو شرف پڻ آهي تہ ننڍي کنڊ سميت دنيا جا ڪيترائي اڳواڻ هتي اچي چڪا آهن. مهاتما گانڌي، ابوالڪلام آزاد، جي.ايم سيد، شيخ الهند مولانا محمود الحسن رحہ، حسين احمد مدني، مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، حسرت موهاني، مولانا ظفر علي، آزاد سبحاني، ڊاڪٽر انصاري ۽ ٻيا اڳواڻ ان ۾ شامل آهن. امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو تہ هي مدرسو مرڪز هو. ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سياسي اڳواڻ، ميونسپلٽيءَ جا ميمبر ۽ ميئر اڪثر کڏي واري مدرسي ۾ مولانا محمد صادق سان سياسي جدوجهدن ۽ بين الاقوامي مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ ايندا رهندا هئا.

اتحادين جڏهن فلسطين ۾ يهودين کي ملڪ جو ٽڪرو ڏنو ۽ يهودين عربن کي اتان لڏائڻ شروع ڪيو ۽ جنهن لاءِ هتان جي ماڻهن جي همدردي ۽ مدد لاءِ 1933ع ۾ مفتي اعظم فلسطين امين الحسيني ڪراچيءَ ۾ کڏي واري مدرسي ۾ مولانا محمد صادق سان ملڻ آيو. مولانا کيس همدرديءَ جو يقين ڏياريو.

"مدرسہ مظهر العلوم" جو بنياد 1884ع (1302هہ) ۾ مولانا عبد الله ميمڻ رکيو هو. مولانا عبد الله ميمڻ، جيڪو مولانا عبدالڪريم

ميمڻ جو پٽ هو. جنوري 1851ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. سنڌس پيءُ عبدالڪريم ميمڻ شاهبندر ڪان لڏي ڪراچي شهر ۾ بولٽن مارڪيٽ ويجهو کاري در ۾ اچي قبر واري علائقي ۾ اچي ويٺو هيو. شاهبندر جيڪو هاڻي ٺٽي ضلعي ۾ آهي، تڏهن ڪراچي ضلعي جو تعلقو هو.

کڏي وارو علائقو جيڪو لياري نديءَ جي ڇوڙ وارو هنڌ هو ۽ هتي وڏي کڏ هوندي هئي. هتي پهرئين سمنڊ هو. ڇيو وڃي ٿو تہ ڪراچيءَ جي ڪن وارو علائقو بہ اهو هو. انگريزن جي قبضي کانپوءِ بندر ۽ پورٽ واري علائقي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ هتان مهاڻن کي لڏائي، هن کڏ کي پرائي مهاڻن کي هتي آباد ڪيو ويو. انهيءَ کڏ جي ڪري هي علائقو اڄ تائين "کڏي" نالي سان مشهور آهي. ڪنهن دور ۾ کڏي جو نالو تبديل ڪري "اسلام آباد" بہ رکيو ويو پر کڏي وارن اهو نالو قبول نہ ڪيو. انهيءَ لڏ پلاڻ کانپوءِ مولانا عبد الله جو خاندان بہ اچي کڏي ۾ ويٺو. لڏي آيل مهاڻن جي يادگار ناخدا مسجد (ناڪئا مسجد) ۽ مڇي مياڻ مارڪيٽ ٽاور واري علائقي کاري در ۾ اڄ بہ موجود آهن.

کڏي ۾ اچڻ کانپوءِ مولانا عبد الله هتي هڪ مسجد "مسجد عبد الله" جو بنياد رکيو. اها کڏي جي سڀ کان قديم مسجد آهي. 1953ع ۾ مسجد جي نئين سر اڏاوت کانپوءِ هن جو نالو "مسجد فردوس" رکيو ويو. 1974ع کانپوءِ مدرسہ مظهر العلوم کڏي جي مهتمم حافظ محمد اسماعيل ميمڻ، جيڪو مولانا محمد صادق رحہ جو پٽ ۽ مولانا عبد الله ميمڻ جو پوٽو ۽ مدرسي جي هاڻوڪي مهتمم مولانا محمود حسن جو والد صاحب هو، مسجد جو انتظام مهاڻن جي "ڪراچيا جماعت" جي حوالي ڪيو. اها مسجد اڄ بہ مهاڻن جي انهيءَ جماعت "ڪراچيا" جي هٿ هيٺ آهي.

مدرسي مظهر العلوم جو بنياد 1884ع (1302هہ) ۾ مولانا عبد الله ميمڻ، کڏي ۾ رکيو. مدرسي جي بنيادي ماڻهن ۾ مولانا عبد الله جي مدد

لاءِ مولانا محمد سليمان ڀنوي (ولادت 1854ع وفات 1941ع ) حاجي محمد حسين ميمڻ ۽ حاجي مهراڻ گڏ هئا.

مولانا عبد الله ميمڻ مدرسي جو پهريون مهتمم ٿيو. مدرسي کي ترقي وٺرائڻ ۾ مولانا احمد الدين چڪواليءَ جو به هٿ آهي. مدرسي سان گڏ هڪ جامع مسجد به هئي، جنهن کي هاڻي مدرسي جي پراڻي عمارت سميت شهيد ڪيو ويو آهي. هتي هاڻي جامع مسجد سان گڏ هڪ علمي ۽ ادبي مرڪز بنائڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي. مدرسو هاڻوڪي شاهه ولي الله روڊ ۽ عبد الله هارون ڪاليج جي سامهون آهي. مولانا عبد الله رحه 25 فيبروري 1914ع (29 ربيع الاول 1332هه) تي وفات ڪري ويو. سندس قبر ڪراچيءَ جي مشهور قبرستان مورڙي ۾ آهي.

وفات کانپوءِ سندس ٻئي نمبر پٽ مولانا محمد صادق ميمڻ مدرسي مظهر العلوم جو انتظام سنڀاليو. مولانا محمد صادق 15 مارچ 1874ع (25 محرم 1291هه) ۾ کڏي ۾ پيدا ٿيو. انهيءَ نسبت سان مولانا محمد صادق کڏي واري جي نالي سان مشهور ٿيو.

مولانا محمد صادق ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب جي نگراني ۾ مدرسة مظهر العلوم ۾ حاصل ڪئي. والد صاحب کان سواءِ مولانا احمد الدين چڪوالي سندس استادن ۾ شمار ٿئي ٿو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دارالعلوم ديوبند ۾ 10 مئي 1894ع (25 ذوالقعد 1311هه) ۾ داخلا ورتائين. هڪ سال ۾ تعليم مڪمل ڪري واپس اچي مدرسه مظهر العلوم کڏي ڪراچيءَ ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. سندس والد جي وفات کانپوءِ کڏي واري مدرسي جو مهتمم مقرر ڪيو ويو. مدرسي ۾ پڙهائڻ دوران ٻه روپيا ماهوار پڳهار مولانا کي ملندي هئي. جڏهن هو مدرسي جا مهتمم ٿيا ته پڳهار وٺڻ بند ڪيائون. پوري حياتي بنا ڪنهن اجوري جي خدمتون انجام ڏيندو رهيو.

مولانا محمد صادق سياسي، سماجي، ديني اڳواڻ ڪانسواءِ هڪ

قابل استاد ۽ طب جا ماهر حڪيم بہ هئا. مدرسي جي اوطاق ۾ سنڌس مطب هوندو هو. شاگردن ۽ غريب ماڻهن جو علاج مفت ڪندا هئا. سرنديءَ وارا دوا جي قيمت ڏيندا هئا, جنهن سان گهر ۽ مدرسي جو خرچ هلندو هو. مولانا محمد صادق کڏي وارو هڪ وڏو عالم, مفتي, محقق, سياسي ۽ سماجي اڳواڻ هجڻ ڪانسواءِ سنڌ وطن جي آزاديءَ جو حامي هو. کڏي واري مدرسي جو سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. انگريزن خلاف ويڙهہ ۾ هي مدرسو سنڌين ۽ هين لاءِ هڪ قلعي وانگر هو. کڏي وارو مدرسو آزاد خيال تعليم ۽ تربيت جو مرڪز هو. اهو سڀ ڪجهہ صوفي منش انسان مولانا محمد صادق جي ڪري ممڪن ٿيو هو.

کڏي وارو مدرسو هر قسم جي مذهبي ڪٽرپڻي جو شروع کان مخالف رهيو آهي. مدرسو ترقي پسند ۽ قومپرست سوچ رکندڙ ديني ۽ سماجي اڳواڻن جو مرڪز هوندو هو. انهيءَ سوچ جي اڳواڻي مولانا محمد صادق کڏي وارو ڪري رهيو هو. مولانا محمد صادق سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. هِن ريشمي رومال تحريڪ, خلافت تحريڪ, سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ ۽ گڏيل هندستان جي آزادي جي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ ان تحريڪن جي اڳواڻي بہ ڪئي.

مشهور ريشمي رومال تحريڪ جنهن جو مقصد انگريزن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ هو. 1857ع واري شڪست جي خال ڀرڻ لاءِ "جمعيت الانصار" نالي هڪ جماعت ٺاهي ويئي. جيئن "اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" جي پليٽ فارم تان مختلف تعليمي ادارا پنهنجن فارغ التحصيل شاگردن کي هڪ هنڌ گڏ ڪندا آهن, ائين دارالعلوم ديوبند جي فارغ ٿيل شاگردن کي "جمعيت الانصار" جي پليٽ فارم تي گڏ ڪري هندستان جي ماڻهن ۾ سياسي هلچل پيدا ڪري

انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ هو.

تحريڪ جو بنياد ديوبند جي استاد شيخ الهند مولانا محمود الحسن جي حڪم سان سندس ٻن شاگردن مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا محمد صادق کڏي واري 1908ع ۾ وڌو هو. هن تحريڪ ۾ سنڌ جي ماڻهن ڀرپور حصو ورتو. مراد آباد ۾ 15، 16 ۽ 17 اپريل 1911ع جميعت الانصار جو باقاعده اجلاس ٿيو. جنهن هيٺ " ريشمي رومال تحريڪ" جي شروعات ڪئي ويئي، تحريڪ جا اٺ مرڪز هئا.

ڪراچي (سنڌ) (2). دين پور (3) لاهور (4) رانڊير (گجرات) (5) امروٽ (سنڌ) (6) پاڻي پت (7) اتمان زئي (8) ترنگ زئي

بعد ۾ ٻيا ٻه مرڪز هڪڙو بنگال ۾ ۽ ٻيو اترئين ڪوهستان ۾ "اوگي" واري هنڌ قائم ڪيا ويا.

ڪراچيءَ واري مرڪز ۾ لاڙ لس ٻيلو قلات ۽ ان جي ڀرپاسي وارا علائقا شامل هئا. ڪراچي مرڪز جو اڳواڻ مولانا محمد صادق هو. ٻين اڳواڻن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ شيخ محمد ابراهيم سنڌي هئا. شيخ محمد ابراهيم سنڌي 1917ع ۾ روس جي انقلاب ڪانپوءِ بدخشان ويندي رستي ۾ فوت ٿي ويو. تحريڪ ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته ٻنا وېڙهه جي هندستان کي انگريزن کان آزاد ڪرائڻ ذڪيو آهي. جنهن لاءِ افغانستان ۽ سرحد (پختونخواهه) جي قبائلين تي ڀاڙيو ويو. افغانستان جي نگراني ۾ 19 فيبروري 1917ع تي حملي جو منصوبو جوڙيو ويو.

1914ع ۾ پوري دنيا کي پهرئين مهاڀاري لڙائي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتي چڏيو هو. ڪراچي شهر کي هڪ فوجي ڇانوڻيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو هو. برطانيا ۽ هن جا حامي اعلان جنگ ڪري چڪا هئا. سنڌ سميت پوري هندستان ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن جي گرفتارين جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ڪيو ويو هو.

پهرئين مهاڀاري لڙائي ۾ جرمني ۽ ترڪي هڪڙي پاسي هئا تہ ٻئي پاسي مخالفت ۾ برطانيا، امريڪا، فرانس ۽ روس هئا.

15 آگسٽ 1914ع تي مولانا عبيد الله سنڌي جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ وفد ڪابل پهتو. افغانستان جي بادشاهہ امير حبيب الله سان ملاقات ڪري پنهنجي منصوبي کان آگاهہ ڪيو. امير حبيب الله اندروني طور انگريزن سان مليل هو جنهن مولانا کان اهو وچن ورتو تہ ”جيستائين هو نہ چاهيندو تيستائين انقلابي حملو نہ ڪندا.“

مولانا عبيد الله سنڌي ڪابل ۾ ويهي هندستان جي هڪ عارضي جلاوطن حڪومت قائم ڪئي. جنهن جو صدر راجا مهندر پرتاب هو.

تحريڪ کي ريشمي رومال انهيءَ ڪري چيو ويجي ٿو تہ مولانا عبيد الله سنڌي انگريزن کان لڪ ۾ مختلف سياسي شخصيتن ۽ تحريڪ جي ڪارڪنن ڏانهن ريشمي ڪپڙي جي هڪ گز ڊگهي ۽ هڪ گز ويڪري ٽڪري تي هدايتون لکي موڪليندو هو. ڪجهہ خط انگريزن جي هٿ لڳي ويا تہ ڳجهي تحريڪ جي ڄاڻ انهن کي ملي ويئي.

انهيءَ دوران مولانا محمد صادق کڏي واري ڪراچيءَ ۾ انقلابين جي تربيت ڪئي. هر هفتي ڪراچيءَ جي بندر تان فوجي، هٿيار ۽ راشن برطانيا جي فوج لاءِ ويندو هو. جنهن جي ڪري جنرل ٽائونشينڊ پيش قدمي ڪري رهيو هو. جنرل ٽائونشينڊ 1915ع ۾ برطانيا جو نئون ڪمانڊر جنرل مقرر ٿيو. برطانيہ جي فوج جي پيش قدمي کي روڪڻ لاءِ مولانا محمد صادق هڪ انقلابي منصوبو جوڙيو. مولانا محمد صادق جي هدايت تي سردار نورالدين مينگل ۽ سندس قبيلي وارن انگريزن خلاف مسلح جدوجهد جي شروعات ڪئي تہ جيئن عراق ۾ ٽائونشينڊ کي مدد پهچڻ بند ٿئي. ڪراچي بندر تي 30 هزار فوج، عراق ۾ برطانوي فوج جي مدد لاءِ وڃڻ جي تياري ڪري رهي هئي. مولانا محمد صادق انهيءَ فوجي قافلي کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيو. نورالدين مينگل ۽ مولانا محمد صادق جي هدايت تي، ماٿهن لسٻيلي ۽

شڪارپور ۾ مسلح حملا شروع ڪيا تہ انگريزن اهو سمجهيو تہ پوري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ بغاوت شروع ٿي ويئي آهي. جنهن لاءِ انگريز ڪراچي بندر تي عراق لاءِ ويندڙ 30 هزار فوجين کي هٿياربند جدوجهد روڪڻ لاءِ لسبيلي ڏانهن روانو ڪيو جتي سخت مقابلي کان پوءِ انگريزن جا 12 هزار سپاهي مارجي ويا. بئي پاسي عراق ۾ فوج کي مدد نہ پهچڻ ڪري 1915ع ۾ انگريز شڪست کائي پوئتي هٽيو. باقي بچيل انگريز فوج "ڪوت العماره" پهتا تہ ترڪي جي فوج "ڪوت العماره" ۾ انهن کي گهيري ۾ آندو 17 هزار انگريز سپاهي مارجي ويا. 29 اپريل 1916ع ۾ ڪيترن مهينن جي گهيري کانپوءِ جنرل ٽائونشينڊ هٿيار ڦٽا ڪيا. 13 هزار فوجين سان گڏ گرفتار ٿيو. اهو سڀ ڪجهہ مولانا محمد صادق کڏي واري جي حڪمت عمليءَ جي ڪري ممڪن ٿيو. بعد ۾ مينگل قبيلي جي سردار نورالدين جي سئوٽ رحيم خان جي مخبريءَ ڪري اهو راز فاش ٿي ويو. 8 مئي 1916ع ۾ مولانا محمد صادق کي ڊفينس آف انڊيا رولز تحت گرفتار ڪري مهاراشٽر جي علائقي "ڪارواڙ" جي جيل ۾ نظر بند ڪيو ويو. انهيءَ موقعي تي نظربنديءَ ۽ شهر ڇڏڻ جا آرڊر جيڪي ضلعي ميجسٽريٽ ڪراچي آنيس مان سنڌي ۽ انگريزي ۾ جاري ٿيا. انهن جا نقل کڏي واري مدرسي جي لائبريري ۾ اڃا بہ موجود آهن.

ڪو بہ ثبوت نہ ملڻ ڪري مولانا تي بغاوت جو ڪيس هلي نہ سگهيو. ٽن سالن جي قيد کانپوءِ 12 فيبروري 1919ع تي مولانا کي آزاد ڪيو ويو. آزاديءَ کانپوءِ مولانا محمد صادق ڪراچي پهتو.

سردار نورالدين کي بہ سندس سؤٽ رحيم خان جي غداريءَ ڪري گرفتار ڪيو ويو هو. سردار نورالدين تي ڪيس هليو ۽ 12 سال قيد جي سزا ٻڌائي ويئي، ڪيس سرداريءَ تان هٽائي ملڪيتون ضبط ڪيون ويون ۽ جاسوسيءَ جي سوکڙيءَ طور رحيم خان کي سردار بنايو ويو.

ريشمي رومال تحريڪ جي ناڪاميءَ کانپوءِ مولانا عبيد الله سنڌي افغانستان ۾ ترسي پيو.

ريشمي رومال تحريڪ وانگر مولانا محمد صادق خلافت تحريڪ ۾ بہ پيش پيش هو. هِن ڪراچيءَ ۾ تحريڪ کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1857ع جي جنگ ۾ ترڪي جي حڪومت ننڍي کنڊ جي آزاديءَ جي علمبردارن جي مدد لاءِ پنهنجي فوج دهلي موڪلي ۽ آزادي پسندن جي مالي مدد بہ ڪئي. جنهن جي ڪري پهرئين مهاڀاري لڙائي ۾ برطانيا حڪومت ترڪيءَ خلاف جنگ شروع ڪئي. جرمن کي شڪست ۽ اتحادين جي فتح ڪانپوءِ عثماني خلافت کي ختم ڪرڻ ۽ ترڪي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ويو تہ هندستان وانگر سنڌ جي ماڻهن بہ خلافت کي بچائڻ لاءِ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌ سميت هندستان جون همدرديون ترڪيءَ سان هيون. سنڌ مان خلافت تحريڪ ۾ مولانا محمد صادق کڏي واري کانسواءِ مولانا تاج محمد امروٽي، تراب علي شاهہ، شيخ عبدالعزيز جان محمد جوڻيجو حاجي عبد الله هارون اهم ڪردار ادا ڪيو. هن تحريڪ ۾ هندومسلم ايڪي جو مظاهرو ڀرپور نموني سان نظر آيو. تحريڪ جي جلسن ۽ گڏجاڻين ۾ مهاتما گانڌي، پنڊت موتي لال نهرو، پنڊت مدن موهن مالوي بہ شريڪ ٿيندا هئا.

اتحادين جو سيويز معاهدي هيٺ ترڪي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو تہ اِن معاهدي خلاف سنڌ سميت پوري هندستان ۾ جلسا ۽ جلوس ڪڍيا ويا. 1920ع ۾ خلافت تحريڪ ۾ اڻ سهڪاري تحريڪ جي شروعات ڪئي ويئي. جيڪو مهاتما گانڌي جو منصوبو هو.

”مجلس خلافت“ نالي هڪ انجمن قائم ڪئي ويئي، بعد ۾ انهيءَ کي ”آل انڊيا خلافت ڪاميٽي“ جو نالو ڏنو ويو. مولانا محمد صادق جي ڪوشش سان 1919ع ۾ سنڌ جي خلافت ڪاميٽي جي شاخ ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي ويئي. اپريل 1920ع ۾ ترڪيءَ جي خليفي وحيدالدين جي نالي سان ڪراچيءَ مان هڪ سنڌي روزنامو

”الوحيد“ جي نالي سان جاري ڪيو ويو.اِن اخبار هن دور جي سنڌ جي سياسي تحريڪن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

28 ڊسمبر 1919ع ۾ ”جمعيت علماءِ هند“ جو قيام عمل ۾ آيو تہ مولانا محمد صادق انهيءَ تنظيم جي مرڪزي مجلس جو ميمبر ۽ جمعيت علماءِ سنڌ جو صدر رهيو. جمعيت علماءِ هند جون هندستان ۾ ضلعي سطح تي شاخون قائم ڪري جمعيت کي منظم ڪيو ويو. سنڌ اُن وقت بمبئيءَ پريزيڊنسيءَ جو حصو هئي. سنڌ الڳ صوبو نہ هو پر مولانا محمد صادق دليلن سان اهو ثابت ڪيو تہ سنڌ جي حيثيت هڪ آزاد ملڪ جي آهي. جنهن تي انگريزن قبضو ڪيو آهي. تنهن ڪري جمعيت علماءِ سنڌ قائم ٿيڻ گهرجي. مولانا جي ڪوشش سان اها تنظيم وجود ۾ آئي، جيڪا اڳتي هلي ۽ اڄ تائين هڪ الڳ ۽ آزاد تنظيم طور ڪم ڪري رهي آهي. پنهنجي ٺهڻ جي وقت هي تنظيم جمعيت علماءِ هند ۽ ڪانگريس جي نظرين کي ويجهو رهي ۽ مولانا بہ جمعيت علماءِ هند ۽ ڪانگريس جي پليٽ فارم تان هر جدوجهد ۾ شامل رهيو.

انهيءَ وچ ۾ لڏ پلاڻ تحريڪ (هجرت تحريڪ) شروع ڪئي وئي. جنهن لاءِ افغانستان ڏانهن لڏپلاڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جولائي 1920ع ۾ 750 ماڻهن جو هڪ قافلو ترين وسيلي جان محمد جوڻيجي جي اڳواڻيءَ ۾ افغانستان روانو ٿيو.

8. 9 ۽ 10 جولائي 1921ع تي خلافت ڪانفرنس پاران ڪراچي ۾ وڏو جلسو ڪيو ويو. جنهن ۾ بين اڳواڻن کان سواءِ مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي، جگت گرو شري شنڪر آچاريا ۽ بين شرڪت ڪئي. اجلاس جو صدارتي خطبو مولانا محمد صادق کڏي واري پيش ڪيو. مولانا محمد صادق جو اهو تاريخي ۽ ڏکهو خطبو هو جنهن ۾ ننڍي کنڊ جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي معاملن تي بحث ڪيو ويو هو. مذهبي ڪٽرپڻي جي نندا ڪئي وئي

هئي ۽ مسلمانن کي اها بہ اپيل ڪئي تہ ڳئون، جيئن تہ هندوئن لاءِ مقدس آهي تنهن ڪري انهن جي دل آزاري ڪرڻ کان بهتر آهي ڳئون کي ذبح ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. ڪانفرنس ۾ 500 عالمن انگريزن جي نوڪري کي ڪفر قرار ڏنو.

انگريز سرڪار خلاف تقرير ڪرڻ ۽ فتويٰ جي ڏوهہ ۾ مولانا محمد صادق، مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، مولانا افتخار ڪانپوري، ڊاڪٽر سيف الله ڪچلو مولانا محمد حسين مدني، مولانا عبدالڪريم درس، پير غلام مجدد سرهندي سنڌي، جگت گرو شري شنڪر آچاريا ۽ ٻين کي گرفتار ڪري 26 سيپٽمبر 1921 ۾ ڪراچي جي غلام حسين خالق ڏني هال ۾ بغاوت جو ڪيس هلائي، سوامي شنڪر آچاريا کان سواءِ باقي، اڳواڻن خلاف ٻن سالن جي سزا ٻڌائي وئي. سوامي شنڪر آچاريا کي ان ڪري آزاد ڪيو ويو ڇاڪاڻ تہ فتويٰ سان هن جو ڪو واسطو نہ هو.

## سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ:

1847ع ۾ برطانوي حڪومت سنڌ جي الڳ حيثيت ختم ڪري ان کي بمبئي پريزيڊنسي ۾ شامل ڪيو. جنهن سبب سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ بمبئيءَ جو هڪ معمولي شهر بڻجي ويو هو. سنڌ جا ماڻهو بمبئيءَ جي گورنر جا محتاج هئا. جيڪو 800 ميل پري ويهي سنڌ جو انتظام هلائي رهيو هو.

ريشمي رومال تحريڪ، خلافت تحريڪ ۽ لڏپلاڻ واري تحريڪن ڪري ماڻهن ۾ سياسي شعور بيدار ٿيو تہ بمبئيءَ ليجسليٽو ڪائونسل ۽ انڊين ليجسليٽو ڪائونسل ۾ بہ سنڌ جي نمائندن پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريو. بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۽ انڊين ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سيٺ هرچند راءِ ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جيڪي ٻئي ڪانگريسي هئا، ڪائونسل جي اجلاس ۾ انهن سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ لاءِ دليل ڏنا.

1913ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو. جنهن جي آجياڻي ڪاميٽيءَ جو چيئرمين هرچند راءِ وشنداس هو. اجلاس ۾ سنڌ کي بمبئيءَ پريزيڊنسي کان ڌار ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي. ريشمي رومال ۽ خلافت تحريڪ ڪري ڪجھ وقت خاموشي رهي. ٻئي پاسي سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن ۾ مولانا محمد صادق کڏي واري رستو هموار ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ هر جلسي ۽ پروگرام ۾ سنڌ جي جدائي جي حق ۾ دليل ڏنا. 2 کان 3 ڊسمبر 1927ع جمعيت علماءِ هند جي مرڪزي ڪاميٽي جو اجلاس انور شاھ ڪشميري جي صدارت ۾ ٿيو. جمعيت علماءِ سنڌ جي وفد مولانا محمد صادق کڏي واري جي صدارت ۾ سنڌ مان انهيءَ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ دليلن سان سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي جي حق ۾ پنهنجو مؤقف رکيو. آمدنيءَ جي حوالي سان آسام صوبي جو مثال مولانا پيش ڪيو. سنڌ ۾ الڳ ٻولي ۽ بمبئي ۾ الڳ ٻولي جي مسئلي تي مولانا محمد صادق تفصيلي بحث ڪيو. جمعيت علماءِ هند مولانا محمد صادق جي مؤقف جي تائيد ڪندي هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو جنهن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي جي گهر ڪئي وئي.

31 مارچ کان پهرين اپريل 1931ع تائين ڪراچيءَ جي عيدگاھ واري ميدان تي هڪ جلسو ٿيو. جنهن جي صدارت مولانا ابوالڪلام آزاد ڪئي. مولانا محمد صادق کڏي وارو آجياڻي ڪاميٽيءَ جو صدر هو. مولانا پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي جي گهُر کي ورجايو. 3 آگسٽ 1931ع ۾ جمعيت جي مرڪزي ورڪنگ ڪاميٽي جو اجلاس "سهارنپور" ۾ ٿيو. هن اجلاس ۾ هندستان جي خودمختياري جو فارمولو پيش ڪيو ويو. مولانا محمد صادق کڏي واري جي ڪوشش سان هن اجلاس ۾ بہ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي جو نقطو شامل ڪيو ويو.

مولانا محمد صادق هميشہ سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياري جي

ڳالهه ڪندو هو. جميعت علماءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان ان لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. هو مسلم ليگين سان ڪڏهن به نه ٺهيو. ڪٿي ڪٿي پنهنجي پارٽيءَ جميعت علماءِ هند ڪري مجبور ٿي پوندو هو پر پنهنجي مؤقف تان هڪ انچ به پوئتي نه هٽيو. سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ مولانا ۽ مسلم ليگ بابت لکي ٿو ته. "مسلم ليگ جي زور وٺڻ وقت جڏهن ٻيا سڀ وڃي ان ۾ شامل ٿياسين، تڏهن مولوي فتح محمد (سيوهاڻي) ۽ مولوي محمد صادق صاحب ٿي هئا جن جمعيت علماءِ ۽ قوم پرستي جي اصولن کي نه ڇڏيو." ۽ اڳتي سائين لکي ٿو ته:

"هي (مولانا محمد صادق) مستقل مزاج بزرگ هو. جڏهن ڪيترائي مولوي ساده دلي ۽ اسلام جي نالي سبب هتي وڃي مسلم ليگ ۾ داخل ٿيا، تڏهن به سندس حوصلي ۽ پختي ارادي ڪيس ان ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو شيخ عبدالمجيد (سنڌي) ۽ آءُ جڏهن مسلم ليگ ۾ شامل ٿياسين، تڏهن اسان هر طرح سان مولانا (مولانا محمد صادق) کي ان ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. ليڪن مولانا هميشه ائين چوندو هو ته جنهن جماعت جي واڳ غلط ماڻهن جي هٿ ۾ هجي، جن ۾ انگريزن جا نمڪ پرورده ۽ عراق، فلسطين ۽ حجاز جي مسلمانن کي انصارن جا غلام بنائڻ وارا به هجن تن سان گڏجي ڪم ڪرڻ آءُ ڪڏهن به پسند نه ڪندس."(1)

مولانا محمد صادق سياست سان گڏ سماجي ڪمن ۾ به حصو ورتو جنهن لاءِ کڏي واري مدرسي ۾ سوين غريب ۽ يتيم ٻارن کي مفت تعليم، مفت علاج، ڪتاب ۽ ڪپڙا ڏيندو هو. کڏي سميت پوري لياري ۾ غريبن، بيواهن جي مدد ڪندو هو. جيڪڏهن ڪٿي ڪو جهيڙو ٿيندو هو ۽ سياسي اختلاف پيدا ٿيندا هئا ته انهن جو وچي به نبيرو ڪندو هو.

هڪ ڀيري بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ هڪ جاءِ

خالي ٿي، هڪ جاءِ لاءِ چار اميدوار هئا، جن ۾ محمد هاشم گزدر، حاتم علوي، فضل ڪريم ۽ حسين ڀائي جمعدار هئا. جيڪي پاڻ ۾ نہ نهي سگهيا، فيصلو مولانا محمد صادق جي حوالي ڪيو ويو. مولانا محمد صادق، حاتم علويءَ جي حق ۾ فيصلو ڏنو جيڪو سڀني قبول ڪيو. 1934ع ۾ ان موقعي تي ڇپيل پمفليٽ مدرسي ۾ موجود آهي.

7 مارچ 1939ع تي مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي جلاوطني ختم ڪري سعودي عرب مان "المدينا" جهاز وسيلي جڏهن ڪراچي بندر پهتو تہ سعودي ڪان نڪرڻ وقت مولانا عبيدالله هتان جي سفارت خاني جي هڪ شخص لال شاھ کان 800 رپيا اهو چئي اڌارا ورتا هئا تہ هُو ڪراچيءَ پهچي واپس ڪندو. هن جي جهاز مان لهڻ کان اڳ ۾ ئي مولانا محمد صادق اهي پئسا سفارت خاني روانا ڪيا. تڏهن مولانا عبيدالله جهاز مان لٿو. مولانا جي آجياڻي لاءِ حڪومت پاران سنڌ جو وڏو وزير خانبهادر الله بخش سومرو ۽ پير الاهي بخش بہ موجود هئا. ٻئي پاسي مولانا محمد صادق، مولانا محمد صديق، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا محمد عثمان بلوچ، حافظ محمد حسن، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيٺ يوسف، حاجي لڏو ڊاڪٽر تارا چند لالواڻي، لال جي مهوترا (ملهوترا)، سيٺ هري داس لال جي، آچاريا گدواڻي ۽ ٻيا سوين هندو ۽ مسلمان موجود هئا. مولانا کي جلوس جي شڪل ۾ بندرگاھ کان مولانا محمد صادق جي مدرسي "کڏي" ۾ آندو ويو. جتي اهي مٿيان سڀ اڳواڻ موجود هئا.

لواريءَ شريف ۾ جڏهن جڙتو حج جو مسئلو پيدا ٿيو تہ انهيءَ مسئلي تي مولانا هڪ ڪتاب " ڪلمۂ حق" لکيو. پوري سنڌ ۾ سڀني مڪتبہ فڪر جي مذهبي ۽ سياسي ماڻهن کي جنهن ۾ مسلم ليگي شامل هئا، هڪ هنڌ گڏ ڪيو. پير صبغت الله شاھ راشديءَ کي خط لکيائين، جنهن جي جواب ۾ پير صاحب مسئلي کي حل ڪرڻ جي

مولانا کي خاطري ڪرائي. انهيءَ مسئلي دوران 1938ع ۾ سندس گهر واري بيمار ٿي گذاري ويئي. پر مولانا انهيءَ مسئلي ۾ مصروف رهيو.

مولانا محمد صادق 1930ع کان 1947ع تائين دارالعلوم ديوبند جي مجلس شوريٰ جو ميمبر بہ رهيو.

هي سنڌ مدرسة السلام جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو. بولٽن مارڪيٽ ۾ دوڪانن جي آمدني (جتي مولانا محمد صادق جي ذاتي جو گهر هو بعد ۾ دوڪان ٺاهيا ويا) مان سنڌ مدرسي کي ۽ ٻين اسڪولن جي مالي مدد بہ ڪندو هو. اهي رجسٽر ۽ رسيدون اڄ بہ مدرسي مظهر العلوم جي لائبريري ۾ محفوظ آهن.

مولانا محمد صادق ۽ جي ايم سيد. فشرمين ڪو آپريٽو سوسائٽي جا ميمبر هئا.

نہ چاهيندي بہ جمعيت علماءِ هند جي ميمبر جي حيثيت سان 1936ع ۽ 1946ع وارن اليڪشن لاءِ جيڪو بورڊ ٺهيو هو هي اُن جا ميمبر هئا. پر انهن چونڊن ۾ هن ڪا دلچسپي نہ ڏيکاري، هن جو چوڻ هو تہ انهن چونڊن ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي غريب ماڻهن کي فائدو نہ پهچندو ۽ وڏيرا وڏيڪ مضبوط ٿيندا. هندو ۽ مسلمانن ۾ ويڇا وڌندا ۽ پوءِ سيني ڏٺو تہ ائين ئي ٿيو.

ڪڏي واري مدرسي ۾ هڪ قديمي لائبريري بہ موجود آهي. جيڪا مدرسي جي باني مولانا عبد الله ميمڻ قائم ڪئي هئي ۽ جنهن لاءِ هن پنهنجا ذاتي ڪتاب لائبريريءَ حوالي ڪيا. ان لائبريريءَ ۾ هن وقت 15 هزار ناياب ڪتاب موجود آهن ۽ 1947ع کان اڳ جي گهٽ ۾ ئي انگريزي، سنڌي ۽ فارسي اخبارن ۽ رسالن، سياسي پمفليٽن جو هڪ وڏو انگ لائبريري ۾ موجود آهي.

1997ع ۾ عبدالوحيد انيڙ "مدرسي مظهر العلوم" تي پي. ايڇ. ڊي Ph.D ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. پي. ايڇ.

ڊي جو عنوان هو." مدرسہ مظهر العلوم ڪڏي جي ديني ۽ سياسي خدمتن جو تنقيدي جائزو" هن جو نگران مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، جيڪو اُن وقت سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جو وائيس چانسلر هو.

مدرسي پاران 1970ع کان هڪ ادبي ۽ علمي رسالو "الصادق" نالي هر مهيني شايع ٿيندو آهي. 1970ع ۾ رسالي جو نالو "ميمبر السلام" هو پر ٻن سالن کانپوءِ اهو بند ٿي ويو. مارچ 1980ع ۾ ٻيهر "الصادق" جي نالي سان شروع ڪيو ويو.

سنڌ جو هيءُ انقلابي اڳواڻ 18 جون 1953ع (6 شوال 1372هه) خميس ڏينهن ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. سندس قبر مورڙي قبرستان ۾ آهي.

سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ مولانا محمد صادق ڪڏي واري جي باري ۾ لکي ٿو تہ:"مولانا محمد صادق خدا ترس، نيڪ سيرت، پرهيزگار، ايماندار، مهمان نواز ۽ قديم سنڌي تهذيب جو مجسمو هو. سندس متانت ڀريو ٿورو ڳالهائڻ، وضعدار لباس ۽ نوراني شڪل دوستن ۽ واقفڪارن کان ڪڏهن نہ وسرندي" (2)

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. سيد.جي.ايم. "جنب گذاريم جن سين" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيون، 1979ع
2. ساڳيو حوالو

- مضمون لاءِ ڪڏي واري مدرسي "مدرسہ مظهر العلوم" پاران جاري ٿيندڙ ماهوار "الصادق" ۽ مدرسي جي مهتمم مولانا محمود الحسن کان بہ مضمون لاءِ مدد حاصل ڪئي وئي آهي.

***

اديب، صحافي، عالم، علم دوست، سماج سڌارڪ
۽ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو پهريون چونڊيل
مسلمان صدر

# سيٺ غلام علي غلام حسين چاڳلا

| | |
|---|---|
| ڄمڻ: 1871ع | لاڏاڻو: 26 جون 1950ع |

**چاڳلا** ڪٽنب ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ ۾ پنهنجي علم دوستي ۽ سماجي ڪمن جي حوالي سان مشهور رهيو آهي. ٽن پيڙهين تائين هن ڪٽنب عوامي خدمتن ۽ ادب دوستيءَ ۾ نالو ڪڍيو آهي .

ان ئي ڪتنب مان احمد غلام علي چاڳلا موسيقيءَ جي دنيا ۾ پنهنجو ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪيو. چاڳلا کي هرويرو "چاڳلا" لکيو وڃي ٿو جيڪو سراسر غلط آهي. چاڳلا ٺيٺ سنڌي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ پيارو چاڳ ڪرڻ وارو آهي، اهو نالو اڄ به عام جام سنڌ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

غلام علي چاڳلي جو پيءُ غلام حسين چاڳلو پنهنجي زماني ۾ ڪراچيءَ جو پهريون نمبر شاهوڪار ماڻهو هو. ان جي پنهنجي نالي پائي غلام حسين قاسم همير خواجي سان گهاٽي دوستي هئي. غلام حسين قاسم جو والد قاسم همير ڪراچيءَ جي ڪاري در وارن خواجن جو مُکي به هو. مئي در ۾ اڄ به مُکي همير جي گهٽي مشهور آهي. مکي همير قاسم همير جو پيءُ هو جيڪو خواجن جو مُکي هو. هن جي مرڻ کانپوءِ قاسم همير خواجن جو مکي ٿيو. جڏهن ته سيٺ لالڻ علي ڏني شهيد پنهنجي ترقي پسند خيالن ڪري آغا خان جو فرقو ڇڏيو ته، سيٺ قاسم همير، غلام علي چاڳلا جو پيء، غلام حسين چاڳلا، غلام حسين قاسم، سيٺ عبدالله جاڳڻ، سيٺ حاجي ٿانور ٿانهريا، ميرپور بٺوري وارو سيٺ حاجي محمد جعفر انهيءَ گروهه ۾ شامل هئا، جيڪي آغا خان جي فرقي کان بغاوت ڪري اثنا عشري فرقي ۾ شامل ٿيا. اڳتي هلي سيٺ خالق ڏنو جيڪو آغا خان جو خاص ماڻهو هو اهو به هن فرقي ۾ شامل ٿيو. بندر روڊ تي مشهور هال ۽ لائبريري "غلام حسين خالق ڏنو هال ۽ لائبريري" سندس پٽ جي نالي پويان آهي.(افسوس اهو آهي ته اڄ اردو پريس ۾ ان نالي کي بگاڙي "خالق دينه هال" لکيو ويندو آهي.)

غلام علي چاڳلي جو پيءُ غلام حسين چاڳلا، حسن علي آفنديءَ جي سنڌ مدرسة السلام اسڪول قائم ڪرڻ واري تحريڪ ۾ به شامل هو. پهرئين سيپٽمبر 1885ع تي جڏهن اسڪول جو افتتاح ڪيو ويو ته افتتاح واري مختصر قافلي ۾ سيٺ علي پائي ڪريم جي، سيٺ خالق ڏنو رحيم ڏنو ۽ غلام حسين چاڳلا پڻ شامل هئا. هو سنڌ مدرسه

بورڊ جي پهرئين مئنيجنگ ڪاميٽيءَ ۾ بہ شامل هو.

برٽش ايمپائر ليگ کي جڏهن ڪراچيءَ ۾ منظم ڪيو ويو ۽ 1907ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پهرئين شاخ کولي وئي تہ ان جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ ۾ غلام حسين چاڳلا بہ شامل هو.

سيٺ غلام حسين کي ٽي پٽ: غلام علي چاڳلا, رحمت الله چاڳلا ۽ سيٺ رحيم علي چاڳلا هئا. جن مان غلام علي چاڳلا سماجي ۽ سياسي حوالي سان پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هليو. غلام علي غلام حسين چاڳلا 1871ع ۾ ڪراچيءَ جي کاري در واري علائقي ۾ پيدا ٿيو. سنڌ مدرسي مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي پيءُ جي ڪاروبار کي سنڀاليائين. هن شروع ۾ پنهنجي مذهبي فرقي جي سماجي اقتصادي ترقي ۾ اصلاح لاءِ ڪوششون ورتيون ۽ "اثنا عشري خواجا جماعت" کي منظم ڪرڻ لڳو. ڪراچيءَ ۾ ان جماعت جو صدر چونڊيو ويو ۽ پوري زندگي ان عهدي تي رهيو.

غلام علي چاڳلا انگريزي, سنڌي, اردو کانسواءِ فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ پڻ مهارت رکندو هو. علم حاصل ڪرڻ ۽ علم پرائڻ پاسي گهڻو ڌيان هوندو هئس. جنهن لاءِ جماعت پاران کاري در واري علائقي ۾ هڪ وڏي لائبريري بہ قائم ڪئي هئي. جنهن مان جماعت جي نوجوانن کان سواءِ ٻيا بہ لاڀ حاصل ڪندا هئا. بعد ۾ انهيءَ لائبريري کي جنهن ۾ ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو "نوجوان اثنا عشري ڪرڪٽ ڪلب" جي حوالي ڪيو ويو. انهيءَ ڪرڪٽ ڪلب جو باني بہ غلام علي چاڳلا هو.

غلام علي چاڳلا پنهنجي ڪميونٽي جي عورتن جي تعليم پاسي بہ گهڻو ڌيان ڏنو جنهن لاءِ هن ڪراچيءَ جي پراڻن محلن ۾ عورتن لاءِ هڪ گهمندڙ ڦرندڙ لائبريري پڻ قائم ڪئي هئي. ان لائبريري وسيلي پڙهندڙن کي گهر ويٺي پڙهڻ لاءِ ڪتاب جاري ڪيا ويندا هئا. هر هفتي جماعت جي دفتر ۾ غلام علي چاڳلا ليڪچر جو پڻ بندوبست ڪندو هو. جتي پاڻ مختلف موضوعن تي ليڪچر

ڏيندو هو. چاڳلا صاحب، شيخ سعديءَ جي ”گلستان“ ۽ ”بوستان“ جا ڪلاس پڻ هلائيندو هو جن ۾ اثنا عشري نوجوانن کان سواءِ ٻيا نوجوان بہ شريڪ ٿيند اهئا. اهڙي نموني چاڳلا صاحب نوجوانن جي تعليم سان گڏ اخلاقي تربيت پاسي پڻ گهڻو ڌيان ڏيندو هو. نوجوانن جي تعليم ۽ اصلاح لاءِ ڪاري در جي چاڳلا اسٽريٽ مان سندس اڳواڻيءَ ۾ سنڌي ۽ گجراتيءَ ۾ ماهوار رسالو ”سوڪڙي“ جاري ٿيو جنهن ۾ سندس ڌنل ليڪچر ۽ مضمون شامل هوندا هئا. غلام علي چاڳلا قرآن جي معنيٰ ۽ شرح جو بہ وڏو ڄاڻو هو. رسالي ۾ ان موضوع تي هڪ سلسلو شروع ڪيو هئائين جيڪو گهڻو مقبول ٿيو. سوڪڙي رسالي بابت جيڪا معلومات ملي آهي سا پيش ڪجي ٿي، هي رسالو 1917ع ۾ مسٽر جي. ايس ننڊواڻي جاري ڪيو. جيڪو ان جو ايڊيٽر بہ هو. اهو ان زماني جو اهو پهريون رسالو هو. جيڪو تصوف ۽ صوفي ازم جو پرچارڪ هو. جنهن ۾ تصوف ۽ ويدانيت متعلق مضمون ڇپجندا هئا. خيال آهي تہ، متان اهوئي اهو رسالو هجي جنهن جي سرپرستي غلام علي چاڳلا ڪئي هجي. يا سيٺ غلام علي چاڳلا پاران شايع ٿيندڙ رسالو ”سوڪڙي“ الڳ آهي. ان تي تحقيق جي ضرورت آهي.

غلام علي چاڳلا جو هڪ اهم ڪارنامو اهو بہ آهي جو هن ڪاري در واري علائقي ۾ ”چاڳلا ڏتو خواجو مسافر خانو“ 1887ع ۾ ٺهرايو هو. بہ ماڙ واري ان مسافر خاني جو مقصد سنڌ جي ٻين علائقن مان آيل مسافر ۽ اثنا عشري ڪميونٽيءَ جا نوجوان، جيڪي پڙهڻ لاءِ ڪراچي ايندا هئا انهن جي رهائش لاءِ هو. جيڪو اڄ بہ بهترين حالت ۾ موجود آهي، ۽ ”اثنا عشري خواجا جماعت“ جي هٿ هيٺ آهي ۽ ساڳي مقصد لاءِ استعمال ٿئي ٿو. اهو مسافر خانو ڪارا در پوليس چوڪي کان نيو نهام روڊ سان ميمڻ مسجد ڏانهن ويندي، سيد معصوم شاهہ بخاري جي مزار کان پوءِ، مولجي گهٽيءَ ۽ چاڳلا گهٽيءَ جي ميلاپ واري هنڌ تي آهي، ان کان ٿورو اڳتي وزير مينشن، ميمڻ مسافر خانو بہ نيو نهام

روڊ (فخري ماتري روڊ) تي آهن.

ترقي پسند سوچ ڪري وهم پرستي، پير پرستي ۽ پير مريديءَ جو هو سخت مخالف هو ۽ اهڙن ماڻهن جي محفل کان هميشه پري رهندو هو. انسان ۾ برابريءَ جو قائل هو. انهن خيالن ڪري هو اڪثر ٿياسافيڪل سوسائٽي جي پروگرامن ۽ ليڪچرن ۾ شريڪ ٿيندو هو. ڊاڪٽر ايني بيسنت جي هوم رول ليگ ۾ هيءُ گهڻو متحرڪ رهيو. ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ڪري، سائين جي. ايم سيد، جمشيد مهتا، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين سان سٺي دوستي هئس جيڪا آخر تائين نڀايائين.

چاڳلا ڪٽنب ۽ سنڌ مدرسو ڄڻ ته لازم ملزوم هئا. غلام علي چاڳلا جو پيءُ مدرسي جي پهرئين ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو. اڳتي هلي غلام علي چاڳلا سنڌ مدرسي بورڊ جو گهڻي عرصي تائين ميمبر ۽ اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين رهيو. غلام علي چاڳلا پنهنجي پاران هميشه غريب شاگردن جي مالي مدد ڪندو هو. غريب شاگردن کي هر مهيني وظيفا به ڏيندو هو.

تعليم جي ترقي تي سنڌس ڌيان هئڻ ڪري هيءُ ڪيترن ئي تعليمي ادارن کي مالي مدد به ڪندو هو. انهيءَ دور ۾ عليگڙهه يونيورسٽي لاءِ ڏهه هزار چندو ڏنائين. لياري ۾ پهرين اپريل 1907ع ۾ هڪ گجراتي اسڪول قائم ڪري، ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي حوالي ڪيائين. اسڪول جو نالو "جي. جي چاڳلا (غلام علي غلام حسين چاڳلا) گجراتي پرائمري اسڪول" آهي. هو مسجد ۽ امام واڙن (امام بارگاهن) ٺهرائڻ ۾ به مالي مدد ڪندو هو. کاري در ۾ شيعن جي جيڪا وڏي مسجد ۽ امام بارگاهه آهي، ان جي اڏاوت لاءِ ڏهه هزار روپين جو عطيو ڏنائين.

سماجي ڪمن ۾ به دلچسپي وٺندو هو. هو ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي ادارن جو ميمبر به رهيو. "غلام حسين خالق ڏنو ٽرسٽ" ۽ "غلام حسين خالق ڏنو هال ۽ لائبريري" جيڪي بندر روڊ تي واقع آهن،

جي سار سنڀال لهندو هو. هو انهيءَ ٽرسٽ جو 45 سال سيڪريٽري رهيو. ”غلام حسين خالق ڏنو ٽرسٽ“ اڄان بہ موجود آهي ۽ هن وقت (2012) ۾ ٽرسٽ جو چيئرمين مشهور سماجي اڳواڻ جعفر فدو جو پوٽو غلام علي فدو آهي، انهيءَ ٽرسٽ جي هٿ هيٺ ”غلام حسين خالق ڏنو گرلز هاءِ اسڪول“ هلندڙ آهي جيڪو ڪراچيءَ جي بهترين اسڪولن مان هڪ آهي. اهو اسڪول مٺي در واري علائقي ۾ ڪڪري ميدان جي سامهون نڪرندڙ روڊ ۽ ننڍي امام بارگاهہ واري گهٽيءَ جي ڪنڊ تي مُکيہ روڊ آهي. هن اسڪول کان اڳ ساڄي هٿ واري گهٽي، مکي همير واري گهٽي آهي، جنهن جو ذڪر مضمون جي شروع ۾ ڪيل آهي.

سماجي خدمتن ڪري غلام علي چاڳلا ڪراچيءَ ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. سماجي، مذهبي، تعليمي ۽ ثقافتي خدمتن جي عيوض، مئي 1921ع ۾ ڪراچيءَ ميونسپلٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. غلامي علي چاڳلا کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هو ڪراچيءَ جو پهريون چونڊيل مسلمان صدر هو.

1910ع کان اڳ ميونسپلٽيءَ جا صدر حڪومت پاران نامزد ڪيل هوندا هئا. 1910ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ کي اهو اختيار مليو تہ هو پنهنجو صدر پاڻ چونڊي ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو پهريون چونڊيل صدر سرچارلس ميولز ٻيون چونڊيل صدر هرچندراءِ وشنداس جنهن کي پهرئين مقامي چونڊيل صدر جو اعزاز حاصل آهي، جيڪو ڏهہ سال ميونسپلٽيءَ جو چونڊيل صدر هو. ٽيون چونڊيل صدر غلام علي چاڳلا هو.

1933ع ۾ ميونسپلٽي کي ڪارپوريشن جو درجو ڏنو ويو ۽ صدر جي جاءِ تي ميئر چونڊجڻ لڳا. جمشيد مهتا جيڪو ميونسپلٽي جو آخري صدر هو ۽ پوءِ پهريون ميئر چونڊجي آيو. پهرئين مسلمان ميئر چونڊجڻ جو اعزاز قاضي خدا بخش مورائي کي حاصل رهيو.

غلام علي چاڳلا پنهنجي صدارت واري مدي کان مهينو اڳ

استعفيٰ ڏئي ڇڏي هئي. چاڪاڻ تہ ميونسپلٽيءَ جي هڪ ميمبر نارائڻداس بيچر, مارچ 1922ع ۾ چاڳلا خلاف بي اعتمادي واري رٽ جمع ڪئي, سيئي ميمبر چاڳلا جي حمايت ۾ هئا پر چاڳلا صاحب چيو تہ "جي منهنجي ڪارڪردگيءَ مان ڪجهہ ميمبر مطمئن نہ آهن تہ پوءِ مونکي صدر جي سيٽ تي رهڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي."

نارائڻ داس بيچر اڳتي هلي مشهور مزدور ليڊر طور مشهور ٿيو. ڪميونسٽ پارٽيءَ سان واڳيل رهيو. هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٽريڊ يونين فرنٽ جو صدر رهيو بعد ۾ گوبند مالهي, سوڀو گيانچنداڻي, محمد امين کوسو حشو ڪيولراماڻي, قاضي مجيب ۽ ٻيا نارائڻ داس ڪري انهيءَ فرنٽ تي سرگرم رهيا هئا. سندس نالي پويان رنڇوڙ لائين ۾ ڪي. ايم. سي فٽبال گرائونڊ سامهون مزدورن جي وسندي "نارائڻ پورا" اڄ بہ موجو آهي.

18 مارچ 1911ع جو جڏهن علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ جو وفد راجا صاحب محمود آباد (سر راجا علي محمد خان) جي اڳواڻيءَ ۾ ڪراچي آيو هو تہ ان موقعي تي هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو هو جنهن ۾ ٻين اڳواڻن سان گڏ غلام علي چاڳلا بہ شامل هو. جهانگير پارڪ ۾ ڏنل آجياڻي ۾ چاڳلا صاحب خطاب ڪانسواءِ ٻئي ڏينهن 19 مارچ تي خالق ڏني هال ۾ جلسي ۾ آڌرياءَ ڪاميٽي جي حيثيت سان شريڪ ٿيو هو ۽ ڪراچيءَ جي مسلمانن پاران غلام علي چاڳلا ۽ مير چام ايوب عالياڻي تقريرون ڪيون هيون. دعوت ۾ مسلم يونيورسٽيءَ لاءِ چندو گڏ ڪيو ويو هو. جنهن ۾ چاڳلا صاحب ڏهہ هزار جو چندو ڏنو هو.

سياسي طور تي هن پنهنجي سياست جي شروعات ڪانگريس جي پليٽ فارم تان ڪئي. 1913ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل اجلاس جي آڌر ياءَ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو.

غلام علي چاڳلا, هر چند راءِ وشنداس, غلام محمد پر ڳڙي سائين جي. ايم سيد ۽ جمشيد مهتا سان گڏ قومي تحريڪن ۾ بہ حصو ورتو.

1916ع ۾ جڏهن مهاتما گانڌي ڪراچيءَ آيو تہ، آڏريءَ ڪاميٽيءَ ۾ هيءَ بہ شامل هو. 1931ع ۾ جڏهن آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ سردار پٽيل جي صدارت هيٺ ٿيو تہ مختلف آيل وفدن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو ذمو غلام علي چاڳلا جي حوالي هو. ان کان اڳ جڏهن 1917ع ۾ مسلم ليگ کي ڪراچيءَ ۾ پيهر منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ سنڌ سطح تي جيڪا مسلم ليگ جي شاخ قائم ڪئي وئي. ان جو صدر يوسف علي ڀائي، نائب صدر غلام محمد پرڳڙي، جنرل سيڪريٽري غلام علي چاڳلا، جوائنٽ سيڪريٽري حاجي عبدالله هارون هئا. لڳي ٿو تہ هو مسلم ليگ جي سياست مان خوش نہ هو. تنهن ڪري 1931ع ۾ ڪانگريس واري ڪراچيءَ جي اجلاس ۾ هو ڪانگريس ۾ سرگرم نظر اچي ٿو.

1933ع ۾ جڏهن روٽري ڪلب جي شاخ ڪراچيءَ ۾ کولي وئي، جنهن جو پهريون صدر مانيٽگو ويب هو. 1936ع ۾ غلام علي چاڳلا ان جو صدر چونڊيو ويو ۽ ائين هن روٽري ڪلب جي پهرئين مقامي صدر چونڊجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو.

مهاراج سک رام داس اوجها جڏهن پنهنجي سرگواسي ڀاءُ ڏيپچند تي اوجها جي نالي تي ڪراچيءَ ۾ هڪ "سلهہ گهر" جو منصوبو جوڙيو جنهن لاءِ هڪ تنظيم "دي آئرويد تيوبر ڪيولوس رليف ايسوسيئيشن" جوڙي وئي ۽ ايسوسيئيشن پاران منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هڪ مينيجنگ ڪاميٽي جوڙي وئي، جنهن جو صدر هن وقت جي ڪراچيءَ جو ميئر جمشيد مهتا هو مهاراج سکرام داس ۽ غلام علي چاڳلا ڪاميٽيءَ جا نائب صدر مقرر ڪيا ويا هئا.

سلهہ گهر جي پيڙهہ جو پٿر 16 جون 1939ع تي رکيو ويو. جتي سينيٽوريم سان گڏ 100 ننڍا گهر مريضن لاءِ اڏڻ جو پروگرام هو سرندي وارن ماڻهن في گهر "1500" سئو رپيا چندو ڏنو هو پيڙهہ واري تقريب ۾ جن سورنهن گهرن لاءِ چندو مليو انهن مان هڪ گهر جو

چندو غلام علي چاڳلا به ڏنو هو.

غلام علي چاڳلا ڪراچي ڪلب، مسلم جيم خانه، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو بنيادي ميمبر هو.

غلام علي چاڳلا سير سفر جو به شوقين هو. هن جو تاريخي شهرن ۽ مقدس جاين ڏانهن گهڻو ڏيان هوندو هو جنهن لاءِ هن حجاز، ايران، عراق، شام ۽ فلسطين جو دورو ڪيو. غلام علي چاڳلا اصل ۾ تصوف پاسي مائل هو تنهن ڪري سياست ۾ گهڻو حصو نه ورتائين. هن پنهنجو دائرو سماجي، تعليمي، ثقافتي ۽ مذهبي ڪمن تائين محدود رکيو. پئسي وارو هوندي به هو سادگيءَ جو هڪ مثال هو سادي زندگي گذاريندو هو. ڪپڙن کان وٺي کاڌي پيتي جي شين تائين سادگيءَ جو قائل هو. هو درويشن ۽ فقيرن جي صحبت ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيندو هو. جڏهن به طبعيت ۾ بي چيني محسوس ڪندو هوته، جهوڪ شريف شاهه عنايت جي درگاهه تي سڪون لاءِ ويندو هو. پر جڏهن هتي ڏاڳن، ڦيٽن ۽ ٻين رسمن کي ڏسندو هو ته، واپس موٽي ايندو هو. انهن شين جو هو سخت مخالف هو. هِن جو ننڍو پاءُ رحمت الله غلام حسين چاڳلا به سماجي ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ حصو وٺندو هو. ۽ هي ڪراچي ڪلب جو شروعاتي ميمبرن مان هڪ هو. سيلاني ماڻهو هو. دنيا جا اڪثر ملڪ سندس ڏٺل هئا. هن يورپ جا 15 کان مٿي دورا ڪيا. رحمت الله چاڳلا ڪراچي اليڪٽرڪ لميٽيڊ جو ڊائريڪٽر به رهيو آهي. فقط.

جو ڄاڻو عالم، علم دوست، سخي، اديب، صحافي ۽ سماجي سڌارڪ غلام علي چاڳلا، 26جون 1950ع ۾ وفات ڪري ويو. پوئتي چار پٽ ۽ چار نياڻيون، پٽن ۾ احمد، عبدالرحيم، حسين ۽ علي محمد ڇڏيائين.

***

# مهاراڄ سڪرام داس اوجها

| | |
|---|---|
| جنم: | لاڏاڻو: |

# ۽ مهاراڄ ڏيپچند ٿي اوجها

| | |
|---|---|
| جنم: | لاڏاڻو: 1931ع |

**ڪراچيءَ** جي يونيورسٽي روڊ تي موسميات بس اسٽاپ جي ويجهو ڪراچيءَ ۾ موجود سلهه (ٽي.بي) واري اسپتال اوجها

انسٽيٽيوٽ آف چيسٽ ڊيزيز (Ojha Institute of Chest Diseases) جي باري ۾ گهٽ ماڻهن کي ڄاڻ هوندي ته هن اداري کي اوجها ڇو چيو ويندو آهي؟

بين الاقوامي طور مڃتا ماڻيندڙ سلهه جي هيءَ اسپتال هاڻي ڊائو اسپتال ۽ ڊائو يونيورسٽيءَ سان ڳنڍيل آهي. سوين مريض ۽ شاگرد هن اسپتال مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. پر جڏهن هيءَ ان جاءِ تي قائم ٿي ٿئي، تڏهن ان جي ير پاسي ۾ رڳو چند ڳوٺن ڪانسواءِ پورو علائقو جهنگ هو. هتان ننڍا ننڍا پيچرا ڪراچي جي شهر، منگهوپير، گڏاپ، ملير ۽ ٺاٺي بولا خان ڏانهن ويندا هئا. ملير ڪئنٽ جو ڪو وجود نه هو. ان دور ۾ هتي پهچڻ لاءِ سواري جي به ڪا سهولت نه هئي. سلام آهي ان جذبي کي جنهن ڏکويل انسانيت لاءِ اهڙو لازوال ڪم ڪيو جو اڄان به سوين سالن تائين لکين سلهه جا مريض هتان چڱا ڀلا ٿيندا رهندا. انسانيت جي خدمت جا اهڙا مثال دنيا ۾ گهٽ ملندا ۽ اهو به ان دور ۾ جڏهن اهڙن ادارن قائم ڪرڻ لاءِ ڪا سهولت نه هئي. پر هنن انسان دوستن ناممڪن کي ممڪن ڪيو ۽ اونده ۾ جوت جلائي پنهنجو نالو هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو.

ان اداري جو نالو ”ڏيپچند. ٽي اوجها انسٽيٽيوٽ“ آهي، ۽ اهو ادارو قائم ڪرڻ وارو مهاراج سک رام داس اوجها آهي، جيڪو مهاراج ڏيپچند. ٽي اوجها جو ننڍو ڀاءُ هو. ڏيپچند. ٽي اوجها (ڏيپچند تيجينداس اوجها) بي. اي جي ڊگري، ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي، پنهنجي سماجي ۽ سياسي خدمتن جي شروعات ڪراچي ميونسپلٽي مان چونڊيل ميمبر طور ڪئي هئي. 1910ع وارن بلدياتي چونڊن ۾ ڏيپچند اوجها ڪائونسلر چونڊيو آيو. ان دور ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۾ 22 چونڊيل ميمبر ۽ 11 ٺاقيل ميمبر هوندا هئا. پنهنجي ڪائونسلر دوران هن جو سڄوڏيان صحت پاسي هوندو

هو. ڪائونسلر هئڻ واري عرصي خاص ڪري ليارِيءَ، ڪڏي ۽ کاري در ۾ قائم ڊسپينسرين جي ڪاميٽين جو هو ميمبر هوندو هو. ڏيپچند اوجها جو گهڻو ڌيان سلهه جي غريب مريضن ڏانهن هوندو هو. ڇاڪاڻ ته پوري سنڌ ۾ سلهه جي علاج جو ڪو جوڳو بندوبست نه هوندو هو. هو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو وائس پريزيڊنٽ به رهيو.

1921ع ۾ ڪراچيءَ ميونسپلٽي جو ڏهه سال لاڳيتو صدر رهندڙ هر چند راءِ وشنداس جڏهن انڊين لجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌ جي نمائندي طور چونڊجي ويو ته، 20 اپريل 1921 ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي ڪائونسل جو اجلاس سڏايو ويو. جيڪو هرچند راءِ جو آخري اجلاس هو. انهيءَ اجلاس ۾ هن صدارتي سيٽ تان استعيفيٰ ڏني هئي. ڪائونسل ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري سندس خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو ويو. انهيءَ اجلاس ۾ ٻين سان گڏ مهاراج ڏيپچند اوجها به تقرير ڪئي هئي. جنهن ۾ هن هر چند راءِ جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو هو.

سياسي ۽ سماجي طور تي مهاراج ڏيپچند اوجها "سنڌ سڀا" ۽ ڪانگريس جي پليٽ فارم تان خدمتون سرانجام ڏنيون. 1931ع ۾ جڏهن آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جو 28 هون ساليانو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو ته آڌرڀاءُ ڪاميٽيءَ ۾ مهاراج ڏيپچند اوجها ۽ شيوارام ڏيونمل وزيراڻي خزانچي مقرر ڪيا ويا هئا. اڳواڻن جي ان وقت نڪتل گروپ فوٽوءَ ۾ مهاراج ڏيپچند اوجها به نظر اچي ٿو. ان اجلاس کانپوءِ جلدي مهاراج ڏيپچند اوجها الله کي پيارو ٿي ويو. انهن جو هڪ ڀاءُ نالي کوبچند اوجها هو جيڪو ڀائرن ۾ ٽيون نمبر هو اهو به ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۽ سنڌ جي سياست ۾ به سرگرم هوندو هو.

ڏيپچند اوجها جو ننڍو ڀاءُ مهاراج سکرام داس اوجها حڪمت سان لاڳاپيل هو. حڪمت سندن خانداني پيشو هيس. هي اصل ٺٽي جا

رهندڙ هئا. بعد ۾ ڪراچيءَ اچي ڪاري در واري علائقي ۾ رهيا. مهاراج سڪرام داس جو شفاخانو ڪراچيءَ ۾ ميري ويدر ٽاور جي ويجهو لڪميداس اسٽريٽ ۾ هوندو هو. هو خاص ڪري سلهه (T.B) جي علاج جو ماهر هو. ڪيترائي ويد ۽ حڪيم ان کان تعليم پرائڻ ايندا هئا. سنڌي ويدڪ علاج جو وڏو ڄاڻو هو.

سيٺ هرچند راءِ جڏهن وڪالت ڪندو هو ته، سندس دفتر مهاراج سڪرام داس جي شفاخاني جي ويجهو هو. سيٺ هرچند راءِ جو دفتر هڪ طرح سماجي ۽ سياسي مرڪز به هو. جتي ڀين ڪانسواءِ مهاراج ڏيپچند اوجها ۽ مهاراج سڪرام داس اوجها به اچي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيندا هئا. مهاراج سڪرام داس جو شفاخانو ۽ هر چند راءِ جي آفيس تي هر وقت سياسي ۽ سماجي ماڻهن جو ميڙ متل هوندو هو. سن 1931ع ۾ جڏهن مهاراج سڪرام داس حڪمت جي ڊگري حاصل ڪئي ته، ڪراچي واسين سندس مان ۾ هڪ آجياڻو ڏنو. جنهن ۾ شريڪ ماڻهن ڪراچيءَ ۾ وڌندڙ سلهه (T.B) جي بيماريءَ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي هئي. انهيءَ مرض خلاف ٻنهي ڀائرن جي خدمتن جي ساراهه به ڪئي وئي هئي.

انهيءَ موقعي تي مهاراج سڪرام داس اوجها سندس سرڳواسي ڀاءُ مهاراج ڏيپچند اوجها جي نالي سان هڪ سلهه گهر (سينيٽوريم) قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڀاءُ جي يادگيريءَ ۾ 50 هزار ۽ پنهنجي سرڳواسي پٽ پريو رام سڪرمداس اوجها جي ياد ۾ پنج هزار روپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ انهيءَ ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ "دي آئرويد ٽيوبر ڪيولوس رليف ايسوسيئيشن" جي قيام جو اعلان پڻ ڪيو.

انهيءَ ايسوسيئيشن پاران ڏيپچند اوجها سلهه گهر لاءِ هڪ مئنيجينگ ڪاميٽي جوڙي، جنهن جو صدر ان وقت جي ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي ميئر جمشيد مهتا کي مقرر ڪيو ويو هو. مهاراج

سکرام داس اوجها ۽ سيٺ غلام علي چاڳلا نائب صدر منو ڀائي ڏونگرسي ۽ چندرسين ڄيٺلي سيڪريٽري، شيو جي ويلجي ڪوٺاري (هي ڪراچيءَ جو وڏو واپاري هو ڪراچي ايروڪلب ۽ روٽري ڪلب جو صدر رهي چڪو هو.) خزانچي مقرر ڪيا ويا.

ڪاميٽي ۾ ميمبر طور: سکديو اوڌوداس پارواڻي (سيٺ هر چند راءِ وشنداس جو ڀائيٽيو) ڪماري ڄيٺي سپاهيملاڻي، مروانجي ڪانڊاوالا، ڄڳن ناٿ ٽنڊن، سيٺ شورتن موهاٽا (هي ڪراچي انڊين مرچنٽ ايسوسيئيشن جو صدر بہ رهيو هو)، مهاراج ڏونگرسي (ڏونگرسي ائنڊ سنز جو مالڪ، 20 اپريل 1933ع تي جڏهن ڪراچيءَ ۾ ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن ٺهي تہ هي بنيادي ميمبرن مان هو) روپلال شنڪرلال، ايسرداس ورندمل (سيٺ ايسرداس ورند مل، انڊين مرچنٽ ايسوسيئيشن لميٽيڊ جي بورڊ آف ڊائريڪٽر جو ميمبر چونڊيو ويو. 17 ڊسمبر 1947ع ۾ بورڊ جو صدر چونڊيو ويو. ڇهن مهينن بعد ملڪ جون حالتون خراب ٿيون تہ هو 16 جون 1948ع ۾ هڪ اجلاس ۾ صدارت ۽ بورڊ جي ڊائريڪٽريءَ تان استعفيٰ ڏئي هندستان هليو ويو.) ڄيٺا نند هيرانند ڪنيالال، جهانگير پنٿڪي، هريداس لالجي، روچيرام ٺاڪرداس ۽ ٻيا ٽي نکر شامل هئا. (هي ڪراچي انڊين مرچنٽ ايسوسيئيشن جو صدر بہ رهيو هو)

ڪاميٽيءَ ۾ ايترن وڏن سياسي، واپاري ۽ سماجي نالن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مهاراج سکرام داس اوجها ۽ ڏيپچند اوجها پنهنجي سماجي خدمتن ڪري ڪراچيءَ ۾ ماڻهن جا ڪيترا نہ هر دلعزيز هئا. ٻيو تہ سلهہ جي مرض خلاف هي هڪ وڏو جهاد هو. جاڪاڻ جو سلهہ جي مرض جو ان وقت ڪراچيءَ سميت پوري سنڌ ۾ علاج جو ڪو بہ سينٽر نہ هو. انگريزن جي دور ۾ گزري/ گسري ۾ ٽي بي سينيٽوريم جو ذڪر ملي ٿو.

جيڪو ذڪر اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب ,"ڪراچي: ماضي، حال ۽ مستقبل" ۾ ڪيو آهي. بيلي موجب: "1854، ۾ فوجي علائقي ۾ هڪ اسپتال گسري سينيٽوريم، قائم ڪيو ويو آهي، جيڪا سول اسپتال کانپوءِ قائم ٿيندڙ ٻي اسپتال هئي."(1)

1890ع کانپوءِ ان جو ذڪر نٿو ملي.

سنڌ جا ماڻهو سلهه (T.B) جي علاج لاءِ شملا ۾ ڌرمپوره سلهه گهر (سينيٽوريم) يا پوني ويجهو پنچگني سينيٽوريم ويندا هئا. پر هتي اچڻ ويڃڻ تي وڏو خرچ ايندو هو جيڪو ڪنهن غريب ماڻهوءَ جي برداشت کان مٿي هوندو هو. ڌرمپوره سلهه گهر به هڪ سنڌي سماجي ڪارڪن، وڪيل، صحافي ۽ جج ڏيارام گدومل قائم ڪيو هو. سنڌ مان انگريز دور ۾ جڏهن هو شملي ويو ته هتي 100 ايڪڙ زمين حاصل ڪري اهو سلهه گهر جوڙايو ڏيارام سنڌ ۾ ڊي جي ڪاليج ۽ منارام هاسٽلن ۽ ٻين ڪيترن فلاحي ادارن جو باني هو سنڌ کانسواءِ به هن فلاحي ادارا قائم ڪيا. هن سلهه گهر کانسواءِ باندره ۾ سيوا سدن ۽ 1925ع ۾ امرتسر ۾ شانتي آشرم لائبريري ٺاهيائين. جيڪا بعد ۾ شرومني گردواره بنڌڪ ڪاميٽي جي حوالي ڪيائين. جنهن جو نالو بدلائي "گرو رامداس لائبريري" رکيو ويو.

ڪراچيءَ ۾ 1931ع ۾ قائم ٿيندڙ "دي آئرويد ٽيوبر ڪيولوس ريليف ايسوسيئيشن" جي ڪم ڪار کي ڏسندي ٻيا ماڻهو به اڳتي آيا. ديوان آوت سنگهه 1934ع ۾ جهرڪن ۾ پنهنجي گهر واريءَ جي نالي سان "شريمتي پاروتي بائي سينيٽوريم" جوڙايو جنتي شروع ۾ ويهارو کن مريضن جو علاج ڪيو ويندو هو.

ڪاميٽي انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ حڪومت کي زمين لاءِ لکپڙهه شروع ڪئي پر سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار واري تحريڪ ڪري 8 سالن کانپوءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ الله بخش سومري جي وزارت ٺهڻ کانپوءِ

ڪاميٽيءَ کي زمين ملي. انهيءَ زمين لاءِ ديوان نهلچنداس وزيراٽي، جيڪو الله بخش سومري جي ڪابينا ۾ انجنيئرنگ کاتي جو وزير هو. ان جي وزيراٽين مان هو. ان تو تڏهن ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ ۾ شامل هو ته هي همراه به ڪنهن وقت ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر هو. هيءَ اسپتال به ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي حدن ۾ ڪاميٽيءَ وارن کي ٺاهڻ جو ارادو هو. تنهن ڪري ديوان نهلچنداس خاص دلچسپي ورتي ۽ سوکڙي طور ديهه صفوران ۾ 100 ايڪڙ زمين ڪاميٽيءَ کي ان نيڪ ڪم لاءِ الاٽ ڪئي وئي. نهلچنداس 1937ع وارين چونڊن ۾ ٺٽي مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو هو. 3 مارچ 1943ع تي جڏهن سائين جي. ايم. سيد سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو. جنهن تي جن ميمبرن اسيمبليءَ جو بائيڪاٽ ڪيو انهن جي اڳواڻي نهلچنداس وزيراٽي ڪئي هئي.

ديهه صفوران ۾ 16 جون 1939ع تي سنڌ حڪومت جي انجنيئرنگ کاتي جي وزير ديوان نهلچن داس سينيٽوريم جي پيڙهه جو پٿر رکيو. جيئن ته ان سلهه گهر لاءِ مهاراج سک رام داس اوجها 55 هزار روپيا ڏيئي چڪو هو. تنهن ڪري سلهه گهر جو نالو سندس پياءُ جي نالي "مهاراج ڏيپچند. ٽي اوجها سينيٽوريم" رکيو ويو. ان وقت اهو علائقو شهر کان 11 ميل پري هو. هاڻي اهو شهر جي وچ ۾ اچي ويو آهي. ان وقت هتان هڪ گس ڪراچي شهر ڏانهن ويندو هو ۽ بيو منگهي پير ڏانهن ويندو هو. صفوران کان پوءِ هڪ رستو هاڻوڪي ايئرپورٽ واري علائقي کان ملير، لانڍي کان ٺٽي ڏانهن ويندو هو بيو رستو هاڻوڪي ملير ڪئنٽ کان ٽاڻو بولا خان ۽ گڏاپ ڏانهن ويندو هو. ملير ڪئنٽ جو بنياد 1941ع ۾ وڌو ويو.

پيڙهه واري پٿر جي تقريب ۾ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کان سواءِ

شهر جا معزز بہ موجود هئا. پاسي ۾ موجود گبولن, برفتن ۽ جوکيـن جـي ڳوٺن جا معزز بہ شريڪ ٿيا. وڏيرو يار محـمـد جـوکـيـو بـہ شـامـل هـو. جيڪو ضلع لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو ميمبر هو ۽ سندس نالي پـويـان ”ڳوٺ“ صفوران ۽ ملير ڪئنٽ وچ ۾ اڄ بہ موجود آهي. شروع ۾ هـڪ سئو ننڍين گهرن ٺاهڻ جي شروعات ڪئي ويئي. هڪ گهر لاءِ 1500 سئو روپيہ سرنديءَ وارن ماڻهن تي چندو رکيو ويو. پيڙهہ جو پٿر رکڻ وقت 16 گهرن لاءِ هيٺين ماڻهن پاران چندو ڏنو ويو:

(1) جمشيد مهتا (2) غلام علي چاڳلا (3) سـڪـديـو اوڌو داس پارواڻي (4) فدا حسين (5) تيرٿ داس ولبداس (6) مگهن مل چـيـلارام کير وارو (7) ڪيولرام بران لال (8) مٿراداس ڪيشوداس (9) جـيـرام داس نائون مل (هي ڪراچيءَ جو مشهور واپاري هو 20 اپريـل 1933ع ۾ ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن ٺهي تہ هي بنيادي ميمبرن مان هو.)

(10) لوڪو مل نارائڻ داس (11) هيرانند وينسي مل (12) دولت رام موهن داس (13) ڪيولرام گووردن داس (14) نارائڻ داس مولچـنـد پنجابي (15) مرلي مل سنترام (16) رتنچند بولچند ڪٽارا.

جيڪي ننڍا گهر / يونٽ ٺاهيا ويا آهن, انهن مان اڄ بہ 15 کـان 20 موجود آهن. هڪ ڪمري وارن انهن يونـٽـن ۾ ڪـچـن, اسـٽـور ۽ ليٽرن ۽ ٻن پاسن کان ورانڊو آهي. اهي يونٽ هڪ ٻئي کان پـري پـري ٺهيل آهن. هن وقت بہ وڏن شاهي نمر ۽ پپرن جي وڻن سان ڍڪيل آهن. انهن ڪوارٽرن تي هڪ ننڍو سنگ مرمر جو بورڊ لڳل آهي, جنهن تي, جنهن سرنديءَ واري چندو ڏنو ان جو نالو ۽ جنهن جي يادگيري ۾ هـن چند ڏنو هو جا نالو لکيل آهن. مون جڏهن ڪجهہ يونٽن جو (نـومـبـر 2011ع) ۾ معائنو ڪيو تہ پيڙهہ واري پٿر رکڻ واري تقريب ۾ شريڪ ٿيل ماڻهن جا نالا موجود هئا. جن مـان هـڪ مـٿـراداس ڪـيـشـيـوداس جنهن پنهنجي ماءُ ”رڪمڻي ڪيشيو ڪرپلاڻي“ جي يـاد ۾ يـونـٽ

ٺهرايو هو. (2) راءِ بهادر نارائڻ داس مولچند پنجابي جنهن پنهنجي ماءُ ”پاپوري ٻائي“ جي نالي يونٽ ٺهرايو هو. هن مضمون وسيلي وس وارن کي وينتي آهي تہ بچيل يونٽن ۽ پراڻي اسپتال واري بلڊنگ جي حفاظت ڪري 70 سالن جي تاريخ کي محفوظ ڪيو وڃي تہ اهي تاريخ جي شاگردن تي وڏو احسان ٿيندو.

انهيءَ دور ۾ اوجها انسٽيٽيوٽ ويجهو سيتانگر ۾ گائو شالا بہ موجود هئا. سينيٽوريم لاءِ کير جو بندوبست گائو شالا مان ڪيو ويندو هو. هاڻي سيتانگر ۾ گائو شالا واري زمين تي مختلف ڳوٺ ٺهي ويا آهن.

اهو سلهہ گهر مهاراج سکرام داس اوجها ۽ ”دي آئرويد ٽيوبر ڪيولوس رليف ايسوسيئيشن“ جي نگرانيءَ ۾ 1942ع ۾ ٺهي راس ٿيو. پر ان کان اڳ مهاراج سک رام داس اوجها عارضي طور تي سينيٽوريم ۾ سلهہ جو علاج شروع ڪيو هو. هتي حڪمت سان گڏ ايلوپيٿڪ علاج جو بندوبست بہ ڪيو ويو هو.

ڏيپچند. ٽي اوجها سينيٽوريم ۾ علاج، کاڌو پيتو رهائش، هنڌ بسترا سڀ مريضن کي مفت ڏنا ويندا هئا. 100 گهرن واري ان پروجيڪٽ جا 1947ع کان اڳ 64 گهر مڪمل هئا.

1939ع کان 1948ع تائين مهاراج سک رام داس اوجها ۽ سندس ٽيم سخت محنت ڪري، هن رڄ ۾ سوين مريضن جو مفت علاج ڪيو. 1948ع ۾ سک رام داس بہ لکن هندو سنڌين سان گڏ وطن جا وڻ ڇڏڻ تي مجبور ٿيو.

1948ع ۾ اوجها سينيٽوريم کي پاڪستان حڪومت پنهنجي هٿ هيٺ ورتو. 1965ع ۾ نئين بلڊنگ ۾ ڪم شروع ڪيو ويو. سينيٽوريم جي نئين بلڊنگ جي پيڙهہ جو پٿر 2 نومبر 1962ع تي ان وقت جي اولهہ پاڪستان جي حڪومت جي صحت، بنيادي جمهوريت، لوڪل

گورنمينٽ ۾ سماجي ڀلائي جي وزير عبدالقادر سنجراڻي رکيو ۽ افتتاح 2 سيپٽمبر 1967ع تي اولهه پاڪستان حڪومت جي صحت ۽ سماجي ڀلائي جي وزير محترمه بيگم زاهده خليق الزمان ڪيو. نئين بلڊنگ ۾ ڪم 1965ع ۾ شروع ڪيو ويو هو.

سينيٽوريم ۾ پنجن وارڊن جو واڌارو ڪيو ويو. ليبارٽري، ايڪسري، آپريشن ٿيٽر، رڌڻو ليڪچر هال ٺاهيا ويا. 200 بسترن کي وڌائي 350 ڪيو ويو.

1970ع ۾ اوجها سينيٽوريم کي سنڌ حڪومت جي صحت واري کاتي جي حوالي ڪيو ويو. 1973ع ۾ سينيٽوريم جو درجو وڌائي هن کي انسٽيٽيوٽ آف چيسٽ ڊزيز Chest Disease Institute of جو درجو ڏنو ويو ۽ سلهه (ٽي.بي) ۽ ڇاتي جي بيمارين لاءِ ڊپلوما ڪورس جا ڪلاس شروع ڪيا ويا.

1994ع ۾ هِن اداري کي ڪاليج آف فزيشن اينڊ سرجن آف پاڪستان College of Physician & Surgeons of Pakistan (CPSP) جو درجو ڏنو ويو.

1997ع ۾ گلوبل ٽي.بي يونٽ (Global T.B Unit)، ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (WHO)، جنيوا ۽ سارڪ (SAARC) ٽي.بي سينٽر کٽمنڊو نيپال، هن اداري کي سلهه (ٽي.بي) جي علاج جو هڪ بهترين انسٽيٽيوٽ قرار ڏنو. جيڪو اداري لاءِ وڏو اعزاز آهي.

ڊسمبر 2003ع ۾ هن کي ڊائو يونيورسٽي اينڊ هيلٿ سائنسز Dow University Of Health Sciences(DUHC) سان ڳنڍيو ويو ۽ هتي ڊائو يونيورسٽي پاران هڪ بين الاقوامي سطح جي اسپتال ۽ يونيورسٽي ڪيمپس "اوجها ڪيمپس" جي نالي سان شروع ڪئي وئي آهي. ڊائو پاران هڪ ميڊيڪل ريسرچ سنٽر، اوجها ۾ قائم ڪيو ويو آهي. هن کي جنرل اسپتال جو درجو ڏنو ويو آهي. اوجها جا 5

ٻيا ٻه يونٽ اورنگي، ملير، لياري، لياقت آباد ۽ ناظم آباد ۾ قائم آهن. هڪ اندازي مطابق پنج هزار مريض هن سينٽر ۾ داخل ٿين ٿا. سينٽر ۾ چاليهه ڊاڪٽر ۽ 370 پيرا ميڊيڪل اسٽاف ڪم ڪري ٿو.(2011)

ان تفصيل ڏيڻ جو مقصد اهو ٻڌائڻ آهي ته ڪيئن نه هڪ ننڍي خواب ۽ خواهش هڪ بين الاقوامي اداري جو روپ حاصل ڪري ورتو. هي ادارو جيتري ٻه ترقي ڪندو ان ۾ مهاراج سکرام داس اوجها ۽ دي آئرويڊ ٽيوبر ڪيولس رليف ايسوسيئيشن جي دوستن جي محنتن جو ثمر شامل هوندو. جن ڏينهن رات محنت ڪري جهنگ ۾ هي ادارو قائم ڪيو. جيڪو انساني خدمت لاءِ ”پنهنجي مدد پاڻ تحت“ ۽ فلاح جي حوالي سان انتهائي وڏو ڪم آهي. اداري جي ترقيءَ سان ان جي باني شخصيتن کي ياد ڪرڻ انهن لاءِ هڪ يادگار قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن ايندڙ نسلن کي پنهنجي محسنن جي خبر پوي. سنگ مرمر جو يادگار جوڙي ان تي هن سينيٽوريم جي بانين جا نالا، جم ۽ لاڏاڻي جون تاريخون ۽ سندن ڪم لکيا وڃن. پراڻي بلڊنگ ۽ جيڪي مريضن لاءِ گهر/يونٽ ٺاهيا ويا هئا. اهي اڄ به صحيح حالت ۾ موجود آهن، انهن جي حفاظت ڪئي وڃي ته جيئن ايندڙ نسل تاريخ پڙهي انهن تاريخ اڏيندڙن کي ياد ڪن ۽ پنهنجي اندر پڻ اهڙو جذبو پيدا ڪن.

الا! ائين نه ٿئي، جيئن مهاراج ڏيپچند اوجها جي نالي واري روڊ (جيڪو گرو مندر چوڪ کان لسبيلي چوڪ تائين آهي) سان ٿيو جنهن روڊ جو نالو ورهاڱي کان اڳ مهاراج ڏيپچند اوجها هو ورهاڱي ڪانپوءِ اهو بدلائي نذرالسلام روڊ رکيو ويو اهڙي طرح هن اداري جو نالو به نه تبديل ڪيو وڃي.

❊❊❊

كراچيءَ جي ادبي، ثقافتي
۽ سماجي گل دستي جو هڪ گل، شاعر
۽ قومي ڪارڪن

## ڄام مير محمد ايوب خان عالياڻي (بارايٽ لا)

| | |
|---|---|
| جنم: 8 جنوري 1881ع | لاڏاڻو: 5 مارچ 1945ع |

**پنهنجي** زماني ۾ ڪراچيءَ جي ثقافتي، ادبي ۽ سماجي محفلن جو مور بي ريا، يارويس ۽ آزاد خيال، سنڌي، اردو فارسي ۽ انگريزي جو پلوڙ شاعر ڄام مير محمد ايوب خان جو تعلق لسٻيلي (بلوچستان) جي عالياڻي ڄامن سان هو. سندس والد ڄام مير خان عالياڻي لس ٻيلي

رياست جو ڪيئي سال حاڪم رهيو.

مير ايوب عالياڻي 8 جنوري 1881ع ۾ ٻيلي (لسٻيلو بلوچستان) جي شهر ۾ پيدا ٿيو. اڃا 15 ڏينهن جو هو تہ سندس والده ماجده بي بي روشن وفات ڪري ويئي، بعد ۾ سندس پيءُ بي بي روشن جي ڀيڻ ۽ پنهنجي سالي بي بي آغا مرتضيٰ بيگم سان شادي ڪئي. ڄام مير خان (1830ـ1888ع) پنج شاديون ڪيون، نظربندي دوران سندس وڏو پٽ ڄام عالي خان ٿيون، جيڪو ڄام مير ايوب جو وڏو ڀاءُ هو. لس ٻيلي جي حڪومت هلائيندو هو. 1869ع ۾ انگريزن ڄام مير خان کي ڪراچيءَ ۾ نظر بند ڪيو هو. نظربندي ختم ڪري جڏهن هو لس ٻهتو تہ پيءُ ۽ پٽ وچ ۾ اقتدار تان اختلاف ٿيا، اختلافن ڪري ڄام عالي خان اٿل کي پنهنجو مرڪز بنايو ۽ ڄام مير خان جو مرڪز ٻيلو شهر هو انهن اختلافن ڪري جنگ لڳي، مير خان غالب رهيو ۽ ڄام مير عالي خان کي ڪجهہ وقت قيد ۾ رکيائين، بعد ۾ ڪيس بلوچستان جي گورنر جي ايجنٽ جي حوالي ڪيو ويو هو جنهن ڀهريائين جهلم، ڪوئيٽا، سبي ۽ ڪجي علائقن ۾ ڄام عالي کي نظر بند رکيو جڏهن 1888ع ۾ ڄام مير خان وفات ڪئي، وفات کان اڳ ڄام مير خان وصيت لکرائي تہ، ڄام عالي جي جاءِ تي ڄام يعقوب کي ٻيلي جو وارث سمجهيو وڃي، ڄام يعقوب جي عمر اڃان ٻارنهن سال هئي. تنهن ڪري سنڊيمن حڪومت پنهنجو فيصلو ڄام عالي خان جي حق ۾ ڏنو. 21 جنوري 1889ع تي هڪ عاليشان محفل ۾، جتي هاڻي سر رابرٽ سنڊيمن جو مقبرو آهي، ڄام عالي خان کي رياست جو والي مقرر ڪيو ويو. ٻين ڀائرن لاءِ پينشن ۽ تعليم جو بندوبست سرڪار پاران ڪيو ويو.

مير ايوب خان اڃا مس ست سالن جو هو تہ، سندس والد ڄام ميرخان وفات ڪري ويو مٿين سيني واقعن ۽ رياستي سازشن کان محفوظ رهڻ لاءِ ڄام مقبول خان جي امڙ باقي پٽن ۽ نياڻين سميت لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ رهي، ۽ پوءِ هي هميشہ لاءِ ڪراچي جا ٿي ويا. مير

ايوب خان کي مير مقبول خان کان سواءِ پنهنجي والده مان ٻه ڀيا ڀائر مير يعقوب خان ۽ مير غلام علي خان هئا. مير مقبول جو هڪ ڀاءُ ملڪ ناز خان هو. مير ايوب خان جي ڏاڏي مراد بيبي، جام آف ملير جام مراد علي خان جو ڪئي I جي ڌي هئي.

ڪراچيءَ ۾ لسٻيلي وارو علائقو ٻيلن جي جامن جي ڪوٽ، بنگلي ڪري انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو ۽ انهيءَ علائقي کي اڄ به لسٻيلو چيو وڃي ٿو.

مير ايوب خان جي والده ٻنهي پٽن جي تعليم پاسي خاص ڌيان ڏنو سنڌ مدرسي مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري جام مير ايوب لاهور جي ايچي سن ڪاليج ۾ داخلا ورتي. هو ڪاليج واري زندگيءَ کان ئي ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو آيو ٿي. شاگرديءَ واري زماني ادبي سرگرمين ۾ ڪري اڻگڻيا انعام پڻ حاصل ڪيائين. 1900ع ۾ مئڪورٽ ينگ بڪرم، ميڊل هندستان جي وائسراءِ لارڊ ڪرزن کان مليس. 1903ع ۾ بار ايٽ لا ڪرڻ لاءِ انگلينڊ ويو. 1906ع ۾ بارسٽري جي ڊگري وٺي وطن واپس وريو جتان 1908ع ۾ سرڪار کيس ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيو. پر هن سرڪاري نوڪري ۾ پاڻ کي قيدي محسوس ڪيو ۽ ڇهن مهينن کانپوءِ استعيفيٰ ڏيئي، ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪيائين. هڪ سال کانپوءِ اها به ڇڏي عوامي خدمتن لاءِ ميدان ۾ لهي پيو. مير ايوب خان عاليٰٽي آزادي پسند ۽ پنهنجي مرضي سان زندگي گذارڻ وارو ماڻهو هو. تنهن ڪري سرڪاري نوڪريءَ کانپوءِ وڪالت واري خفي ۾ پوڻ کان پاسو ڪيائين. پنهنجي سماجي خدمتن جي شروعات ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۾ ڪائونسلر چونڊجڻ سان ڪئي. 1910ع ۾ کيس سرڪار پاران ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ڪائونسلر مقرر ڪيو ويو ۽ 20 سال لاڳيتو ميونسپلٽيءَ جو ميمبر رهيو. ان دوران هن صحت ۽ تعليم کانسواءِ ڪراچيءَ جي ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين تي خاص ڌيان ڏنو. قومي ڪارڪن طور هن پوري زندگي ڪراچي واسين جي خدمت

ڪئي. اعليٰ تعليم يافته هئڻ ڪري ڪيس سرڪار پاران ڪيترن ئي ادارن تي نامزد ڪيو ويو هو. جتي هو بنا ڪنهن فرق جي پوري وقت تي حاضر ٿي پنهنجا فرض نڀائيندو هو. هيءُ وقت جو قدردان هو.

جون 1914ع ۾ ڪنگ جارج پنجين جي اجازت سان ايران ڪائونسل ۾ نائب ڪائونسل مقرر ٿيو 1927ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. انهن عهدن کانسواءِ ڄام مير ايوب خان هيٺين عوامي عهدن تي به رهيو ۽ خدمتوون انجام ڏنائين.

1. 1914ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ ٿيو.

2. 1919ع ۾ خيرپور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو اعزازي سيڪريٽري مقرر ٿيو.

3. ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ (جيڪو ڪراچيءَ جي ڀهراڙي واري علائقي تي ٻڌل هو) جنهن جو ميمبر ٿيو.

4. 1920ع ۾ هو لوڪل بورڊ ڪراچي جي وائيس پريذيڊنٽ رهيو.

5. سنڌ مدرسا بورڊ جو 25 سال ميمبر ۽ ٻه ڀيرا صدر به رهيو.

6. سنڌ مدرسا اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو صدر به رهيو.

7. ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي ۽ وائيس چيئرمين رهيو.

8. ٻه ڀيرا ڪراچي ميونسپل اسڪلبورڊ جو نائب صدر رهيو.

9. سنڌ ڪاليجٽ بورڊ جو ميمبر به رهيو.

10. سول اسپتال ۽ ليڊي ڊفرن اسپتال جو صلاحڪار ميمبر رهيو روٽري ڪلب جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو.

11. 1933ع تي متفقه طور تي روٽري ڪلب جو صدر چونڊيو ويو.

12. ڪراچي ڪلب جو ميمبر ۽ صدر رهيو.

13. مسلم جيم خاني جو ميمبر ۽ صدر به رهيو.

14. ڪراچي ميونسپلٽي ۾ وارليگ جو نائب صدر رهيو.

15. فري مشنري جي لاج هارموني جو پاسٽ ماسٽر رهيو.

16. تيمپرنس ۽ بينيوولنس فري ميسن جو پايو وجهندڙ هو.
17. ٻه ڀيرا ڪراچي ميونسپل لوڪل بورڊ جو چيئرمين رهيو.
18. پنجن سالن تائين "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" جو اعزازي سيڪريٽري رهيو.
19 سنڌ هلال احمر سوسائٽي جي چيئرمين جي حيثيت سان ترڪن کي بلقان ۽ اٽليءَ جي جنگين لاءِ ڪراچيءَ جي گهٽي گهٽي ۾ پرجوش تقريرون ڪري چندو گڏ ڪري مدد لاءِ موڪليو.
20. 1915ع ۾ بمبئيءَ سرڪار لوڪل بورڊ ائڪٽ ۾ درستگين ۽ ترميم لاءِ ماهرن جي جيڪا ڪاميٽي ناهي، هي ان جو ميمبر هو.
21. ڏهه سال تائين ڪراچيءَ ۾ اعزازي فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ رهيو.
22. انجمن ترقي اردوءَ جو پايو وجهندڙ ۽ صدر رهيو.
23. ينگ مين مسلم ايسوسيئيشن جو ميمبر ۽ صدر رهيو.
24. هلال احمر سوسائٽيءَ جو چيئرمين رهيو.

سياست سندس مزاج ۾ شامل نه هئي، تنهن ڪري هو شروع ۾ ڪجھ وقت سياسي طور سرگرم رهيو پر سندس خود داري سياست کان کيس پري رکيو. 1913ع ۾ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جي 28 اجلاس جي آڌرياءَ ڪاميٽي جو ميمبر هو. اجلاس ۾ ٻين سنڌي ميمبرن سان گڏ هن به پنهنجو موقف پيش ڪيو. سيٺ هر چند راءِ جڏهن 1921ع ۾ انڊين ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو ته هرچند راءِ هن وقت ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر به هو 21 اپريل 1921ع ميونسپلٽيءَ جي اجلاس ۾، جيڪو هرچند راءِ جو صدر جي حيثيت سان آخري اجلاس هو، مير ايوب خان سندس خدمتن جي اعتراف ۾ هڪ نهراءُ پيش ڪيو جيڪو متفقه طور تي منظور ڪيو ويو. انهيءَ اجلاس ۾ هر چند راءِ کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ مير ايوب خان عاليشان تاريخي تقرير ڪئي.

انهن سيني عوامي ڀلائي وارن خدمتن ڪانسواءِ چام ايوب خان

سنڌي، اردو ۽ فارسي شاعريءَ ڪري شهرت حاصل ڪئي. پر افسوس جو سندس شاعري هڪ هنڌ گڏ نہ ٿي سگهي آهي ۽ سنڌي ۽ اردو ادب هڪ وڏي شاعر جي شاعريءَ کان محروم رهجي ويو. جيڪڏهن هن دور جي اخبارن ۽ رسالن جي چند ڇاڻ ڪجي تہ مير ايوب خان ۽ ٻين ڪيترن شاعرن ۽ اديبن جون تخليقون هٿ ڪري سگهجن ٿيون. شاعريءَ سان گڏوگڏ هو تقرير جي فن کان واقف هو. ڪيترا شعر هن کي برزبان، ياد هجڻ ڪري اڪثر تقريرن ۽ ڪچهريءَ ۾ انهن جو استعمال هو ڪمال سان ڪندو هو. مجلسن جو مور، ڪراچيءَ جي ڪابہ ادبي ۽ ثقافتي تقريب مير ايوب خان عالياڻي جي شرڪت کانسواءِ اڌوري هوندي هئي. هر منتظم چاهيندو هو تہ محفل جي صدارت مير ايوب خان عالياڻي ڪري. شعلہ بيان مقرر هئڻ سان گڏ خوش ذوق، کل مک، خوش اخلاق، ملڻ جلڻ ۽ زنده دل طبيعت هجڻ ڪري هن جي چوڌاري ۽ گهر ۾ دوستن، شاعرن ۽ اديبن جو ميلو متل هوندو هو.

سڀ کان اهم ڪم مير صاحب جو اهو بہ آهي تہ هن اردوءَ کي سنڌ ۾ خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ ترقي وٺرائي. ڪراچيءَ ۾ سندس ڪوشش سان انجمن ترقي اردو جي پهرئين شاخ قائم ٿي. جنهن جو دفتر رام باغ واري علائقي ۾ هوندو هو. ڄام صاحب ان جو پهريون صدر چونڊيو ويو هو. 1920ع ۾ ٻيهر ڄام صاحب صدر ۽ سيٺ فدا حسين ميمڻ سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيا. 1924ع کانپوءِ انجمن کي باقائده فعال ڪيو ويو. ان جا روح روان ڄام محمد ايوب عالياڻي کانسواءِ سيٺ فدا حسين ميمڻ، سيٺ فدا علي، حاجي غلام حسين خواجو محمد علي، خواجو احمد علي ۽ ولايت حسين هئا. ڄام صاحب جي ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي اردو ۽ سنڌيءَ جا گڏيل مشاعرا ڪيا ويا. 1926ع ۾ انجمن پاران پوري سنڌ سطح تي هڪ مشاعرو ڪرايو ويو. جنهن جو روح روان بہ ڄام مير ايوب خان هو.

سندس اردو شاعري جو هڪ نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بن کي ديوانہ شريعت کا مکلف نہ رہا
کيسا عاقل هون، خرد مند هون، دانا هون.

ڄام صاحب جي فارسي ۽ اردو شاعري ان وقت جي روزاني اخبارن "حيات" 1928ع، " نظام" 1929ع ۽ "مشرف" 1939ع، کانسواءِ ماهور اردو رسالن "پيغام زندگي"، "ميزان الافڪار" ۽"تنوير" ۾ مختلف وقتن ۾ ڇپجندي رهي. مير ايوب خان عالياڻي پنهنجي دور جو "غزل" جو بادشاهہ شاعر هو. شاعريءَ کانسواءِ هو نثر نگاري بہ ڪندو هو.

مير ايوب خان کي ڪرڪيٽ ۽ فٽبال راندين سان بہ دلچسپي هوندي هئي، هو اڪثر ڪلبن ۽ رانديگرن جي حوصلہ افزائي ڪندو هو مالي مدد بہ ڪندو هو ورهاڱي کان اڳ سندس خاندان مان عبدالرحمان عالياڻي (ميڊيم پيس بالر) ۽ عبدالحميد عالياڻي (آل رائونڊر) ڪرڪيٽ جا مشهور رانديگر رهي چڪا آهن.

مير ايوب خان عالياڻيءَ جي نالي سان رامسوامي واري علائقي ۾ هڪ روڊ منسوب آهي.

ڪراچيءَ واري لسبيلي واري علائقي کانسواءِ مير ڄام ايوب عالياڻيءَ جو هڪ خوبصورت گهر هاٽوڪي بمبينو سينيما واري جاءِ تي گارڊن روڊ تي هوندو هو بمبينو سينيما سندس گهر واري جاءِ تي ٺهيل آهي. اها سينيما 1963ع ۾ ٺاهي وئي، جيڪا صدر پاڪستان آصف علي زرداريءَ جي والد صاحب، حاڪم علي زرداريءَ جي ملڪيت آهي.

ڄام مير ايوب سخي مڙس هو ان حد تائين جو ڪو بہ سوالي وٽانئس خالي ڪونہ موٽيو. راڳ جو ڄاڻو ۽ شوقين هو. ايتري باوقار زندگي گذارڻ جي باوجود شراب ۽ سگريٽ کان پري رهيو. شادي نہ ڪيائين. پنهنجي زندگي سماجي ڀلائي، ادبي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ پوري ڪيائين. سندس ڀاءُ مير مقبول خان بہ سنڌي، اردو ۽ فارسي جو سٺو شاعر هو. ورهاڱي کان اڳ پوليس کاتي ۾ ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ

جي عهدي تي رٽائر ٿيو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ مير مقبول ٽـٽـي مـان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ چونڊيو هو.

سنڌ جي خانداني ڪلچر جو هي دلڪش نمونو ڪـراچـي جـي ادبي، ثقافتي ۽ سماجي گلدستي جو هي گل، قومي ڪارڪن، عـالـم ۽ فلاسافر، شاعر، اديب ۽ ادب دوست 5 مارچ 1945ع مطابـق 11 ربـيـع الاخر 1364هہ تي دم ڏٽي حوالي ڪـيو. هـو ڪـراچـيءَ جـي قـديـم قبرستان ميوا شاهہ ۾، ميوا شاهہ جي قبر واري چار ديواري ۾ دفـن آهـي. جتي ٻيلي (لسٻيلي) جي ڄامن جا حاڪم دفن آهن. سنـدس ڀاءُ مـير مقبول اربع 23 جنوري 1963ع تي وفات ڪري ويو. جيڪو بہ سنـدس پر ۾ دفن آهي. ٻيلي جي ڄامن جي انهيءَ تاريخي قبرن جي سارسنـڀـال لهڻ وارو ڪو بہ ڪونهي.

ڄام مير ايوب عالياڻي جي قبر جي سنگ مرمر جي ڪتبي تي وفات وقت سندس ڀاءُ مير مقبول جو فارسي جو هيٺيون شعر لکيل آهي.

سوني عقبيٰ از جهان بي ثبات، با تبسم رفت، مير ايوب خان
خوش سلام و صاحبِ علم، و ادب، بود گوهر درنگاهہ ملتہ دان
مصرع تاريخ اين "مقبول" گفت، شمع. محفل رفت از بزم جهان.

سندس وفات تي پير علي محمد راشدي لکيو آهي تہ "هـن دنـيـا مان لاڏاڻو ڪيائين تہ ڄڻ ڪراچيءَ جي ٽوپيءَ جو گـل ڪـري پـيـو ۽ ٽوپي ٻُسي ٿي پيئي، اها ڪمي وري ڪوشخص پوري ڪـري ڪـونـہ سگهيو. شهرن جا آبرو ڪي شخص ٿيندا آهن. هون تہ مکيون ۽ مـڇـر، ڪيوليون ۽ ماڪوڙيون بہ پيون شهرن ۾ رهن."(حوالو اهـي ڏيـنـهـن ، اهي شينهن، پير علي محمد شاهہ راشدي)

❊❊❊

جناح جو ويجهو ساٿي

# حاجي محمد هاشم گزدر

| | |
|---|---|
| جنم: 1893ع | لاڏاڻو: 11 فيبروري 1968ع |

**سنڌ** تي انگريزن جي قبضي کانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ترقياتي ڪمن ۾ تيزي آئي. بندرگاهه جي اڏاوت، شهر ۾ بلڊنگ جي اڏاوت ۽ ريلوي لائين جي وڇائڻ ڪري بلوچستان، پنجاب ۽ هندستان کان هزارين ماڻهن ڪراچيءَ جو رخ ڪيو ۽ هتي مزدوري ۽ واپار ۾ حصو ورتو ۽ اهڙيءَ طرح اهي پنهنجي اڳ واري سڃاڻپ ختم ڪري سنڌي قوم جو حصو بڻجي ويا. ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي سنڌي ۽ بلوچ قبيلن به ڪراچيءَ جو رخ ڪيو ۽ هتي اچي ڪراچيءَ جي ترقي ۽ تعمير ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ سنڌ جي سياست ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيا. سنڌ آيل انهن برادرين ۾ جيسلمير جو مارواڙي سلاوٽي قبيلو به مشهور آهي

جيسلمير ۽ راجستان جيڪي گجرات ۾ آهن. هتان ايندڙ سلاوٽي مارواڙي ۽ سلاوٽي بلوچن ڪراچيءَ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن مان هڪ محمد هاشم گزدر جو ڪٿنب پڻ آهي.

محمد هاشم گزدر جو تعلق جيسلمير جي سلاوٽي راجپوتن جي سيسوديا نسل مان هو جيڪي مارواڙي به سڏجن ٿا. محمد هاشم گزدر 1893ع ۾ جيسلمير ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو فيض محمد هو پر ”فپي“ جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس ماءُ جو نالو رحمت بائي هو. محمد هاشم گزدر جو پيءُ، فيض محمد هندستان ۾ سرويئر هو سو ٻن مزدور سندس هٿ هيٺ ڪم ڪندا هئا. ڪڇ، راجستان ۽ گجرات ۾ ترقياتي ڪم ڪندڙ سرويئر کي حڪومت يا راجائن پاران هڪ ”گز“ ڏنو ويندو آهي، جنهن جو مطلب ته هي ڪم جو انجنيئر يا سپروائيزر آهي. انهيءَ گز رکڻ ڪري فيض محمد عرف ”فپي“ کي ”گزدار“ معنيٰ گز رکڻ وارو چيو ويو جنهن جي ڪري اهي ”گزدر“ مشهور ٿيو. ٻين ڪانسواءِ فيض محمد انهيءَ ڪري مشهور ٿيو ته هي گهڻي وقت تائين سپروائيزر، ”گزدار“ رهيو انهيءَ جي ڪم کي ڏسي جيسلمير جي راجا هن کي سونو گز ڏنو مرڻ گهڙي تائين هو سپروائيزر رهيو انهيءَ سوني گز ڪري هو ”گزدر“ مشهور ٿيو. گزدر وارو لقب پوءِ هميشه لاءِ فيض محمد کي مليو ۽ بعد ۾ ايندڙ ڪٽنب وارن اهو لقب استعمال ڪيو.

جيسلمير جو شاهي محل ”بادل ولاس“ فيض محمد جي نگراني ۾ مڪمل ٿيو هو. پيءُ جي وفات وقت محمد هاشم اڃان مس ست سالن هو ته سندس چاچو نظر محمد انگريزن جي دور ۾ 1900ع ۾ ڪاروبار لاءِ جيسلمير کان لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ هتي جو ٿي ويو. محمد هاشم گزدر شروعاتي تعليم سنڌ جي مشهور درسگاهه سنڌ مدرسي ۾ حاصل ڪئي. 1910ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين ۽ 1912ع ۾ سنڌ مدرسي مان انٽر پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ پونا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. جتان 1916ع ۾ بي. اي سول انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪيائين. پهرئين نوڪري ستلج

پروجيڪٽ ٺهڻ وقت رياست بهاولپور ۾ سر ويئر طور ڪيائين. هتان ڪانپوءِ حيدرآباد دکن ۾ ڪجهه وقت نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ بمبئيءَ ۾ مزدورن لاءِ ٺهندڙن گهرن واري اسڪيم ۾ انجنيئر طور شامل ٿيو. ان اسڪيم تي ڪيل خرچ تي بمبئيءَ ڪائونسل جي ميمبر "نريمان" سخت تنقيد ڪئي، ۽ انڪوائري ڪان پوءِ ٻين سان گڏ محمد هاشم گزدر کي بہ نوڪري مان الڳ ڪيو ويو. بعد ۾ سکر بئراج ٺهڻ وقت سنڌ جي انجنيئرنگ کاتي ۾ نوڪري ڪيائين.

سائين جي. ايم سيد 1928ع کان 1933ع تائين ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو صدر هو تہ، محمد هاشم گزدر هتي انجنيئر هو. جتان هو سائين جي.ايم سيد جي سياست ۽ شخصيت کان متاثر ٿيو. اڳتي هلي سياست ۾ شامل ٿي ويو. شروع ۾ سائين جي ايم سيد جي يونائيٽيڊ پارٽي ۾ شامل ٿيو. بعد ۾ سائين جي. ايم سيد سان گڏ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ مرڻ گهڙي تائين مسلم ليگ ۾ رهيو بعد ۾ جي.ايم سيد مسلم ليگ ڇڏي پنهنجو الڳ رستو ناهيو پر هنن ٻنهي تي آخر ۾ ساڳيا غداري ۽ بغاوت جا الزام لڳا.

سائين جي. ايم سيد جي صدارت دوران جڏهن ضلعي لوڪل بورڊ جي بندر روڊ تي آفيس جو ڪم شروع ڪيو ويو تہ انهيءَ بلڊنگ جو انجنيئر محمد هاشم گزدر هو. جيڪو هاڻي ريڊيو پاڪستان جي ناليءَ سان مشهور آهي. 1933ع ۾ جڏهن دادو ضلعو ٺهيو تہ سائين جي. ايم سيد جو تعلقو ڄامشورو ڪراچي ضلعي کان الڳ ڪري دادو ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. جڏهن خانبهادر الله بخش گبول ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو صدر ٿيو تہ هو گزدر صاحب سان ٺهندو نہ هو تنهن ڪري ڪراچي جي ڪليڪٽر سان شڪايت ڪيائين، بعد ۾ ڪيس نوڪري مان ڪڍي ڇڏيائون. انهيءَ واقعي ۽ سائين جي. ايم سيد جي دوستي ڪري گزدر صاحب هميشہ لاءِ نوڪري کان تائب ٿي سياست جي ميدان ۾ لهي پيو. جتي هو هر ميدان ۾ بنا ڪنهن ڊپ ۽ لالچ جي سنڌ جو ڪيس وڙهندو رهيو.

حاجي مير محمد بلوچ جيڪو بہ جيسلمير جو سلاوتي بلوچ هو. بمبئيءَ ڪائونسل جو ميمبر هو. پنهي جي پاڻ ۾ مائٽي بہ هئي. (محمد هاشم جي پوٽي شوڪت علي گزدر جي ڏيءِ مير محمد سلاوتي بلوچ جي پوٽي جي گهر ۾ پرڻيل آهي.) مير محمد بلوچ جي وفات ڪانپوءِ اها سيٽ خالي ٿي تہ 1934ع ۾ ننڍين چونڊن ۾ انهيءَ سيٽ تان محمد هاشم گزدر ڪامياب ٿيو ۽ سنڌ جي نمائندي طور بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. 19 مارچ 1935ع تي ڪراچي ۾ هڪ واقعو پيش آيو. ڪراچي ۾ حيدرآباد جي هڪ هندو نٿورام تي ڪيس هلندڙ هو. نٿو رام تي اهو الزام هو تہ هن هڪ چوپڙي ۾ رسول مقبول ﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي. ڪراچيءَ جي عدالت ۾ هلندي ڪيس دوران هڪ شخص عبدالقيوم جيڪو ڪشميري پٺاڻ هو. ڪراچيءَ ۾ تانگو هلائيندو هو. تنهن عدالت جي ڪمري ۾ ججن جي سامهون نٿو رام کي قتل ڪري ڇڏيو. گرفتاريءَ کانپوءِ عبدالقيوم تي ڪيس هليو. عدالت ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي، ڪيس ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ڦاسي ڪانپوءِ سندس مڙهہ کي ڪراچيءَ جي پراڻي قبرستان، ميواشاهہ ۾ دفنايو ويو تہ مسلمان سندس لاش ڪيڏي ڪڪري گرائونڊ آڻي وري اتان لاش کي جلوس جي شڪل ۾ پيهر ميوا شاهہ ڏانهن کڻي وڃڻ لڳا تہ جڏهن جلوس لياري جي رجب ڪمپائونڊ واري علائقي ۾ پهتو تہ جلوس پوليس تي پٿراءُ ڪيو ۽ پوليس بہ فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 64 ماڻهو مارجي ويا. اهڙيءَ صورتحال، سرڪار خلاف سخت ردعمل سامهون آيو جنهن جي نتيجي ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ محمد هاشم گزدر جيڪي ٻئي ڪراچيءَ کان بمبئيءَ ليجسليٽو ڪائونسل جا ميمبر هئا، انهن پنهنجي ميمبر شپ تان استعيفائون ڏنيون.

پهرين اپريل 1936ع تي جڏهن سنڌ کي بمبئيءَ پريزيڊنسيءَ کان الڳ ڪري، ان کي الڳ صوبي جي حيثيت ڏني وئي تہ 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي پهرئين چونڊ ۾ محمد هاشم گزدر ڪراچيءَ مان

تڪ نمبر 4 مسلم شهري ڏکڻ ڪراچيءَ مان, سائين جي ايم سيد جي سنڌ اتحاد پارٽي (سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي) جي پليٽ فارم تان 4543 ووٽ کڻي آزاد اميدوار محمد اسلم آزاد کي شڪست ڏيئي ڪامياب ٿيو. ياد رهي تہ ان وقت سنڌ اسيمبلي جي 60 سيٽن مان 13 سيٽون ڪراچيءَ جون هيون. انهن چونڊن ۾ سنڌ اتحاد پارٽيءَ سڀ کان وڌيڪ 18 سيٽون حاصل ڪيون. سنڌ هندو سڀا 11, ڪانگريس 8 ۽ سر غلام حسين هدايت الله جي پارٽي سنڌ مسلم پوليٽيڪل فقط 4 سيٽون حاصل ڪيون, تنهن هوندي بہ گورنر پاران سر غلام حسين هدايت الله کي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏني وئي. غلام حسين هدايت الله, سنڌ اتحاد پارٽي مان 15 ميمبر (لوٽا) ٽوڙي حڪومت ناهي.

سنڌ اتحا پارٽيءَ جو مرڪزي اڳواڻ شاهنواز ڀٽو ۽ حاجي عبدالله هارون پنهنجون سيٽون کٽي نہ سگهيا. بعد ۾ مضبوط اپوزيشن ڪري سر غلام حسين هدايت الله جي حڪومت هلي نہ سگهي, جنهن ڪانپوءِ 23 مارچ 1938ع تي گورنر, الله بخش سومري کي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏني. انهيءَ دوران شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ عبدالله هارون جي ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ ٻيهر مسلم ليگ کي فعال ڪيو ويو تہ, محمد هاشم گزدر بہ سائين جي. ايم سيد سان گڏ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ۽ مرڻ گهڙي تائين مسلم ليگ ۾ ئي رهيو. پاڪستان ٺهڻ واري تحريڪ ۾ بہ هن ڀرپور حصو ورتو.

ياد رهي تہ 1907ع 1917ع ۽ 1924ع, ۾ مسلم ليگ جون شاخون ڪراچي ۾ کوليون ويون, پر انهن کي ڪا خاص ڪاميابي نہ ٿي هئي, 1937ع وارن چونڊن ۾ بہ مسلم ليگ سنڌ مان هڪ بہ سيٽ حاصل نہ ڪري سگهي هئي

اپريل 1938ع ۾ جڏهن مسلم ليگ کي ٻيهر فعال ڪيو ويو تہ عبدالله هارون کي مسلم ليگ سنڌ جو صدر چونڊيو ويو پر مسلم ليگ وارن کي سنڌ مان مايوسي ملي, جنهن لاءِ حاجي عبدالله هارون, شيخ

عبد المجيد سنڌي ۽ علي محمد راشديءَ جهڙا ليگي پريشان هئا. پوءِ بقول علي محمد راشدي جي ته ملير ۾ جتي راشدي صاحب بيمار هو حاجي عبدالله هارون ۽ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻيا ڪجهه مسلم ليگي سندس طبعيت پڇڻ آيا. هتي سکر واري مسجد منزل گاهه واري معاملي کي مسلم ليگ هٿ ۾ کڻڻ جو فيصلو ڪيو. (1) اهو مسئلو 1920 کان هلندڙ هو ته مسجد مسلمانن کي ملي يا نه. ائين مسلم ليگ سنڌ ۾ پير جمائڻ لاءِ ان مسئلي کي جذبات جي بنياد تي کنيو. ٻنهي پاسي مذهبي فرقيواريت کي هوا ڏني ويئي. جنهن نتيجي ۾ خونريز هنگاما ٿيا. ۽ انهيءَ واقعي ۾ سرڪاري انگن اکرن مطابق 151 هندو ۽ 14 مسلمان قتل ٿيا. انهيءَ واقعي کان پوءِ مسلم ليگ سنڌ ۾ پير کوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي. محمد هاشم گزدر به انهيءَ تحريڪ ۾ پيش پيش هو. مسجد منزل گاهه لاءِ گزدر صاحب سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن به داخل ڪئي هئي. هاشم گزدر گهڻو جذباتي هو. تنهن ڪري ڊڏي وارن ڳالهين ۾ مسلم ليگي هن کي اڳتي ڪندا هئا.

فيبروري 1940ع ۾ انهيءَ واقعي جي نتيجي ۾ الله بخش سومري جي وزارت کي ڊسمس ڪيو ويو. 18 مارچ 1940ع ۾ مير بنده علي ٽالپر، مسلم ليگ جي حمايت سان حڪومت ٺاهي. جيڪا حڪومت فقط اٺ مهينا هلي سگهي. 23 نومبر 1940 تي ٻيهر الله بخش سومرو جوڙ توڙ جي نتيجي ۾ حڪومت ٺاهي، ان جي ٻن سال کان پوءِ سنڌ جي گورنر هوچ ڊئو ۽ الله بخش سومري کي "خان بهادر" جو لقب واپس ڪرڻ تي ڪيس سزا ڏيڻ واسطي سندس حڪومت ختم ڪري ڇڏي، هن کان پوءِ سر غلام حسين هدايت الله سنڌ ۾ مسلم ليگ جي جيڪا حڪومت ٺاهي، هن جي ڪابينا ۾ محمد هاشم گزدر گهرو وزير مقرر ٿيو.

24 ڊسمبر 1943 ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو ڪراچيءَ ۾ 31هون اجلاس ٿيو. ان اجلاس ۾ محمد هاشم گزدر (جيڪو ان وقت گهرو وزير هو) ۽ جي. ايم سيد جناح جي حفاظت لاءِ مقرر هئا. جناح

وٺ گزدر صاحب جي اهميت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جناح جي چوڻ تي سرحد (خيبر پختون خواهہ) ۾ ان وقت پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ بابت مشهور ريفرنڊم ۾ گزدر صاحب، سردار عبدالرب نشتر سان گڏ ڪم ڪيو.

گزدر صاحب جڏهن مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ پڪو ۽ پختو ليگي ۽ جناح جو شيدائي هو جنهن جي ڪري سندس سيڪيولر خيال ڪٿي پٺيان رهجي ويا.

1946ع وارن چونڊن ۾ محمد هاشم گزدر هندستان جي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ سنڌ جي نمائندي طور چونڊيو ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ آئين ساز اسيمبلي جي ميمبر طور ڪم ڪيائين ۽ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر بہ رهيو ۽ ون يونٽ تائين انهيءَ عهدي تي رهيو. 1954ع ۾ جنهن ڏينهن جنرل غلام محمد جي دٻاءُ ۾ اچي آئين ساز اسيمبلي ٽوڙي وئي تہ ان جي ٻئي ڏينهن محمد هاشم گزدر ڊپٽي اسپيڪر جي حيثيت ۾ اسيمبلي بلڊنگ پهتو جتي پوليس سان سندس جهيڙو ٿي پيو جنهن ڪانپوءِ ان خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪيائين. جيڪو بعد ۾ "مولوي تميزالدين ڪيس" طور مشهور ٿيو. مولوي تميز الدين اسيمبليءَ جو اسپيڪر هو. 1955 ۾ اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو هو. 1958ع تي مارشل لا لڳڻ تائين ان جو ميمبر رهيو. اسيمبلي ميمبر ۽ سياست ڪانسواءِ محمد هاشم گزدر ڪراچيءَ جي ميونسپلٽيءَ جو 1936ع ۾ ميمبر چونڊيو ويو جنهن دوران مختلف ڪاميٽين ۾ رهي هن ڪراچي واسين جي وڏي خدمت ڪئي. پنهنجن اهڙين خدمتن جي سبب هي ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو 6 مئي 1941ع ۾ ميئر چونڊيو ويو. 8 مئي 1942ع تائين ميئر رهيو. هن ڪراچيءَ ۾ پاڻي جي کوٽ واري مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ "هالايار اسڪيم" لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. جنهن جو مقصد ڪراچيءَ کي ڪينجهر ڍنڍ مان پاڻي پهچائڻ هو.

گزدر ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي فنانس ڪاميٽيءَ جو چيئرمين بہ رهيو. ان ڪانسواءِ 1934ع کان 1958ع تائين ڪراچيءَ حج ڪاميٽي جو چيئرمين، سنڌ مدرسا بورڊ جو ميمبر ۽ ان جو ڪيترائي سال صدر، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو لاڳيتو ڏهہ سال ٽرسٽي ۽ نارٿ ويسٽرن ريلوي جي صلاحڪار ڪاميٽي جو ٽن سالن تائين ميمبر ۽ 25 سالن تائين "مسلم مارواڙي سلاوٽا جماعت" جو صدر رهيو. انهن سماجي خدمتن عيوض ڪيس "باباءِ سلاوٽ" جي لقب سان بہ نوازيو ويو. "مسلم مارواڙي سلاوٽي جماعت" جو بنياد 1841ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڌو ويو. سلاوٽي ڪراچيءَ جي سيني مشهور بلڊنگ جا ڪاريگر ۽ ٺيڪيدار رهيا آهن. پٿر جون گهڙيون سرڪاري ۽ غير سرڪاري عمارتن جي اڏاوت ۾ انهن جو خوبصورتي مارواڙي سلاوٽين جي مرهون منت آهي.

19 نومبر 1935ع تي ڪراچيءَ ۾ ٽيڪسي ڊرائيورن جي تنظيم "ٽيڪسي ڊرائيور يونين" جي نالي سان قائم ڪئي هئي. ڪراچيءَ جا سيئي ٽيڪسي ڊرائيور ان جا ميمبر هئا. ان يونين جو صدر حاجي محمد هاشم گزدر، نائب صدر آر.ڪي سڌوا ۽ سيڪريٽري عبدالجبار هو.

محمد هاشم گزدر ۽ مير محمد سلاوٽي بلوچ ۽ ٻين سلاوٽي مارواڙين شخصيت تي لکڻ لاءِ مارواڙي لين گزدر آباد (رنڇوڙ لائين) دوري جو بندوبست منهنجي پراڻي دوست ٺيڪيدار عارف ڪيو هو نبي بخش روڊ (جيڪو بہ مشهور سلاوٽي هو) سان لڳ "بابا مير محمد بلوچ اڪيڊمي" ۾ جهونن سان ملاقات ۾ مون وانگر رولاڪ ليکڪ ماجد فريد ساٿي، جيڪو جنگ مڊويڪ ۾ سفرنامي لکڻ ڪري مشهور آهي، سنڌس بہ ڪتاب اڇي چڪا آهن. ان سان ملاقات ٿي. انهن دوستن ڪري محمد هاشم گزدر جي پراڻي گهر جيڪو تي ماڙ پٿر جو آهي، نبي بخش روڊ کان نڪرندڙ هڪ گهٽيءَ ۾ آهي. ڏسڻ جو اتفاق ٿيو بعد ۾ گزدر صاحب گارڊن لڳ منگهو پير روڊ تي پنهنجي لاءِ

خوبصورت گهر ”قصر ناز“ نالي ٺهرايو هو اهو گهر اڄان بہ سندس فيملي جي حوالي آهي ۽ ڏسڻ وٽان آهي.

انهيءَ گليءَ ۾ جنهن ۾ گزدر صاحب جو پراڻو گهر آهي، ماجد فريدساٽي، عارف ۽ نورالمارفين سان 87 سالن جي جهوني محمد يوسف گزدر سان، سندس سوڙهي گهر ۾ هن وڏي دل واري سان ملاقات ٿي. جيڪو هاشم گزدر جو سيڪريٽري رهيو آهي. جيڪو هر ايندڙ کي فخر سان چوي ٿو تہ، ”سنڌ مدرسي ۾ محمد ابراهيم جويو سندس استاد رهيو آهي.“ محمد يوسف گزدر هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل ۽ سائوٿ ضلعي ميونسپلٽيءَ ۾ ڪائونسلر بہ رهيو آهي. هن پنهنجيون ساروڻيون سليندي ٻڌايو تہ، ”هن گهٽي ۾ جڏهن محمد هاشم گزدر رهندو هو تہ سائين جي. ايم سيد، شاهنواز ڀٽو ۽ ٻيا سياستدان ۽ قومي ڪارڪن هتي ايندا هئا.“ هو هن زماني کي ياد ڪندي چوي ٿو تہ، ”سائين جي. ايم سيد ۽ شاهنواز ڀٽي کي سلاوٽي مارواڙين سان محبت هئي.“

انهيءَ پيار ۽ محبت جون هاڻي فقط ڳالهيون رهجي ويون آهن. بيماري جي بستري تي هوندي بہ ماضي جي ڳالهين هڪ لمحي لاءِ محمد يوسف گزدر کي جڻ چڱو ڀلو ڪري ڇڏيو هو هن ٻڌايو تہ، ”محمد هاشم گزدر ڪراچيءَ جي مارواڙي سلاوٽين جي هر طرح سان خدمت ڪئي، اهي ماڻهو اڄ بہ هن کي ياد ڪن ٿا.“

بقول محمد يوسف گزدر جي تہ، ”محمد هاشم گزدر سچو ۽ کرو ماڻهو هو خوبصورت ۽خوش لباس هو هڪ ڀيرو جيسلمير جي راجا جي ڌيءَ جي شادي تي ڪراچيءَ کان هيليڪاپٽر وسيلي جيسلمير ويو تہ، ٻهريون ڀيرو جيسلمير جي ماڻهن پنهنجي ڳوٺ ۾ هيليڪاپٽر کي لهندو ڏٺو هو. هتي محمد هاشم گزدر راڄواڙن سان، جيڪي گهٽ ذات ڪري هڪ پاسي ويهاريل هئا، انهن وٽ وڃي ويهي ماني کاڌي، جنهن جي ڪري جيسلمير جا ”راڄواڙا“ (گهٽ ذات وارا) اڄ بہ محمد هاشم گزدر کي ياد ڪن ٿا.“

هن وڌيڪ ٻڌايو تہ. ”سنڌس خدمتن ڪري ممبئيءَ ۾ هڪ گهٽي سنڌس نالي سان منسوب آهي.“

محمد هاشم جي نالي سان گزدر آباد (رنڇوڙ لائين) ۾ هڪ پرائمري اسڪول، هڪ سيڪنڊري اسڪول، اسپتال، ميٽرنٽي هوم ۽ هاشم گزدر لائبريري موجود آهن.

جيڪي سيئي ادارا سنڌس محنت سان هتي قائم ڪيا ويا آهن.

رنڇوڙ لائين ۾ گزدر آباد ۽ مارواڙي لين کي آباد ڪرڻ ۾ محمد هاشم گزدر جو وڏو هٿ آهي، هن پنهنجي ڪميونٽي ۾ انجمن سازي ۽ پڙهڻ پاسي رجحان کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون هيون. جنهن ڪري سلاوٽي مارواڙي اڄ بہ سنڌس ۽ سنڌس ساٿي بابا مير محمد بلوچ کي ”ديوتائن“ وانگر ياد ڪن ٿا.

1958ع جنرل ايوب خان واري لڳايل مارشلا جي مخالفت ۽ ايوب خان حڪومت جي تختي اونڌو ڪرڻ جي ڏهہ ۾ ڪيس ايبڊو (ABDO) جي قانون هيٺ گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. 1961ع ۾ جڏهن ايوب ”ڪنوينشن مسلم ليگ“ ٺاهي ۽ هو صدارتي چونڊن جون تياريون ڪرڻ لڳو تہ ايوب خان، محمد هاشم گزدر کي انهيءَ نيت سان آزاد ڪيو تہ هيءُ سنڌس ساٿ ڏيندو پر آزاد ٿيڻ کان پوءِ جهانگير پارڪ ۾ حڪومت مخالف جلسي ۾ ايوب خان ۽ سنڌس حڪومت خلاف سخت تقرير ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ هن کي ٻيهر گرفتار ڪري مٿس بغاوت جو ڪيس قائم ڪرڻ ۽ سنڌس سياست ڪرڻ تي هميشہ لاءِ پابندي لڳائي وئي.

اهو ماڻهو جنهن پاڪستان ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ جيڪو پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جو ويجهو ساٿي هو اهو ملڪ ۾ ڪيئن ٿو اهڙي آمريتي حڪومت کي برداشت ڪري سگهي، جيڪا قائداعظم جي نظرئي جي ابتڙ هئي. اهڙي ماڻهوءَ تي بغاوت جو ڪيس داخل ڪرڻ ڪيڏي نہ زيادتي هئي!

گهڻو عرصو جيل ۾ رهڻ کانپوءِ ٻاهر آيو تہ صحت خراب ٿيڻ

لڳس. آخر ڪار ڪراچي جو هي سپوت 11 فيبروري 1968ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس ڪراچيءَ جي پراڻي قبرستان ميوا شاهہ ۾ سلاوٽي ماروا‌ڙي واري حصي ۾ دفنايو ويو.

محمد هاشم گزدر جو وڏو پٽ شوڪت گزدر گذاري ويو آهي. باقي ٻيا پٽ ۽ پوٽا موجود آهن، جيڪي گزدر آباد ۾ گارڊن ۾ رهن ٿا.

1950 ۾ رنڇوڙ لائين جو نالو تبديل ڪري سندس نالي پويان "گزدر آباد" رکيو ويو جتي جيسلمير ۽ راجستان جا 90 سيڪڙو مسلم ماروڙي سلاوٽي رهن ٿا، گزدر آباد يونين ڪائونسل نمبر 6 هن وقت صدر ٽائون ۾ آهي.

سائين جي. ايم سيد محمد هاشم گزدر لاءِ هڪ هنڌ لکي ٿو ته، "هي دوستي جو سچو همت وارو صاف گو بيڌپو ۽ سچو سنڌي ڪارڪن ثابت رهيو آهي. هن لالچ ڪري جماعتي رنگ ڪڏهن نہ بدلايو آهي." (2)

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. راشدي، پير علي محمد: "اهي ڏينهن، اهي شينهن" "ٽئي جلد گڏ" سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2011
2. جي. ايم. سيد "جنب گذاريم جن سين" ٻاگو ڀهريون ڇاپو ٻيو. 1979ع (سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

- هن مضمون جي تياريءَ ۾ محمد هاشم گزدر جي پرسنل سيڪريٽري محمد يوسف گزدر، مشهور اردو سفرنامن جو ليکڪ ماجد فريد ساٽي، نورالمارفين ۽ محمد عارف مدد ڪئي.
- مضمون لاءِ "بابا مير محمد بلوچ اڪيڊمي" جي دوستن مواد ۽ تصويرن جي سلسلي ۾ مدد ڪئي آهي.

***

The Great Philanthropist

# خانبهادر اردشير هرمسجي ماما

| جنم:11 سيپٽمبر 1873ع | لاڏاڻو: 15 فيبروري 1952ع |
|---|---|

**منگهي** پير ڪراچيءَ جا گرم چشما خارش، چمڙي ۽ ڪوڙهه جي بيمارين جي صحتيابيءَ لاءِ اڄ به مشهور آهن. هتي موجود وڏو چشمو "ماما باٿ" جي نالي سان مشهور آهي. گڏاپ ٽائون ۾ موجود هيٺ ڪري ان جو ساليانو ٺيڪو ڏنو ويندو آهي ۽ اڄ به "ماما باٿ گرم چشمي" جي نالي سان نيلامي ٿئي ٿي. پر خود نيلام ڪندڙن ۽ ٺيڪيدارن کي اها خبر نه هوندي ته، هن کي "ماما باٿ" ڇو چيو ويندو آهي؟ ان گرم چشمي جي سرڪاري ايراضي ٻن ايڪڙن کان وڌ آهي

پر گھٽي حصي تي قبضا مافيا قبضو ڪري گهر ۽ دوڪان ٺاهي ڇڏيا آهن. جڏهن تہ چشمي سان لڳو لڳ قديم قبرستان جي قبرن کي ڊاهي پٽ ڪري اتي هڪ مدرسو ٺاهيو ويو آهي ۽ چشمي جو بہ ڪجهہ حصو مدرسي وارن قبضو ڪري ڇڏيو آهي.

ان چشمي کي ”ماما باٿ“ انهيءَ ڪري چيو ويندو آهي, جو مشهور سماجي ڪارڪن ۽ ميونسپل ڪارپوريٽر (Municipal Corporator) اردشير هرمسجي ماما, چشمي جي سڌاري لاءِ 16 هزار روپيا چندو ڏنو هو جنهن جي ڪري, ان جي نئين سر اڏاوت ڪانپوءِ ان چشمي جو نالو ”ماما باٿ“ رکيو ويو. ڪجهہ سال اڳ(2000) ۾ 1920ع جو ”ماما باٿ“ نالي پٿر جو بورڊ لڳل هو هاڻي شايد اهو نظر نٿو اچي پر انهيءَ سان لڳ هڪ ٻيو چشمو آهي جيڪو بہ ان جو حصو ئي آهي. جنهن تي هاڻي ڪنهن آفريدي پٺاڻ قبضو ڪري ورتو آهي, جيڪو ”مارٽن باٿ“ (Martin Bath) جي نالي سان مشهور آهي. جي. آر مارٽن (J.R Martin) 1917ع کان 1920ع تائين ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر رهيو آهي. منگهي پير جو هڪ چشمو مارٽن جي خدمتن عيوض سندس نالي ڪيو ويو هو. مارٽن کانپوءِ اينڊرڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڊبليو. ڊبليو سمارٽ (W.W Smart) 1920ع ۾ ”مارٽن باٿ“ جو افتتاح سنڌ جي ڪمشنر پاران ڪيو هو. جنهن جو بورڊ اڄا بہ موجود آهي. دعا آهي اهو تاريخي بورڊ هميشہ رهي. اهو تاريخي ماڳ بہ ڪراچيءَ جي ٻين تاريخي ماڳن وانگر شايد ڪجهہ سالن جو ئي مهمان هجي.

گڏاپ ٽائون انتظاميا کي گهرجي تہ انهيءَ بورڊ جي حفاظت ڪري, ڇاڪاڻ تہ اهو تاريخ جو حصو آهي. منگهو پير وارو علائقو ڪراچيءَ جي ڀرپاڙيءَ ۾ هئڻ ڪري انگريز دور ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي بجاءِ ڪراچي لوڪل بورڊ ۾ شامل هو. اردشير ماما 1921ع کان 1933ع تائين ضلع لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو سرڪار پاران نامزد ڪيل ميمبر هو.

اردشير هرمسجي ماما ڪراچي جي پارسي قبيلي جو فرد هو.

ڪراچيءَ ۾ سماجي ڪمن جي حوالي سان پارسين جون خدمتون وساري جهڙيون نہ آهن. اڄ اُهي عظيم ماڻهو هن دنيا ۾ موجود تہ نہ آهن پر سندن ڪم ۽ جوڙايل ادارا تاريخ ۾ هميشہ زنده رهندا. اردشير بہ انهن ماڻهن مان هڪ هو جن ڪراچي جي ماڻهن جي خدمت ڪندي پنهنجي زندگي گذاري.

اردشير ماما 11 سيپٽمبر 1873ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو هرمسجي ماما هو. ڪراچيءَ ۾ تعليم پوري ڪري اردشير ماما سرڪاري نوڪري ۾ داخل تہ ٿيو پر سرڪاري نوڪريءَ ۾ پاڻ کي پابند محسوس ڪيائين. تنهن ڪري 1918ع ۾ ريٽائرمينٽ وٺي سماجي ۽ خيراتي ڪمن ۾ لڳي ويو.

ماڻهن جي اها فطرت آهي تہ هو پئسو گڏ ڪرڻ لاءِ حاصل ڪندا آهن پر اردشير جيڪو ڪمايو ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪري ڇڏيو.

ريٽائرمينٽ کانپوءِ اردشير ماما پنهنجو پورو ڌيان سماجي ڀلائيءَ وارن ڪمن، ڪراچيءَ واسين جي خدمت ۽ خيراتي ادارن کي قائم ڪرڻ تي ڏنو اردشير ماما سماجي ڪمن، خاص ڪري خيراتي ادارن کي قائم ڪرڻ ۽ مختلف ادارن کي مالي سهائتا ڪرڻ ۾ مشهور هو. ان دور ۾ اردشير ماما جن ادارن کي مالي مدد ڪئي، انهن مان ڪجهہ سرڪاري ريڪارڊ تي موجود آهن. جن ۾، ماما پارسي اسڪول لاءِ ٽي لک روپين جو چندو ڏنائين، ماما پارسي گرلز اسڪول، بندر روڊ تي جنهن زمين تي ٺهيل آهي، اها زمين ارد شير ماما جي ملڪيت هئي جيڪا هن مفت ۾ اسڪول لاءِ ڏنو ۽ اسڪول جي اڏاوت لاءِ هڪ لک روپيو چندو بہ ڏنو هن غريب پارسين جي رهائش لاءِ بہ هڪ اسڪيم شروع ڪئي هئي. جنهن لاءِ هن شروع ۾ 75 هزار روپيا چندو ڏنو. انهيءَ اسڪيم جو نالو "ماما هوم" هو.

صدر ۾ پارسين جي آگياري ۾ هال ٺهرائڻ لاءِ 25 هزار روپيا ڏنائين، جيڪو "ماما هال" طور مشهور آهي ۽ اهڙي طرح سکر ۾ پارسين جي آگياري لاءِ بہ پنهنجي پيءُ هرمسجي ماما جي يادگار طور

25 هزار روپيا چندو ڏنائين.

ليڊي ڊفرن اسپتال لاءِ 10 هزار، ينگ ڪرسچن وومينس ايسوسيئيشن (Y.C.W.A) جي بلڊنگ لاءِ 15 هزار، مها بليشور (Mahableshwar) پارسي هال لاءِ 25 هزار ۽ سول اسپتال ڪراچي لاءِ 15 هزار جو چندو ڏنائين.

ڪراچيءَ جو ڪو به اهڙو ادارو نه آهي، جنهن ۾ هن ملهائتي ماڻهوءَ جي سهائتا شامل نه هجي. هو نه فقط انهن جي مالي مدد ڪندو هو پر سماجي ڪمن ۾ وڌ ۾ وڌ حصو وٺندو هو. جنهن جي ڪري هو ڪيترن ادارن جو گهڻي وقت تائين اڳواڻ رهيو. پنهنجي محنت سان انهن ادارن کي ترقي وٺرايائين.

"ڪراچي پارسي انسٽيٽيوٽ" جو ڪيترا سال صدر رهيو، ڪراچي ڪلب جو صدر، ماما پارسي گرلز اسڪول ڪاميٽي جو نائب صدر، پائيجي وير جي سپاري والا پارسي بوائز اسڪول جي ڪاميٽي جو نائب صدر، پارسي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جو چيئرمين، ينگ مين زرتشتين ايسوسيئيشن جو چيئرمين رهيو. اردشير ماما جي ايمانداري ۽ محنت جو نتيجو ئي هو جو ڪيس مختلف ادارن ۽ ڪاميٽين ۾ اعزازي خزانچي طور مقرر ڪيو ويندو هو. هو ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو اعزازي، هر چندراءِ ميموريل فنڊ ڪاميٽي جو، سلور جوبلي فنڊ ڪاميٽي جو ۽ پرنس آف ويلز آڌر ڀاءُ ڪاميٽي جو به خزانچي رهيو هو.

1929ع ۾ سنڌ ۾ وڏن وسڪارن ڪري جا ٻوڏ آئي، تنهن لاءِ سهڪاري رليف ڪاميٽي جوڙي وئي جمشيد مهتا ان ڪاميٽيءَ جو صدر ۽ اردشير ماما کي خزانچي مقرر ڪيو ويو هو. اردشير ماما سڀ کان پهرئين ڪاميٽي ۾ وسڪارن جي ماريل ماڻهن لاءِ پنهنجي پاران 30 هزار رپيا جمع ڪرايا. رليف ڪاميٽيءَ لاءِ چندو گڏ ڪرڻ واري مهم ۾ سيني کان اڳيان اڳيان رهيو.

سماجي ۽ خيراتي ڪمن کانسواءِ اردشير ماما هڪ محنتي

ميونسپل ڪائونسلر بہ رهيو. هو 21 سال لڳاتار ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ڪائونسلر رهيو هو. انٿڪ خدمتن ڪري مئي 1936ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي جو ميئر چونڊجي آيو ۽ مئي 1937ع تائين ميئر رهيو. اهو دور سنڌ جي سياسي تاريخ جو اهم دور رهيو. اردشير ماما سياسي حوالي سان گهٽ پر انهيءَ دور ۾ ڪراچي ميونسپلٽي ۾ ميئر جي حيثيت سان وڏا ڪم ڪيا. هو 17 سال اعزازي اسپيشل ميجسٽريٽ رهيو. ميونسپلٽيءَ جي خدمت واري عرصي ۾ ارد شير ماما اسڪول بورڊ جو چيئرمين، اسٽور ڪاميٽي، گارڊن ڪاميٽي، روڊ ڪاميٽي ۽ ٻين ڪيترين ئي ڪاميٽين جو چيئرمين رهيو. هو ڪراچي ڪنٽونمنٽ بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو.

جڏهن "ڊيلي گزٽ" (Daily Gazette) سنڌ جي اڳواڻن جو سماجي ڪمن جي حوالي سان هڪ مقابلو ڪرايو هو ۽ ان ۾ جيڪي 12 ماڻهو چونڊجي آيا، اردشير ماما بہ انهن 12 ماڻهن ۾ شامل هو. انهن سيني خدمتن جي پيٽا ۾ سرڪار اردشير ماما کي "خانبهادر" جي لقب سان نوازيو.

عوامي خدمتن ۾ مصروف رهڻ ڪري ڪاروبار پاسي ڌيان گهٽ ڏيڻ سبب هن کي گهڻو نقصان ٿيو. جنهن جي ڪري هن پنهنجو شاندار گهر "ماما پيلس" بہ وڪڻي ڇڏيو. جنهن جاءِ تي ورهاڱي کانپوءِ 1951ع ۾ "پليس هوٽل" ناهي ويئي. اردشير ماما جي خوبصورت ڪم ڪري هي هوٽل انتهائي خوبصورت هو. بعد ۾ انهيءَ محل نما گهر جهڙي پيلس هوٽل کي ختم ڪيو ويو هاڻي هتي شيرٽن هوٽل ٺهيل آهي. اردشير پنهنجي پوري دولت عوامي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ ارپي ڇڏي

اردشير ماما لاءِ ڪنهن صحيح لکيو هو تہ.

He had a head to make money and had also a heart to give a away money.

سنڌ جو هي يارويس، محنتي، سخي ڏاتار ۽ سماج سڌارڪ 15 فيبروري 1952ع ۾ وفات ڪري ويو هن جي لاڏاڻي سان جڻ تہ سخاوت جي هڪ دور جي پڻ پڄاڻي ٿي.

❋❋❋

ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جو پهريون چونڊيل صدر ۽ سماجي ڪارڪن

# راءِ بهادر شيوارام ڏيونمل وزيراڻي

| جنم: 17 سيپٽمبر 1883ع | لاڏاڻو: |
| --- | --- |

**ٺٽي** جي وزيراڻين جو سنڌ جي سياست ۾ وڏو حصو رهيو آهي. انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي ۽ ڪراچيءَ کي مرڪز بنايو جنهن سبب سياست، ڪاروبار ۽ واپار جا موقعا فراهم ٿيڻ لڳا ته، هندستان ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين حصن مان به گهڻي تعداد ۾ ماڻهن ڪراچيءَ جو رخ ڪيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ ڪراچيءَ جا ٿي ويا. ٺٽي جي وزيراڻين

ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي ننڍائي ڪمپائونڊ جو بنياد رکيو.

راءِ بهادر شيوارام ڏيونمل بہ ننڍي جي وزيراڻين مان هو. انهن وزيراڻين مان ديوان ٺهلرام ڪيمچند جيڪو ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو. هي مارچ 1896ع کان 1905ع مرڻ گهڙيءَ تائين 9 سال لاڳيتو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر رهيو. ديوان ٺهلرام ڪيمچند، شيوارام ڏيونمل جو چاچو هو. شيوارام ڏيونمل جو ڏاڏو سيٺ ڪيمچند ڪراچيءَ ميونسپل ڪميشن جي پهرئين نامزد ڪيل ڪاميٽيءَ (1853ع) جو ميمبر هو.

اهڙي نموني هي خاندان شروع کان وٺي سماجي ڀلائيءَ وارن ڪمن ۽ سياست ۾ سرگرم هو. شيوارام ڏيونمل 17 سيپٽمبر 1883ع ۾ پيدا ٿيو. اين.جي.وي هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان 1904ع بي. اي پاس ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ والد جي ڪاروبار سان گڏ ننڍي ۾ زمينن جي سارسنڀال بہ ڪندو هو.

آڪٽوبر 1905ع ۾ جڏهن سندس چاچو ديوان ٺهلرام ڪيمچند (جيڪو ميونسپلٽيءَ جو صدر هو) ديهانت ڪري ويو تہ 1906ع ۾ ساڳي تڪ تان شيوارام ڏيونمل ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هو. 1909ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي چونڊن ۾ هي ٻيهر ميمبر چونڊيو ويو. اهڙي طرح 1920ع تائين ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۽ ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو ٿاڦيل ميمبر ٿيندو رهيو. هو لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو 1909ع کان ميمبر چونڊجندو رهيو.

ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ، ڪراچي ضلعي جي ٻهراڙيءَ واري علائقن تي ٻڌل هو. ان وقت هاڻوڪو ننڍو ڄامشورو ۽ دادو ضلعو ڪراچيءَ ضلع ۾ شامل هئا. ننڍي ۾ زمينداريءَ ڪري شيوارام ڏيونمل ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو ميمبر چونڊجي آيو هو.

1920ع ۾ جڏهن سرڪار سرڪاري آفيسرن کي ضلعي لوڪل بورڊ جي صدر ٿاڦڻ واري قانون ۾ ترميم ڪئي ۽ چونڊيل ميمبرن کي

پنهنجو صدر پاڻ چونڊڻ جا اختيار ڏنا ته. 1920ع ۾ ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي چونڊن ڪانپوءِ مسلمان ميمبرن جي گهٽائي هوندي به شيوارام ڏيونمل صدر چونڊيو ويو. اهڙي طرح ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي پهرئين چونڊيل صدر جو اعزاز حاصل ڪيائين. 1911ع ۾ سرڪار شيوارام ڏيونمل وزيراٽيءَ کي ڪراچيءَ ۾ آنرري ميجسٽريٽ مقرر ڪيو هو. 1932ع ۽ 1934ع ۾ اسپيشل فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ مقرر ٿيو.

26 آڪٽوبر 1925ع ۾ ٻيهر ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو صدر چونڊيو ويو ۽ 1928ع تائين صدر رهيو. 1925ع واري ٽرم ۾ سائين جي.ايم سيد، شيوارام ڏيونمل جو صدر لاءِ مقابلو ڪرڻ ٿي چاهيو پر هندو ۽ مسلمان اڳواڻن صلح سان سائين جي.ايم سيد کي وائيس پريزيڊنٽ بنايو ويو. ياد رهي ته ضلعي ڪراچيءَ ۾ هاڻوڪو ڄامشورو ضلعو به شامل هو.

شيوارام ڏيونمل ملنسار محبتي ۽ يار ويس ماڻهو هو. هو سيني سان خوش اخلاقيءَ سان هلڻ واري فن کان واقف هو.هيءُ پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ ۾ اسڪول ۽ ريسٽ هائوس ٺهرائڻ ۾ پيش پيش هو. اوهان اندازو لڳايو ته ضلعي لوڪل بورڊ ۾ هاڻوڪي ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ وارو علائقو جنهن ۾ قائد اعظم جي مزار ڪانپوءِ وارو پورو علائقو ٺهي پاسي ڪياماڙي، گابوپٽ، لالوکيت، ناظم آباد، منگهوپير، ملير، ابراهيم حيدري، لانڍي، درسانو چنو،گڏاپ ڪانسواءِ هاڻوڪو ٺٽو پورو ضلعو هاڻوڪو ڄامشورو ۽ دادو ضلعو انهيءَ ۾ شامل هئا. انهيءَ پوري علائقي ۾ دورو ڪرڻ، ماڻهن جا مسئلا ٻڌڻ انتهائي ڏکيو ڪم هو.

شيوارام انهن علائقن ۾ ڪچن پيچرن کي بهتر ڪري انهن کي رستي جو روپ ڏيڻ جي شروعات ڪئي. جڏهن ته ڪياماڙي ۾ قائم سنڌي بوائز اسڪول جو بنياد به هن (شيوارام ڏيونمل) رکيو هو. ۽

جنهن جي لاءِ هِن پنهنجي کيسي مان بہ پئسا ڏنا هئا. اهو اسڪول سندس نالي پويان "شيوارام ڏيونمل سنڌي بوائز اسڪول ڪياماڙي" هو. ورهاڱي کانپوءِ ان اسڪول مان سندس نالو ڊار ڪيو ويو. ان اسڪول جي قيام لاءِ ان وقت سنڌ جي ايڊيشنل جوڊيشل ڪمشنر مسٽر ايچ. اي ڪورچ بہ سندس مدد ڪئي هئي.

ان کانسواءِ شيوارام پنهنجي دور ۾ ابراهيم حيدري، آسو ڳوٺ، مليـر، لانڍي، منگهوپير، پانگريا ڳوٺ عزيزآباد، حاجي مريد ڳوٺ، گڏاپ، گهاري، ميرپور ساڪري ۽ ٻين علائقن ۾ پنهنجي مُدي وارن انن سالـن ۾ 30 کـان مٿي پرائمري اسڪول کوليا.

ڪراچيءَ ۾ منگهوپير جي علائقي بند مراد خان ۾ هڪ خوبصـورت ريسٽ هائوس ۽ منگهي پير مزار لڳ سـنـدس ذاتـي خـرچ سـان ريسـٽ هائوس جوڙايو هو. پهريون ريسٽ هائوس هن وقت گڏاپ ٽائون جي حوالـي آهي. جڏهن هن جي ذاتي ريسٽ هائوس تي هڪ مذهبي سياسي پـارٽـيءَ 2004ع ۾ قبضو ڪري اتي اسڪول کوليو آهي. جيڪو ضلعي لـوڪـل بورڊ ڪراچي ۽ هاڻي گڏاپ ٽائون جي ملڪيت آهي. آسو ڳوٺ ۾ ٻـڪـرا پڙي ۾ ميمڻ ڳوٺ روڊ تي پٿر جو ٺهيل ريسٽ هائوس بہ شيوارام پـنـهـنـجـي دور ۾ ٺهرايو هو. جيڪو هن وقت تعليم کاتي جي حوالي آهي. حقيـقـت ۾ اهي سڀ ضلعي ڪائونسل ڪراچيءَ جون ملڪيتون آهن. هن اداري ڪـي انهن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي.

انهن ڪمن جي بدلي ۾ سرڪـار شيوارام ڏيونمل کي 1921ع ۾ راءِ صاحب ۽ 1927ع ۾ راءِ بهادر جو لقب ڏنو.

راءِ بهادر شيوارام ڏيونمل وزيراڻي مختلف ادارن جو باني ميمبر، صدر ۽ ڪاميٽين ۾ ميمبر بہ رهيو هو.

- 1935ع ۾ ڪيس ڪنگ سلور جوبلي ميڊل سان نوازيو ويو.
- 1917ع کان 1928ع تائين ڊي جي سنڌ ڪاليج بورڊ جو ميمبر

رهيو.

- 1921ع کان 1928ع تائين ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي مينيجنگ ڪاميٽي جو ميمبر ۽ ڪجهه وقت صدر رهيو.
- آر. جي. ايم (رام گوپال موهاتا )هندو جيمخانه جو پنجن سالن تائين اعزازي خزانچي رهيو.
- 1926ع ۽ 1927ع ۾ ٻه سال لاڳيتو ڪراچي ڪلب جو صدر رهيو. ڪراچي جيم خانه جو ميمبر به رهيو.
- ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٻه ڀيرا ميمبر رهيو. پهريان 1924ع ۾ ۽ ٻيو ڀيرو پهرين اپريل 1943ع ۾.
- 1924ع ۾ ريلوي ايڊوائزري ڪاميٽي جو ميمبر رهيو.
- 1923ع کان 1927ع تائين ڪراچي جيل جو نان آفيشل وزيٽر ۽ ميمبر رهيو.
- 1926ع کان 1928ع تائين ڪراچيءَ جي سرڪاري باغيچي ۽ زو جو چيئرمين رهيو.
- 1927ع کان 1930ع تائين ڪراچي ميونسپل اسڪول بورڊ جو صدر رهيو.
- راءِ بهادر شيوارام ڪراچي لوئيس لارينس انسٽيٽيوٽ جي باني ڪارن مان هو.
- ايئر ليگ آف انڊيا پاران 22 فيبروري 1927ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ايروڪلب ڪراچي شاخ جو بنياد رکيو ويو. جنهن جو پهريون، چيئرمين سر مانٽيگو ڊي پي ويب هو. پهرئين نهيل ڪاميٽيءَ ۾ سيٺ هرچندراءِ، جمشيد مهتا، حاتم علوي، چام مير ايوب عالياڻي ۽ شيوارام ڏيونمل ميمبر هئا.

انهن ادارن کانسواءِ ڪراچي سول اسپتال ۽ نرسنگ ايسوسيئيشن جو ميمبر، انڊين ريڊ ڪراس سوسائٽي جي سنڌ

صوبائي شاخ جو اعزازي خزانچي، انڊين روڊس ائنڊ ڊيولپمينٽ ايسوسيئيشن لميٽيڊ جو باني ميمبر ۽ ڪراچي شاخ جو صدر، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪيترن اسٽينڊنگ ڪاميٽين جو ميمبر ۽ چيئرمين رهيو. جن ۾ پارڪ، تعليم ۽ هيلٿ نمايان هئا.

"سنڌ آبزرو" اخبار ۽ "مرڪنٽائل اسٽريم پريس ليميٽيڊ" جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو ميمبر رهيو.

برهمو سماج سان تعلق رکندڙ هن ماڻهو منگهو پير، نٿائي ڪمپائونڊ، پراڻي ڪراچي، سولجر بازار ۽ نانڪ واڙي ۾ ڪيترائي ڌرم شالا قائم ڪيا. مشن روڊ تي برهمو سماج وارن جو مندر "نو وڌان مندر" سندس سنڀال هيٺ رهيو. برهمو سماج جو بنياد وجهندڙ ديوان نولراءِ ۽ ديوان شوقيرام هئا.

شيوارام ڏيومل هندو جيم خاني ۾ ڪرڪيٽ جي سرپرستي به ڪئي. جڏهن 1926ع ۾ ايم.سي. سي (انگلينڊ جي ڪرڪيٽ ٽيم) ڪراچيءَ جو دورو ڪيو ته، شيوارام هندو جيم خاني ۾ سندن مان ۾ آجياڻو ڏنو هو. ان موقعي تي ورتل گروپ فوٽو ۾ ٻين سان گڏ راءِ بهادر شيوارام به موجود آهي. سياسي طور تي سندس لاڙو ڪانگريس پاسي هو. ضلعي لوڪل بورڊ جي ڪمن ۽ سماجي خدمتن ڪري هن سياست ۾ ايترو گهڻو حصو نه ورتو. 1913ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو 28 ويهون اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو ته راءِ بهادر شيوارام ۽ ڏيپچند. ٽي اوجها آڌر ڀاءُ ڪاميٽيءَ ۾ خزانچي هئا. ان موقعي تي سياسي اڳواڻن. لالا لجپتراءِ، محمدعلي جناح، آغا خان، نواب سيد محمود ۽ ٻين سان گڏ ورتل گروپ فوٽو ۾ شيوارام به موجود آهي.

1928ع ۾ ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي صدر ۽ نائب صدر لاءِ چونڊون 26 نومبر 1928ع تي ڪلڪٽر آفيس (هاڻوڪو ڪمشنر آفيس) ۾ ٿيون هيون. جنهن ۾ سائين جي.ايم.سيد، راءِ بهادر شيوارام

کي 13 جي مقابلي ۾ 18 ووٽن تان شڪست ڏيئي ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو صدر ۽ خان بهادر الله بخش گبول نائب صدر چونڊجي ويا هئا. انهيءَ موقعي تي سائين جي.ايم سيد لکيو آهي ته ” جيڪڏهن راءِ بهادر شيوارام جو سؤٽ هر چندراءِ سندس مخالفت نه ڪري ها ته راءِ بهادر کي شڪست ڏيڻ ڏکيو هو.“ (1)

پهرئين اپريل 1937ع وارن چونڊن ۾ راءِ بهادر شيوارام ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو ٽيون ڀيرو صدر چونڊيو ويو.

راءِ بهادر شيوارام جو هڪ اهم ڪارنامو اهو به آهي ته هن دور ۾ ٺٽي ۽ سجاول تي سنڌو دريا تي پل نه هئڻ ڪري ماڻهن کي اچ وڃ ۾ سخت تڪليف ٿيندي هئي. ان کي ڏسي راءِ بهادر شيوارام ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي صدر جي حيثيت سان فيري سروس شروع ڪئي. فيري جهاز ”هرمن موهاٽا فرم“ وارن ٺاهيو هو. جنهن جو افتتاح ڪياماڙيءَ ۾ ڪليڪٽر ڪراچي هڊسن ڪيو هو. اهو جهاز هتان روانو ٿي ٺٽي ۽ سجاول پتڻ تي هلڻ لڳو. انهيءَ فيري جهاز جو نالو ”شيوارام ڏيونمل فيري سروس“ هو. تازو سجاول ويجهو جنهن پاڻي واري جهاز جو ڍانچو مليو آهي. اهو ممڪن آهي انهيءَ فيري جهاز جو ڍانچو هجي.

ورهاڱي کانپوءِ به شيوارام ڏيونمل پنهنجيون خدمتون انجام ڏيندو رهيو. 23 سيپٽمبر 1950ع ۾ ڪراچيءَ شهر جي هندو رهواسين جو ميڙ سوامي نارائڻ مندر ۾ سڏايو ويو. انهيءَ موقعي تي ”ڪراچي هندو پنچائت“ جو بنياد وڌو هو ان جو صدر سيٺ سکديو اوڌو داس کي مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۾ شيوارام ڏيونمل وزيراڻي به شامل هو. ڪراچيءَ هندو پنچائت جي پليٽ فارم تان هندوئن کي اپيل ڪئي وئي ته هو سنڌ نه ڇڏين.

راءِ بهادر شيوارام ڏيونمل جو گهر جيڪو بريٽو روڊ ڪراچيءَ ۾

سولجر بازار لڳ ”لڇمي لاج“ نالي سان مشهور هو اهو ورهاڱي کانپوءِ به سياسي ۽ سماجي طور سرگرم مرڪز رهيو. راءِ بهادر شيوارام ڏيونمل وزيراڻي ٻين هندوئن سان گڏ ڪراچيءَ ۾ سختيون برداشت ڪيون پر مرڻ گهڙيءَ تائين سنڌ نه ڇڏي.

مرڻ کانپوءِ سندس پٽ پوهراج شيوارام، فتحچند شيوارام، موهن لعل ۽ وشنداس شيوارام سنڌ ڇڏي هندستان هليا ويا. سندس پٽ پوهراج ۽ شيوارام جو ياءُ ٻئي ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان ۾ ڪسٽم کاتي ۾ آفيسر جي عهدي تي فائز هئا.

شيوارام ڏيونمل وزيراڻي انهن ماڻهن مان هڪ هو جن جي محبت جو محور سنڌ ئي هئي، ۽ جن پنهنجي پوري زندگي عام ماڻهن جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي، اهڙوڪي سنڌ ڪي شايد هي ياد هجن.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


1. جي. ايم سيد: ”پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني“ حصو پهريون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2010ع

• هن مضمون جي تياريءَ ۾ آفيشل رڪارڊ ضلعي ڪائونسل ڪراچي ۽ ڪراچي لوڪل بورڊ جي آفيشل رڪارڊ مان مدد ورتي وئي آهي.


❊❊❊

كراچي ميونسپلٽي جو پهريون مسلمان ميئر،
سماجي ڪارڪن، صحافي، وڪيل ۽ سياسي اڳواڻ

# قاضي خدا بخش مورائي

| | |
|---|---|
| جنم: 1895ع | لاڏاڻو: 20فيبروري 1944ع |

**لياري** ندي تي حسن لشڪري وليج ۽ عثمان آباد کان پار ٽيـنـڊز پل کانپوءِ ميوا شاهه قبرستان شروع ٿئي ٿو هتي شروع ۾ ئي مـارواڙي سلاوٽين جي قبرستان جو حصو حسن اوليا ڳوٺ ڏانهن ويندي بـنـهي پاسي آهي، روڊ سان مسلم مارواڙي سلاوٽي جماعت جيسلـميـري جي

جهوني مسجد نظر ايندي، مسجد جي پويان ديوارن سان لڳ گهاٽن نمن جي وڻن جي ڇانو ۾ گورڪن پنهنجي ويهڻ لاءِ ٿلهو ٺاهيو آهي. انهيءَ سان لڳ قاضي ڪٽنب جون قبرون هڪڙي قطار ۾ آهن. سنگ مرمر سان ٺهيل اهي قبرون صاف ستريون آهن، لڳي ٿو تہ قاضي فيمليءَ جا پونيئر هٿ ايندا رهندا آهن. انهيءَ قطار ۾ هڪ قبر تي اردو ۾ "بلديہ کي مسلمان ميئر قاضي خدا بخش" تاريخ وفات جي هيٺيان اردوءَ ۾ هي شعر لکيل آهي:

" سفر ميں زندگی کی سو گیا هوں تهک کی منزل پر،
اجل کی نام سی بر نام هے خواب گراں سیرا"

انهيءَ قطار ۾ قاضي خدا بخش جي پيءُ مولوي قاضي نبي بخش مورائي جي قبر آهي. جنهن تي تاريخ وفات 19 آگسٽ 1938ع لکيل آهي. سندس وڏي پاءُ، جيڪو اديب، صحافي ۽ شاعر بہ هو قاضي عبدالخالق "خليق" مورائي جي قبر بہ انهيءَ قطار ۾ آهي. جنهن جي ڪتبي تي سندس هڪ سنڌي شعر لکيل آهي. قاضي خدا بخش جي پٽ قاضي اڪبر جيڪو جج هو ان جي قبر بہ هتي آهي. جنهن تي اردوءَ ۾ لکيل آهي "اسپيشل ڪورٽ کي جج" جنهن تي تاريخ پيدائش 1926ع ۽ تاريخ وفات 2006ع لکيل آهي. قاضي صاحب جي هڪ ٻئي پٽ قاضي عبدالخالق جي قبر بہ انهيءَ قطار ۾ آهي. جنهن تي ڄم جي تاريخ 1932ع لکيل آهي.

قاضي خدا بخش مورائي 1934ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي تڪ نمبر پنج تان ڪائونسلر جي عهدي لاءِ بيٺو سندس مقابلي ۾ ڪراچيءَ جو مشهور سياسي، سماجي ۽ واپاري اڳواڻ حاجي عبدالله هارون هو. قاضي خدا بخش مورائي، حاجي عبدالله هارون کي شڪست ڏيئي ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر چونڊجي ويو هو. هن جي ڪٽڻ جي جشن ۾ لياري ۽ ميٺي مارڪيٽ ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو هو. قاضي صاحب انهيءَ سال ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۾

سخت محنت ڪئي ۽ ڪراچي جو هر دلعزيز ماڻهو بڻجي ويو. جنهن جي ڪري سال 1935ع ۾ هو ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي ميئر لاءِ بيٺو. هن پيري سندس مقابلي ۾ ڪراچيءَ جو بوهري واپاري ,سماجي ڪارڪن ۽ سياسي شخصيت حاتم علوي هو پر قاضي خدا بخش مورائي، حاتم علوي کي شڪست ڏيئي، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميئر چونڊجي آيو ۽ پهرين مسلمان ميئر ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. اهي ٻئي شخص جن جي وچ ۾ ميئر لاءِ مقابلو ٿيو قاضي خدا بخش، حاتم علوي ۽ عبدالله هارون ٽئي سنڌ مدرسي جا اڳوڻا شاگرد هئا. قاضي خدا بخش 3 مئي 1935ع کان 9 مئي 1936ع تائين ڪراچيءَ ميونسپلٽيءَ جو ميئر رهيو.

لياري ندي تي ميران ناڪي واري پل، قاضي خدا بخش مورائي جي ڪوشش سان مڪمل ٿي هئي. ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي عام ۽ غريب ماڻهن جن ۾ لياري، ڪڏو ۽ مڇي مياڻ وارن علائقن جا ماڻهو شامل هئا، کي پهريون ڀيرو ميونسپلٽيءَ ۾ نوڪري ڏيڻ جو رواج بہ قاضي صاحب شروع ڪيو. ميئر واري دور دوران قاضي صاحب انهن علائقن جي ترقي تي ڌيان ڏنو. انهن علائقن ۾ اسڪول، ڊسپينسري، يتيم خانا ۽ فلاحي ادارا قائم ڪيائين. قاضي صاحب ميونسپلٽيءَ پاران مسلمان استادن ۽ شاگردن لاءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وظيفن جو سلسلو بہ شروع ڪيو هو.

1935ع ۾ جڏهن ڪوئيٽا ۾ زلزلو آيو تہ ڪراچيءَ ۾ قاضي صاحب "ميئر ريليف فنڊ" قائم ڪيو جنهن ۾ پاڻ ذاتي طور تي ٻہ هزار چندو جمع ڪرايائين. ڪراچيءَ جي ماڻهن ان فنڊ ۾ ڀرپور نموني حصو ورتو. سرڪار سندس خدمتن کان گهڻو متاثر ٿي کيس "سر" جي خطاب ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي پر قاضي صاحب ان کان انڪار ڪيو. اهو ئي قاضي صاحب هو،جنهن کي انگريز سرڪار بغاوت جي

ڪيس ۾ هڪ سال جيل ۾ رکيو ۽ پوءِ مجبور ٿي "سر" جي خطاب ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي هئائون. هن جي انڪار ڪانپوءِ سندس خدمتن جي اعتراف طور ڪيس "قصر هند" جو اعزاز ڏنو ويو. هن دور ۾ فقط ڪجھ هندستانين کي اهو اعزاز مليل هو. جنهن ۾ مهاتما گانڌي ۽ مسز سروجيني نائڊو شامل هئا.

قاضي خدا بخش 1895ع ۾ موري ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو مولانا قاضي نبي بخش مورائي هو. شروعاتي تعليم پنهنجي والد صاحب جي مدرسي مان حاصل ڪيائين. پنج درجا موري ۾ پرائمري اسڪول ۾ پاس ڪري وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪراچيءَ جو رخ ڪيائين. انگريزي تعليم ۽ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ 1904ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو. 1916ع ۾ مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري ڊي.جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هڪ سال ڪانپوءِ ڪاليج ڇڏي علي ڳڙهه ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. هتان بي.اي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. 1919ع ۾ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جي شاگرد انجمن جو نائب صدر چونڊيو ويو. هو ڪاليج ۾ پڙهڻ ڪانسواءِ ٻين غير تعليمي سرگرمين ۾ به سرگرم هو. هو بهترين مقرر هو. جنهن جي ڪري عليڳڙهه ۾ تقريري مقابلي ۾ به ميڊل حاصل ڪيائين. علي ڳڙهه ۾ پڙهڻ دوران هو سياست ۾ به سرگرم رهيو. 1921ع ۾ جڏهن مولانا محمد علي جوهر ۽ مهاتما گانڌي خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ علي ڳڙهه ڪاليج ۾ جلسو ڪيو ۽ تقريرون ڪيون، انهيءَ جلسي کي قاضي خدا بخش به خطاب ڪيو هو ۽ قاضي صاحب جي ڪوشش سان علي ڳڙهه جا شاگرد انهيءَ تحريڪ ۾ شامل ٿيا ۽ هڙتال ڪري ڪاليج بند ڪيائون. پوءِ قاضي صاحب باقاعده ان تحريڪ ۾ شامل ٿيو. مولانا محمد علي سان گڏ هندستان جي ڪيترن شهرن ۾ ٿيندڙ احتجاجي جلسن ۾ خطاب ڪيو. جنهن جي ڪري قاضي صاحب کي آل انڊيا ڪانگريس جي

ورڪنگ ڪاميٽي ۾ ميمبر مقرر ڪيو ويو. ننڍي عمر ۾ ايڏي وڏي عهدي تي پهچڻ قاضي صاحب لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نہ هو. قاضي خدا بخش سنڌ پراونشل خلافت ڪاميٽي جو سيڪريٽري بہ رهيو.

انگريز سرڪار قاضي صاحب کي 1921ع ۾ بغاوت جي مقدمي ۾ جيل موڪليو. هن کي پهرئين ڪراچي سينٽرل جيل ۾، ۽ بعد ۾ يو.پي (اتر پرديش) جي "ٿاني پون" جيل ۾ قيد رکيو ويو. هي پورو سال انهيءَ ڪيس ۾ بند هيو.

جڏهن خلاف تحريڪ ختم ٿي تہ پيهر تعليم پاسي ڌيان ڏنائين. ميرٽ لاءِ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. 1926ع ۾ ايل.ايل. بي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري، ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ جلدي سنڌ جي نامياري وڪيلن جي فهرست ۾ ڳڻجڻ لڳو.

قاضي صاحب سياست ۽ سماجي ڪمن ۽ تعليمي ڪمن ڪانسواءِ هڪ سٺو اديب ۽ صحافي بہ هو. هيءَ سنڌ جي مشهور اخبار "الوحيد" جو ايڊيٽر بہ رهيو. انهي اداري پاران جاري ڪيل هفتيوار انگريزي اخبار "مسلم ايڊووڪيٽ" جو بہ ايڊيٽر رهيو. سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي اخبارن ۾ مضمون بہ لکندو هو.

1937ع ۾ قاضي صاحب ننڍي عمر جي قيدين لاءِ هڪ اصلاحي اسڪول قائم ڪيو. هن سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ۽ سنڌي ماڻهن ۾ تعليم جو شعور بيدار ڪرڻ لاءِ "سنڌ محمدن ايجوڪيشن سوسائٽي" قائم ڪئي جنهن جو پهريون صدر سر شاهنواز ڀٽو ۽ پاڻ انهي سوسائٽي جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو.

هيءَ ڪيترن سالن تائين "مسلم جماعت ڪراچي" جو سيڪريٽري پڻ رهيو.

قاضي صاحب سنڌ مدرسا اسڪول بورڊ جو ميمبر ۽ انتظامي ڪاميٽيءَ جو اعزازي سيڪريٽري بہ رهيو.

21 جون 1943ع ۾ قاضي صاحب ۽ پير الاهي بخش جي ڪوشش سان سنڌ مسلم ڪاليج قائم ٿيو جيڪو سنڌ جي ماڻهن تي هڪ وڏو احسان آهي. جنهن جو افتتاح محمد علي جناح ڪيو. اصل ۾ اهو ڪاليج، سنڌ مدرسي کي ڪاليج جو درجي ڏيئي ان جو نالو "سنڌ مدرسہ ڪاليج" رکيو ويو. سنڌ مدرسا ڪاليج جا ڪلاس، شروع ۾ سنڌ مدرسي جي هڪ عمارت "ٽالپر هائوس" ۾ هلايا ويا هئا. بعد ۾ ان ڪاليج جو نالو سنڌ مسلم ڪاليج ٿي ويو. هينئر اهو ڪاليج "سنڌ مسلم سائنس ڪاليج" (ايس. ايم سائنس ڪاليج) نالي سان سنڌ مدرسي جي هاسٽلن، حسن علي هائوس، خيرپور هائوس ۽ سردار هائوس ۾ قائم آهي، سنڌ مدرسي جي انتظاميہ اها گهر ڪندي رهي آهي تہ کين اهي هاسٽلون واپس ڪيو وڃن تہ جيئن انهن کي پيهر هاسٽلن ۾ بدلائي، سڄي سنڌ جي خواهشمند شاگردن کي سنڌ مد رسي ۾ داخلا ۽ رهائش ڏئي سگهجي، هاڻي (2012ع) ۾ سنڌ مدرسي کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو ويو آهي، تنهن ڪري هاسٽلن جي وڌيڪ ضرورت آهي. هن جو آرٽس سيڪشن ڊي. جي ڪاليج لڳ ڊي. جي عمارت جي هڪ حصي ۾ شروع ڪيو ويو هو. مون بي.اي بہ انهيءَ ڪاليج مان پاس ڪئي آهي.

1943ع ۾ سنڌ حڪومت جو انگريز پبلڪ پراسيڪيوٽر. ٽي. جي الفنسٽن (جنهن جي نالي سان الفنسٽن اسٽريٽ آهي جنهن جو نالو ورهاڱي کانپوءِ زيب النساءَ اسٽريٽ رکيو ويو آهي) جڏهن ريٽائر ٿيو تہ اهو عهدو قاضي خدا بخش کي ڏنو ويو. قاضي صاحب انهيءَ عهدي تي رهي غريب ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪئي تہ سرڪار جا حامي وڏيرا ۽ ڪامورا ڪاوڙ جي پيا ۽ سرڪار کي شڪايت موڪليائون تہ "قاضي صاحب جي انهيءَ عمل سان اسان جو عام ماڻهن تي جيڪو دابو ويٺل آهي اهو ختم ٿي ويندو ۽ عام ماڻهو خود

سر تي ويندا.“

قاضي صاحب کي جڏهن اها خبر پئي ته هن سرڪار کي لکيو ته، ”جيڪڏهن خراب ڪم ڪرائڻا آهن ته، ٻيو ڪو وڪيل وجهي ڳوليو آئون ڪنهن سان ناانصافي نه ڪندس.“

انگريز سرڪار هن کي انهيءَ عهدي تي رکيو پوءِ مرڻ گهڙي تائين انهيءَ عهدي تي رهيو.

سنڌ جو هي سچوءِ کرو انسان جيڪو موري جي چيڪي مٽيءَ ۾ پيدا ٿيو هو ءِ تنهن پنهنجي پوري ڄمار ڪراچيءَ جي ماڻهن جي خدمت ۾ گذاري، 48 ورهين جي ڄمار ۾ 20 فيبروري 1944ع ۾ گذاري ويو ءِ ڪراچي جي ميوا شاهه واري مشهور قبرستان جي واريءَ ۾ دفن ٿيو. قاضي خدا بخش جي نالي سان ڪراچيءَ جي برنس روڊ واري علائقي ۾ هڪ گهٽي به آهي، اها گهٽي، سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج، برنس گارڊن ءِ سنڌ سيڪريٽريٽ واري چوڪ کان برنس روڊ تائين وڃي ٿي.

❊❊❊

فٽبال، هاڪي ۽ ڪرڪيٽ جو مشهور رانديگر

# غلام محمد لاسي

| | |
|---|---|
| جنم: | لاڏاڻو: 1966ع |

**ڪرڪيٽ** راند انگريزن جي ڪري نندي ڪنڊ ۾ آئي ۽ مقبول ٿي. انگريزن جي اچڻ کانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ڪلبن ۽ جيم خانن جو رواج پيو. انهن ڪلبن ۽ جيم خانن ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ فٽبال جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ورهاڱي کان اڳ هتان جي مقامي ماڻهن بہ ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ فٽبال ۾ نالو پيدا ڪيو هندستان سميت پوري برطانيا ۾ اهي مشهور ٿيا.

مقامي ماڻهن ۾ سڀ کان اڳ پارسين ڪرڪيٽ پاسي ڌيان ڏنو ڪراچيءَ جو پهريون ڪرڪيٽ ڪلب "اورينٽل ڪرڪيٽ ڪلب" 1847ع ۾ قائم ڪيو ويو. ان ڪلب جا باني پارسي هئا. انهيءَ ڪلب جي ٽيم جيڪا پارسين تي ٻڌل هئي، تنهن 1886ع ۾ انگيلنڊ جو دورو ڪيو هو.

1902ع ۾ ڪراچيءَ ۾ عيسائين ۽ پارسين جي ٽيمن وچ ۾ ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو رواج پيو. 1904ع ۾ "ڪراچي ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن" جو بنياد رکيو ويو. پارسين کان پوءِ هتان جي هندن ڪرڪيٽ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. مسلمانن ۾ سيٺ آدم علي يوسف علي علوي، عبدالرحيم صالح، غلام علي چاڳلا ۽ فدو فيملي ( مٺي در وارا جعفر فدو ۽ ٻيا) ڪراچيءَ ۾ رهندڙ مسلمان رانديگرن لاءِ ٻه ڪلب، "فدو فرينڊلي ڪلب" ۽ "محمدن اسپورٽس ڪلب" قائم ڪيا. هندو به انهن ڪلبن جا ميمبر هئا. اڳتي هلي مختلف ڪميونٽين جا جيم خانا ٺهيا جن ۾ مشهور پارسي جيم خانو، گوئن جيم خانو هندو جيم خانو عبدالله هارون مسلم جيم خانو آغا خان جيم خانو بوهري جيم خانو ۽ ڪراچي جيم خانو مشهور ٿيا. اين. جي. وي هاءِ اسڪول، اسڪول، سنڌ مدرسته السلام، ٻائي جي وير جي سوپاري والا (B.V.S.)، سينٽ پيٽرڪ اسڪول، ڊي جي ڪاليج ۽ ٻين تعليمي ادارن جون به مشهور ٽيمون هيون. ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ڪرڪيٽ جا وڏا نالا جيڪي مشهور ٿيا انهن ۾ آدم علي يوسف علي علوي، محمد اسحاق ڊوسل، غلام محمد لاسي، جي. نائون مل، ايم جي مويڊ، عباس خان لوڌي، ابراهيم لاسي، ماسٽر عبدالعزيز ڪشن چندر، بامن مل، رام چندر، عبدالرحمان عاليائي، عبدالغفور پرسرام، عبدالحميد عاليائي، نادر ڊنشا، ايس. ڪي گرڏاري، ڊي جي مويڊ، روسي ڊنشا، توفيق غزنوي، يامين شيخ، جي ڪي ايراني ۽ ٻيا شامل هئا. انهن ۾ ماسٽر عبدالعزيز بهترين ڪوچ به ه. رام چندر ۽ بامن مل پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هندستان ۾ ٽيسٽ ڪيڪرٽر بڻيا.

1915ع تائين ڪراچيءَ ۾ هندو مسلمانن، پارسين ۽ عيسائين جون الڳ الڳ ٽيمون ٺهي چڪيون هيون. عيسائن گوئن ڪرڪيٽ ۽ هاڪي ۾ اڳتي هئا. 1916ع ۾ پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ جي متاثرن لاءِ مقامي سطح تي ”ڪوارڊ رينگلور ٽورناميننٽ“ ڪرايو ويو. 1919ع ۾ آدم علي يوسف علي علوي، غلام حسين چاڳلا، جارج ٽرمورس ۽ نهال چند ٽيڪم داس جي ڪوشش سان ٻيهر ٽورناميننٽ ڪرائي وئي. جنهن ۾ يورپي ٽيمن به حصو ورتو.

1922ع ۾ ”سنڌ ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن“ جو بنياد وڌو ويو. هن ايسوسيئيشن ڪراچيءَ ۾ ڪرڪيٽ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1925ع ۾ ”ينگ مسلم ايسوسيئيشن“ قائم ڪئي وئي.

غلام محمد لاسي به پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪراچيءَ جو مشهور آل رائونڊر رانديگر هو غلام محمد لاسيءَ جا وڏا اصل لسٻيلي بلوچستان جا رهندڙ هئا، پوءِ لڏي اچي لياريءَ جي ميران ناڪي واري علائقي ۾ رهيا، جتي اڄ به لاسي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا، ۽ مشهور سنڌي ڳائڻو مولا بخش لاسي به انهن لاسين مان آهي.

غلام محمد لاسي ميٽرڪ تائين تعليم سنڌ مدرسي ۾ حاصل ڪئي، اسڪول جي ڪرڪيٽ ٽيم پاران کيڏندو هو تعليم مڪمل ڪري هو سنڌ چيف ڪورٽ ۾ ناظر مقرر ٿيو پر راند سان ناتو نه ٽوڙيائين.

غلام محمد لاسي پنهنجو پهريون فرسٽ ڪلاس مئچ، 1924ع ۾ بمبئي ڪوارڊ رينگولر ۾ سنڌ ڪرڪيٽ پاران کيڏيو جنهن ۾ غلام محمد لاسيءَ جي بهترين بالنگ ڪري، سنڌ ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن اها ٽورناميننٽ کٽي ورتي. 1925ع ۾ ساڳين ٽورناميننٽ ۾ غلام محمد لاسي يورپين ٽيم خلاف 84 رنسون ڏيئي ٻه وڪٽون حاصل ڪيون.

1925ع ۾ سنڌ پينٽانگولر ٽورناميننٽ ۾ ڪراچي ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن پاران کيڏندي، غلام محمد پهرين اننگز ۾ 45 رنسون ڏيئي 6 وڪيٽون حاصل ڪيون، ٻي اننگز ۾ 53 رنسون ڏيئي ست

وڪيٽون حاصل ڪيون، ٻي اننگز ۾ 59 رنسون بہ ٺاهيون. غلام محمد لاسي ٿوري عرصي ۾ ڪراچيءَ جي ڪرڪيٽ ڪانسواءِ نندي ڪنڌ ۾ هڪ ليفٽ هينڊ ميڊيم بالر، رائٽ هينڊ بيٽسمين ۽ هڪ بهترين فيلڊر طور مشهوري ماڻي.

آڪٽوبر 1926ع ۾ ايم. سي. سي خلاف راند ۾ پهرئين اننگز ۾ 114 رنسون جي بدلي ۾ 5 رانديگر ۽ ٻي اننگز ۾ 25 رنسن جي بدلي ۾ 2 رانديگرن کي هن پويلين جو رستو ڏيکاريو. 1929ع ۾ سنڌ ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن پاران ڪراچيءَ جي چونڊ ڪرڪيٽ رانديگرن تي ٻڌل هڪ ٽيم جوڙي وئي جنهن آل انڊيا روشن آراءِ ٽورناميٽ ۾ حصو ورتو. دهليءَ ۾ ٿيندڙ هن ٽورناميٽ ۾ نندي ڪنڌ جي گهڻن ٽيمن حصو ورتو. غلام محمد لاسي ۽ جي. نائون مل جي ڪارڪردگيءَ ڪري سنڌ ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ٽورناميٽ پنهنجي نالي ڪئي.

اڳتي هلي اهي ٻئي رانديگر هر ٽورناميٽ جي ضرورت بڻجي ويا.

غلام محمد لاسي 1930ع ۾ وزيا نگرم اليون سان گڏ انگلينڊ جو دورو ڪيو پنهنجي بهترين آل رائونڊر راند سبب 1932ع ۾ پهرين هندستاني ٽيم ۾ چونڊيو ويو انهيءَ دوري ۾ غلام محمد بهترين راند جو مظاهرو ڪيو. گڏيل طور 35 رنسن جي اوسط سان 534 رنسون ڏنيون، 15 وڪيٽون حاصل ڪيون. ٽورناميٽ ۾ لارڊ ڊينشي جهڙي دنيا جي مشهور رانديگر کي زيرو تي آئوٽ ڪري پويلين جو رستو ڏيکاريو. همپشائر ٽيم خلاف 56 رنسون ڏيئي بہ وڪيٽون حاصل ڪيائين.

1935ع ۾ آسٽريلين ٽيم سنڌ جو دورو ڪيو انهيءَ دوري ۾ سنڌ اليون جو ڪپتان غلام محمد لاسي هو.

1937ع ۾ لارڊ ٽينٽي اليون ڪراچيءَ جو دورو ڪيو انهيءَ ٽورناميٽ ۾ سنڌ اليون جو ڪپتان جي. نائون مل هو پهرئين ميچ ۾

غلام محمد لاسي 63 رنسون ڏيئي ٽي وڪيٽون حاصل ڪيون.

غلام محمد لاسي کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هو سنڌ جو پهريون رانديگر هو جنهن سڀ کان پهرين هڪ هزار رنسون ۽ 100 وڪيٽون مڪمل ڪيون، انهيءَ اعزاز ڪري ايم. آءِ مرچنٽ پنهنجي ڪتاب "Hndred Best Cricketers" ۾ پڻ غلام محمد جو نالو ڏنو آهي. غلام محمد لاسي 1921 کان 1635 تائين مسلمانن جي ٽيم جو ڪپتان بہ رهيو هو. غلام محمد نہ فقط ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر هو پر هاڪي ۽ فٽبال جو بہ بهترين رانديگر هو. هو مسلم جيم خانہ پاران هاڪي بہ کيڏندو هو. هو هاڪي ۾ ڪلب جو مشهور فل بيڪ هو. غلام محمد ڪراچيءَ ۾ قائم "لسبيلا فٽ بال ڪلب" پاران فٽبال بہ کيڏندو هو پر هن جو گهڻو ڌيان ڪرڪيٽ ڏانهن رهيو. غلام محمد لاسيءَ جو پاءُ ابراهيم لاسي بہ ورهاڱي کان اڳ مشهور آل رائونڊر ڪرڪيٽر ٿي گذريو آهي، گهڻين ٽورناميننٽن ۾ پنهي ڀائرن گڏجي ڪارڪردگي ڏيکاري، پر ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪراچيءَ جي ڪرڪيٽ جي دنيا ۾ هن ٻنهي عظيم رانديگرن جو ڪو ذڪر ڪونهي. ڪو ميدان، نہ ڪا پويلين ۽ نہ ڪو روڊ انهن جي نالي آهي. چاڪاڻ تہ انهن جو تعلق ڪراچيءَ جي پراڻي وسندي ليارِيءَ سان هو.

غلام محمد لاسي 1966ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ ڪراچيءَ جي قديم قبرستان، "مورڙي قبرستان" ۾ مدفون آهي.

***

### ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميئر، انجنيئر، سياسي، سماجي ۽ واپاري اڳواڻ

# درگداس. بي آڏواڻي

| جنم: | لاڏاڻو: |
|---|---|

**درگداس** يوجراج آڏواڻي جو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان هو آرڪيٽيڪٽ انجنيئر هو پر هي سماجي، سياسي ۽ واپاري اڳواڻ طور مشهور ٿيو. درگداس. بي آڏواڻي، ڊي. جي ڪاليج مان انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي. جنوري 1887ع ۾ قائم ٿيندڙ هن ڪاليج ۾ ڊسمبر 1888ع ۾ انجنيئرنگ جا ڊپلوما ڪلاس

۾ بہ شروع ڪيا ويا هئا.

درگداس بي آڏواڻي جو پيءُ ديوان پوچ راج هڪ اوائلي فوٽو گرافر هو. فوٽوگرافر طور هو پوري هندستان ۾ مشهور هو. درگداس آڏواڻيءَ جو ڏاڏو ديوان ڪيولرام سنڌ ۾ مختيار ڪار هو. هو هڪ سٺو اديب بہ هو. سندس لکيل ڪتاب ”گلشڪر“ ۽ ”سوڪڙي“ اڄ بہ مشهور آهن. ديوان ڪيولرام جو پاءُ ديوان تولارام بہ مختيار ڪار هو.

درگداس. بي آڏواڻي ”سنڌ سڀا“ جي پليٽ فارم تان عوامي خدمت جي سفر جي شروعات ڪئي. هو ٿياسافيڪل سوسائٽي ۾ بہ سرگرم رهيو. سياسي طور تي هو انڊين نيشنل ڪانگريس جو سرگرم ڪارڪن هو.

1895ع ۾ ڪراچيءَ ۾ بمبئيءَ پراونشل ڪانفرنس ڪانپوءِ خاموشي رهي. نيٺ 1908ع ۾ پهرين سنڌ پراونشل ڪانفرنس سکر ۾ ڪوٺائي وئي. جنهن جي ڪاميابيءَ ۾ سيٺ هرچندراءِ ۽ جمشيد مهتا سان گڏ ٻيا اڳواڻ شامل هئا. اهو سلسلو 1920ع تائين جاري رهيو. انهن ڪانفرنسن سان گڏ سنڌ نيشنل ڪانفرنسون بہ منعقد ڪيون ويون، جيڪي مختلف موضوعن تي ڪيون ويون تہ جيئن ماڻهن ۾ سياسي ۽ سماجي شعور بيدار ڪجي. اهڙي هڪ ڪانفرنس 28 آگسٽ 1920ع ۾ حيدرآباد ۾ اڻ سهڪاري هلچل ( نان ڪوآپريشن موومينٽ) لاءِ سڏائي وئي، جنهن جي صدارت درگداس. بي آڏواڻي ڪئي.

1913ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو 28 ويهون اجلاس منعقد ڪيو ويو تہ درگداس. بي آڏواڻي انهيءَ اجلاس جي آڌرڀاءَ ڪاميٽي جو ميمبر هو. هي 1930ع کان شروع ٿيندڙ ”ستياگرهہ“ هلچل، ”ڪئٽ انڊيا“ هلچل ۾ ڪراچيءَ ۾ مصروف رهيو. ”ڪئٽ انڊيا“ هلچل جي اعلان سان گڏ سنڌ ۾ بہ وڏي پيماني تي مظاهرا ٿيا، گرفتاريون بہ ڪيون ويون، پوليس جي وحشياڻي

ڪارروائي سبب ڪيترائي ڪارڪن موت جو ڪاچ بہ بڻيا. انهيءَ سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ ٻہ ڪارڪن شهيد ٿيا ۽ گهڻا زخمي ٿيا. ڪراچيءَ ۾ ٽينڊز پوليس جي وحشياڻي ڪارروائي جي لاءِ واپارين پاران شاهديون جمع ڪرائڻ ۽ رپورٽ ٺاهڻ لاءِ 13 آگسٽ 1942ع تي هڪ ڪاميٽي جوڙي ويئي. درگداس. بي آڏواڻي انهيءَ ست رڪني ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو.

مارچ 1931ع ۾ جڏهن سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو ٽن ڏينهن وارو 45 هون اجلاس منعقد ڪيو ويو. تہ اجلاس لاءِ شهر کان ٽي ميل پري، هاڻوڪي اسلاميہ ڪاليج واري جاءِ کان سينٽرل جيل تائين هڪ عارضي شهر اڏڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اجلاس لاءِ پنڊال هاڻوڪي اسلاميہ ڪاليج لڳ جوڙيو ويو. جڏهن تہ مهمانن جي عارضي رهائش لاءِ محمد علي جناح جو مقبرو جنهن ٽڪري تي اڏيل آهي اتان کان جيل تائين عارضي جهڳيون، روڊ، پاڻيءَ جون ٽانڪيون، ليٽرين ۽ ڪاڏي لاءِ جاين جو بندوبست ڪيو ويو هو. انهيءَ غير آباد زمين کي عارضي طور رهڻ جي قابل بنائڻ جو پورو پلان ۽ ان جي ذميواري درگداس. بي آڏواڻي کي ڏني ويئي هئي، آرڪيٽيڪٽ هئڻ ڪري ان هڪ خوبصورت عارضي شهر جوڙيو جنهن کي مختلف رستن سان شهر سان ملايو ويو. انهيءَ عارضي شهر جو نالو "ڪانگريس ۽ هر چند راءِ نگر" رکيو ويو. عارضي شهر جي نگراني جي ذميداري جمشيد مهتا کي ڏني ويئي. انهيءَ اجلاس جي صدارت سردار ولڀ ڀائي پٽيل ڪئي. آدرياءُ ڪاميٽي جو چيئرمين ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هو. اجلاس ۾ جواهر لعل نهرو مولانا عبدالڪلام آزاد، سرخ پوش اڳواڻ خان غفار خان، مولانا محمد صادق کڏي وارو محمد علي جناح، مولانا ظفر علي، جي. ايم. سيد سميت ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مولانا ظفر علي ۽ نهرو جي وچ ۾ نماز لاءِ

وقفي ڪرڻ واري مسئلي تان ڏند چڪ ٿي ٿي هئي. جنهن تي مولانا ناراض ٿيو هو. هي اجلاس جيئن ته ڀڳت سنگهه ۽ سندس دوستن کي ڦاهي ڏيڻ کانپوءِ ٿيو هو تنهن ڪري انهيءَ اجلاس ۾ مشهور سوشلسٽ ليڊر منشي احمد دين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪراچيءَ جي سوشلسٽن گانڌي جو آڌرياءُ ڪارن گلابن سان ڪيو ۽ نعري بازي پڻ ڪئي وئي هئي.

درگداس. بي آڏواڻي ڪراچيءَ جي چند اهم واپارين مان به هڪ هو. "ڪراچي انڊين مرچنٽس ايسوسيئيشن" ۽ "ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن" جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. هيءُ 10 جنوري 1930ع ۾ ڪراچي ضلعي جي سطح تي ٺهندڙ "ضلعي ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ" جي بنياد وجهندڙن مان هو. آڏواڻي جي ڪوشش ۽ صدارت ۾ انهيءَ اداري جو بنياد پيو. جنهن جو پهريون صدر جمشيد مهتا ۽ سيڪريٽري سائين جي.ايم. سيد هئا. جي.ايم. سيد ان وقت ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو صدر ۽ جمشيد مهتا ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو صدر هو. درگداس پوجراج آڏواڻي ڪيترائي سال سنڌ سينٽرل ڪو آپريٽو بئنڪ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو ميمبر به رهيو. ڪو آپريٽو بئنڪ ۽ سوسائٽي جي ترقيءَ ۾ اهم رول ادا ڪيائين. درگداس بي آڏواڻي ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو سرگرم ميمبر رهيو. هو 1910ع ۾ پهريون ڀيرو ميونسپلٽي جو ميمبر چونڊيو ويو هو. مختلف ڪاميٽين جو صدر پڻ رهيو.

انهيءَ دور ۾ سماجي ۽ ميونسپلٽيءَ جي ڪمن جي حوالي سان جمشيد مهتا، هرچندراءِ، سيٺ غلام علي چاڳلا، آر.ڪي سڌوا، ٿهلرام کيمچند ۽ ٻين سان گڏ درگداس. بي آڏواڻي مشهور هو. آڏواڻي غريبن جي تعليم تي گهڻو ڌيان ڏنو. لياريءَ واري علائقي ۾، جتي غريب ماڻهن جي رهائش هئي، هڪ اسڪول درگداس. بي آڏواڻي (ڊي.بي. آڏواڻي پرائمري اسڪول) ٺهرايائين. جنهن جو انتظام بعد ۾ ميونسپلٽيءَ جي

حوالي ڪيائين. هاڻي ان اسڪول کي شفٽ ڪري موسميات ويجهو سچل ڳوٺ ۾ آندو ويو آهي.

28 فيبروري 1928ع ۾ سيٺ هرچندراءِ جي وفات تي ڪراچي واسين پاران خالق ڏني هال ۾ جيڪو عوامي ميڙ سڏايو ويو هو ان ۾ ٻه درگداس. بي آڏواڻي تقرير ڪئي هئي. هر چندراءِ جي ياد گار لاءِ چندي گڏ ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي ٺاهي وئي هئي، درگداس. بي آڏواڻي ان ڪاميٽيءَ جو ٻه ميمبر هو. پنهنجين انهن خدمتن جي عيوض، 4 مئي 1937ع تي هو بنا مقابلي ڪراچيءَ ميونسپلٽيءَ جو ميئر چونڊيو ويو ۽ 4 مئي 1938ع تائين ميئر رهيو. اهو دور سياسي طور تي انتهائي سرگرمين وارو دور هو. آڏواڻي سياست سان گڏ ميونسپلٽيءَ جي ترقي پاسي ٻه ڏيان ڏنو.

درگداس. بي آڏواڻيءَ جو پاءُ پي. بي آڏواڻي(پريتم داس يوڳراج آڏواڻي) ايس. سي شاهاڻي لاء ڪاليج جو پرنسپل ٻه رهيو ۽ جيڪو ورهاڱي کانپوءِ هندستان هليو ويو هُتي مسٽر پريتمداس آڏواڻي ڪيترا ورهيه بمبئيءَ ۾ ڊائريڪٽر آف ايڊمنسٽريز ۽ اليڪٽريفڪيشن لاءِ آفيسر پڻ رهيو.

درگداس بي آڏواڻيءَ جي ڏيءَ ڊي جي ڪاليج ۾ پڙهائي دوران "ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين" جي پليٽ فارم تان شاگردن جي حقن ڪانسواءِ قومي هلچل، جنهن ۾ ستياگرهه هلچل ۽ ڪئٽ انڊيا هلچل ۾ سرگرم رهي هئي. ڪراچيءَ جي ترقي، واپار سماجي، ثقافتي ۽ سياسي پليٽ فارم تان خدمتون انجام ڏيندڙهي شخص ٻه پين سان گڏ 1948ع ۾ وطن جا وڻ ڇڏڻ تي مجبور ٿيو ۽ پوري ڪٽنب سميت هندستان هليو ويو. پر سندس ڪم ٻين جي ڪمن وانگر هميشه يادگار رهندا.

❀❀❀

كراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو چونڊيل ميئر ۽
26 سال لڳاتار ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر
رهندڙ ۽ سماجي اڳواڻ

# آر.ڪي سڌوا

| لاڏاڻو: | جنم: |
|---|---|

**مسٽر** آر. ڪي. (رستم ڪائوس) سڌوا جي سڃاڻپ سياسي اڳواڻ طور مشهور آهي. هو سنڌ ۾ ڪانگريس پارٽي جي چوٽيءَ جي ليڊرن مان هڪ هو. سياست سان گڏوگڏ هو ڪراچي ميونسپل

ڪارپوريشن ۾ بہ سرگرم رهيو. آر.ڪي سڌوا کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هو واحد شخص هو جيڪو 26 سال لڳاتار ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن تي ميمبر چونڊجندو رهيو. مسٽر سڌوا، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي ڪشمڪش واري دور ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو بنا مقابلي ميئر چونڊيو ويو. جنهن مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نہ آهي تہ مسٽر رستم ڪائوس سڌوا پارسي هوندي بہ، ڪراچيءَ جي هر فرقي ۽ پارٽيءَ ۾ هر دلعزيز هو. هو 5 مئي 1939ع کان 7 مئي 1940ع تائين ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميئر رهيو. مسٽر آر. ڪي سڌوا ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۾ ڪانگريس جو جڏهن تہ حاتم علوي مسلم ليگ جو اڳواڻ هو. ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هندو، مسلمان ۽ پارسين جو پاڻ ۾ اتحاد هو هر سال واري سان ميئر شپ ڪنهن هڪ مذهبي فرقي جي حوالي ڪيو ويندو هو پوءِ مذهبي فرقي جا ماڻهو چاهي ڪنهن کي بہ بيهارين يا پاڻ ۾ مقابلو ڪن، اهو هن مذهبي فرقي جو معاملو هوندو هو 1933ع کان جيڪي منتخب ميئر رهيا. لسٽ ڏسندا تہ 1947ع تائين، اهو سلسلو نظر ايندو. فقط 1945ع ۾ پارسي جي جاءِ هڪ گوئن ميئر چونڊيو ويو هو.

آر.ڪي سڌوا "ڪراچي انڊين مرچنٽ ايسوسيئيشن" جو فعال ميمبر هو. ايسوسيئيشن پاران هو ڪيترائي سال ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ميمبر رهيو. هن ڪانسواءِ هو ميونسپلٽيءَ جي مختلف ڪاميٽين جو ميمبر ۽ چيئرمين بہ رهي چڪو آهي. ڪراچي ڪلب، ڪراچي جيم خانہ ۽ پارسي جيم خانہ جو سرگرم ميمبر پڻ رهيو آهي.

لياري جي علائقي ۾ پراڻي حاجي ڪئمپ ۾ مشهور اسپنسر آءِ (اکين واري) اسپتال جو افتتاح بہ آر. ڪي سڌوا پنهنجي ميئرشپ جي دوران 14 مارچ 1940ع ۾ ڪيو هو.

آر. ڪي سڌوا سياسي طور تي گهڻو مصروف رهيو. هو ڪراچي

ميونسپلٽيءَ پاران بمبئي ليجسليٽو جو ميمبر بہ چونڊيو ويو. جڏهن 1919ع ۾ مسٽر جمشيد مهتا جي صدارت هيٺ جيڪب آباد ۾ سنڌ پوليٽيڪل ڪانفرنس ٿي هئي تہ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، سيٺ هر چندراءِ وشنداس، ڊاڪٽر چوئٿرام، لوڪو مل چيلارام، نارائڻداس بيچر سان گڏ آر. ڪي سڌوا بہ شريڪ ٿيو هو. ڪراچيءَ ۾ 8، 9 ۽ 10 جولائي 1921ع تي ڪراچي جي عيد گاهہ واري ميدان ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي، جنهن جا دعوت ناما، مسٽر آر. ڪي سڌوا، ماسٽر محمد خان پٺاڻ ۽ ڊاڪٽر اي ايم احمد جي نالن سان جاري ڪيا ويا هئا. هي ڪانفرنس جي آجياڻي ڪاميٽيءَ ۾ بہ شامل هو هي ڪانفرنس محمد علي جوهر جي صدارت ۾ ٿي. انهيءَ اجلاس ۾ هڪ ٺهراءُ، جنهن ۾ 500 عالمن جي فتويٰ هئي، جنهن ۾ انگريز فوج ۾ نوڪري ڪرڻ کي حرام قرار ڏنو ويو هو پاس ڪئي وئي هئي. ڪانفرنس ۾ حاجي عبدالله هارون، مولانا محمد صادق کڏي وارو مولانا عبدالڪريم درس، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، آر. ڪي سڌوا سرگرم رهيا هئا.

ڪانفرنس ڪانپوءِ ٿيل جلسي ۾ ننڍي ڪنڊ جي اڳواڻن ۾ مولانا محمد علي جوهر ڪانسواءِ مولانا شوڪت علي، مولانا محمد حسن مدني، سوامي شنڪر آچاريہ، پير غلام مجدد، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو مولانا نثار احمد سرهندي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. فتويٰ ۽ ڪامياب جلسي ڪري مولانا محمد علي سميت ڇهن مرڪزي اڳواڻن کي قلم 505 هيٺ گرفتار ڪري 26 سيپٽمبر 1921ع تي غلام حسين خالق ڏني هال ڪراچيءَ ۾ سٽي مئجسٽريٽ مسٽر ٿهلاڻي جي عدالت ۾ مٿن مشهور بغاوت جو ڪيس هلايو ويو. جنهن ۾ فوج جي ورغلائڻ ۽ ماڻهن کي حڪومت خلاف ڀڙڪائڻ جو ڏوهہ شامل هو.

6 اپريل 1930ع تي ڪراچي ۾ سٽي ڪورٽ جي سامهون ستيا

گرهه هلچل جي جلوس تي پوليس فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ ٻه ڪارڪن مينگهراج ريوا چند للا ۽ دتارام شهيد ٿيا. مشهور ڪانگريسي اڳواڻ جيرامداس دولترام سميت 36 ڄڻا زخمي ٿيا. اهي سڀ ماڻهو سٽي ڪورٽ اڳيان جلوس ڪڍي آيا هئا. جتي ننڍي ڪنڌ جي گرفتار اڳواڻن کي آندو ويو هو. ڪراچيءَ مان ئي 254 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو هو. گرفتار اڳواڻن ۾ آر. ڪي سڌوا ڪانسواءِ ڊاڪٽر چوئٿرام، مولانا محمد صادق کڏي وارو، آچاريہ گدواڻي، نارائڻ داس بيچر، مبارڪ علي، جيرامداس دولترام جيڪو گولي لڳڻ ڪري زخمي هو ۽ ٻيا شامل هئا.

27 مارچ 1931ع تي آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جو 45 هون اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو. جنهن ۾ آر. ڪي سڌوا ۽ تارا چند لالواڻي آجياڻي ڪاميٽيءَ جا جنرل سيڪريٽري هئا.

سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي واري تحريڪ ۾ شروع ۾ هندو ۽ مسلمان گڏ هئا. ان دور ۾ ڪانگريس، ٻولين جي آڌار تي صوبن ٺاهڻ واري موقف جي حمايت ڪئي هئي. اڳتي هلي هندو مسلم ڇڪتاڻ ڪري ڊاڪٽر چوئٿرام، جيرام داس، پروفيسر گهنشام داس ان تحريڪ جي مخالف ۾ ٿي بيٺا، پر جن غير مسلمن سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي جي تحريڪ جي حمايت ڪئي، انهن ۾ سيٺ هرچند راءِ وشنداس، آر ڪي سڌوا، جمشيد مهتا ۽ جيٺمل پيش پيش هئا.

جڏهن الله بخش سومري جي وزارت سنڌ ۾ ڪانگريسي ميمبرن جي مخالف جي باوجود ڊِل وڌائي ته، ڪانگريس جي هڪ گروهه ڊاڪٽر چوئٿرام جي اڳواڻيءَ ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ته الله بخش جي حڪومت مان الڳ ٿيڻ گهرجي، جڏهن ته آر. ڪي سڌوا جي اڳواڻي ۾ ڪانگريس جي ٻئي ڌڙي هن جي مخالفت ڪئي، جنهن لاءِ مرڪزي اڳواڻن مولانا عبدالڪلام آزاد ۽ پنڊت نهرو کي ڪراچي

اچڻو پيو ۽ انهن آر. ڪي سڌوا جي موقف ڪي درست قرار ڏنو هو. چاڪاڻ تہ آر. ڪي سڌوا جو موقف هو تہ ان سان هندو مسلم ڇڪتاڻ وڌي ويندو. رستم ڪائوس (آر. ڪي) سڌوا آخري ... ت تائين ڪانگريس ۾ رهي، مذهبي سياست جي مخالف ڪندي سنڌي قوم جي ڳالهہ ڪندو رهيو. هندو مسلم واري ڳالهہ جي هو مخالف هو.

آر. ڪي سڌوا لاءِ مشهور هو تہ، هو انتهائي محنتي ۽ هوشيار ورڪر هو. هي 16 ڪلاڪ لڳاتار ڪم ڪندو هو. 1947ع ۾ حالتون ايتريون خراب ٿيون جو هي نہ چاهيندي بہ پارسي هوندي لڏپلاڻ تي مجبور ٿيو. هندستان ۾ هن پنهنجي سياست کي جاري رکيو. لڏپلاڻ ڪندڙن جي آبادڪاريءَ لاءِ سخت محنت ڪيائين. اڳتي هلي آر. ڪي سڌوا هندستان جي مرڪزي ڪابينہ ۾ وزير چونڊيو ويو.

آر. ڪي سڌوا انهن ڳالهين کان سواءِ هڪ سٺو ليکڪ بہ هو. مختلف اخبارن ۾ مضمون بہ لکندو رهيو. سنڌس ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن تي لکيل ڪتاب:

The Corporation of the City of the Karachi

ڏاڍو ڪارآمد ڪتاب آهي. هي ڪتاب 1939ع ۾ شايع ٿيو هو. ان کانسواءِ هن ٻيا ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن.

***

موسيقار، شاعر، اديب، ڊراما نويس، صحافي، براڊ ڪاسٽر ۽ پاڪستان جي قومي تراني جو ڌن ٺاهيندڙ

# احمد غلام علي چاڳلا (AGC)

| | |
|---|---|
| جنمر: 31 مئي 1902 | لاڏاڻو: 5 فيبروري 1953ع |

**احمد** غلام علي چاڳلا 31 مئي 1902ع ۾ ڪراچيءَ جي پراڻي علائقي کاري در جي چاڳلا اسٽريٽ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد غلام علي چاڳلا ڪراچيءَ جو پهريون چونڊيل مسلمان صدر هو. غلام علي چاڳلا ڪراچيءَ ۾ تعليمي، سماجي ۽ ثقافتي خدمتن ۾ پنهنجو نالو روشن

ڪيو. احمد چاڳلا جو ڏاڏو غلام حسين چاڳلا خواجن جي انهيءَ گروهه ۾ شامل هو جن سڀ کان پهرئين آغا خان سان اختلاف رکي اثنا عشري فرقي ۾ شامل ٿيا. اثنا عشري ۽ آغا خاني خواجن جو ڪراچيءَ شهر جي ترقي ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. چاڳلا ڪٽنب نه فقط سماجي، سياسي، ثقافتي، تعليمي ۽ مذهبي خدمتن ۾ اڳيرا هئا، پر سنڌي، اردو گجراتي ۽ انگريزي، صحافت ۽ ادب ۾ به انهن جو وڏو حصو رهيو آهي. غلام علي چاڳلا صحافي، اديب ۽ شاعر جي حيثيت سان مڃتا ماڻي، اڳتي هلي چاڳلا ڪٽنب جي فرد احمد غلام علي چاڳلا به انهيءَ ميدان جو شهسوار رهيو.

غلام علي چاڳلا کي احمد کان سواءِ ٽي پٽ عبدالرحيم، حسين ۽ علي محمد به هئا. علي محمد چاڳلا ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ حيدرآباد اسٽيشن سان لاڳاپيل رهيو. حسين چاڳلا زراعت ۾ ايم. ايس. سي کان پوءِ ڪراچي ميونسپلٽيءَ ۾ چيف آفيسر ٿي رهيو. عبدالرحيم چاڳلا باريسٽري پاس ڪري سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رجسٽرار ٿي رهيو.

احمد غلام علي چاڳلا موسيقيءَ کان سواءِ براڊڪاسٽنگ، ڊراما نويسي، مضمون نگاري، شارٽ اسٽوري، صحافت ۽ شاعري ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا.

احمد غلام علي چاڳلا سنڌي، گجراتي، اردو انگريزي، فارسي ۽ عربي ٻولين جو ڄاڻو هو. هِن ابتدائي تعليم سنڌ مدرسي مان حاصل ڪئي. هِن جو رجحان موسيقي پاسي وڌيڪ هو تنهن ڪري هن ميٽرڪ کانپوءِ موسيقي جي تعليم تي ڌيان ڏنو ۽ موسيقي جي دنيا ۾ نالو پيدا ڪيو. هن موسيقي جي شروعاتي تعليم 1910ع ۾ استاد مهاراج سوامي داس کان حاصل ڪئي. ڪلاسيڪي موسيقي کانپوءِ 1914ع ۾ ويسٽرن موسيقيءَ جي سکيا، مشهور برطانوي موسيقار ”سر هينري ووڊ“ کان حاصل ڪيائين. چاڳلا صاحب هتي بس نه ڪئي هن اوپر ۽ اولهه موسيقي تي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موسيقي جي

فن جي ماهر ۽ نقاد ”جيمس ڪزينس“ (James Cousins) جي شاگردي اختيار ڪئي.

چاڳلا صاحب جو مقصد اهو هو تہ اوڀر ۽ اولھ جي ڌن جي ميلاپ سان خوبصورت موسيقي جوڙي وڃي. جنهن ۾ هو ڪامياب ويو. اسلامي موسيقيءَ تي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ احمد غلام علي چاڳلا 1923ع ۾ ڪراچيءَ کان بلوچستان رستي ايران ۽ عراق جو دورو ڪيو.

1928ع ۾ احمد چاڳلا ٽيرنٽي ڪاليج آف ميوزڪ لنڊن مان موسيقيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. مشاهداتي طور موسيقي تي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ چاڳلا صاحب 1929ع ۾ جرمني، چيڪو سلواڪيا، هنگري، ترڪي، شام، فلسطين ۽ عراق جو دورو ڪيو. انهيءَ دوري ۾ احمد چاڳلا خاص ڪري سوانگ گهرن (Opera Houses) ۽ موسيقي جي ٿيٽرن جو مشاهدو ڪيو. انهن جو حصو بڻيو ۽ مختلف سازن جي ميل ميلاپ ۽ آرڪسٽراءِ تي پڻ تحقيق ڪيائين. جنهن تي هن مضمون پڻ لکيا. انهيءَ وچ ۾ چاڳلا صاحب ڪلاسيڪي موسيقي تي بہ عبور حاصل ڪيو. چاڳلا صاحب مختلف سوانگ گهرن (Opera Houses) ۽ موسيقي جي ترقي ۾ ڪوشان ادارن جي دعوت تي 1935ع ۽ 1938ع ۾ ٻيهر يورپ جو دورو ڪيو. جتي هن موسيقيءَ تي ليڪچر پڻ ڏنا. 1938ع ۾ يورپ وڃڻ اڳ احمد غلام علي چاڳلا ڪراچيءَ کان بمبئيءَ ويو ۽ ڪيترا سال اتي رهي موسيقي تي ڪم ڪيائين. انهيءَ دوري ۾ چاڳلا صاحب انڊيا جي موسيقارن ۽ اسڪالرن سان ڪچهريون ڪيون ۽ بمبئيءَ يونيورسٽي جي ميوزڪ لائبريري، ”ڀنڊار ڪر اوريئنٽل ريسرچ انسٽيٽيوٽ پونا “ (Bhandarkar Orientated Research Institute Poona) ۽ رائل ايشيا ٽيڪ سوسائٽي“ جهڙن ادارن ۾ ليڪچر ڏنائين.

احمد چاڳلا اديب جي حيثيت سان هندستان جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ موسيقي تي مضمون پڻ لکيا جن مان ڪجھ مضمونن جا

عنوان هيٺ ڏجن ٿا.

1.Culture Expression in fine Arts and Music

2.Pakistan The Crucibleg Cultures

3.Music of Pakistan

4.Muslim Contribution to Indo–Pak Music

موسيقي جي حوالي سان احمد غلامي علي چاڳلا جو هڪ اهم ڪارنامو جيڪو هن قائد اعظم جي چوڻ تي ڪيو. اهو پاڪستان جي قومي تراني جي ڌن ٺاهڻ هو جنهن ۾ چاڳلا صاحب 38 ڌنون استعمال ڪيون. پاڪستان جي قومي تراني لکڻ بابت گهڻي عرصي کان اهو بحث هلي پيو ته پاڪستان جو پهريون قومي ترانو ڪنهن لکيو؟ مختلف تحرين ۾ تحقيقن ۾ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته، پاڪستان جو قومي تراني لکڻ لاءِ قائد اعظم مشهور شاعر "جگن ناٿ آزاد". جيڪو ميانوالي پنجاب جي ضلعي جو رهندڙ هو ۽ اردوءَ جي نامور دانشور "تلوڪ چند" جو پٽ هو ۽ پاڻ ۾ به مشهور شاعر ۽ نقاد هو کي چيو جنهن فوري طور تي ترانو لکي ڏنو ۽ قائد اعظم هن جي منظوري ڏني. 14 آگسٽ 1947ع جي رات اهو ترانو ريڊيو پاڪستان جي لاهور يا ڪراچيءَ ريڊيو اسٽيشن تان نشر به ٿيو ۽ جنهن جي به ڌن احمد غلام علي ترتيب ڏني هئي. پر هن وقت انهيءَ سلسلي ۾ ريڊيو پاڪستان جي ڪنهن به اسٽيشن تي اهڙو ڪو به دستاويز يا ريڪارڊ موجود نه آهي.

جگن ناٿ آزاد جو ڪٽنب ڪيترن نسلن کان ميانواليءَ ۾ رهندڙ هو. ورهاڱي هنن کي به پنهنجي وطن ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. 24 جولائي 2004ع تي هندستان جي مشهور صحافي لو پوري (Luv Pure) جگِن ناٿ آزاد جي وفات جي هڪ مهيني کان پوءِ آزاد جي انٽرويو تي ٻڌل هڪ رپورٽ دهلي کان شائع ٿيندڙ پندرهن ڏيهاڙي اخبار " دهلي گزٽ" ۾ پوءِ 19 جون 2005ع تي هندستان جي مشهور اخبار "دي هندو" ۾ شائع ڪئي، جنهن ۾ جگن ناٿ آزاد اها ڳالهه

ورجائي تہ قائد اعظم جي چوڻ تي هن پاڪستان جو قومي ترانو لکيو جيڪو 14 اگست 1947ع تي نشر بہ ٿيو.

انهيءَ تي بعد ۾ عقيل حسين جعفري 2010ع ۾ هڪ ڪتاب "پاڪستان ڪا قومي ترانہ: ڪيا حقيقت هي؟ ڪيا فسانہ؟" لکيو ان انهيءَ ڳالھ جي ڪنهن حد تائين تصديق بہ ڪئي. ظهير قدوائي پنهنجي ويب سائٽ تي اها دعويٰ ڪئي آهي تہ هن ڪي ريڊيو پاڪستان تان اهو ترانو ٻڌڻ ياد آهي. ڪراچي ريڊيو اسٽيشن تان اهو قومي ترانو نشر ٿيڻ واري ڳالھ مهرين ايف. علي پنهنجي هڪ مضمون "Jagan Nath: A Tune to Diefor" جيڪو ڊان اخبار ۾ 13 اگست 2006 ۾ شائع ٿيو ڪئي آهي.

عقيل حسين جعفري پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "هن وقت ڪراچي ريڊيو اسٽيشن موجود نہ هو تنهن ڪري اهو ترانو لاهور جي ريڊيوس اسٽيشن تان نشر ٿيو هوندو. ريڊيو پاڪستان ڪراچي 14 اگست 1948 تي قائم ٿيو هو." پر عقيل حسين جعفري جي معلومات لاءِ عرض آهي تہ، ورهاڱي وقت 14 اگست 1947ع تي قائد اعظم ڪي پاڪستان جي پهرئين گورنر جنرل طور ڪراچي ۾ حلف کڻڻو هو. ڪراچيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن نہ هئڻ ڪري اها تقريب ريڊيو تي نشر نٿي ٿي سگهي. جنهن ۾ ڪراچيءَ ۾ موجود ڪجھ نوجوانن، جن مان هڪ ايس. ڪي حيدر هو جيڪو انجينئر بہ هو ۽ ان جو ريڊيو جو دوڪان بہ هو گڏجي، احمد غلام علي چاڳلا سندس پاءُ علي محمد چاڳلا ۽ سنڌ جي هڪ مشير آڏواڻي جي سامهون اها ڳالھ رکي آڏواڻي صاحب جي ڪوشش سان انهن ڪي سنڌ حڪومت پاران اها منظوري ملي، انهن ڪي انٽيليجنس اسڪول جيڪو گارڊن روڊ بمبينو سينيما جي سامهون (ڪراچي گوئن هال) بيرڪ ۾ قائم هو ٽي ڪمرا انهن ڪي ريڊيو اسٽيشن لاءِ الاٽ ڪيا ويا. انهن نوجوانن ٻي جنگ عظيم جي زماني ۾ آمريڪين فوجين پاران ڪي. جي هال ۾ هڪ پراڻي ريڊيو ٽرانسميٽر جي مرمت ڪئي. 20 جولائي 1947ع ۾

بيرڪ ۾ الاٽ ٿيل ٿنهي ڪمرن ۾ ٽرانسميٽر لڳائڻ جي شروعات ٿي.

5 اگسٽ 1947 تي تجرباتي ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي. جنهن 10 اگسٽ تي باقائده 200 ميٽر بينڊ تي پروگرام نشر ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن جونالو "سنڌ گورنمنٽ براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن" رکيو ويو. انهيءَ ريڊيو اسٽيشن تان 14 اگسٽ 1947ع تي قائد اعظم جي گورنر جنرل جي حيثيت سان حلف کڻڻ واري تقريب جو احوال سڌو سنئون نشر ڪيو ويو. جنهن ڪري اها ڳالهه ڪرڻ مناسب نه آهي ته ڪراچيءَ ۾ ريڊيو نشريات 14 اگسٽ 1947ع تي نه هئي. ممڪن آهي انهيءَ تجرباتي ريڊيو اسٽيشن تان رات جو جگن ناٿ آزاد جو لکيل ترانو به نشر ٿيو هجي. پر هن ڳالهه کي تصديق ڪرڻ وارن ۾ هاڻ ڪوبه هن دنيا ۾ موجود نه آهي. هن تي وڌيڪ تحقيق جي گنجائش موجود آهي.

هن طويل ڳالهه لکڻ جو مقصد اهو آهي ته، ڪيئن تاريخ کي پنهنجي خاص مقصد ۽ مطلب لاءِ مسخ ڪيو ويجي ٿو. لبرل ۽ سيڪولر قائد اعظم کي هرويرو مذهبي ماڻهو ظاهر ڪرڻ لاءِ سندن پوين اهڙيون حرڪتون ڪيون. انهن کان اها ڳالهه ڪيئن برداشت ٿئي ته، پاڪستان جو قومي ترانو ڪنهن هندو جو لکيل هجي؟ جنهن لاءِ هن وقت جي بيوروڪريسي ۽ سياست دانن سڀئي ثبوت ختم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ته قائد اعظم ڪنهن هندو کي ترانو لکڻ لاءِ چيو هجي.

1948ع ۾ قومي تراني لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنهن جو نالو (NAC) National An them Committee رکيو ويو. احمد غلام علي چاڳلا صاحب کي هن جو ميمبر ڪنيو ويو. چاڳلا صاحب قومي تراني جي لاءِ 1950ع ۾ ڌن تيار ڪئي. 700 لکيل ترانن مان حفيظ جا لنڌري جي لکيل قومي تراني کي منظور ڪيو ويو ۽ چاڳلا صاحب جي وفا ت کان هڪ سال پوءِ 1954ع ۾ احمد غلام علي جي ٺاهيل ڌن کي قومي تراني طور منظور ڪيو ويو.

لڇمڻ ڪومل پنهنجي ڪتاب "وهي ڪاتي جا پنا" ياڱو ييو پنو 37 ۾

حفيظ جالنڌري بابت لکي ٿو تہ "شاهنامہ اسلام ۽ پاڪستان جي تراني جو خالق ابوالاثر حفيظ جالنڌري سنڌ جي رياست خيرپور جي ميرن جو تذليل شاعر هو جالنڌري قد جو بندرو ۽ ترقي پسندن جو مخالف هو. هن جو مشهور زمانہ بدنام نظم "رقاصہ" (ناچڻي) لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو نظم هن خيرپور رياست جي مير علي نواز "ناز" جي محبوبا "بالي" کي مخاطب ٿي لکيو هو جنهن تي مير صاحب ڪاوڙ جي هن کي پنهنجي دربار مان جوتا هڻي، هٿ پير ٻڌي نيڪالي ڏني هئي."

پاڪستان سرڪار پوءِ احمد غلام علي چاڳلا کي جڳ وساري ڇڏيو. جنهن ۾ ڏوهہ احمد غلام علي چاڳلا جو نہ پرهتان جي ماڻهن جو آهي، جن جي وطن ۾ احمد غلام علي چاڳلا جنم ورتو هو.

نيٺ 1996ع ۾ بي بي نظير ڀٽو صاحبہ جي حڪومت واري دور ۾ 43 سالن کان پوءِ احمد غلام علي چاڳلا کي صدارتي ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. اهو ايوارڊ سندس پٽ عبدالخالق چاڳلا جيڪو هوسٽن آمريڪا ۾ رهندو آهي. ان 23 مارچ 1997ع ۾ واشنگٽن ڊي سي ۾ پاڪستاني سفارت خاني ۾ منعقد ڪيل هڪ تقريب ۾ اهو ايوارڊ وصول ڪيو.

احمد غلام علي چاڳلا، "اجنتا" فلم ڪمپني ۾ ميوزڪ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو. چاڳلا صاحب سنڌي اسٽيج ڊرامي "عمر مارئي" ۾ موسيقي بہ ڏني. هن ڪيترن اردو سنڌي، گجراتي ۽ انگريزي ڊرامن ۾ موسيقي ڏني. ڪيترن اردو فلمن ۾ بہ موسيقي ڏني. موسيقار کان سواءِ احمد غلام علي چاڳلا بهترين نثر نويس، ڊراما نويس ۽ شاعر بہ هو. هن جا انگريزي، اردو سنڌي مضمون انڊيا ۽ پاڪستان جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا هئا. هن جا سنڌي مضمون مهراڻ، سنڌو ۽ ٻين رسالن ۾ بہ شائع ٿيا آهن. 1930ع ۾ احمد غلام علي چاڳلا ڪجهہ فلمي ڪهاڻيون بہ لکيون، جن ۾ "پتني پتني" ۽ "طلسمي گهوڙا" قابل ذڪر آهن.

احمد غلام علي چاڳلا بنا ڪنهن شڪ جي سنڌي ڊرامي جو آغا

حشر هو. سنڌيءَ ۾ سندس "خوني" ڊرامو گهڻو مشهور ٿيو. اهو پهريون ڊرامو هو جنهن ۾ شاهه عبداللطيف جا بيت استعمال ڪيا ويا هئا. ان ڊرامي کان سواءِ "جيڪا تقدير"، "ديس جو دشمن"، "گُڏي جو گهر" ۽ "پوت" ڊراما گهڻو مقبول ٿيا. پويان ٻئي ڊراما انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل آهن. اديب جي حيثيت سان هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي 1930ع کان مختلف اخبارن ۾ ڇپيون هيون. انهن مان ڪجهه مشهور ڪهاڻيون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. Who was he?
2. Betwixt fire and Water (Adventure in the Arabia Sea)
3. The Master of Science
4. My Traveling Companion

اردوءَ جي مشهور شاعرن، انيس، دبير (مرزا سلامت علي دبير) غالب، داغ، اڪبر الله آبادي ۽ اقبال تي به احمد غلام علي چاڳلا جا لکيل مضمون مختلف اخبارن ۾ ڇپيا آهن.

احمد غلام علي چاڳلا جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي مضمون "Shah lateef: Sind Poet Saint– His Romance" لکيو هو جيڪو هفتيوار اخبار 'Illustrated' ۾ 5 ڊسمبر 1935ع تي ڇپيو هو. ان کانسواءِ فارسي جي شاعر جامي تي مضمون Flashes of Inner light (Excerpts from jami's law's)

ان کانسواءِ اندر سڀا تي 1938ع ۾ لکيل Court of Indar (Indar Sabha) ڪربلا، مقالات نجفي کان سواءِ مختلف مذهبن تي احمد غلام علي چاڳلا مضمون لکيا آهن. اهي سمورا مضمون جيڪي پنج مختلف ڪتابن تي ٻڌل، هر موضوع جي مضمون لاءِ الڳ ڪتاب سندس پٽ عبدالخالق چاڳلا جيڪو هوسٽن آمريڪا ۾ رهي ٿو. گڏ ڪري ڇاپڻ جو ارادو رکي ٿو. اها 2004ع جي ڳالهه آهي. احمد غلام علي چاڳلا نثر ۾ پنهنجو مختصر نالو (AGC) استعمال ڪندو هو.

محمد جمن جو ڳايل مشهور ڪلام:

"منهنجو ملڪ ملير، آئون ڪوٽن ۾ ڪيئن گذاريا"

جي موسيقي بہ احمد چاڳلا ڏني هئي. محمد جمن کان اڳ جڏهن اها ڌن تيار ڪئي وئي تہ ڪنهن غير مقبول ڳائڻي جي ڪري مشهوري ماڻي نہ سگهي پر پوءِ محمد جمن هن ڪلام کي ڳائي امر ڪري ڇڏيو.

احمد غلام علي چاڳلا صاحب بنا ڪنهن شڪ جي پنهنجي دور جو هڪ وڏو موسيقي جو ڄاڻو هو پر بدنصيبي اها آهي تہ اسان چاڳلا صاحب کي فقط پاڪستان جي قومي تراني جي ڌن تائين محدود ڪيو آهي ۽ هن جو موسيقي ۽ ادب ۾ ٽيندڙ پيو سمورو ڪم وساري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ هن جي شاعري، مضمون، ڊرامن ۽ فلمي ڪهاڻين کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

آخري دور ۾ چاڳلا صاحب کاري در کان ڪلفٽن ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي هئي. چاڳلا صاحب جي استعمال جون ڪجهہ شيون جنهن ۾ هڪ اهو هارمونيم جنهن تي هن پاڪستان جي قومي تراني جي ڌن ٺاهي هئي ۽ ان جا نوٽيشن، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو جي تاريخي شخصيتن واري گئلريءَ ۾ رکيل آهن پر اهي ٻئي تاريخي پيانو جيڪي هو اڪثر استعمال ڪندو هو ۽ تراني جي ڌن ۾ بہ اهي استعمال ڪيل آهن. ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ رکيل آهن. جڏهن 28 آڪٽوبر 2007 تي ريڊيو پاڪستان جي بلڊنگ کي باهہ لڳي تہ اخبار ۾ اها خبر آئي تہ احمد چاڳلا جا اهي تاريخي پيانو بہ باهہ جي نظر ٿي ويا آهن. پر ان وقت جي ريڊيو اسٽيشن جي ڊائريڪٽر اهڙي ڳالهہ جي ترديد ڪئي هئي. اهي ٻئي پيانو بہ احمد چاڳلا جي ٻين استعمال هيٺ رهندڙ شين سان گڏ سنڌالاجي ۾ رکڻ گهرجن.

موسيقي، ادب، صحافت ۽ ڊرامي جي دنيا جو هيءُ تاريخ ساز ماڻهو پنهنجي حصي کان بہ گهڻو ڪم ڪري، 5 فيبروري 1953ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو.

❊❊❊

کراچيءَ جي سهڻين عمارتن جوا ڏيندڙ

# حاجي امام بخش حاجي چاندو

| لاڏاڻو: | جنم: |
|---|---|

**سلاوٽي** مارواڙي، جيسلمير کان ڪلهوڙن جي دور ۾ اچي سنڌ ۾، خاص ڪري حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي، چيو وڃي ٿو ته يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري ۾ پٿر جو ڪم به جيسلمير جي هڪ سلاوٽي آسو خان ۽ ٻين مزدورن جي نگرانيءَ ۾ ٿيو هو. 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته، حيدرآباد ۾ رهندڙ سلاوٽي مارواڙين ۽ جيسلمير کان ايندڙ مارواڙين ڪراچيءَ جو رخ ڪيو ۽

رنڇوڙ لائين واري علائقي ۾ جهڳيون ناهي ويٺا. سلاوٽي سنگتراشيءَ ۾ مهارت رکندڙ هئا. جنهن ڪري ڪراچيءَ ۾ ٺهندڙ پٿرن وارن عمارتن جا ٺيڪيدار ۽ مزدور اڪثر سلاوٽي هئا. انهن پنهنجي محنت سان ڪراچيءَ جي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو نہ فقط اڏاوت جي فن ۾ پر سياست، ادب ۽ سماجي ڪمن ۾ بہ هو ٻين کان پٺتي نہ هئا. محمد هاشم گزدر، بابا مير محمد بلوچ، نبي بخش سلطان (جنهن جي نالي سان نبي بخش ٿاڻو ۽ رنڇوڙ لائين (گذر آباد) ۾ هڪ رستو بہ آهي.) خان بهادر اسحاق ۽ اڳتي هلي ڪي. ايس مجاهد بلوچ، هوتي خاندان بہ سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

حاجي امام بخش چانڊيو بہ سلاوٽي مارواڙي هو. رنڇوڙ لائين جي علائقي مارواڙي لائين ۾ رهندو هو. 1950ع کان پوءِ رنڇوڙ لائين جو نالو تبديل ڪري محمد هاشم گزدر پويان، "گزدر آباد" رکيو ويو. گزدر آباد يونين ڪائونسل هن وقت صدر ٽائون ۾ آهي، رنڇوڙ لائين ۾ اڄ بہ 99 سيڪڙو مارواڙي رهن ٿا، جيڪي مارواڙي ٻولي ڳالهائين ٿا.

حاجي امام بخش حاجي چانڊيو ڪراچيءَ جو مشهور ٺيڪيدار ۽ سماجي ڪارڪن هو اسپنسر آءِ اسپتال لارنس روڊ ۽ بندر روڊ تي ريڊيو پاڪستان جي بلڊنگ، حاجي امام بخش چانڊيو جون ٺهرايل آهن، انهن ڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي عمارتن جو ٺيڪيدار حاجي امام بخش چانڊيو هو.

اڪثر ليکڪ حاجي امام بخش کي چانڊيو بجاءِ "چانڊيو" لکن ٿا، جنهن سبب اڪثر ماڻهو هن کي "چانڊيو" سمجهن ٿا. جيڪو درست نہ آهي، چانڊيو مارواڙين ۾ ذات آهي. حاجي امام بخش چانڊيو انتهائي ايماندار ۽ مذهبي ماڻهو هو حاجي امام بخش ڇهن سالن تائين ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر، حج ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ صدر مسلم مارواڙي سلاوٽ جماعت جو ڪيترن سال تائين صدر رهيو.

ان کان سواءِ سنڌ مدرسا بورڊ ۽ محمدن ايجوڪيشن ڪاميٽي جو ڪيترا ئي سال ميمبر رهيو. سنڌ مدرسا اولڊ بوائز ايسوسيئيشن

جو صدر رهيو هن جي ئي ڪوشش سان سنڌ مدرسا اولڊ بوائز ايسوسيئيشن پاران هر سال ڪراچيءَ جي سطح تي فٽبال ٽورناميـنٽ ڪرائي ويندي هئي، جنهن مان حاصل ٿيندڙ پئسن مان هيءَ سنڌ مدرسي جي غريب شاگردن جي مالي مدد ڪندو هو حاجي امام بخش پاران پنهنجي ڪميونٽي جي غريب ٻارن ڪانسواءِ سنڌ مدرسي جي غريب شاگردن ۾ ڪتابن ڏيڻ جو بندوبست ڪندو هو.

حاجي امام بخش چانڊيو ڪيترن خيراتي ادارن جي اڳواڻ طور، خاموشيءَ سان ادارن، سماجي تنظيمن ۽ غريب ماڻهن جي مدد ڪندو هو.

اوهان جڏهن گارڊن روڊ کان بندر روڊ ڏانهن ويندي انڪل سريا کان پهرئين ساڄي هٿ واري روڊ کان جوبلي چوڪ (هاڻي جناح چوڪ) پهچندا يا بندر روڊ کان سعيد منزل کان بارنيس اسٽريٽ (جميلا اسٽريٽ) کان جوبلي سينيما (جيڪا هاڻي ختم ٿي چڪو آهي، جتي گهڻ ماڙ شاپنگ پلازا ٺهي رهي آهي.) چوڪ وٽان هڪ سڌو رستو رنڇوڙ لائين بس اسٽاپ ۽ گاهه منڊي ڏانهن وڃي ٿو چوڪ جي سامهون انهي رستي جي کاٻي هٿ تي، هڪ پراڻي پٿر جي ٽه ماڙ خوبصورت گنبذ واري عمارت اوهان کي نظر ايندي، اها عمارت حاجي امام بخش چانڊيو عمارت آهي، جيڪا 1920ع ۾ حاجي امام بخش چانڊيو ريسٽ هائوس طور تعمير ڪئي هئي. جيئن ڪراچيءَ کان ٻاهر جا اهي ماڻهو هتي اچي رهن، جيڪي وڏن هوٽلن جو خرچ برداشت نٿي ڪري سگهيا يا جن جا گهر ڪراچيءَ ۾ نه هئا.

هن بلڊنگ کي اهو شرف حاصل آهي، جو سائين جي. ايم سيد ۽ سر شاهنواز ڀٽي هتي رهائش اختيار ڪئي هئي، ڇاڪاڻ ته چند قدمن جي فاصلي تي مارواڙي لائين ۾ سائين جي. ايم سيد ۽ سر شاهنواز ڀٽي جو دوست محمد هاشم گزدر رهندو هو. امام بخش چانڊيو به انهن جي صحبت ۾ سياست ۾ آيو. انهن اڳواڻن کان سواءِ گهڻا سنڌ جا سياست دان ۽ زميندار هتي رهي چڪا آهن.

سائين جي. ايم سيد پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته

"فيبروري 1931ع ۾ گارڊن ڪواٽرز منگهي پيير روڊ وارو بنگلو ڇڏي حاجي امام بخش چانڊيو بلڊنگ سعيد منزل پير ۾ اچي رهيس." (حوالو "پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني" ٻاڳو پهريون سائين جي.ايم.سيد روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2010ع)

انهيءَ ڊيزائين تي هڪ ٻي بلڊنگ به حاجي امام بخش چانڊيو بلڊنگ نمبر هڪ، بارنيس اسٽريٽ تي سعيد منزل لڳ حاجي امام بخش ٺهرائي هئي، جيڪا به اڃان موجود آهي.

ڪراچي ۾ ريڊيو پاڪستان جي عمارت سميت 12 عمارتون جيڪي گنبذ ڪري خوبصورت ۽ مشهور هيون، انهن ۾ حاجي امام بخش چانڊيو جون اهي ٻئي عمارتون به شامل آهن.

حاجي امام بخش چانڊيو ڪيترائي سال رنڇوڙ لائين مسلم ليگ ڪائونسل جو صدر به رهيو.

هيءَ اڄ اسان ۾ موجود نه آهي، پر هن جا تاهيل ادارا، عمارتون اڄ به ڪراچيءَ ۾ موجود آهن، جن جي خوبصورتي هِنن ئي ماڻهن ۽ پورهيتن جي مرهون منت آهي، حاجي امام بخش چانڊيو ميوا شاهه قبرستان لياريءَ ۾ مدفون آهي.

❊❊❊

## سنڌي ٻوليءَ ۾ قومي شاعريءَ کي رائج ڪندڙ
## شاعر، اديب، صحافي، ٻراڊ ڪاسٽر ۽ قومي ڪارڪن

# غلام احمد "نظامي"

| | |
|---|---|
| جنم: 15 جون 1895ع | لاڏاڻو: 23 فيبروري 1950ع |

**بولٽن** مارڪيٽ پويان جهونا مارڪيٽ ۾ وڏ اسٽريٽ تي قائم "سنڌ اسلاميه هوٽل" جي پاڃي گوشت ۽ چاپ جو ذائقو زندگيءَ ۾ شايد ئي مون کان وسري سگهي. اها 1974ع جي ڳالهه آهي جڏهن آئون ايس. ايم سائنس ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. هيءُ هوٽل ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن، پسگردائي جي زميندارن ۽ عام ماڻهن ۽ شاگردن

جو 1985ع تائين اهم پڙاءُ هو. هيءُ هوٽل 1897ع ۾ ڪراچيءَ جي رهندڙ سماجي خدمتگار ۽ اديب حاجي محمد صديق ميمڻ ڪوليو هو. اها پنهنجي دور جو بهترين رهائشي هوٽل هئي، ۽ اڪثر پراڻن سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ "سنڌ اسلاميه هوٽل" جا اشتهار اوهان کي نظر ايندا.

غلام محمد نظاميءَ جا وڏا ڪيٽي بندر کان لڏي هتي جهونا مارڪيٽ ۽ شڪارپوري محلي ۾ رهيا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ قومي شاعريءَ کي رائج ڪندڙ شاعر، اديب، صحافي ۽ قومي ڪارڪن غلام احمد "نظامي"، حاجي محمد صديق ميمڻ جو وڏو پٽ هو غلام احمد "نظامي" 15 جون 1895ع ۾ ڪراچي ۾ ڄائو. غلام احمد نظاميءَ ڪري، سنڌ اسلاميه هوٽل ڪراچيءَ جي اديبن ۽ شاعرن جي ويهڪ بڻجي ويو هو. سنڌ اسلاميه هوٽل اڄ به موجود آهي.

هيءُ حضرت نظام الدين اوليا رحه جي گادي نشين ۽ اردوءَ جي وڏي اديب خواجا حسن نظامي رحه جي هٿ تي بيعت ڪري سندس مريد ٿيو هيو. انهيءَ نسبت سان هن 1926ع ۾ پنهنجو تخلص "نظامي" رکيو. هن کان اڳ نظامي صاحب "اصغر" ۽ "خبطي" تخلص استعمال ڪندو هو.

غلام احمد "نظامي" شروعاتي تعليم سنڌ مدرسي مان حاصل ڪئي. ڇئن جماعتن کان هو اڳتي پڙهي نه سگهيو 1904ع ۾ درزڪو ڪم به ڪيائين. 1932ع ۾ اچي قبر وٽ سيڏي جو دڪان کوليائين. 1934ع ۾ نئون آباد ۾ اتي پيهڻ جي مل لڳايائين. ان کان پوءِ والد صاحب جي هوٽل سان وابسطه رهيو پوئين وقت هوٽل لڳ هڪ بڪ اسٽال "نظامي بڪ ڊيو" نالي سان کوليائين. دنيا جا تجربا حاصل ڪري هو ڪراچيءَ جو سرگرم شاعر ۽ اديب بڻيو. هي اڪثر مشاعرا ۽ ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪرائيندو هو نظامي صاحب شاعريءَ ۾ ڪافي، غزل، قومي شاعري، حمد، نعت تي به طبع آزمائي ڪئي. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ قومي شاعريءَ جي عنوان هيٺ مشاعرا ڪرائڻ جو

رواج پئڻ ھن وڏو.

1923ع ۾ ھن سليمان اسٽريٽ مارڪيٽ ڪوارٽرز ۾ "بزم ادب" قائم ڪئي. جنھن ھيٺ ادبي نشستون ۽ گڏجاڻيون ٿينديون ھيون. 1926ع ۾ جھونا مارڪيٽ ۾ قومي ڪتب خانو کوليائين. بزم ادب پاران 1929ع ۾ ھڪ ماھوار رسالو "دره حيدري" جي نالي سان جاري ڪيو ويو. جنھن جو ايڊيٽر ھي پاڻ ھو.

ان بزم سنڌي ادب کي محمد رمضان، اوستا سليمان، عبدالحليم "عاجز"، ڊاڪٽر محمد صديق "خاڪي"، حاجي محمد رمضان "مشفق"، عبدالرزاق سليمان، عبدالرحيم "غمگين"، حبيب الله "فخري"، غني "نظامي"، محمد حسين "شيرو" جھڙا اديب ۽ شاعر عطا ڪيا.

ھن 1926ع ۾ جھونا مارڪيٽ ۾ "بزم ادب" جي پليٽ فارم تان ھڪ لائبريري ۽ اشاعت گھر پڻ قائم ڪيو. جيڪو ڪراچيءَ ۾ رھندڙ سنڌي اديبن جو مرڪز ھوندو ھو. "دره حيدري" ڪانسواءِ ھن صاحب بزم ادب جي پليٽ فارم تان "وحدت" نالي رسالو بہ جاري ڪيو جنھن جو بہ ايڊيٽر ھو پاڻ ھو.

ھن 24 ڪتاب، لکيا. جن ۾ "گلزار عشق" (ڪافيون)، "بياض نظامي"، "رياض نظامي"، "مسدس حالي" (منظوم سنڌي ترجمو 1931ع)، "قاتلان اھلبيت جو انجام" ۽ "گلدستہ سنڌ" (1929ع) (ھن ڪتاب ۾ قديم شاعرن جو ڪلام ۽ احوال شامل آھي.) "خيال خبطي عرف قرين جو ڪچڪول" (غزلن جو مجموعو ڇپائيءَ جي تاريخ 7 جنوري 1926ع الوحيد پريس) "اتفاق"، "محرم نامو"، "حور دمشق"، "خدائي انتقام"، "گلشن سنڌ"،(1931- غزلن جو مجموعو) "شريف ماسترياڻي"، "ڪمال پاشا"، "گلزار پنجتن"، "مساوات اسلام"، "محفل ميلاد"، "سراپا محبوب بي نقاب"، "ترانہ پاڪستان" (ڊسمبر 1945ع، الوحيد پريس) "شاھہ نامو اسلام" (اردوءَ جو منظوم ترجمو) انھن ڇپيل ڪتابن ڪانسواءِ ھن جي اڻ ڇپيل ڪتابن جو ذڪر ھُن "رياض

نظامي" (جولاءِ 1950ع ڇپيو ڇاپو) ۾ ڪيو هو. جن ۾ "جديد شعراءِ سنڌ"، "سچائيءَ جو سڏ"، "خزينہ معلومات"، "فسانہ عبرت"، "مظامين نظامي"، "سر حرفا نظامي"، "روح اسلام"، "فرقہ بندي"، "تجارت" ۽ "زنده دلي" شامل هئا. پر وفات کانپوءِ اهي مسودا بہ سندس قيمتي لائبريريءَ جي قديم ڪتابن سان گڏ ڪيڏانهن گم ٿي ويا آهن.

آخر ۾ سياسي طور تي هو حاجي عبدالله هارون ۽ يوسف عبدالله هارون کان متاثر هو. 1945ع تي يوسف عبدالله هارون جي چوڻ تي "ترانہ پاڪستان" نالي شاعريءَ جو ڪتاب پڌرو ڪيائين. ڪتاب جي شروع ۾ يوسف عبدالله هارون جو غلام احمد "نظامي" نالي خط بہ شامل آهي، جنهن ۾ نظامي صاحب جي ادبي ۽ سماجي ڪمن جي واکاڻ ڪيل آهي.

هن ڪراچيءَ جي پراڻن پاڙن ۾ لائبريريون کولايون ۽ اخبارون ۽ ڪتاب پڙهڻ لاءِ باقاعده هڪ تحريڪ هلائي، جنهن ۾ سماجي ڪمن ۽ قومي جذبي جاڳائڻ جي ڳالهہ نمايان هئي. اهڙن ڪمن لاءِ هو مالي مدد بہ ڪندو هو.

ان دور ۾ نئون آباد ۽ جهونا مارڪيٽ سنڌي ادب ۽ صحافت سان گڏ سياست جا مرڪز بہ هئا. جهونا مارڪيٽ جو سرواڻ غلام احمد "نظامي" هو جتي منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ ڪراچيءَ سميت سنڌ جي ٻين حصن جا شاعر بہ شريڪ ٿيندا هئا. نئون آباد ۾ ادبي ڪم عبدالله "عبد" ڪري آباد هو.

هن جي ڪوشش سان 1938ع ۾ "بزم ادب" ياران ڪراچيءَ ۾ هڪ شاندار مشاعرو ڪرايو ويو هو.

جنهن ۾ سنڌ مان ان دور جي وڏن شاعرن عبدالله عبدالواسع عبد، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، شيخ مراد علي ڪاظم، محمد بخش واصف، سيد اظهر گيلاني، محمد هارون امير، نور محمد نماڻو علي محمد مسڪين، محمد خان فقير، لطف الله بدوي، مولوي محمد عاقل، عبدالفتاح عبد، ماسٽر چندر، گلشن صوفي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

هئي. مشاعري جي صدارت حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪئي هئي،
مشاعري ڪانپوءِ ماسٽر چندر ۽ گلشن صوفي محفل کي راڳ رنگ سان
مهڪايو هو. اهو ڪو هڪ مشاعرو نه هو. تن ڏينهن ۾ غلام احمد
نظاميءَ جي بزم ادب پاران ماهوار طرحي مشاعره دستور مطابق ٿيندا
هئا, اهو سلسلو سندس وفات تائين جاري رهيو.

نثر ۾ به غلام احمد نظامي ڪيترائي مضمون ۽ ڪجهه ناول به
لکيا, هو "ڪاميابي"، "ترقي" ۽ "الوحيد" ۾ مسلسل لکندو هو. هو
سنڌيءَ ڪانسواءِ اردو ۾ به شاعري ڪندو هو. نظامي صاحب ڪراچيءَ
۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ٿيڻ وقت, ان سان وابسطه رهيو ريڊيو ۾ هن
سنڌي ادب ۽ فيچر کي روشناس ڪرايو مرڻ گهڙيءَ تائين ريڊيو
پاڪستان ڪراچي اسٽيشن سان لاڳاپيل رهيو. نظامي صاحب ريڊيو
پاڪستان ڪراچيءَ جي سنڌي پروگرامن جي معمارن مان هڪ هو.

سنڌي علم ۽ ادب کي پنهنجي پوري زندگي ارپيندڙ پنهنجن
نظمن سان بيدار پيدا ڪندڙ غلام احمد "نظامي" 23 فيبروري
1950ع ۾ وفات ڪري ويو. هو بولٽن مارڪيٽ پويان سليمان اسٽريٽ
واري پراڻي قبرستان ۾ مدفون آهي، 1917ع ۾ سندس والد محمد
صديق ميمڻ ان قبرستان کي چار ديواري ڏياري هئي، جنهن تي "تورن"
وارو بورڊ اڄ به لڳل آهي. هن جي وفات ڪانپوءِ بزم ادب جي ذميداري
حبيب الله فڪري سنيالي هئي ۽ جنهن بزم ادب جو نالو بدلائي "بزم
نظامي" رکيو ويو هو. بزم ادب وانگر "بزم نظامي" به ڪراچيءَ ۾ سنڌي
ادب جي خدمت ۾ 1970ع تائين سرگرم رهي، جنهن ڪانپوءِ جو احوال
نه ٿو ملي.

هاڻي نه غلام احمد نظامي جي قائم ڪيل بزم آهي، نه ڪتاب
گهر ۽ نه سندس لائبريري سڀ ڪجهه وقت سان گڏ ختم ٿي ويو. اهي
ماڻهو تاريخ جوڙي ويا, تاريخ ۾ امر ٿي ويا ۽ اسان ان تاريخ کي سنيالي
نه سگهياسين.

غلام احمد "نظامي" هي دنيا ڇڏي ويو ۽ پويان, علمي, ادبي ۽

سماجي خدمتن جو هڪ رڪارڊ ڇڏي ويو آهي، ان کي گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ غلام احمد "نظامي" جو ڪم سنڌي ادب ۾ لافاني حيثيت رکي ٿو.

مون ڪئي ڪوشش گهڻي ٻاهر نہ نڪري ٻاڦ ڪا،
عشق منهنجو ويو مگر رسوا سر بازار ٿي.

***

ڪي شريعت جي فروعي مسئلن ۾ ويا ڳري
ڪن طريقت کي سدا سمجهيو فقط جلوه گري
معرفت جي منزلن تي ڪئي مسافر پيا مري
۽ حقيقي بحر مان مشڪل سان نڪتو ڪو تري
سر "نظامي" ويو ڪري ميدان شاهہ عبداللطيف.

**

جيڪي پوکيندين، اهو لڻندين، هميشہ ياد رک
ٻاجهري پوکي ٻنيءَ ۾، ڪين ڪڻڪون کائيندين

**

بلبل کي گل پيارو گل کي چمن پيارو
آهي، مگر اسان کي پنهنجو وطن پيارو

**

عزت انهيءَ ۾ آهي، جو پاڻ کي نمائي
بيڪار آهي وڻ سو جنهن ۾ ثمر نہ آهي.

***